# جوڳيئڙا جهان ۾

(مشاهير دادو)

محمد امين مگسي

علامه آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميهڙ

# جوڳيئڙا جهان ۾

(مشاهير دادو)

محمد امين مگسي

علامــه آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميهڙ

كتاب جو نالو: جوڳيئڙا جهان ۾
(مشاهير دادو)

ليکڪ: محمد امين مگسي

ڪمپوزنگ: اسلامڪ ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ
١١٨٦- پيپلز ڪالوني لطيف آباد نمبر ۴

مئي: ١٩٩٧ع

قيمت: ١٠٠/=

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

## ملڻ جو هنڌ

### مدرسه عربيه اڪبريه دارالقرآن

جامع مسجد ميهڙ ضلع دادو

### فليٽ نمبر ٥ ايگريڪلچرل ڪالوني

ايگريڪلچرل ورڪشاپ ملير سٽي ڪراچي

### سنڌ نيشنل اڪيڊمي ٽرسٽ

پاڪس نمبر ٢٥٨- حيدرآباد پوسٽ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست


| نمبر | شخصيت جو نالو | صفحو |
| --- | --- | --- |
| ١ | پنهنجي پاران | ٩ |
| ٢ | مقدمو | ١٧ |
| ٣ | علامه آءِ آءِ قاضي | ٣٠ |
| ۴ | دائود پوٽو | ۵٧ |
| ۵ | شمس الدين بلبل | ٦۵ |
| ٦ | جي ايم سيد | ٧۵ |
| ٧ | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | ٨٦ |
| ٨ | نور محمد لاکير | ٩۵ |
| ٩ | سيد علي اڪبر شاهه | ١٠١ |
| ١٠ | پير الاهي بخش | ١١٠ |
| ١١ | خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙو | ١١۵ |
| ٢ | مولانا عبدالغفور سيتائي | ١١٧ |
| ١٣ | رئيس ضياءُ الدين | ١٢٠ |
| ١۴ | استاد بخاري | ١٢٦ |
| ١۵ | محمد ابراهيم جويو | ١٣١ |
| ١٦ | جمال ابڙو | ١٣٧ |
| ١٧ | مولانا غلام محمد گرامي | ١۴٢ |
| ١٨ | سيد علي اصغر شاهه | ١۵١ |
| ١٩ | علي خان ابڙو | ١۵٣ |
| ٢٠ | تاج صحرائي | ١۵۵ |
| ٢١ | عبدالحميد خان جتوئي | ١۵٨ |

| | | |
|---|---|---|
| ٢٢ | ملک سکندر | ١٦٨ |
| ٢٣ | ملک اسد سکندر | ١٧٠ |
| ٢٤ | ليات علي جتوئي | ١٧٢ |
| ٢٥ | اعجاز علي جتوئي | ١٧٤ |
| ٢٦ | شهيد عاشق حسين جتوئي | ١٧٥ |
| ٢٧ | رفيق احمد مهيسر | ١٧٩ |
| ٢٨ | قاضي شفيق احمد مهيسر | ١٨١ |
| ٢٩ | پير زمان شاهه جيلاني ـ | ١٨٣ |
| ٣٠ | عبدالڪريم بلوچ | ١٨٥ |
| ٣١ | عبدالعزيز برڙو | ١٨٨ |
| ٣٢ | اداڪار ساقي | ١٩٤ |
| ٣٣ | هارون رند | ١٩٦ |
| ٣٤ | پير محمد ابڙو | ١٩٩ |
| ٣٥ | علي بابا | ٢٠٢ |
| ٣٦ | مر– ن محزون | ٢٠٤ |
| ٣٧ | پروفسير عبدالله مڪسي | ٢٠٥ |
| ٣٨ | آخوند نجم الدين | ٢١٢ |
| ٣٩ | سخي سوڀو خان مڪسي | ٢١٥ |
| ٤٠ | محمد ايوب شيخ | ٢١٩ |
| ٤١ | دادن فقير | ٢٢١ |
| ٤٢ | محمد حسين پهنور | ٢٢٥ |
| ٤٣ | رسول بخش ڏيرو | ٢٢٩ |
| ٤٤ | اسحق راهي | ٢٣١ |
| ٤٥ | علامه محمد عطاءُ الله فيروز شاهي | ٢٣٣ |
| ٤٦ | علامه محمد عثمان رهڙوي | ٢٣٦ |

| | | |
|---|---|---|
| ٤٨ | مولانا فقيرمحمد ويهڙائي | ٢٣٨ |
| ٤٩ | محمد شفيع پاتائي | ٢٤٤ |
| ٥٠ | مولانا شفيع سوڍاري | ٢٥٢ |
| ٥١ | مولانا محمد سليمان نوناري | ٢٥٦ |
| ٥٢ | مولانا عبدالڪريم ڏيرو | ٢٦٢ |
| ٥٣ | مولانا الاهي بخش ابري | ٢٦٦ |
| ٥٤ | مولانا محمد چنا | ٢٧١ |
| ٥٥ | مولانا عبدالڪريم مڪسي | ٢٧٣ |
| ٥٦ | مولانا ڪريم بخش مڪسي | ٢٧٨ |
| ٥٧ | مولانا محمد يوسف عباسي | ٢٨٠ |
| ٥٨ | مولانا دين محمد فيروز شاهي | ٢٨٢ |
| ٥٩ | مولانا محمد آگرو | ٢٨٨ |
| ٦٠ | مولانا الله بخش مهيسر | ٢٩٠ |
| ٦١ | حضرت مولانا غلام محمد ملڪاڻي | ٢٩١ |
| ٦٢ | غلام شاهه راشدي | ٢٩٥ |
| ٦٣ | قاري محمد مدني | ٢٩٩ |
| ٦٤ | احمد علي مشتاق ڏيرو | ٣٠٣ |
| ٦٥ | الحاج حافظ محمد احسن چنا | ٣٠٦ |
| ٦٦ | نشتر ناٿن شاهي | ٣١١ |
| ٦٧ | محسن ڪڪڙائي | ٣١٣ |
| ٦٨ | سقراط سيتائي | ٣١٦ |
| ٦٩ | امام الدين ضامن | ٣١٨ |
| ٧٠ | ناز سنائي | ٣٢٠ |
| ٧١ | قمر عباسي | ٣٢٢ |

| | | |
|---|---|---|
| ۷۲ | علي دوست عاجز | ۳۲۴ |
| ۷۳ | الهنواز رکٹائي | ۳۲۶ |
| ۷۴ | جوهر بروهي | ۳۲۷ |
| ۷۵ | پيرل پرديسي | ۳۳۰ |
| ۷۶ | آثم ناٹن شاهي | ۳۳۱ |
| ۷۷ | صرير پهنور | ۳۳۴ |
| ۷۸ | وفا ناٹن شاهي | ۳۳۶ |
| ۷۹ | ناظم منگي | ۳۳۷ |
| ۸۰ | خليل لاکير | ۳۳۹ |
| ۸۱ | شمس الدين شمسي | ۳۴۱ |
| ۸۲ | عبدالستار عبد | ۳۴۳ |
| ۸۳ | محمد عثمان ميمڻ | ۳۴۵ |
| ۸۴ | منو ناڙيوال | ۳۴۹ |
| ۸۵ | جاڻ سونارو | ۳۵۰ |
| ۸۶ | مولوي حبيب الله | ۳۵۱ |
| ۸۷ | ميرل جوبو | ۳۵۳ |
| ۸۸ | محمد تقي شاهہ حنفي | ۳۵۴ |
| ۸۹ | سڪندر بٽ | ۳۵۶ |
| ۹۰ | حاجي غلام النبي مهيسر | ۳۵۸ |
| ۹۱ | جمع خان غريب | ۳۶۰ |
| ۹۲ | عبدالله همدم | ۳۶۲ |
| ۹۳ | لعل دين بسمل | ۳۶۴ |
| ۹۴ | رئيس خدا بخش خادم | ۳۶۶ |
| ۹۵ | عبدالخالق شهيد | ۳۶۷ |
| ۹۶ | شاهنواز مسافر | ۳۶۹ |

| | | |
|---|---|---|
| ٩٧ | راز ناٿن شاهي | ٣٤٠ |
| ٩٨ | راهي چنا | ٣٤٢ |
| ٩٩ | عطيه دائود جوڻيجو | ٣٤٤ |
| ١٠٠ | ميان جان محمد عباسي | ٣٤٦ |
| ١٠١ | حاجي فقير محمد ماڇي | ٣٨١ |
| ١٠٢ | حاجي امير بخش جوڻيجو | ٣٨٤ |
| ١٠٣ | الحاج محمد صالح ٻٽ | ٣٨٥ |
| ١٠٤ | ميان عبدالرحمن سومرو | ٣٨٧ |
| ١٠٥ | محمد خان چاوڙو | ٣٨٩ |
| ١٠٦ | محمد سومار ٽيبو | ٣٩١ |
| ١٠٧ | عبدالقادر ٻگهيو | ٣٩٣ |
| ١٠٨ | همسفر گاڏهي | ٣٩٦ |
| ١٠٩ | اسحق دانش | ٣٩٩ |
| ١١٠ | آزاد علي نور ڪانڌڙو | ٤٠١ |
| ١١١ | علي اڪبر عباسي | ٤٠٣ |

جوڳيئڙا جهان ۾، نوري نہ ناري
ٻري جن ٻاري، اءُ نہ جيئندي ان ري

٩

# پنهنجي پاران

موجوده دنيا هڪ سنگين بحران مان گذري رهي آهي، اولاد آدم هن دنيا کي سائنس ٽيڪنالاجي جي انيڪ ايجادون تہ مهيا ڪيون آهن، پر ان سان گڏوگڏ دنيا کي بارود، بم، خونريزي ۽ ظلم سان پڻ ڀري ڇڏيو آهي، دهشتگردي گويا موجوده دور جو مقدر بنجي چڪي آهي. عالمي انصاف جا ادارا خاموش تماشائي بڻيل آهن، اخلاق ۽ قانون جا ضابطا ختم ٿي چڪا آهن. نيڪي ۽ بديءَ جو تصور پڻ رخصت ٿي ويو آهي. ائي ٿو لڳي تہ نيڪي بدي جي جاءِ والاري آهي، ۽ بدي نيڪي جي جڳہ ورتي آهي يعني معيار ئي تبديل ٿي ويو آهي. معاشري جي اصلاح جو ڪم مشڪل ٿي ويو آهي.

عالمي نقشي تي نظر ڊوڙائبي تہ ڪٿي جنگ جا بگل وڄي رهيا آهن تہ ڪٿي وري قتل وغارت جي بازار گرم آهي. حرص، لالچ، جنسي هوس عزت ۽ آبرو جو دامن چاڪ ڪري ڇڏيو آهي، عام زندگي ۾ اخلاقي قدر ختم ٿي چڪا آهن. ڦرلٽ، بدعنواني چوٽ تي چڙهيل آهي نااهلي هوس اقتدار انساني جھوليءَ ڏک ڏولاون ۽ احساس محروميءَ سان ڀري ڇڏيو آهي عام ماڻهو جي زندگيءَ سڪون ۽ آرام کان محروم آهي.

دولت جي غلط تقسيم ۽ احتساب جي عمل نہ هجڻ ڪري هڪ طرف غربت ۽ مسڪينيءَ جو اهو حال آهي جو انسان جي گهٽائي بدتر زندگي گذاري رهي آهي، ٻي طرف پيسي جي رواني ۽ ريل پيل اينتري آهي جو دنيا جي اهڙي ڪا

۽ عياشي ڪا نہ آهي جيڪا نٿي ڪئي وڃي، مطب تہ هرچيز ميسر آهي. ان ڪري معاشري جو هر فرد اهو توڙي غريب هجي يا اميرسندس خواهش آهي تہ ڪيس دنيا جي لذت جو هر سامان موجود هجي انهيءَ هوس انساني سوسائٽيءَ ۾ رقابت جي باهہ ڀڙڪائي ڇڏي آهي. اها صورتحال عام ليول تي موجود آهي اسان جو ملڪ ۽ پرڳڻو سنڌ پڻ ماده پرستيءَ جي انهيءَ بحران ۾ ورتو پيو آهي.

موجوده سنڌ جي شهرن ڳوٺن جو ڪو بہ سسٽم سلامت نہ آهي. زندگي مفلوج آهي، ڪو بہ ادارو مستحڪم يا مضبوط نہ آهي هر طرف ڀت ست، چور بازاري، جهالت غربت مقدر بنجي چڪي آهي هر طرف انتشار ۽ عدم استحڪام ڇانيل آهي.

مٿي ليول کان هيٺين ليول تائين نفس پرستي جي فضا وڌي رهي آهي، جيئن قرآن ڪريم ۾ فرمايو ويو آهي تہ افرايت من اتخذ الهہ هواه ڇا توهان نہ ڏٺو تہ انهيءَ شخص کي جنهن پنهنجي نفس جي خواهشن کي خدا بنايو آهي.

عام ماڻهو خوف جو شڪار آهي. سندس ڪو بہ پرسان حال نہ آهي. فقط بک ۽ بدحالي جي ڪري چهرا مرجهايل آهن، اسان جو هاري طبقو بي گهر آهي فقط اميدن ۽ آسرن ۾ گم آهي، اهاصورتحال ڇو آهي؟ ان جو وڏو سبب اجتماعي سوچ جو فقدان آهي نيڪ نيت بئي جي ڀلي سوچڻ وارن انسانن جي کوٽ آهي پر ان جي برعڪس ماضي قريب ۾ (Communication) آمد رفت پيسي ۽ وسائلن جي اڻاٺ جي باوجود اجتماعي سوچ ۽ ماڻهپي وارا ماڻهو اڄ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ موجود هيا.

پر افسوس جو موجوده نوجوانن جي گهڻائي ان عظيم انسانن ۽ ان جي ڪردار، خدمتن کان ناواقف آهي. اسان هن ڪتاب ۾ ڪوشش ڪئي آهي ته اهڙن شخصيتن جو اجتماعي ڪردار، قومي خدمتون، سندن علمي وادبي ڪم ۽ سندن زندگيءَ جون حالتون پيش ڪريون، تانته ان سان نوجوانن ۽ سماج ۾ اجتماعي سوچ پيدا ٿئي ۽ نئون نسل انهن بزرگن جي زندگيءَ جي حالتن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي مستقبل جو تعين ڪري سگهي ۽ ان سان گڏ انهن بزرگن جي ياد به تازي ٿي وڃي.

هونئن ته سڄي سنڌ برڪت ڀري سرزمين آهي پر ان ۾ دادو ضلع جي پنهنجي خصوصي اهميت آهي، هن ضلعي مان ڪيترائي ولي ڪامل، عالم، اديب، مفسر ۽ محدث، مفڪر، دانشور، سگهڙ، سياڻا ۽ مورخ پيدا ٿيا آهن.

اسان زير نظر ڪتاب ۾ خاص طور تي انگريز دور کان وٺي موجوده دور جي دادو ضلعي جي عالمن، اديبن، شاعرن، سياستدانن، دانشورن ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ شخصيتن بابت معلومات گڏ ڪئي آهي، اميد آهي ته نوجوانن ۽ ايندڙ نسل کي انهن شخصيتن جي متعلق معلومات ميسر ٿيندي ۽ ان سان گڏ انهن شخصيات جو پڻ اسان تان قرض لهي ويندو، جن جي ڪارنامن کي وسارڻ سنئين سڌي محسن فراموشي ۽ زيادتي ٿيندي، جيئن ته اسان متي بڌائي آيا آهيون ته دادو ضلعي جي خاص اهميت آهي ان جي مختصر جهلڪ هيٺ ڏجي ٿي.

علمي نقطي نگاهه کان دادو ضلعي تي نظر وجهبي ته معلوم ٿيندو ته منجهس وڏا وڏا علمي ادارا رهيا آهن جنهن

۾ سيوهڻ، پاٽ، بوبڪ، بختاورپور، فيروز شاھ، رهڙو شريف زبردست شهرت جا حامل آهن، انهن ادارن مان فارغ ٿيندڙ عالمن ديس ته نهيو پر پرديس ۾ به وڃي پنهنجو عالمي وجود مڃرايو، جڳ مشهور دانشور ۽ صحافي جناب پير علي محمد راشدي دادو ضلعي کي ٽن ڪلچرن جو مجموعو سڏيو آهي اهي ٽي ڪلچر هيٺيان آهن.

(١) ڪوهستاني ڪلچر
(٢) منڇر جو ڪلچر
(٣) سيوهاڻي ڪلچر

راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ دادو ضلعي جي ماڻهن متعلق لکي ٿو. "مارئي جي مذڪور ۾ مارن جي خوبين جو ذڪر پڙندا هئاسين اهڙين خوبين وارا ماڻهو مون ڪي سنڌ جي فقط ٻن علائقن ۾ نظر آيا دادو ۽ ٿر ۾ سادا ۽ سڌا سنوان ميرڙا پر منڙا " ۽ وڌيڪ لکيو اٿس دادو وارن وٽ لاڙڪاڻين جيتري دولت يا اهڙا سامان ته ڪو نه هئا پر ماڻهپي جي دولت سان مالا مال هئا، نه ڪوڙ نه بدوڙ نه دغا دولاب، نه چالاڪي، نه چابڪ دستي، دوست ته وفادار دشمن ته اشراف لائيندا ته توڙ نڀائيندا ٻولي ڪندا ته ٻي نه ٻوليندا، سخن ڪندا ته پاڙيندا.

ساڳئي وقت راشدي اهو به اعتراف ڪيو آهي ته دادو ضلعي ٽي تمام وڏيون شخصيون ڏنيون آهن جن تي پوري سنڌ کي ناز آهي.

فلسفي، مذهب ۽ تقابل اديان ۾ علامه آءِ. آءِ قاضي تاريخ ۽ ادب ۾ علامه دائود پوٽو، صحافت ۾ شمس الدين بلبل

دادو ضلعي جون ٻيون بہ ڪيترين ئي خصوصيتون آهن جن جو مختصر نچور هيٺ ڏجي ٿو.

(١) آمري جي تهذيب موهن جي دڙي کان اڳاتي تهذيب آهي اها دادوءَ ۾ آهي.

(٢) سنڌ جي سڀ کان وڏي درگاه قلندر شهباز جي دادو سيوهڻ شهر ۾ آهي، سيوهڻ شهر جي قدامت ۽ علمي حيثيت پڻ مڃيل آهي مشهور سياح ابن بطوطه پنهنجي سفر نامي "عجائب الاسفار" ۾ پڻ سيوهڻ جي قدامت ۽ شهرت جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ڪجهہ تائيم اتي رهيو هو ۽ اتي جي مسجد جي امام سان مليو تہ هن ان کي حضرت عمر بن عبدالعزيز جو هڪ ليٽر ڏيکاريو جيڪو هن کي خطابت لاءِ ڏنو ويو هو.

(٣) سنڌ جو سڀ کان وڏي ۾ وڏو جبل دادو ضلعي ۾ نئين گاج مٿان آهي،جتي گورک نالي هل اسٽيشن جي قيام جون ڪوششون ٿي رهيون آهن ڪوئيٽا کان بہ وڌيڪ ٿڌ پئي ٿي. ڊاڪٽر محمد حسين مگسي ان تي ڪافي معلومات گڏ ڪئي آهي.

سنڌ گورنمنٽ جي ڪوشش سان ڪيترين ئي ترقياتي اسڪيمون شروع ٿي چڪيون آهن، انهن جي تڪميل ڪانپوءِ هر ماڻهو اتي اچي وڃي سگهندو، اسان کي اميد آهي تہ انهن اسڪيمن جي تڪميل لاءِ وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪئي ويندي.

(٤) هندستان ۽ پاڪستان اندر سڀ کان قديم جبل جيڪو سمنڊ مان پهريان نڪتو ماهرن جي بقول تہ اهو "لڪي" وارو جبل آهي. هماليا جبل کان بہ اڳ جو آهي.

(٥) ردني ڪوٽ جو قديم ترين قلعو دادو ضلع ۾ آهي.

(٦) اڪبر بادشاهہ جي والده حميده بانو سان شادي دادو ضلع جي شهر پاٽ ۾ ٿي اڻ سڌي طرح اڪبر اعظم جو پيدائش جو سبب دادو ضلع بڻيو.

(٧) ايشيا جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ "منڇر" دادو ضلع ۾ آهي.

(٨) تيهہ لک ايڪڙ زمين آباد ڪندڙ ڪوٽڙي بيراج دادو ضلع ۾ آهي.

(٩) تاريخ جون ڪيترئون ئي فيصل ڪن لڙايون دادو جي حدن ۾ لڳيون مثلا مرزا عيسيٰ ترخان ۽ سلطان محمود بکريءَ واري جنگ، مغلن ۽ ترخانن جي جنگ جنهن ۾ مغل لشڪر جو مهندار عبدالرحيم خان خانان بنفس نفيس موجود هو.

سمن ۽ ارغونن جي جنگ جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ وڏو ڦيرو آيو، سمن هارايو ۽ ارغونن کٽيو.

(١٠) ڪلهوڙن جي دور جو گاديءَ جو هنڌ خداآباد دادو ۾ آهي. ان سان گڏ سنڌ کي ڌارين جي چنبي مان آزاد ۽ متحد ڪرڻ جو سهرو بہ دادو ضلعي جي ميان يار محمد ڪلهوڙو جي سر تي رهيو، سنڌ صدين جي غلامي بعد آزادي ماڻي ۽ سندس سرحدون هڪ طرف ڪڇ تہ ٻئي طرف بلوچستان جي ڪڇي ضلع تائين پکڙجي ويون.

(١١) سنڌ ۽ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيون لياقت ميڊيڪل ڪاليج، سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌالاجي جهڙا عظيم ادارا دادو ۾ آهن.

(١٢) اڪبر جي نون رتنن ۾ شامل ۽ تفسير بي نقاط "سواطع الالهام" جو مصنف ابوالفضل فيضي سيوهڻ جو هو لاهور جو ميان مير پڻ سيوهڻ جو هو.

(١٣) ٽالپر جي حڪومت جو تختو ڪيدي انگريزن کي آڻڻ وارو سنڌ جي مشهور شخصيت نائون مل هوتچند جو خاندان به سامتاڻي ڳوٺ جو هو جيڪو دادو ضلع ۾ آهي.

(١۴) هر قسم جي آب هوا دادو ضلعي ۾ هر قسم جي پوک دادو ۾، سنڌ جي قومي جانور سره جو ٿاڪ دادو ضلع جي ڪرچات جبل ۾، سائبيريا کان وڻي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ جو پکي دادو ۾ هر قسم جي مڇي دادو ۾ هر قسم جي معدنيات دادو ضلع جي پهاڙن ۾ دفن ٿيل آهي

(١٥) هن دور جي وڏن شاعرن ۾ شمار ٿيندو، استاد بخاري دادو جو آهي، تازو مشهور دانشور جناب رسول بخش پليجي ڪيس سنڌ جو وڏي ۾ شاعر قرار ڏنو آهي.

(١٦) ۵ هزار يونٽن تي مبني صنعتي علائقو نوري آباد دادو ۾ آهي بدقسمتيءَ سان امن امان جي صورتحال خراب هجڻ ڪري ان تي صحيح طرح سان ڪم نه ٿي سگهيو. مٿين مختصر جهلڪ دادو ضلعي جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿي، انشاءالله دادو تي تفصيلي ڪتاب مستقبل ۾ آڻبو پر اسين هتي صرف شخصيات جي حالات زندگي تي اڪتفا ڪيون ٿا.

يقينا ان سان اسان جي نوجوانن کي اسان جي بزرگن کان واقفيت ٿيندي، آءُ آخر ۾ انهن دوستن احبابن جو مشڪور آهيان جن جو تعاون شامل نه هجي ها ته هي ڪتاب منظر عام تي نه اچي سگهي ها.

انهن ۾ رئيس علي نواز مگسي (نواب شاهه) حاجي عبدالحڪيم چانڊيو، پروفيسر ڊاڪٽر محمد اشرف سمون، جناب مولانا غلام عباس قادري صاحب جن شامل آهن. الله تعاليٰ کين اجر عطا فرمائي. آخر ۾ جناب محترم محمد

موسيٰ پتو صاحب جو ممنون آهيان جيڪو هر وقت پنهنجي مفيد مشورن سان اسان کي نوازيندو رهيو.

۽ سائين غلام رباني آگري صاحب جو نهايت ٿورائتو جو سائين سخت مصروفيت جي باوجود ڪتاب جو مقدمو لکيو آهي، رباني صاحب بااخلاق، نهايت شفيق ۽ محبتي ماڻهوآهي، سندس ڪتاب "جهڙا گل گلاب جا" مون کي هن ڪتاب لکڻ تي وڏيڪ همت ڏياري، الله تعاليٰ کيس وڏي ڄمار ۽ صحت عطا فرمائي آمين.

**محمد امين مگسي**

صوبو خان مگسي

# مقدمو

مٽيءَ سان ماڻهوءَ جي محبت، سندس خمير ۽ ضمير ۾ سمايل آهي. آدم جو جسماني پيڪر مٽيءَ مان ئي جڙيو هو.

پيغمبر، ذات پات، رنگ، نسل، قوم ۽ قبيلي جي فرقن کان مٿي هوندا هئا. بلڪ، انهن کي مٽائيندا آهن. سڄيءَ انسانذات جا رهبر ٿيندا آهن، پر، مٽيءَ جي مقناطيسي ڪشش ڪري، هنن به پنهنجي پنهنجي وطن، علائقي ۽ شهر سان پيار ڪيو آهي.

حضور پيغمبر صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت مبارڪ جي سمورن ڪتابن ۾ لکيو پيو آهي ته هجرت جي رات، جڏهن پاڻ سڳورا مڪي مان ٻاهر نڪتا، تڏهن شهر تي نگاهه ڪيائون ۽ فرمايائون ته:

"اي مڪي جا شهر، تون مون کي سڄي جهان جي شهرن کان عزيز آهين، پر، تنهنجا رهواسي مون کي رهڻ نٿا ڏين"

ملتان ۾ ست سؤ سال اڳ هڪ اهل الله هوندو هو، جنهن سنڌ ۾ سوين هزارين ماڻهو مسلمان ڪيا، کيس غوث بهاؤالحق ملتان ڪوٺيندا آهن، هڪ فارسي شعر ۾ فرمايو اٿس.

"اسان جو ملتان بهشت جي برابر آهي، آهستي پير رک، جو ملائڪ ملتان جي مٽيءَ تي سجدو ڪن ٿا"

شاهه جي ڪلام ۾ وطن سان محبت جا بيشمار بيت ملندا، پر، سرمارئيءَ ۾ ان جو کهڙو نه اعلانيه اظهار ڪيو اٿس.

"تڏي وسائج ٿر جي، مٿي مڙهه مٽان"

وطن سان محبت گويا، انسان جي فطرت آهي، پيغمبر جي سنت ۽ ڀلارن بزرگن جي روايت آهي ان کي قائم رکڻ ثواب جو ڪم آهي.

هن ڪتاب جو مصنف، محمد امين مگسي، سونهاريءَ سنڌ جي

دادو ضلعي ۾، صوبي خان مگسي ڳوٺ جو وينل آهي. جڏهن وڏو ٿيو، تڏهن پلن جي صحبت سان گڏ مٿس دادوءَ جو جادو ٿيو، سو ان جي مشاهيرن ۽ معاصرن جوتذڪرو وڃي تيار ڪيائين. هڪ ڏينهن مون وٽ آيو ته" ان جو مقدمو لکي ڏيو"

محمد امين سان منهنجي اڳي ميل ملاقات ڪا نه هئي،پر، شڪل شباهت جو ملوڪ، اٿيءَ ويٺيءَ ۾ نهٺو، فهيمدو، ۽ ڳالهائڻ ٻولائڻ ۾ ڏاڍو سڀاجهو شخص آهي. سو، پهرينءَ ئي مجلس ۾ ڪائنس متاثر ٿيس. جڏهن سندس ڪتاب پڙهيم، ته محسوس ڪيم ته سندس اندر ۾ لوچ پوچ آهي، بي قراري ۽ اضطراب آهي. هو پنهنجي آسپاس جيڪي ڏسي پسي ٿو، سو ڪيس ڏاڍو ڏکوئي ٿو. ڪتاب جي مهاڳ ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو ته:

" عام ماڻهو خوف جو شڪار آهي. سندس ڪو به پرسان حال نه آهي. فقط بک جي بدحاليءَ جي ڪري چهرا مرجهايل آهن. اسان جو هاري طبقو بي گهر آهي. فقط اميدن ۽آسرن ۾ گم آهي ------ اها صورتحال ڇا آهي؟"

جڏهن ڪو به ماڻهو اهڙيون ڳالهيون ڪري، تڏهن سمجهي وڃڻ گهرجي ته هو انسانذات جي انهيءَ ئي ڪڙم قبيلي سان تعلق رکي ٿو، جنهن لاءِ سچل سائينءَ فرمايو آهي ته:

سيني ۾ سنگرام، سچو سنياسين ڪي (١)

محمد امين جو وطن، دادو ضلعو، سنڌ ۾ "جابلو علائقو" سڏبو آهي،جيئن ٿر ريگستاني علائقو، دادوءَ کي "محال ڪوهستان" به ڪوٺيندا آهن، ڇو ته اهڙن علائقن ۾ انساني حياتي ڏاڍي ڏکي ٿيندي آهي. پاڻيءَ جي اڻاٺ هوندي آهي، پوکي راهي پوري ساري ٿيندي آهي ۽ سفر جون سهوليتون به ڪو نه هونديون آهن، پر ، انساني تاريخ جي

(١) سنگرام - جنگ جو ميدان

ماهرن جو چوڻ آهي تہ تمام آڳاٽي زماني جا ماڻهو جبلن جي غارن ۾ ئي گهر ٺاهي وهندا هئا. اتان ئي انساني تهذيب جو سفر شروع ٿيو.

انسانذات جي انهيءَ اوائلي ۽ سپ کان اهم سفر جا جيڪي شروعاتي "سنگ ميل" (Mile- Stones) مليا آهن، تن ۾ ٿي چار تہ دنيا ۾ ڏاڍا مشهور آهن،مصر جي تهذيب، عراق جي تهذيب، سنڌ جي تهذيب ۽ چين جي تهذيب. اهي چارئي تهذيبون دريائن جي ڪنارن تي اسريون ۽ نسريون،ڪا نيل جي ڪنارن تي، ڪا دجلي ۽ فرات جي ڪنارن تي، تہ ڪا سنڌو درياءَ جي ڪنارن تي، چين ڪي وري پنهنجا پنهنجا وڏا درياءَ آهن.

سنڌو- تهذيب (Indus Civilization) موجوده سنڌ تائين محدود ڪانهي، پر، سڄيءَ سنڌو ماٿريءَ ۾ پکڙيل آهي، اتر ۾، ان جون سرحدون ڪشمير، ۽ ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ آهي. ان جا ٻہ مرڪزي شهر ڪوٺي ڪڍيا اٿن، پنجاب ۾ هڙپا ۽سنڌ ۾ موهن جو دڙو.

هڙپا وري بہ گهٽي قدر زبون ٿيل آهي، پر موهن جي دڙي ۾ گهرن جون پڪ سريون پٽيون،گهٽيون، گدام، کوهہ،پاڻيءَ جي نيڪال جون ڪسيون ۽ اڏاوت جون ٻيون نشانيون ان ڳالهہ جون ثابتيون آهن تہ هزارين ورهيہ اڳ هي وڏو عاليشان دريائي بندر، واپاري مرڪز، وسندڙ ۽ گجندڙ شهر هو، پر سنڌو ۾ رهندڙ ماڻهن، ايڏي وڏي شهر اڏڻ جي منزل تائين پهچڻ ۾ الائي تہ ڪيترا هزار ورهيہ سفر ڪيو هوندو. ماهرن انهيءَ سفر جا جيڪي پراڻا نشان ڳولي ڪڍيا آهن، تن مان ڪي دادو ضلعي ۾ آهن.

دادو ضلعي تاريخي لحاظ کان ڏاڍو اهم آهي. منجهس موهن جي دڙي کان سو ميل ڏکڻ اولهہ طرف آمريءَ جو ڳوٺ آهي، چڱو عرصو ٿيو، جو اتليءَ مان آثار قديمہ جي ماهرن جو ٽولو آيو،جن آمريءَ جي پراڻي دڙي جي کوٽائي. بعد ۾ پنهنجي رپورٽ بہ ڀاڱن ۾ شايع

ڪيائون، جنهن جي تلخيص(Summury) ويهن صفحن ۾، انگريزيءَ ۾ بہ ڏنائون. رپورٽ جي هڪ ڪاپي (ٻن جلدن ۾) ڪراچيءَ جي نيشنل ميوزيم ۾ موجود آهي. مون ويهارو ورهيہ اڳ انگريزي تلخيص پڙهي هئي. منجهس لکيل هو تہ "آمري موهن جي دڙي کان ڇهن سون کان ائن سون ورهين جو عرصو وڌيڪ آڳاٽي آهي" ائين ظاهر ٿيو تہ آمريءَ جا رهاڪو موهن جي دڙي جي معمارن جا پيش رو هئا.

آمريءَ جي کوٽائيءَ کان پوءِ ڪوٽ ڏيجيءَ جي کوٽائي ٿي، جيڪا رپورٽ شايع ٿي، ان ۾ بہ ساڳي ڳالهہ ڪيل آهي تہ" ڪوٽ ڏيجيءَ جا رهاڪو موهن جي دڙي کان آڳاٽا هئا"

پر، گذريل ٽيهن ورهين جي عرصي ۾، ٻين هنڌن تي بہ کوٽايون ٿيون آهن، جن ۾ قديم سنڌو- تهذيب جا آثار، چولستان ۽ ٻين هنڌن تي مليا آهن. اهم ڳالهہ اها آهي تہ انسانذات جي انهيءَ اوائلي تهذيبي سفر جا ڪيترائي لنگهہ دادو ضلعي ۾ ظاهر ٿيا آهن. ان سلسلي ۾ سڀ کان اهم کوٽائي مهر ڳڙهہ جي آهي، جيڪو هاڻي تہ بلوچستان ۾ آهي،پر جغرافيائي لحاظ کان، سنئون سڌو، سنڌو- درياءَ جي ناهيل ميداني علائقي ۾ بينو آهي. بلوچستان جا وڏا جبل مهر ڳڙهہ کان مٿيرو شروع ٿين ٿا. مهر ڳڙهہ جي دريافت، سنڌو تهذيب جي عمر ۾ چئن هزارن ورهين جو اضافو ڪيو آهي. ماهر، موهن جي دڙي جي عمر سادن چئن کان سادا پنج هزار ورهيہ ٻڌائيندا هئا. پر، مهر ڳڙهہ لاءِ چون ٿا تہ حضرت عيسيٰ کان ست هزار ورهيہ اڳ هڪ وسندڙ بستي هو، جنهن جي معنيٰ تہ ان جي عمر نو هزار ورهيہ آهي.

پاڪستان ۾ آثار قديمہ جي ماهر، رفيق مغل،قديم سنڌو - تهذيب جي دريافت ڪيل آثارن تي Forgotten Cities on the indus نالي ڪتاب ۾، پنهنجي مضمون ۾ هيئين لکيو آهي.

The new evidence comes mostly from Pakistan.

In the upper Indus valley, explorations conducted between the Sulaiman range & the Indus River in the 1070's revealed four important Early Harappan sites,of which Gumla (Dani 1970- 71) and Rahman Dheri (Durrani 1981- 1984) were excavated. Although both Rahman Dheri and Gumla have kot Diji-related material, the first settlement at Rahman Dheri also shows strong influence from northern Baluchistan.

The Swat Valley, too, was influenced by the cultural developments in the Indus Valley, at Ghalagai (Stacul 1969), kot Dijian- type pottery was found in levels dated to ca. 3000 BC. Near Harappa, the site of Jalilpur (Mughal 1972) was excavated in 1971. Comparable Kot Diji-related material was found at 40 settlements in the Cholistan desert in the course of extensive surveys conducted between 1977 (Mughal 1982)

Further south, The Indus Kohistan and khirthar Piedmont regions were intensively surveyed between 1975 and 1977 and a large number of Kot Dijian, Amrian and mature sites located (flam 1981).

In the Kachi plain of Baluchistan, which is physically a part of the Greater Indus Valley, the

site of Mehrgarh has produced an astonishingly on cultural sequence starting around 7000 BC (Jarrige 1982- 1984 etc)(1)

مهر ڳڙهه کان آمريءَ ياموهن جي دڙي ڏي ايندڙ پانڌي، توڙي ڏاندن، سانن، گڏهن، خچرن،انن ۽ گهوڙن تي سوار ماڻهو، يا ڪي ڏگها قافلا، دادو ضلعي واري پٽ مان ئي لنگهندا هوندا. گسن ۽ پيچرن تي منزلون هٽندا هوندا. رات جي سمي ۾، جڏهن آسمان ۾ تارا تمڪندا هوندا، تڏهن ڪليل ميدان ۾ سندن دڪايل دونهيون دکنديون هونديون، يا باهڙيون تمڪنديون هونديون.

هن پس منظر ۾ ڏسبو ته دادو ضلعو، حضرت عيسيٰ کان نو هزار ورهيه اڳ انسانذات جي قديم تهذيبي سفر جي دلاويز تصوير پيش ڪندو.

پر، ڳالهه رڳي ايتري ڪانهي، دادو ضلع ۾، ان زماني ۾، جيڪي به بستيون هونديون، تن ان وقت جي مسافرن کان، قافلي وارن کان ۽ خود پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي مان علم ۽ عرفان جون جيڪي ڳالهيون پرايون هوندوين، سي هڪ نسل ٻئي ڏانهن منتقل ڪيون هونديون. اهڙيءَ ريت جڏهن سياڻپ، هنر ۽ ڪاريگري پنهنجي ڪمال تي پهتي هوندي، تڏهن وڃي موهن جي دڙي جهڙو وسندڙ ۽ گجندڙ شهر نهيو هوندو.

موهن جي دڙي واري زماني کان وٺي عربن جي اچڻ تائين، سنڌ جي تاريخ گمناميءَ ۾ آهي. ڪي ٽٽل ڦاٽل ورق ملن ٿا. جڏهن عرب سنڌ ۾

---

(١) جن ماڻهن هي انگريزي ڪو نه پڙهيو آهي، تن کي دادو ضلعي ۾ سنڌو- تهذيب جي قديم آثارن بابت، تاج صحرائيءَ جو عالمانه ليڪچر پڙهڻ گهرجي، جيڪو سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ حيدرآباد (١٩٩٧ع) ڇپايو آهي. دادو ضلعي جي جاگرافي نالي سان شايع ڪيو آهي.

آيا . تڏهن سنڌن مقابلو هندو راجا سان ٿيو. پر، انهيءَ هندو راجا جي خاندان، وڏيءَ حرفت سان، ٻڌ ڌرم جي راجا کان سنڌ جي حڪومت کسي هئي، گويا، هندو حڪمرانن کان اڳ سنڌ جا اصلوڪا حڪمران ٻڌ ڌرم جا راجائون هئا . عربن جي اچڻ وقت سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم اڃا زنده هو. ان جا پوئلڳ وڏي تعداد ۾ موجود هئا . پر، عجب جي ڳالهه آهي ته سنڌن اڪثريت دادو ضلعي واري پٽ ۾ ئي رهندي هئي. سيوهڻ ته سنڌن مرڪزي شهر هو، سڄو علائقو سڏبوئي "ٻڌيہ" هو.

ان کان بہ وڌيڪ عجب جي ڳالهہ اها آهي تہ ٻڌ ڌرم وارن سنڌ جي باشندن، عربن جو مقابلو ڪيو ئي ڪو نہ. بلڪ، سنڌن اچڻ تي، دهل شرنايون وڄائيندا . قلعن جا دروازا کولي، گلن جا هار هٿن ۾ کڻي بند ٿيل قلعن جا در کولي، باهر نڪري آيا . نتيجي طور، سنڌن وار ونگو ڪو نہ ٿيو. سوچي سمجهي، اهڙي حڪمت عملي (Strategy) اختيار ڪيائون، جو ايڏي انقلاب اچڻ کان پوءِ بہ، جنهن جي ڪري، سنڌ جي تقدير ۽ تاريخ، ايندڙ سمورن زمانن لاءِ بدلجي ويئي، ٻڌياہ علائقي ۾ زندگي، نسبتا ، پرامن رهي. (هت اها ڳالهہ ذيان ۾ رکڻ گهرجي تہ ٻڌ ڌرم جي تعليم جو روح "امن" آهي).

نئين دين اختيار ڪرڻ ڪانپوءِ، دادوءَ واري پٽ، جيڪي مسلمان مشاهير پيدا ڪيا، تن سڄيءَ سنڌ تي پنهنجي عظمت جي مهر هڻي، عربن کان حڪومت سمن سومرن ورتي. سمن جي دؤر ۾، مخدوم بلال سنڌ جي آسمان تي چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر چمڪيو. ڪانئس ڪجهہ عرصو اڳ، قلندر لعل شهباز سنڌ ۾ آيو ۽ سيوهڻ ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. سيوهڻ ڪيس جيءَ ۾ جايون ڏنيون، هاڻي ڪيس هي جهان ڇڏي ست سو ورهيہ گذري ويا آهن،پر، سندس اڱڻ ۾، سونهاري سنڌ، روزانو، سڄ لهڻ مهل، ڌمال جي ڌڌڪي تي، عشق ۽ مستيءَ جي رقص ڪري ٿي.

محمد امين جو تذڪرو (جيئن پاڻ مون کي ٻڌايائين) انهن ٺي مشاهيرن ۽ معاصرن تي مشتمل آهي، جيڪي دادو ضلعي برطانوي دور ۾ پيدا ڪيا. قدرت مون کي انهن مان ڪن جي قدمن ۾ وهڻ جي سعادت نصيب ڪئي، مثلا. قبلا علامه آءِ آءِ قاضي، ۽ سائين محمد ابراهيم جويو.

علامہ صاحب جن قدرت جا عجب شاهڪار هئا. سنڌ جا ايندڙ نسل ايڏا وڏا انسان وري ڏسن الائي ڪو نہ! مون کي سندن بلند وبالا قدوقامت ۽ پنهنجي ڪوتاهہ قد جو پورو پورو احساس هو. سو، ورهيہ جا ورهيہ سندن قدمن ۾ وهڻ ڪانپوءِ بہ ڪڏهن اها ڪوشش ڪا نہ ڪيم، تہ ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏانهن نهاريان، تہ من منهنجون آسائتيون اکڙيون سندن چهري جو طواف ڪن، ٻن ڳالهين جو خوف ٿيندو هئم: هڪ تہ مٿان منهنجو ڳاٽو، سندن دراز قدوقامت ڪري، گهٽو مٿي نهارڻ ڪري، ٽٽي نہ پوي! ٻيو تہ مٿان منهنجو اهو عمل "بي ادبي" تي پوي!.

پاڻ ڏاڍي پيار سان پڻائيءَ جي هڪ سٽ وري وري اچاريندا هئا، جنهن ۾ انسان کي ادب سکڻ جي هدايت ڪيل آهي

"ادب اکڙين کي، ڏهاڙي ڏيان"

غالبا، ڪين منهنجي تشنگيءَ جو احساس ٿيو، سو، مون کي تسلي ڏيڻ لاءِ هڪ ڏينهن فرمايائون تہ" رباني جيڪڏهن اسان توکي پيار نٿا ڪريون، تہ پوءِ ائين سمجهہ تہ اسان ڪڏهن ڪنهن کي پيار ڪيوئي ڪونهي"

مون لاءِ اهو عيد جو ڏينهن هو، ڪي وڏ ڦڙا وسيا! دل جون ڊنڊيون ڊورا، پيار جي پاٽيءَ سان تار ٿي ويا، ان ڏينهن مون دل جي آسمان ۾ اندلٺ جا سمورا رنگ ڏٺا.

سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي صحبت ۾ مون کي پريا

چاليهہ ورهيہ ٿيا. مان ساڻن انهيءَ عمر ۾ مليس، جڏهن بار وڏيءَ ماٺهوءَ جي چيچ جهلي، پنڌ ڪرڻ سکندو آهي، ڪڏهن سنئون سڌو هلندو آهي، تہ ڪڏهن ٿابڙبو آهي. پر، منهنجين هيٺاين جي هوندي، ڪڏهن بہ مون تي ڪوسا ڪونہ ٿيا.

وڏيءَ عمر ۾ سنڌي معاشري جي ڏکيءَ صورت حالت جي باوجود ڪين دونهڙي دکائڻ، هت هت جوت جاڳائڻ، "ڪين" مان "ڪجهہ" پيدا ڪرڻ، سورن ۾ ستايل،ڏکيل، چچريل سنڌ جي زخمن تي پها رکڻ ۾ عجب ملڪو حاصل آهي.

سنڌ ۾ پاڻ واحد شخصيت آهن، جنهن جي مون لاهور ۽ پشاور جي عالمن ۽ دانشورن جي محفلن ۾ ساراهہ ٻڌي. لاهور وارن مون کي چيو تہ اسان کي ڪجهہ ڏينهن لاءِ لاهور اچڻ ۽ ٽڪڻ لاءِ سڀ بندوبست ڪري ڏيون ٿا. اوهان رڳو تاريخ ونی ڏيو، جو اسان کي ساڻن ڪي ڳالهيون ڪرڻيون آهن، پشاور ۾ مون ولي خان جي پياءُ غني خان جو جلسو ڪيو، جو هو پشتو جو موجوده زماني ۾ وڏي ۾ وڏو شاعر هو. اجمل خٽڪ بہ موجود هو. ڪجهہ ڏينهن اڳي اسلام آباد ۾ منهنجي گهر آيو هو. حاجي غلام محمد بلور کي مرڪزي وزارت ۾ ڪٽائڻو هوس. مون کي چيائين تہ "وه هيڊ ماسٽر صاحب.......؟" مون چيو: "جويو صاحب؟" چيائين تہ: "هائو، جويو صاحب! ساڻس ملڻ ۽ ڪي ڳالهيون ڪرڻ تي دل چوي ٿي" جويو صاحب ون يونٽ واري زماني ۾ ڪوهاٽ ۾ پرنسپال هو. مون جويي صاحب کي لاهور ۽ پشاور جا اهي ٻئي نياپا ڏنا،پر، سندس من ۾ اها ڳالهہ وسيل هئي تہ

"اٺان ميهان دا، ڪيها ميلا"

مون کي ذاتي طرح معلوم آهي تہ سنڌ جا گهٽئي "دل ڦينڪ عاشق" سرڪار کان مختلف بهانن سان مراعات وٺندا رهيا آهن. مان سندن نالا آڱرين تي ڳڻي ٻڌائي سگهان ٿو، پر جويو صاحب اهڙي سيري

حـال جي باوجود پنهنجي مـقـصـد سـان وابسـتـہ رهيـو آهي. ان جي حاصلات لاءِ ڪٿي سنڌي راڳ، ڪٿي سنڌي لوڪ داستانن ڳائڻ وارن جي محفل مچائڻ، تہ ڪٿي ڪو علمي تعليمي ليڪچر ڪرائڻ، ڪٿي ڪو سياسي شغل، سندس شيوو رهيو آهي. خاص ڳالهہ اها تہ جويو صاحب بہ سونهاريءَ سنڌ کي دادو ضلعي ڏنو.

محمد امين دادو ضلعي جي معاصرن ۽ مشاهيرن جي جيڪا مالها پوئي آهي، تنهن ۾ الاهي ٻيا نالا نظر آيا اٿم، جن مـان ڪي منهنجا مربي ۽ محسن، تہ ڪي يار آهن.پر، انهن جو مختصر ذڪر ڪندس تہ چو تہ ڪي اهڙا بہ آهن جن جدا جدا ڪتـاب لکڻ جي ضـرورت آهي، مثال طور بہ ٽي نالا ڪڍان ٿو:

شمس العلماءُ ڊاڪٽر عمر بن محـمـد دائود پوٽو، مون کي سندس زيارت نصيب ٿي، جڏهن بورڊ ۾ ملازم ٿيس تہ پاڻ اسان جو معزز ۽ قابل صد احترام ميمبر هو.

جمال ابڙو، ٻين لاءِ سنڌي افسانہ نويسن جو امام آهي، منهنجو ياءُ آهي.

جناب پير محـمـد ابڙو، منهنجي والد مرحوم سان گڏ ڪنڊياري تعلقي ۾ تعليم کاتي جو عملدار هو، اسان جي اوطاق ۾ مهينو ماسو مهمان هوندو هو، وڏو پڙهيل ۽ نيڪ انسان هو.

مولوي عبدالغفور سيتائي، خانبهادر کهڙي ۽ وسـاڻ صاحب جي اخبار نواءِ سنڌ جو ايڊيٽر هو. منهنجا دوست غلام قادر لاکير ۽ مقبول سومرو وٽس نوڪري ڪندا هئا. ائين منهنجو سائس رستو ٿيو، مڪڻ ماڪيءَ جهڙو منو ماڻهو هو.

دادن فقير، مون ڪو نہ ڏٺو، پر سندس دانهن جو آواز ننڍپڻ ۾ ڪن تي پيم:

ڀروسو نہ ڪر،

ڪارن وارن تي،

بيوفا يارن تي،

ڀروسو نہ ڪر،

ڪوڙيءَ دنيا جي ڪم تي،

دادن جي دم تي.

سائين جي ايم سيد جو نالو مڙني کان آخر ۾ کڻان ٿو، سو ان ڪري جو اسان کان جدا ٿيو، تنهن کي ڪو گهڻو زمانو ڪو نہ گذريو آهي، سائين رڳو منهنجو سائين ڪونهي، سڄيءَ سنڌ جو سائين آهي، ۽ صندل جيئن، ڀراڻو، تيئن سرهاڻ ڪري. ڀٽائيءَ جي هيءَ سٽ مٿس سو فيصد صادق آهي:

سچ سياڻي جا ڪري، سائي ساميءَ روءِ

سائين، سنڌ جي ايندڙ نسلن لاءِ، مصر جي اهرامن وانگر، هميشہ عظيم ۽ پراسرار رهندو.

پر، اسان جي لاءِ ڪلهہ جي ڳالهہ آهي... الڻ ٽيبي جي هٽ ۾ چلمچيءِ ڪلهي تي تُوال آهي. اسان جا هٿ ڀيو ڏٺاري، مانيءَ تي ويٺا آهيون، پير سائين حسام الدين شاهہ، جويو صاحب، پنهور صاحب، خواجہ عبدالرشيد ۽ مان- سائين وڏو ميزبان آهي، سندس مانيءَ جي ميز تي ڀڪل ڪڪڙ، ٻوڙ، قيمي جون تربل تڪيون، ڀاڄيون، سلاد، پلاءُ ۽ مٺاڻ جا ڪيئي قسم رکيا آهن، ڳالهيون بہ ڀيون هلن، ڪل ڀوڳ بہ ڀيا ٿين.

ڪالهوڪو ڏينهن آهي..... سائينءَ جي درياءَ واري بنگلي جي صحن ۾ شاهي تنبو لڳل آهي، راڳ جي محفل پئي هلي،پنجاب مان بہ ڳائڻا آيا آهن.

ڪالهوڪو ڏينهن آهي...... منجهند جي مهل آهي، سائين ۽ مان

سندس سن واري بنگلي تي ماني کائي صوفن تي آرام سان ويٺا آهيون، بجلي ڪانهي، ڪا گرمي آهي! پگهر پيو تمي. سائينءَ کي پرواهه ئي ڪانهي " جنب گذاريم جن سين" جو مسودو اڳيان رکيو اٿس، مون کي چوي ٿو ته" هي ۽ اڳيون سموريون تصويرون هٿ ڪري،سگهو موڪل"

سائينءَ جون سو ڳالهيون ياد اٿم، جڏهن دل جا دفتر کولڻ جو موقعو مليو، تڏهن عرض ڪندس، مختصر ڳالهه اها ته ڪاڪي پيرو مل قديم سنڌ ۾ لکيو آهي ته "ڪيرٿر جبل هماليه جبل کان اڳاٽو آهي" محمد امين اها ساڳي ڳالهه سنڌ جي عظمت جي لحاظ کان ڪئي آهي، منهنجيءَ راءِ موجب سائين جي ايم سيد ڪيرٿر جبل کان اڳاٽو آهي، جيسين سنڌ آهي، تيسين قائم ۽ دائم رهندو.

سنڌ جي شهيدن ۽ قومي سورمن ۾، سندس ڪرسي، دودي سومري، دولهه دريا خان، مخدوم بلال ۽ شاهه عنايت شهيد سان گڏ رکيل آهي.

محمد امين پنهنجي ڪتاب لاءِ رڳو دادو ضلعي جي نامور ماڻهن جو انتخاب ڪو نه ڪيو آهي، هو هر انهيءَ ماڻهوءَ سان ذڪر ڪري ٿو، جنهن ۾ سچائيءَ جي روشني ڏسي ٿو. بنيادي طرح محمد امين اهل دل آهي، عوام دوست آهي. ٽئگور ڪنهن شعر ۾ چيو آهي ته"ڏس خدا هر پيو ڪاهي! خدا، ڌرتيءَ ۾، ٻني پيو ڪيڙي" ٽئگور جي اها ڳالهه مسلمان مفڪرن سهڻي انداز سان ڪئي آهي ۽ حديث ۾ آيو آهي: " خدا تعاليٰ انسان کان پڇندو، ته مان تو وٽ سواليءَ جي صورت ۾ آيس، تومون کي خالي هٿين موٽايو، مان تو وٽ پياسي جي صورت ۾ آيس، تو مون کي اجايو موٽايو"

سنڌ جو سترسيڪڙو عوام ٻهراڙين ۾ رهي ٿو. سندن اڪثريت هاري ناري آهي، جي صدين کان اجايل آهن، سندن اکين ۾ سوين سوال

آهن؟ محمد امين انهن جي اکين جا ڳوڙها اگهڻ گهري ٿو ۽ هر باضمير انسان کان هڪ سوال پڇڻ گهري ٿو تہ:

”عام ماڻهو خوف جو شڪار آهي، سندس ڪو بہ پرسان حال نہ آهي. فقط بک جي بدحاليءَ جي ڪري چهرا مرجهايل آهن. اسان جو هاري طبقو بي گهر آهي. فقط اميدن ۽ آسرن ۾ گم آهي- اها صورتحال ڇو آهي؟“

مون وٽ انهيءَ سوال جا جواب ڪونهي، جنهن وٽ هجي سو ڪيس ڏئي مان تہ خود سالن کان ساڳيو سوال ڪندو رهيو آهيان.

حيدرآباد

٢٣- مئي ١٩٩٧ع غلام رباني آگرو



علامه آءِ آءِ قاضي



ڊاڪٽر دائود پوٽو



شمس الدين بلبل



ضياءُ الدين



جي ايم سيد



عبدالحميد جتوئي



ملک سکندر



ملک اسد سکندر



استاد بخاري



لياقت جتوئي



فرزانه پنهور



محمد حسين پنهور

# علامہ آءِ آءِ قاضي

برصغير جو عظيم فلسفي، عصر جديد جو دانشور، تاريخ جو ڄاڻو، مفسر، قرآن، شارح امام غزالي ۽ شارح لطيف، ادب جو پارکو، اخلاق جو، مجسمو، رواداري شفقت ۽ محبت جو پيڪر، سائنس ۽ نفسيات جو ماهر تاريخ ١٩ اپريل ١٨٨۴ع ۾ حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. علامہ صاحب اصل پاٽ ضلعي دادو،جو هو. پاٽ هڪ تاريخي، علمي، حيثيت پڻ مجيل آهي. قاضي صاحب جن جو تعلق هڪ علمي گهراڻي سان هيو ان ڪري سندن پرورش تعليم، تربيت پڻ هڪ عمدي نموني ۾ ٿي. قاضي صاحب جن جي بقول تہ کين ننڍي عمر ۾ ئي هڪ مفتي صاحب تقويٰ ۽ ڄاڻو شخصيت آخوند عبدالحق جي حوالي ڪيو ويو. جنهن وٽ، سنڌي، فارسي، علم رياضي، جاگرافي، قرآن ڪريم ۽ فقہ جا ابتدائي سبق پڙهيائون. قاضي صاحب آخوند صاحب جي اخلاقي حميده جا زبردست معترف هيا ۽ ان جي اخلاق کي گهڻو ساراهيندا هئا، ۽ چوندا هئا تہ اسين گهڻو ڪري سندن سرپرستيءَ ۾ رهيا سون. اسڪول ۾ بہ آخوند صاحب پاڻ وٽني ويندا هئا ۽ ڇڏي ايندا هئا ۽ پوءِ وري اوطاق ۾ بہ سندن تربيت هيٺ رهبو هو. ان ڪري ننڍ پڻ کان ئي قاضي صاحب نماز روزي جو پابند هئو.

١٩٠۴ع ۾ قاضي صاحب خانگي طرح فائينل پاس ڪري وري ١٩٠٥ع ۾ خانگي طرح بمبئي يونيورسٽي مان پرائيويٽ ميٽرڪ پاس ڪيائين. ميٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه وقت صوفي فقيرن ۽ سنياسين سان گذاريائين. جن صوفي فقيرن جي صحبت ۾ رهيو انهن مان ڪي پاٽ جاهئا تہ ڪي حيدرآباد جا انهن ۾ احمد فقير ٽيبو مشهور هيو. ان دوران پاڻ مزيد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ عليگڙه هلياويا. مطالعي جي وسعت ڪري بي.اي جو ڪورس قاضي صاحب ڪي معياري نہ لڳو. قاضي صاحب عليگڙهہ ڇڏي يورپ هلياويا ۽ اتي مختلف فنون ۾ داخلا ورتائون ۽ آخر ۾ بيريسٽري جي ڊگري حاصل ڪيائون. لندن ۾ جن استادن کان علامہ صاحب متاثر هوا انهن ۾ Dr. Hobhoure ۽ ڊاڪٽر ٿامس آرنولڊ شامل آهن پوئين استاد وٽ علامہ اقبال بہ پڙهيو هو لندن اسڪول آف ايڪنامڪس ۾ سندن استاد ڊاڪٽر ڪئنن هيو ۽ ڪنگس ڪاليج لندن ۾ ڊاڪٽر برائون وٽ، سائيڪالاجي، جي تعليم ورتائون. قاضي صاحب عربي جي وڌيڪ تعليم هڪ مصري استاد شيخ گوما کان حاصل ڪئي ۽ ان سان اسلام جي متعلق خيالن جي ڏي وٺ پڻ ڪندا هئا، لندن اسڪول آف اورينٽل اسٽيڊيز ۾ عربيءَ جي تعليم ڊاڪٽر ٽريٽن کان بہ ورتائون. ١٩١٠ع ڌاري جرمني ويا اتي محترمہ ايلسا قاضي سان شادي ڪيائين. علامہ صاحب بئريسٽري جي ڊگري حاصل ڪري وطن واپس وريو. لندن ۾ فزڪس، طبيعات ۽ بائلاجي (حياتيات) خانگي طرح پڙهيو. ١٩١١ع ۾ بئيريسٽري جي ڊگري وني واپس وطن وريو. موٽي

اچڻ بعد مختلف علومن جو مطالعو ڪندو رهندو هو. ان دوران جڏهن به يورپ ويو ته باوجود وڏي عمر جي به مختلف استادن وٽ مختلف علومن جي معلومات حاصل ڪندو رهيو. ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي جهجهڪ ياعار محسوس نه ڪيائون. ١٩١١ع کان ١٩٤٢ع تائين قاضي صاحب ڪجهه وقت سنڌ ۾ رهيا ته ڪجهه وقت انگلينڊ ۾ رهيا.

وطن ۾ رهائش دوران پاڻ ڪجهه وقت خيرپور ميرس ۾ ۽ ڪجهه تائيم ٽنڊي محمدخان ۾، جج ٿي رهيا. حيدرآباد ضلع جا پبلڪ پرسيڪيوٽر پڻ رهيا ۽ بعد ۾ انهن عهدن تان استعيفا ڏنائون. علامه صاحب وري انگلينڊ هليا ويا. اتي علمي، ادبي ثقافتي، تبليغي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو ورتائون. سندن علمي، فڪري، دلچسپي کي نظر ۾ رکندي ١٩٢٤ع ۾ کين انگلينڊ جي پوئيٽري سوسائٽيءَ جونائب صدر چونڊيو ويو ۽ وري ١٩٢٩ع ۾ فلاسافيڪل سوسائٽي جو تاحيات چيئرمين چونڊيو ويو. ان دوران سنت سنڌ آيا ۽ وڪالت شروع ڪيائون. ليڪن اصول پرست ۽ ايماندارانه مزاج هجڻ ڪري کين وڪالت راس نه آئي ۽ ان کي ترڪ ڪيائون ۽ وري ولايت روانا ٿي ويا. اتي تبليغ جو ڪم شروع ڪيائون. ايسٽ اينڊ لنڊن ۾ مسجد قائم ڪيائون ۽ ان کي ئي تبليغ جو مرڪز بنايائون ان ڪم ۾ جن مسلمانن هٿ ونڊايو ۽ بانهن ٻيلي ٿيا. تن کي هڪ تنظيم جي شڪل ڏني ان جو نالو، "جمعيت السمسلمين" رکيائون سندن تبليغ هزارين مسلمانن کي بيدار ڪيو. جن مان اڪثر مصري ۽ هندستاني هئا. ان وقت جي مصري حڪومت سندن تبليغي ۽ اصلاحي خدمت جي اعتراف ۾ کين مالي

امداد جي آڇ ڪئي جا پاڻ خوددار طبيعت جي باعث قبول نہ ڪيائون. ڇاڪاڻ تہ پين جي امداد کان هميشہ بي نياز رهندا هئا.

مفتي نورمحمد استاد پبلڪ اسڪول جيڪو هر سال لنڊن ويندڙ آهي انهيءَ ٻڌايو تہ اڄ بہ ايسٽ اينڊ لنڊن ۾ اها مسجد قائم آهي ۽ ان جي پرسان بهترين ۽ ڪشاده عمارت تي مشتمل اسلامڪ سينٽر بہ قائم آهي. جيڪو مسلم ممالڪ جي، تعاون سان هلي رهيو آهي. غالبا ان جي عمارت مصر جي بادشاهہ فاروق عبدالله جي ڊونيٽ ڪيل آهي. قاضي صاحب پاڻ متوڪل علي الله هئا روزگار جي ڳڻتي يا فڪر ڪين لاحق نہ ٿيو. پاڻ بينڪ جي نوڪري بہ ٿوري عرصي لاءِ ڪيائون. پاڻ هڪ دفعي ذڪر ڪيائون بينڪ جي نوڪري لاءِ اسان کي اڪائونٽنٽي ۽ مئنيجري جو امتحان ڏيڻو پيو. جيڪو اسان هڪ وڏي اعزاز سان پاس ڪيوسين. پرجيئن تہ سندن ذهني لاڙوانسانيت جي ڀلائي ۽ خاص طور تي مسلمانن جي فڪري ۽ اصلاحي بيداري ڏانهن مائل هيو، ۽ تبليغ ۽ تدريس سندن محبوب مشغلو هيو. ان ڪري ان نوڪري کي ڇڏي ڏنائون. پاڻ حضور جي ان فرمان جي پيروي کي اوليت ڏيندا هئا تہ اوهان مان ڀلي ۾ ڀلو اهو شخص آهي جيڪو علم سکي ۽ سيکاري.
تبليغ جي سلسلي ۾ علامہ صاحب جو ڪتاب ”ڀوري ڇوڪري حق جي تلاش ۾“ (Adventures of the Brown Girl in her search for God) هڪ معرڪة الارا ۽ زبردست تخليق آهي.

هي ڪتاب برنادشا جي لکيل ڪتاب جي جواب ۾ آهي. برنادشا پنهنجي ڪتاب ۾ تقريبا سڀني مذاهب عالم تي تنقيد ڪئي آهي ۽ ان ۾ اهو ڏيکاريو اٿس ته ڪيئن هڪ ڪاري ڇوڪري خدا جي تلاش ڪري ٿي پر ان کي خدا ڪٿي به نه ٿو ملي. پاڻ مبلغ هجڻ کي وڏي اهميت ڏيندا هئا. پاڻ چوندا هئا ته آءٌ جڏهن انن سالن جو هئس ته آخوند عبدالحق جي مدرسي ۾ آذان چوندو هئس تنهن ڪري مان پراڻو بانگو مؤذن آهيان. مؤذن مان مراد حق ڏانهن سڏيندڙ آهي. واقع قاضي صاحب سڄي عمر حق ۽ سچ جي تبليغ ڪئي.

يورپ ۾ شادي ڪان پوءِ مسز ايلسا قاضي سان گڏجي مذاهب جي ارتقا متعلق تحقيق ڪيائون. جديد فلسفو هجي يا قديم هر ڳالهه کي قرآن ڪريم جي زاويه سان ڏسندا هئا ڪين قرآن فهمي تي وڏو درڪ حاصل هيو. پاڻ وڏن وڏن فلسفين جو باريڪ بينيءَ سان مطالعو ۽ مشاهدو ڪيائون پر اوليت امام غزالي کي ڏيندا هئا. مشرق ۽ مغرب جي طويل سفرن مطالعي، ۽ مشاهدي ڪان پوءِ به پاڻ قرآن ڪريم جي اهميت تي زور ڏيندا هئا ۽ سندن قرآن جو مطالعو، تفسير ۽ تشريح توجيه ۽ تاويل عمدي نرالي ۽ مثالي هوندي هئي ۽ پاڻ چوندا هئا ته قرآن ڪريم هدايت، فهم، تدبر ۽ بصيرت جو جامع ڪتاب آهي پر افسوس! جو ان مان تمام گهٽ نفعوحاصل ڪيو ويو آهي.

علامه صاحب جي تقريبا علم جي هر فيلڊ سان لڳا ۽ انس هيو. تاريخ، مذاهب عالم جو تقابلي مطالعو، فلسفو، سائنس، شاعري، آرٽ، تمدن، ادب، منطق، فلسفو، فقه ۽

تصوف جي گھرائپ تائين نظر هئي. وسيع مطالعي جي ڪري
کهڙي بہ ڏکئي مسئلي تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ مسلسل گفتگو
ڪندو هو. سندن ڪلام ۾ رواني ۽ نرمي هئي. سندس انداز
بيان شستہ ۽ شائستہ، دلنشين ۽ جاذب نگاهہ هو.

پروفيسر علي نواز جتوئي جي بقول تہ قاضي صاحب
کان هن هڪ دفعي زندگي جي متعلق سوال ڪيو تہ پاڻ ان جي
وضاحت ۽ جواب ۾ حافظ شيرازيءَ جو هيءُ بيت پڙهايائون:

توچشم بستي وگفتي کہ اين جهان خواب است
کشاي چشم کہ اين خواب خواب بيدار است

۽ چيائون تہ زندگي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ کان
اڳ زندگي کي خود سمجڻ گهرجي. نفسي زندگي متعلق دنيا
پئي فڪر ۽ غور ڪيو آهي ۽ ڪندي رهندي ان سلسلي ۾
حافظ شيرازي پڻ زندگي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.
حافظ شيرازي جي شخصيت کي هرماڻهو عزت جي نگاهہ سان
ڏسي ٿو. هو ايراني شاعرن جوسردار، عربي زبان ۽ شعر جو
وڏوماهرهو. اهو بہ جڏهن زندگي جي متعلق سوچي ٿو ۽ دماغ
سوزي ڪري ٿو تہ ان نتيجي تي پهچي ٿو:

کس نمي دانکہ منزل مقصود کجا است
اين قدر هست کہ بانگ جرس ميآيد

ان کان پوءِ ٿورو وقفو ڪري معذرت ٿوڪري

عيان نہ شد کہ چرا آمدم کجا بودم
دريغ دارد کہ غافل کار خويشم

مطلب تہ زندگي بغير مقصد جي نہ آهي. ڪو مقصد

ضروري آهي. پر افسوس جو هو ان ڪم کان واقف نہ آهي. غافل از ڪارخويشم قاضي صاحب چيو تہ اهو هو زندگي متعلق حافظ جو نظريو. ڪي وري انسان آهن جن جو خيال آهي تہ زندگي بي مقصد آهي. ان متعلق قرآن کان پڇون ٿا؟ اهو ڪهڙو جواب ڏئي ٿو؟ پهرئين قرآن خود سوال ڪري ٿو تہ: افحسبتم انما خلقنا کم عبثا" ڇا توهان کي گمان آهي تہ توهان کي اجايو خلقيو اٿون. وري جواب ٿو اچي پڙهندڙن کان "ربنا ما خلقت هذا باطلا" اي اسان جارب توهن کي باطل "اجايو" نہ خلقيو آهي. "ماخلقناکم السماءِ والارض لاعبين" اسان آسمان ۽ زمين کي راند لاءِ نہ خلقيو آهي.

مٿين آيتن سڳورين مان ثابت ٿيو تہ زندگي ڪنهن مقصد لاءِ آهي. جيڪڏهن اوهان کي شڪ آهي تہ زندگي جو ڪوبہ مقصد ڪونهي تہ پوءِ عرض آهي تہ اوهان مان بغير مقصد جي ڪو بہ ڪم ڪري ڏيکاري. جيڪڏهن انسان پنج منٽ غور فڪر ڪري تہ سندس مٿان اهو ظاهر ٿي پوندو تہ ڪوبہ ڪم، مقصد کانسواءِ ممڪن ئي نہ آهي. هي هيو علامہ صاحب جو زندگي متعلق نظريو. دين جي متعلق قاضي صاحب جن ارتقا جاقائل هو. سندن چوڻ هيو تہ دين اصل ۾ هڪ ئي آهي پران مختلف ارتقائي مرحلا طئي ڪيا آهن. جيئن جيئن انسانذات ترقي ڪئي تيئن تيئن نين ضرورتن کي منهن ڏيڻ لاءِ، قدرت جي طرفان سندن تعليم ۽ تربيت لاءِ پڻ تبديلي ايندي ويئي. جيئن جيئن انسانذات وڌندي ويئي ۽ پکڙجندي ويئي. اهڙي طرح نبوت جو بہ دائرو وڌندو ويو،اوائل ۾ خاندان گهومو خانہ بدوش هئا. پوءِ وري قوم جي حيثيت ۾ دريائن،

جي ڪنارن تي زندگي بسر ڪرڻ لڳا عين ان وقت، آريائي تهذيبون ايريون ۽ ڪين شريعتون يعني معاشرتي زندگي گذارڻ جا قائدا ۽ قانون مليا. جهڙوڪ حضرت موسيٰ جي شريعت جڏهن شريعت پنهنجو ڪم پورو ڪيو ته پوءِ وري اهڙا نبي آيا، جن انسان جي روحاني زندگي تي زور ڏنو. ڇوته قومون فردن، شخصن مان ئي جنم وٺن ٿيون. جيڪڏهن فرد درست ۽ صحيح آهن ته قومون به صحيح ۽ درست رهنديون ۽ بقابه حاصل ڪنديون پر جيڪڏهن ڪنهن قوم جا فرد ئي درست نه آهن ته پوءِ اهي قومون ختم ٿي وينديون. اهڙي صورتحال ۾ انبيائن تقويٰ، پرهيزگاري، نيڪ ڪمن کي زور وٺرايو. حضرت عيسيٰ اهڙن نبين مان هو. انهن جي تعليم کي "طريقت" به چئي سگهجي ٿو. آخر ۾ نبي صلي الله عليه وسلم آيا. انهن جي تعليم ۾ انسان جو شخصي، سماجي، سڏارو شامل آهي. اها اهڙي جامع تعليم آهي جنهن ۾ زندگي سان وابسته سڀ پهلو سمائجي وڃن ٿا، اهڙي طرح دين پنهنجي ارتقا ڪري تڪميل تي پهتو. هاڻي سوال هي پيدا ٿئي ٿو ته اسلام کانپوءِ دين جي ارتقا ڇونه ٿي ٿئي؟ ان جي باري ۾ علامه صاحب جن جو رايو هيو ته تڪميل کان پوءِ ارتقا ڇاجي؟ ارتقا تڪميل لاءِ هوندي آهي نه تڪميل کان پوءِ ارتقا.

انسان جو قدجمڻ کان پوءِ واڌ ڪائي ٿو ۽ بلوغت کان پوءِ ان ۾ واڌ هرگز نه ٿي ٿئي. جيترو قد بلوغت تائين رهيو اهو قد بلوغت جي آخري حصي تائين رهندو آهي جهڙي طرح دين به جڏهن ارتقا ڪري تڪميل کي پهتو.اهڙي طرح پوءِ آخر تائين ائين

رهندو. اهوئي سبب آهي جو نبي صلي الله عليه وسلم کان پوءِ نبي آيو، نہ ايندو.

انسان ذات جي رهبري لاءِ ڪامل ڪتاب فقط قرآن پاڪ آهي. دين اسلام جي ارتقا کي سمجھڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ اڳين مذهبن جي ڪتابن جو عملي جائزو ۽ مطالعو ڪيو وڃي ۽ تهذيبن جي تاريخ پڙهي وڃي ۽ ان کان پوءِ قرآن جيڪو انقلاب آندو ان کي سمجھڻ گهرجي. هندن، عيسائين، يهودين جي مخصوص طبقي کي اجازت هئي ڪنهن بہ ڪتاب پڙهڻ جي. پر اسلام ۾ هر مرد ۽ عورت تي علم حاصل ڪرڻ فرض ڪيوآهي ۽ قرآن اهو ڪتاب آهي جنهن مشاهدي ۽ تجربي کي علم جو ذريعو بڻايو.

قاضي صاحب پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ انگلينڊ هليا ويا. ٽئن سالن گذرڻ کان پوءِ ڪن دوستن جي اصرار تي واپس آيا. اپريل ١٩٥١ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جا پهريان وائيس چانسلر ٿيا. سنڌ يونيورسٽي جي ان وقت جي حيثيت فقط امتحان وٺڻ واري بورڊ جي هئي. قاضي صاحب، وڏي جدوجهد، جاکوڙ ۽ محنت کان پوءِ ان کي تعليمي يونيورسٽي بڻايو ۽ ڪيترن ئي شعبن کي پنهنجي نگراني ۾ شروع ڪرايو. هڪ دفعي قاضي صاحب سان سندس پٽيوالي پگهار جي گهٽ هجڻ جو ذڪر ڪيو ۽ چيائين تہ پگهار مان اصل پورت نہ ٿي پوي. ڪين ڏاڍو احساس ٿيو، بجيٽ تمام محدود هئي ان ڪري پنهنجي پگهار گهٽائي ڇڏيائون ۽ پٽيوالن جي پگهار وڌائي ڇڏيائون. هي هو قاضي جي غريب پروري جو عمدو مثال. قاضي صاحب جي شخصيت همہ گير هئي. ڪين الله تعاليٰ علم جي دولت سان

مالامال ڪيو هو. سندن جهڙي جامع الصفات شخصيت جي فيوض ۽ برڪات مان جن خوش نصيب انسانن فيض حاصل ڪيو انهن ۾ بين الاقوامي شهرت يافتہ، قانوندان، فلسفي مفڪر مسٽر اي ڪي بروهي هيو. جنهن قاضي صاحب جن متعلق چيو: ”تہ هن دور جو عظيم الشان انسان ايشيا ۾ رهي ٿو. ايشيا ۾ وري پاڪستان جي علائقي سنڌ ۾ رهي ٿو. سنڌ ۾ حيدرآباد ۾ رهي ٿو. خوشنصيب آهن حيدرآباد جا رهواسي جن وٽ علامہ قاضي رهي ٿو.“ پر افسوس جو اڄ دنيا جو اهو عظيم ترين انسان اسان وٽ موجود نہ آهي. جناب حبيب الله صديقي جي بقول تہ جيڪڏهن حسن علي آفندي مرحوم ۽ قاضي صاحب جن نہ هجن ها تہ سنڌي مسلمان جديد تعليم کان هرگز واقف نہ ٿين ها.

قاضي صاحب جي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي عهدي تان استعفيٰ ڏيڻ جو سبب، ملڪ ۾ مارشلا جو لاڳو ٿيڻ ۽ سنڌ جي مارشلا ايڊمنسٽريٽر جي يونيورسٽي جي ڪمن ۾ مداخلت ڪرڻ هيو.

# علامه صاحب جا خط

## محترم جي ايم سيد ڏانهن

٢٦ ڊسمبر ١٩٤٣ع تي آل انڊيا مسلم ليگ جي ساليانيِ اجلاس وقت استقباليه ڪميٽي جي صدارتي خطبي ۾ قاضي صاحب هينئن طرح مواد ڏنو.

### خط نمبر ١

شاهه صاحب

فطرت هن زمين جو ماضي نهايت شاندار ڪيو هو ۽ اسان کي اميد آهي ته ان جو مستقبل به اهڙو ئي روشن ٿيندو. ڪيترين ڳالهين ڪري هن زمين جي تاريخ بي نظير پئي رهي آهي. اها قديم تهذيبن جو آشيانو هئي، جنهن جي ثابتي موهن جي دڙي جي آثار قديمه مان ملي سگهي ٿي. هيءَ ئي سر زمين آهي، جتي دنيا جا ڪيئي نسل گڏجي ملي جلي ويا. دراوڙ، آريا، سامي، منگول نسلن جا نشان هتي آسانيءَ سان ڳولي سگهبا. نه صرف نسلن جو ميل جول هن زمين ۾ ٿيو، ليڪن مختلف مذهبن ۽ انهن جي فلاسافين جو هڪٻئي تي اثر

۾ ميلاپ ٿيو. هتي جهڙو ٻيءَ جاءِ تي ڇٽو ٿيو هوندو. ٻڌ ڌرم جيتوڻيڪ وچ هندستان ۾ پيدا ٿيو، ليڪن اهو وڌيو ويجهيو هن سرزمين ۾. هتي جي رهاڪن مهاتما گوتم جو نفيءَ وارو سبق اجا نہ وساريو آهي. جڏهن اسلام هن سر زمين ۾ پير پاتو، تہ ٻڌ ڌرم اجا مروج هو، اسلام صرف اڳينءَ تعليم ۾ اثبات جو اضافو ڪيو. ويدانيت ۽ وحدانت جا فلسفا ۽ متا هتي ئي هڪٻئي تي اثر انداز ٿيا. هڪ طرف وحدانيت هندو يوگيءَ تي اثر وڌو ۽ بت پرستيءَ کي گهٽايو، تہ ٻئي طرف مسلم درويشن سنياس مان سبق ورتا ۽ راڳ کي تصوف جو جزو بنايو، هندو مسلم عقيدا باهمي، سمجهہ ۽ رواداريءَ سان هڪٻئي جي نزديڪ اچڻ لڳا. گرونانڪ جي سکيا انهيءَ ميل جول جي نچوڙ جو مکيہ مثال ۽ نتيجو آهي.

مسلم صوفين هن ملڪ ۾ شاهہ لطيف جي سرڪردگيءَ هيٺ مذهبن جي بنيادي اتحاد جو پرچار ڪري مختلف مذهبن جي پوئلڳن ۾ محبت ۽ رواداري پيدا ڪئي، جنهن جو عملي ثبوت هتي جي هندو مسلم رهاڪن جي باهمي خوشگوار تعلقات مان ملي سگهندو.

هندستان جي ٻين حصن وانگر ڇوت ڇات جو مرض سنڌ ۾ ڪوليو بہ نہ ليندو. قدرت هن ملڪ کي واپار جي ذريعي، جنهن جو مرڪز ساموندي رستي ديبل جو بندر هو ۽ خشڪيءَ رستي بخارا ۽ سمرقند هو، دنيا جي گهڻي حصي سان ڳنڍي ڇڏيو هو. جنهن ڪري واپار سان گڏ مختلف ملڪن جون تهذيبون هڪٻين تي هن ملڪ ۾ اثر انداز ٿيون.

هن ملڪ جي زرخيزي گهڻن ئي نسلن کي هتي لڏي

اچڻ لاءِ ترغيب ڏني، جن اچي ان کي پنهنجو وطن بنايو. ان بابت آثار قديمہ ۽ تاريخي ڪتاب ڪافي معلومات ميسر ڪن ٿا. سياسي نقطي نگاهہ کان هيءَ زمين ڪيترين ئي ڏرين جي ان تي قبضي حاصل ڪرڻ لاءِ، ميدان ڪارزار پئي رهي آهي. هن سر زمين جي شادابيءَ ڪيترن ئي طاقتور قبيلن کي هن طرف اچڻ لاءِ حرصايو. پوءِ ڪي ان کي ڦري لٽي موٽي ويا ٿي، تہ ڪي وري هتي رهي پيا ٿي، ۽موٽي وڃڻ تي دل نہ پئي ٿين. اهڙي طرح هر دور ۾ هتي نوان نسل تازي رت ۽ تازي ولولي سان آباد ٿيندا پئي رهيا آهن. سرسري نظر وجهڻ سان هتي بابل، مصر، ايران، يونان، عرب ۽ افغانستان جا سياسي ۽ ڪلچرل اثر زياده نمايان صورت ۾ ڏسڻ ۾ ايندا.

هن زمين جي قديم شان شوڪت جو ذڪر صرف معزز مهمانن جي حافظي تازي ڪرڻ جي ارادي سان ڪو نہ ٿو ڪجي، ليڪن اصل مقصد هن سر زمين جي روشن مستقبل بابت چند تجويزن پيش ڪرڻ جو آهي.

انسانذات ابتدائي زماني کان وني، مختلف ارتقائي دور طي ڪندي، آخري مقصد انساني وحدت خيال ۽ عمل طرف وڌي رهي آهي. ان جي مختلف گروهن جي مذهبي، سياسي ۽ اقتصادي تحريڪن ۽ ڪوشش ان منزل مقصود کي پهچڻ لاءِ جدا جدا طريقن ۽ واٽن جوڪم پئي ڏنو آهي. تاريخ جو هر ورق ان ارتقائي جدوجهد جي مثالن سان پرپور آهي. شروعات ۾ ماڻهو ننڍين ننڍين ڪٽنبن ۾ ورهايل هئا. ٿوري وقت گذرڻ بعد اهي ڪٽنب وڌي ويجهي، قبيلن جي صورت اختيار ڪري ويا. آخر اهي قبيلا ملي قومون بڻيون.

ماڻهن جي وچ ۾ باهمي اتفاق ۽ ميلاپ جا مختلف بنياد پئي رهيا آهن. جاءِ رهائش، زبان، زندگيءَ جو طريقو ۽ خيالات انهن مان مکيه آهن.

جيئن وقت گذرندو ويو تيئن هن باهمي اتفاق ۽ ميلاپ جي پيدا ڪرڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ مادي طريقن جي بنياد جي اهميت گهٽ ٿيندي ويئي ۽ مختلف نمونن ۾ باهمي اتفاق لاءِ خيالات جي بنياد جي اهميت وڌڻ لڳي.

سگهوئي عرب جي سر زمين مان پيدا ٿيل آواز نئين سر خيالات جي بنياد تي اتحاد انساني جي تعمير ۾ تازو روح ڦوڪيو، انهيءَ ڪري نسل، رنگ، طريقہ زندگي، جاءِ رهائش، زبان وغيره پنهنجي طاقت وڃائڻ لڳا. جيتوڻيڪ ابتدائي جوش ۾ اهو آواز دنيا جي مختلف حصن ۾ پکڙي اثر پذير ٿيڻ لڳو، ليڪن ٿوري وقت گذرڻ بعد بهرحال قديم مادي طريقن طرف موٽڻ لڳا. ٻين کي ڇڏي خود مسلمانن ۾ ساڳين مادي تفاوتن ويڇو وجهڻ شروع ڪيو. ٻئي طرف مغربي ملڪ وري مادي بنياد تي پيدا ٿيل نئشنلزم جي باهمي جنگ وجدال مان ڪڪ ٿي، امن عالم قائم ڪرڻ جي خيال کان ڪنهن بين الاقوامي جوڙجڪ جي ڳولا ۾ آهن، جنهن جو بنيادي مدار مادي طريقي اتفاق کان مٿي چڙهي، ڪن نظرياتي طريقن تي منحصر هجي. ”آئيڊيالاجيز“ يعني نظريات اڄڪلهہ چو طرف فيشن بنبا وڃن، پر اهي نظريا اهڙا ناقص آهن، جو اهي امن آڻڻ جي عيوض مورڳو زياده فساد جا ڪارڻ بنجي پيا آهن. جزوي حل، جدا جدا نالن ۾، عارضي عرصي لاءِ مستعد رهڻ کان پوءِ تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي پرکجڻ بعد از خود بيڪار

بنجيو پون.

جيتوڻيڪ عالمگير برادري ۽ اتحاد جي ابتدا شروع ٿي چڪي آهي، ليڪن جيستائين مختلف سياسي، اقتصادي ۽ مذهبي نظرين جي اختلاف مٽائڻ لاءِ حل ڳولي نہ لڌو ويو آهي. دنيا ۾ دائمي امن ۽ ماڻهن ۾ حقيقي اتحاد قائم ٿيڻ مشڪل پيو نظر اچي. انهيءَ حل ڳولي لهڻ لاءِ خاص ماحول ۽ تاريخي روايتن هيٺ ذهني تربيت جي حاصلات هڪ لازمي شرط آهي.

انهيءَ مشن جي سرانجاميءَ لاءِ سنڌ ديس جا رهاڪو زياده موزون آهن. قديم تاريخ جا دفتر ان جا گواهہ آهن تہ ڪيئن نہ هتي مختلف نسل، تهذيبون، مذهبي فلسفا ۽ سياسي طريقا ملي جلي يڪرنگي اختيار ڪري سگهيا آهن.

دنيا جي نئين تعمير لاءِ، جنهن ۾ مشرق ۽ مغرب جا ويچا متجي هڪ وحدت ۾ گڏجڻا آهن، سر زمين سنڌ ڪي خاص پيغام پيش ڪرڻو آهي. مون کي هن انڌوڪار جي زماني ۾ بہ ڪي روشنيءَ جا ترورا نظر اچي رهيا آهن. هن جسماني ولوڙ بعد ذهني مکڻ هتان ئي نڪرڻو آهي.

جيڪڏهن رشيا ۽ آمريڪا، باوجود مختلف سياسي ۽ اقتصادي مقصدن ۽ مرادن لاءِ گڏجي ڪم ڪري سگهن ٿا تہ ان ۾ ڪهڙي ڏکيائي آهي تہ ملڪ خضر حيات ۽ چوڌري چوٿورام گڏجي ڪم ڪري نہ سگهن. سنڌ جا رهاڪو نہ صرف هندستان جي اتحاد جا طالبو آهن، بلڪ اتحاد عالم ۾ اعتقاد رکندڙ آهن. پر انهيءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ طريقا عارضي ۽ مصنوعي ڪتب آڻڻ بدران باهمي سمجهوتي،

تاريخي حالات ۽ ضروريات پٽاندڙ اختيار ڪرڻا آهن.

خدا اسان کي شل سنئين راھ ڏيکاري. پر جيڪڏهن سر زمين سنڌ جا رهاڪو هندستان جي صوبن جي تنگ نظريءَ کان پاڻ بچائي ڪو حل ڳولي نہ سگهيا، تہ ان جو نتيجو باهمي نفاق ۽ خطرناڪ صورتن ۾ نمودار ٿيندو.

مون کي اميد آهي تہ سنڌ جي رهاڪن جي ڪثرت پيدا ٿي، دنيا جي تعمير نو ۾ حصي وٺڻ خاطر، انهن غلط ۽ نقصان ڪندڙ خيالن کان پاسو ڪندي.

٢٢ اولڊ براڊ اسٽريٽ لنڊن ٢
ڊسمبر ١٩٣١ع

## پيارا شاھ صاحب

گهڻو وقت گذريو آهي تہ خط ڪو نہ لکيو اٿئي، اڄ وزير اعظم برطانيہ سنڌ کي جدا صوبي بنائڻ جو اعلان ڪيو، پر ان (جوابداري پوڻ جو) ڪنهن کي احساس آهي؟ (سنڌي) مسلمانن کي سندن ڪاهليءَ، جهالت ۽ فضول خرچيءَ تي شرم ڪو نہ ٿو اچي. اسلام جو شاندار نالو نااهل ماڻهن لاءِ ڏک ڪري ڪتب آندو وڃي ٿو. جي صرف نالي جا مسلمان آهن، اسان کي ٻئي ڪنهن سان بہ جيهڙو نہ ڪرڻو آهي، صرف ڪاهليءَ سان ڪرڻو آهي. جنهن مان جسم، دل، روح ۽ سنڌ کي نقصان پهچي ٿو. ان مان منهن جو مقصد، خدا جي عطا ڪيل نعمتن جن مان زمين بہ هڪ آهي، ضايع ڪرڻ آهي. آءٌ ٻڌان ٿو تہ سنڌ جا هندو مسلمان هڪ ٻين کين نقصان پهچائڻ گهرن ٿا. مهرباني ڪري مون کي ان بابت صحيح حقيقت موڪل ڇاڪاڻ تہ ان بابت احوال معلوم ڪرڻ واسطي مون

ڪيترن ڪان لکي پڇيو آهي، پر ڪتان به جواب ڪو نه پهتو اٿم. ان ڪري مون کي شڪ پيدا ٿئي ٿو. تنهن ڪري سموري ڳالهه لکي موڪل. ڇا بيئي ڌريون پاڻرن وانگر رهي نٿا سگهن، سواءِ خالي ڊگهين دعوائن ۽ خالي بڻاڪن هٽڻ جي. ڇا تعليم يافته هندو مسلمانن کي تعليم ڏيڻ سا عملي پائيپيءَ جو مثال پيدا ڪري ٿا سگهن؟ ۽ مسلمان انهن جي هر طرح خدمت ۽ محبت سان ڪين ويجهي آڻڻ جي ڪوشش ڇو نٿا ڪن؟ ماضيءَ جي ڳالهين ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو! ڪين صرف صوفي ازم ۽ يوگ جون ڳالهيون ڪهڙو فائدو پهچائينديون! حال کي درست ۽ مستقبل کي روشن ڪرڻ لاءِ ٻنهي ڌرين کي عملي ثبوت ڏيڻ گهرجي.

آءُ توکي ڪراچيءَ جي ائڊريس تي خط لکان يا سن جي؟ تڪڙ ۾ لکڻ لاءِ معافي طلب، هن دفعي خط سنڌيءَ ۾ لکي موڪل، جنهن ۾ گذريل انن مهينن جي سنڌ ۾ سرگذشت جو احوال تفصيلوار لکي موڪل، مون کي ان طرف جي ڪا به صحيح خبر ڪا نه ٿي پهچي.

تنهنجو
امداد قاضي

## خط نمبر ٣

معرفت امپريل بئنڪ آف
انڊيا لنڊن ١٩٣١ع

پيارا شاهه صاحب

تنهنجا به خط يڪي بعد ديگر ساڳئي هفتي ۾ پهتا،

مون کي تو وٽان خطن جي وقت اندر جواب نہ اچڻ ڪري تعجب پئي ٿيو. هاڻ پتو پيو تہ ان جو سبب هندستان جي سير لاءِ ٻاهر وڃڻ هو. مون کي هيءَ ڳالهہ معلوم ڪري خوشي ٿي آهي تہ تون هندستان جو سير ڪري آيو آهين. قرآن ان لاءِ خاص تاڪيد ڪيو آهي تہ "فانتشروا في الارض وبتغوا" ڪو دور هو، جو مذهب سمندن تي سفر ڪرڻ کان منع ڪئي هئي. جيئن ويدڪ مذهب ڪيو هو. ان معاملي ۾ "لکل اجل ڪتاب" جي صداقت معلوم ٿئي ٿي. سڀ ڪنهن دور جي تقاضائن مطابق مذهب جدا حڪم ڏنا آهن، جن جي مڃڻ لاءِ خاص راز رکيل هو.

اسان جو گانڌي ڪيترن انگريزن، يورپين ۽ آمريڪن کي پسند پوي ٿو. هي ان جو لائق آهي. مون کي سندن لاءِ هندن کان گهٽ پيار ڪو نہ آهي. هي هر ڳالهہ ۾ عزت جو لائق آهي.

تون پيو لکين تہ هاڻي غريب مسلمانن جو ڪهڙو حال ٿيندو! حيف آهي انهن کي مسلمان سڏائي حقيقت ۾ مسلمان نہ آهن. مسلمان غريب ٿئي، اها ڳالهہ ناممڪن آهي. انڪري مون کي عزت ماب گرونانڪ جا لفظ ياد پون ٿا

"مسلمان ڪهاوڻ مشڪل هووي"

سندن اها مصرع نهايت پر معنيٰ آهي، مسلمان ڪير آهي؟ مسلمانيءَ جي پد تي پهچڻ ڪيڏو نہ مشڪل ڪم آهي! تنهنڪري گرو صاحب جن فرمائين ٿا تہ مسلمان تڏهن سڏاءِ جڏهن صحيح طور تي مسلمان ٿيو هجين. هي قول آهي سک پنٿ جي بانيءَ جو. ڇا مسلمان ۽ سک سندس انهن لفظن جي

معنيٰ پروڙي سگهيا آهن؟ نہ، سک پاڻ مسلمانن جا وڏا دشمن ٿي پيا آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي گرونانڪ جي پيروي نٿا ڪن. اڄڪلهہ جو اڪثري مسلمان پيو ڪجهہ بہ هجي، پر مسلمان نہ آهي. وڏي ٻروڏي دعا جا پيغمبر اسلام گهري، سان اها هئي تہ" يا خدا مون کي سچاڻپ ڏي!" اسان مان ڪير ان جو ڳولائو آهي؟ خسيس خواهش اسان کي ويڙهي ورتو آهي، "والعصر" گهڻن پڙهي هوندي،پر ڪن ٿورن کي پتو هوندو تہ "والعصر" جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟ اها هيءَ آهي تہ "زماني تي غور ڪريو"! ان ڪان حڪم ڏنل آهن تہ ڪهڙي طرح وقت "عمل الصالحات، وتواصو بالحق وتواصو بالصبر" ۾ گذارڻو آهي. تنهنڪري وقت ڏنل حڪم مطابق صرف ڪرڻو آهي. ٻيءَ صورت ۾، "ان الانسان لفي خسر" ماٺهو ڇيئي ۾ پوندو.

منهنجا وطني ڀائر، جي پاڻ کي هندو سڏائين ٿا، تن مان ٿورن کي سندن تاريخ ۽ حڪمت جو پتو آهي. ڪم از ڪم مون کي تہ ديوان ڏيارام کان سواءِ ٻيو ڪو ڏسڻ نہ آيو آهي. ٻئي طرف مسلمانن کي سندن مذهب جي گهٽ خبر آهي. سک تہ سندن مذهب کان قطعي اڻ واقف آهن. ان حالت ۾ منجهن ڪهڙيءَ طرح اتحاد، امن ۽ ترقي ايندي. هلڻ کان اڳ روشني جي ضرورت آهي. اسان سڀ اهڙيءَ تهہ اونداهيءَ ۾ ڦاٿا پيا آهيون، جو روشنيءَ جي وجود کان بي خبر ٿي ويا آهيون. روشني " الله نور السموات والارض" جي سڃاڻپ آهي.

معرفت امپريل بئنڪ آف انديا
لنڊن اولڊبراڊ اسٽريٽ
E.C ۱ جولاءِ ۱۹۳۱ع

## خط نمبر۴

پيارا شاهہ صاحب

تنهنجو پيار پريو خط پهتو، تنهنجي محبت سان پريل طبيعت منهنجي لاءِ هميشہ باعث امنگ (Inspiration) رهي آهي، تنهنجو خط ٻہ دفعا پڙهڻ بعد ان جي اندروني معنيٰ سمجهي سگهيو آهيان. آءٌ سمجهان ٿو تہ اسان سان سن ۾ رهڻ ڪري توکي ٻہ موجوده سياسي ۽ سماجي ڪاروبار کي ترڪ ڪرڻو پوندو. ائين آهي ڇا؟ ها، سن ۾ رهڻ مون کي پسند پوندو.

مون کي سنڌي مسلمانن جو ماضي اجا دل تي تازو آهي، جيتوڻيڪ هن وقت اهو خاڪ ۾ مليل آهي.

غلام مرتضيٰ، مرتضيٰ جو غلام ٿيڻ دنيا جي وڏي ۾ وڏي شهنشاهيءَ کان بالاتر آهي. محمد صلعم کهڙو نہ سهڻو نالو آهي. حيف آهي دنيا کي پنهنجي وڏي ۾ وڏي محسن کي وساري ويٺي آهي. هي دنيا محمد صلعم کان اڳ هڪ تنگ وتاريڪ جهنگل مثال هئي، جنهن مان ڪو بہ رستو روشنيءَ طرف نينڊڙ ڪو نہ هو.

وصلي الله عليٰ نور کزوشد نورها پيدا

ڪهڙيءَ طرح نہ هڪ اڏ پڙهيل سنڌي شاعر مدح ڪئي آهي.

جڏهين ڄايو محمدا تڏهين ڏيپ لهي ويو ڏاءِ

لٿو انڌارو عالم تان ٿيو سوجهرو صفا

افسوس ته اڄ ان محمد جا پوئلڳ ئي آهن، جي پاڻ وڏيءَ اونداهيءَ ۾ ڦاٿل آهن. جن ڪجهه وقت اڳ ساريءَ دنيا جي رهبري ڪئي ٿي.

منهنجا پيارا پاءُ. منهنجي اچڻ ڪري توکي تڪليف ته ڪانه ٿيندي؟ ڇا ان ڪري توکي پنهنجا موجوده سماجي ڪم ڪار جن ۾ تون مشغول آهين، ڦٽا ڪرڻا ته نه پوندا؟ آءُ توکان ڪا به قرباني منهنجي خاطر ڪرائڻ نٿو چاهيان. تون مون کي سڃاڻين. مون لاءِ اها وڏي ڳالهه نه آهي ته صرف چادر ويڙهي رهي سگهان. ورهين جا ورهيه ائين ڪيو اٿم، ۽ منبر تان بانگون ڏنيون اٿم، آءُ پراڻو موذن آهيان. مون انن ورهين جي عمر ۾ ائين ڪيو هو. اهو منهنجو ورثو آهي. جهڙو تنهنجو، پر مون کي دنيا جو زياده تجربو آهي. توکي اڃان تجربي جي ضرورت آهي.

هي جي لياڪا لوڪ جا، جان جان سي نه لٿاءِ،
تان تان ٿئي نه ماءِ، پورو پسڻ پرينءَ جو.
(شاهه)

آءُ هيءُ انتظار ڪري ايڏانهن اچڻ جي تياري ڪري رهيو آهيان. جيڪڏهن مون کي ڪا به شيءِ اچڻ کان روڪيندي ته پهرين هندستان ۾ هندو مسلمان ڇڪتاڻ ۽ ٻيو تنهنجي خط مان نااميديءَ جي جهلڪ، جيئن تنهنجي خط مان ظاهر ٿئي ٿو ته منهنجي خدمت ۾ رهڻ ڪري توکي پنهنجا سماجي ڪم ترڪ ڪرڻا پوندا، جن مان تون مشغول آهين ۽ جن جي ڪرڻ لاءِ تنهنجي دل گهربو پئي. پر فڪر نه آهي اسان

تنهنجي سهوليت خاطر ڪجهه وقت ڪراچيءَ ۾ به رهنداسون.
ڪڏهين ڪڏهين تربيت ڏيڻ خاطر ٻاهر نڪرنداسون ۽ اتي رهي ڪم ڪنداسون پوءِ جنهن کي سکڻ لاءِ مڪتب ۾ اچڻ جي خواهش هوندي، اهو ڀلي اچي، ائين نيڪ آهي يا نه؟ خدا شل اسان کي ڪن مخلص ماڻهن کي صحيح تربيت ۽ تعليم ڏيڻ جي توفيق عطا فرمائي- مون کي پنهنجي خيالات کان جلد واقف ڪر.

توکي منهنجي ضروريات بابت خوف نه ڪرڻ گهرجي. مون کي هڪ صفا ڪمرو ۽ تمام ٿوري ٻين شين جي ضرورت ٿيندي. مون تنهنجي وڏن جو جذبو دل ۽ روحاني روشنيءَ جي جهلڪ تو ۾ ٻرندڙ ڏٺي آهي. سن انشاءَالله، "نور مرتضيٰ" جي ڪري وڏو ٿي چمڪندو.

خدا جون برڪتون سدائين توتي وسنديون رهن.

## خط نمبر۵

شي آف ناگپور سٽيزواهه
۱۳ مارچ ۱۹۳۱ع

پياراشاهه صاحب

جيڪڏهن اسان سنڌ ۾ وري موٽي آياسون، ته ان جو ڪارڻ صرف تون هوندين. منهنجا پيارا دوست، توکي ڏسي دل کي راحت ٿي اچي. پر پنهنجو پاڪ (Noble) جذبو قائم رکندو اچج. متان (Self centered) (آءُ وارو) ٿي خوديءَ جو تهه چاڙهين. ان کان وڌيڪ حق ۽ حسن جي آڏو ٻيو ڪو به حجاب (پردو) نه آهي. مون ۽ آءُ کان پري رهج. " پاٿان پاسي ٿيءُ" جو سبق سکڻ گهرجيئي. ان کان پوءِ اها شخصيت (Individu-ality) پيدا ٿيندي،

جا از دل تـنـگ گنهگار بـر آرم آهـے
کـے آتش اندر خرمن آدم هـوانگـنم-

جو ڪم ڏيندي.

هتي اسـان جي هڪ طرف حـجاز ۽ ٻئي طرف سـوڊان آهي. ٻه ٽي ڪلاڪ اڳ اسان براس محمد، تان گذرياسون، جا سينا جي اپ ٻيٽ جي ڏکڻ ڪنڌ ۾ آهي. عقبا ٻه اتي آهي.

جيـتـرو آءُ غور ڪريان ٿـو اوترو طوفـان خيـز "(راس) محـمد" جو نظارو مون تي اثر انداز ٿئي ٿو. "يا خدا آءُ توکي محمد صلعم کانسواءِ سجاڻان ئي ڪو نه ها" اهي ٻي ٻي رابع بصريءَ جا چيل لفظ اڄ ٻه مون لاءِ اهائي معنيٰ رکن ٿا. جهڙي ٻي ٻي صاحبه وٽ رکندا هئا. جيڪڏهن ڪو محمد صلعم کي پوريءَ طرح سجاڻي، ته پوءِ ٻئي مرشد کان آزاد ٿي وڃي ٿو. حافظ فرمائي ٿو ته:

ما مريدان خدائيم، خدا رهبر ماست

منهنجا پيارا دوست، خدا تنهنجو نگهبان ٿئي، خدمت خلق لاءِ جدوجهـد ڪر. چاڪاڻ ته جدوجهـد (عـملن) جوئي انعـام ملندو آهي. جلد رات اچي ٿي، جڏهين ڪو ٻه ڪم ٿي نه سگهندو. فـڪـر عـمل يا جيـڪي ٻيو چوڻ ۾ اچي ٿـو، سـو سڀ پاڻ سجاڻڻ ۾ مضمر آهي. فرد عمل ڪري ٿو "پاڻ" کي مـڪـمل ڪرڻ لاءِ. پاڻ کي دوئيءَ جي بند مـان آزاد ڪرڻ عـمل صـالح ۾ لڪل آهي. "عـمـلا صـالحـا" توکي حـسن ازلي جي نزديڪ آڻيندو. اهو حـسن صـرف من حـجاب ورائي کـان ٻاهر ڏسي، سگهبو. اهو حسن نور آهي. جنهن کي اسان علم نالي

سان تعبير ڪريون ٿا، سو پاڻ سجاڻڻ آهي. ”پاڻ“ مڪمل ٿي نہ سگهندو، جيستائين ”پاڻ“ ڪي سڃاتو نہ ويو آهي. جڏهن ”آئون“ گم ٿي وڃي ٿي، تہ پوءِ ئي اسلام مڪمل ٿئي ٿو. تنهان بعد حسن تنهنجي هنج ۾ اچي پوندو. هي سڀ تنهنجي لاءِ آهي. سلام عليڪ- جواب ۾ پنهنجو سارو احوال موڪليندو ڪر، ڪوشش ڪري لالچند جڳتياڻيءَ کي سنڌ مدرسي ۾ ماستري وٺي ڏي. هن کي ملسمانن لاءِ محبت آهي. سنڌن بهترين خدمت ڪري سگهندو.

-اولڊ براڊ اسٽريٽ E.C
لنڊن ۱۴مئي ۱۹۳۱ع

## خط نمبر ٦

پيارا شاهہ صاحب،

تنهنجو پيار ڀريو خط بہ ڏينهن اڳ پهتو، هتي پهچڻ بعد اهو پهريون خط هو،جو پهتو، جنهنڪري دل کي پاڻ وڏيڪ خوشي ٿي. ان هن چوڻيءَ جي صداقت ظاهر ڪئي تہ:

”دل را بدل ست راهي“

خط پهچڻ کان ٿورو اڳ اهو خيال دل تي آيو هو تہ سن ۾ اچي تو وٽ رهي، ان مرڪز تان مخلص ڪارڪنن جي تربيت ۽ تعليم جو ڪم ڪريان. منهنجون گهرجون تمام ٿوريون آهن. منهنجي رهڻ لاءِ هڪ حجرو (ننڍو روم) ڪافي ٿيندو. اهڙي جاءِ هجي، جتي پکي بہ پهچي نہ سگهي. ان روم کي آءُ ڪپڙو ڪري ڪتب آڻيان. ڪپڙن (روم) اندر ماٺهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪا نہ ڪندا. گهر منهنجي لاءِ بدن مٿان بيو ڪپڙن جو وڳو آهي. اهو بدن کي گرميءَ ۽ ٿڌ کان ڍڪي ٿو. جهڙيءَ طرح ڪپڙا ڍڪن ٿا. ڪپڙا ۽ گهر هڪجهڙو ستر

ڏين ٿا. قرآن شريف زال کي ڪپڙن سان تشبيھ ڏني آهي. اهو هڪ قدم وڌيڪ يعني ڪل ڪان اندر طرف جو ويس آهي. گھر هڪ ٻگري ڪپڙن ڪان مٿي آهي. پر سڀئي ڍڪ آهن. جنگ جي زماني ۾ هٿيار بہ ڍڪ آهن. قوم وري گھر ڪان بہ مٿي وارو وڳو ۽ ڍڪ آهي.

ٻين لفظن ۾ هي پردا حق مٿان آهن. جيئن قرآن شريف چوي ٿو تہ ” تون حق (خدا) کي من ورائي حجاب (پردن پويان) ڏسي سگھندين. غزالي عجيب نموني ۾ نور حق تي پردن مٿان پردن جو ذڪر پنهنجي تفسير ” مشڪوات الانوار“ ۾ ڪري ٿو. اهڙي طرح ڪپڙن يا پردن هيٺ ساري دنيا ڇپي پئي آهي. ڪارلائل جڏهن ”سارتوس، ربسارتوس“ جو لفظ ڪتب آڻي ٿو، تہ ان مان سندس مطلب حجاب هو. گذريل جنوريءَ ۾ مون حيدرآباد جي ميٽنگ ۾ ان مسئلي تي ڳالهايو هو. پر ڪن ٿورن سمجھيو هوندو.

ڏس آءُ ڪٿي ڪان ڪٿي اچي پهتو آهيان. مون تنهنجي سن واري روم کي ڪپڙن طور ڍڪي، سنڌين سان ڳالهائڻ گھريو ٿي، تنهنجي زرھ هيٺ ڇا، اهو توکي قبول آهي؟ سنڌ ۾ صرف تنهنجي زرھ ڍڪي ڪم ڪري سگھان ٿو. ٻيو ڪو بہ مون کي نهڪي نہ ايندو. ڳالھ صاف ڪئي اٿم يا نہ؟ اهو صرف توتي عيان آهي. ٻين جي اکين ڪان مخفي آهي. ڇاڪاڻ تہ صرف تنهنجي دل کي آءُ پنهنجي دل جو ڍڪ بنائي سگھان ٿو. منهنجي زندگيءَ جي اها بهتر گھڙي هئي، جڏهن ڪان تو سان ملاقات ٿي، توکي پنهنجو ڪري سمجھان ٿو- عزيزن ڪان بہ وڌيڪ. ڇاڪاڻ تہ دنياوي عزازتن ڪان منهنجي روح تنهنجي

روح ۾ سمائجي ڊڪ ورتو آهي، جنهن مان اهو راحت ۽ گرمي دل حاصل ڪري ٿو، ۽ ان ۾ ٿي خلوت (Privacy) حاصل ڪري ٿو.

مسلمان قرآن پڙهندا يا نہ؟ ڪاش هنن کي پتو پوي تہ دنيا جي واهيات (حقير) شين لاءِ کهڙي وڏي خزاني کي وساري ڇڏيو اٿن.

جيڪڏهن تون (٢٠) ويهہ پيار پريا، اصيل ماڻهو قرآن سکڻ لاءِ گڏ ڪري سگهين، تہ آءٌ اتي اچي تو وٽ رهان. آءٌ پنهنجي پياري زال هڪ سال لاءِ هتي ڇڏي اچان. قبول آهي؟ دنياوي آرام ۽ بي آراميءَ جو مون کي فڪر نہ آهي. صرف جانور کي زنده رکڻو آهي. چاڪاڻ تہ سفر ڏکيو ۽ جابلو آهي. ان جي طئي ڪرڻ ۾ سهڪو ونيو وجي ٿو.

توکي وري وري لکڻ گهران ٿو، پر صفحن جا صفحا جي لباس بابت لکڻ چاهيان ٿو، ان تي ڊپ ٿو ٿئيم تہ متان تنهنجي صبر کي ٿڪائي ڇڏيان. تنهنڪري صبر ڪريان ٿو. جلد خبر موڪل تہ ان تجويز بابت تنهنجي راءِ ڇا آهي.

مون کي گهٽي خواهش هئي تہ ٿياسافسٽن سان گڏجي ڪم ڪريان. پر مون کي تجربي بعد معلوم ٿيو تہ جيتوڻيڪ هو چون ٿا تہ "سچ سڀني مذهبن کان مٿي آهي" پر حقيقي سچ جو اظهار ڪين ڪاوڙائي ٿو. اهي سچ کي ڦيري گهيري پنهنجي معنيٰ ۽ مطلب ڪڍن ٿا، ٿورن لفظن ۾ هو ٿياسافيءَ کي وري هڪ نئون قومي ۽ دستوري فرقو بڻ فرقن وانگر بنائڻ گهرن ٿا ۽ ان کي مذهبي عقيدي ۽ نظام جي شڪل ڏيڻ گهرن ٿا. اها ڳالهہ ممڪن آهي تہ سنا تني مٿي وارن کي قبول

پوي، پر (راسخ العلم) مسلمان کي قبول نہ پئي سگھندي.
ٿياسافيءَ اها ڪوشش ڪئي آهي تہ پاڻ کي مختلف ماٿهن جي رضامندي مطابق پيش ڪري، پر ان مسلم تصوف کي سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. ٿياسافيءَ کان وڌيڪ مسلمان هڪ ڪتاب ۾ پاڻ وٽ خزانو رکن ٿا.
ڇا هو (منهنجي ڳالهہ) ٻڌندا يا نہ؟ هنن کي ڪن آهن يا نہ؟

والسلام

امداد قاضي

# شمس العلماء علامه محمد دائود پوٽو

ممتاز اسڪالر، اديب، دانشور، ماهر لسانيات، محقق، محب وطن، ايماندار، بي خوف، صاحب تقويٰ شمس العلماءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، اربع ڏينهن ٢٥ مارچ ١٨٩٤ع ۾ دادو ضلعي جي ڳوٺ ٽلٽيءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد هڪ غريب مسڪين انسان هو. ڊاڪٽر صاحب ڇهن سالن جو ٿيو ته کيس ڳوٺ جي اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو. اسڪول ۾ جڏهن قاضي عبدالوهاب بوبڪائي شاگردن جو امتحان وٺڻ آيو. ڊاڪٽر صاحب جڏهن سليٽ تي اکر لکي ڪٽي ويو. تڏهن قاضي صاحب چيس ته اکر لکيا اٿئي يا ماڪوڙيءَ جون ٽنگون. ان طعني سندس طبعيت تي اهڙو اثر ڪيو جو اکر پچائڻ شروع ڪيائين آخر اکر اهڙا ٿي پيس جهڙا موتي جا داڻا. هڪڙي دفعي اسڪول کان گسايائين. سندس والد کيس مارڪڍي ۽ ڪلهي تي کڻي استاد پيشومل وٽ پيش ڪيائينس. ماستر صاحب به ڏاڍي مار ڪڍيس ۽ سڄو ڏينهن بينچ تي بيهاريائينس. ان مار جو ايڏو ته اثر ٿيو جو ڪڏهن به وري اسڪول مان نه گسايائين. ڊاڪٽر صاحب ست استادن جي ڪري پنهنجي ڳوٺ مان ڇڏي ڪرمپور جي اسڪول ۾ داخل

ٿيو. محمدابراهيم سومرو صاحب، انسپيڪٽر آف اسڪولس
جذهن امتحان وٺڻ آيو، ان ڊاڪٽر صاحب جي هوشياري ۽
ذهانت کي ڏسي اچرج ۾ اچي ويو ۽ چيائين تہ ارمان جهڙي
ڳالهہ آهي تہ ههڙو املهہ مائڪ هتي پيو آهي!!! هيڊ ماستر کي
حڪم ڪيائين تہ هن شاگرد کي هڪدم انگريزي اسڪول ۾
موڪليو وڃي.

ڊاڪٽر صاحب ١٩١٤ع ۾ لاڙڪائي مدرسي اسڪول
۾ پڙهڻ ويو. جتان ٻئي سال ١٩١٥ع ۾ نوشهري
فيروزمدرسي ۾ پڙهڻ ويو. علامه صاحب کي غربت جي باعث
جيڪي تڪليفون پهتيون ۽ ڪشالا ڪڍيائين اهي حقيقت ۾
حيران ڪندڙآهن. اهي واقعات علامه صاحب پنهنجي آتم
ڪهاڻي ۾ تفصيل سان ڏنا آهن. علامه صاحب نوشهري فيروز
۾ انهن جماعت ۾ پڙهڻ جي دوران جن ڪتابن جي مطالعي جو
ذڪر ڪيو آهي. اهي اڄ جي دور ۾ ايم اي وارا ۽ ڪيترا
پڙهن پر انهن مان ڪي ڪتاب اڄ جي مقابلي جي امتحان واري
سيلبس ۾ شامل آهن.

ان مان ڊاڪٽر صاحب جو مطالعو ۽ ان وقت جي علمي
معيار جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر صاحب، مئٽرڪ
جو امتحان سنڌ مدرسي ۾ ڏنو جيڪو وڏي اعزاز سان پاس
ڪيائين ۽ پوري سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو ۽ "سنڌ ايگريشن"
انعام کٽيائين. ٢٠ جون ١٩١٧ع ۾ ڏيارام جيٺمل سنڌ آرٽس
ڪاليج ۾ داخلا ورتائون. جتان ١٩٢١ع ۾ فارسيءَ ۾ بي اي
فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين جنهن ڪري کين "ڊڪشا

فيلوشپ" ملي ۽ ١٩٢٣ع ۾ بمبئي يونيورسٽي مان ايم اي فارسي ۽ عربي ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ ڪيائين. ان کان پوءِ ڪيس ڊي جي ڪاليج ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ڪري رکيو ويو. ١٩٢٤ع ۾ ڪيس گورنمينٽ اسڪالرشپ ملي. ان ۾ مرحوم مير غلام محمد خان ٽنڊي باگي واري مدد ڪئي. پاڻ پيمبروڪ ڪاليج ۾ پي ايچ ڊي لاءِ داخل ٿيو. اتي ڪين ڊاڪٽرآر اي نڪلسن ۽ ڊاڪٽر اي بي براؤن جهڙي مشرقي علوم جي ماهر جي شاگرديءَ جوشرف حاصل ٿيو. ١٩٢٧ع ۾ "عربيءَ جوفارسي شاعريءَ تي اثر" جي عنوان سان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ملي. ١٧ سيپٽمبر ١٩٢٧ع ۾ ڊاڪٽر صاحب وطن واپس وريو. ٢١ سيپٽمبر ١٩٢٧ع ۾ سنڌ مدرسي ڪراچي جي پرنسپال جي حيثيت ۾ چارج ورتائين ۽ ١٩٣٠ع تائين فائز رهيو. ڊاڪٽر اهو سڀ ڪجهہ اڻ ٿڪ جدوجهد ۽ مسلسل محنت کان پوءِ حاصل ڪيو. طالب العلمي واري زماني ۾ مسڪين حال هجڻ ڪري شاگردن جون هاسٽل تي ڪتون واٽي ڪتابن جا جلد ٻڌي، پورهيو ڪري پنهنجي تعليم جاري رکيائين.

ڊاڪٽر صاحب جڏهن سنڌ مدرسي ڪراچيءَ جي چارج ورتي. ان کان اڳ مسٽر ٽي ايچ وائيس پرنسپال هيو. جنهن ريٽائر ڪيو. ان کان پوءِ مدرسي جو تعليمي معيار سنو ڪونہ هيو. انتظام درهم برهم هيو، اسٽاف جي گروهہ بندين جي ڪري گرانٽون گهٽجي ويون هيون. ڊاڪٽر صاحب اچڻ شرط، ان جي اصلاح جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي. عملي تي بہ سختي ڪيائين ۽ فندن ۾ واڌارو آندائين. تعليمي معيار کي بہ بلند ڪيائين.پر گروه بندين ڪيس ڪوشش جي باوجود توقع

مطابق ڪاميــاب ٿـيڻ نہ ڏنو. گـروه بنديـن جي ڪري ڊاڪٽـر صاحب جي مخالفت پڻ ٿيندي رهي. ڊاڪٽر صاحب انهن حالتن کي نظر ۾ رکندي ٻئي ڪنهن نوڪري لاءِ پڻ ڪوشش ڪندو رهيو ۽ ان وچ ۾ انڊيري ممبئي ۾ عربي جو پروفيسر مقرر ٿيو. ڊاڪٽر صاحب ممبئي ۾ ١٠ مارچ ١٩٣٩ع تائين پڙهائيندا رهيو. ان عرصي دوران ممبئي يونيورسٽي جي سينيٽ جا پڻ ميمبر رهيو. ڊاڪٽر صاحب اتي گهڻو وقت تصنيف، تاليف ۽ مطالعي ۾ صرف ڪيو. ان عرصي ۾ "تاريخ معصومي" "چچ نامه" "بيان العارفين" "آبيات سنڌي" شرح ساند" ۽ "سرها گل" وغيره ڪتاب لکيا. ممبئي کان سنڌ جي جدا ٿيڻ کان پوءِ ١٩٣٩ع ۾ ڊاڪٽر صاحب کي، سنڌ سرڪار طرفان ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪٽر جي عهدي جي آڇ ملي. ان آڇ کي قبوليندي ١٩٥٠ع تائين ڪم ڪندا رهيا. اهو عرصو سندن علمي، ادبي ڪم کان وڌيڪ سماجي ڪمن ۾ شمار ٿئي ٿو. اهو سڄو وقت محنت، دلچسپي ۽ ايمانداري سان ڪم ڪندا رهيا. ان وقت جا سندن ڪيترائي ڪارناما مشهور آهن. جهڙوڪ: ١- زوري تعليم جو جاري ڪرڻ ٢- بالغن جي تعليم جو انتظام. ٣- پرائمري تعليم جو انتظام، لوڪل بورڊ ۽ ميونسپالٽين کان ڪسي سرڪارجي حوالي ڪرڻ. ٤- حيدرآباد ۾ عربي اسڪول کولڻ وغيره. ڊاڪٽر سنڌ يونيورسٽي جي قائم ڪرڻ لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيو. ڊاڪٽر صاحب جي ملازمت ڪري علمي ڪمن ۾ وڏو رخنو پئجي ويو. ان عرصي دوران ڊاڪٽر صاحب تعليم جي اصلاح ۽ واڌاري لاءِ

زبردست محنت ڪئي. جڏهن ڪيس اها شڪايت ٿي ته ماسترن جون بدليون اثر رسوخ تي ٿين ٿيون. ان ۾ تعليم جو خيال نه تو رکيو وڃي ۽ رشوت جو پڻ عمل دخل آهي ته پاڻ اهو سڄو بدلين وارو ڪم پنهنجي ذمي ڪيائين. جنهن سبب سندس دماغي ۽ ذهني محنت ۾ ڪافي حد تائين اضافو آئي چڙيو. ان دوران ماستر، اسمبلي ميمبرن، ۽ يارن دوستن جون سفارشون ڪرائڻ لڳا. ان ڳالهه ڊاڪٽر صاحب کي ڏاڍي تڪليف پهچائي۽ سندن طبعيت تي بوجهه وڌو. ١٩٥٠ع ۾ ڊائريڪٽر جي عهدي تان ريٽائرڊ ٿي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبر طور ڪم ڪندو رهيو. اتي کين پنهنجي مزاج جي موافق علمي ۽ ادبي ڪم جو موقعو مليو. جڏهن سنڌ کي مغربي پاڪستان صوبي ۾ يعني ون يونٽ ۾ شامل ڪيو ويو ته پاڻ هڪ سال لاءِ مغربي پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن جو پڻ ميمبر رهيو. ان دوران پڻ سندن طبيعت تي گهرو اثر پيو. چاڪاڻ ته سندس عادلانه مزاج ان دوران ٿيندڙ زيادتين کي برداشت نه پي ڪيو.

ڊاڪٽر صاحب ملازمت جوسڄو عرصو انتهائي ايمانداري، خودداري، سچائي، محنت سان گذاريو. نوڪري کي گذر سفر جو ذريعو نه، بلڪ خدمت خلق سمجهي پئي ڪئي. شاگردن ۽ زيردست استادن تي نهايت شفيق هو.

حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر صاحب جي هڪ دفعي ورسي ملهائي وئي جنهن جو انتظام معروف اديب ۽ استاد غلام مصطفي دادوي ڪيو هو. ان ۾ سنڌ جي مشهوردانشور محمد ابرهيم جويو صاحب، ڊاڪٽر صاحب جي زندگي تي روشني

وجهندي سامعين کي ٻڌايو ته هو نندو هوسنڌ مدرسي ۾ شاگرد هو. ڊاڪٽر صاحب سنڌ مدرسي جا پرنسپال هو. جيئن ته امتحان ٿي چڪا هئا ڪلاس نوان شروع ٿيا هئا. مولانا عبدالرحيم مگسي دادو وارو ڪلاس ۾ آيو. شاگردن کان ڪتاب جو پڇيائين. جن شاگردن وٽ ڪتاب نه هئا. انهن کي سزا ملي. مان به ڪتاب نه هجڻ وارن شاگردن ۾ شامل هئس. مون کي به سزا ملي طبيعت جي نازڪ هجڻ ڪري ورانڊي ۾ روئيندو رهيس. ڊاڪٽر صاحب جو اهو معمول هيو ته رسيس بند ٿيڻ کان پوءِ ورانڊي ۾ هڪ رائونڊ لڳائيندا هئا. رائونڊ دوران مون کي روئيندو ڏسندي مون وٽ آيا. پڇيائون ته ڇو ٿو روئين. مون ڪين پنهنجي سموري ڳالهه ٻڌائي. مون کي پنهنجي آفيس ۾ وٺي آيا ۽ ڪبٽ کولي مون کي ڪتاب ڏنائون ۽ نصيحت ڪندي چيائون ته اڄ ڏينهن کان پوءِ ڪنهن به استاد جي شڪايت نه ڪندوڪر ۽ مولانا عبدالرحيم منهنجو به استاد آهي ۽ هي ڪتاب اٿئي هاڻي محنت ڪري پڙهه. سندس شفقت جو اهو عالم هيو. پاڻ سخت محنت ڪندڙ ۽ غريب پرور، يارن جو يار فياض ۽ نهايت شفيق انسان هو.

ڊاڪٽرصاحب اعليٰ پائي جا اديب، زبردست محقق ۽ وڏا عالم هئا. سندس ڪوشش ۽ ڪاوش جي نتيجي ۾ "سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" جوقيام عمل ۾ آيو جنهن جاعلامه آءِ آءِ قاضي ڊاڪٽر صاحب (خود) مسٽر عثمان علي انصاري، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولانا دين محمد وفائي، مسٽر جيٺمل پرسرام، مکيه ميمبر هئا. اڳتي هلي

١٩٥١ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ اڄ تائين ڪم ڪندو رهي ٿو. ان جي ڪاميابي ۾ ڊاڪٽر صاحب جو وڏو ڪردار آهي. ڊاڪٽر صاحب ادبي بورڊ جي قيام کان پوءِ ان ورڪنگ ڪاميٽي جي ميمبر طور پيرحسام الدين راشدي سان گڏجي سنڌي اَدب کي ترقي وٺرائڻ لاءِ هڪ پروگرام رٿيو. جنهن موجب بورڊ کي هيٺيان ڪم ڪرڻا هئا.

(١) سنڌجي تاريخ کي انن حصن ۾ لکرائڻ

(٢) هڪ مستند سنڌي لغت تيار ڪرائڻ.

(٣) شاهه جي رسالي جي هڪ مستند ۽ مڪمل ڪاپي تيار ڪرائڻ.

(۴) سنڌ جا قديم ۽ مکيه نسخا ڇپرائڻ.

(٥) سيني علمن تي ٻين ٻولين مان مکيه ڪتاب، ترجما ڪرائڻ اهي ڪم مختلف عالمن جي حوالي ڪيا ويا. پر ڊاڪٽر صاحب جي وفات حسرت آيات ڪانپوءِ ان ۾ ڪافي سستي ۽ سرد مهري جومظاهرو ڪيو ويو. ڊاڪٽر صاحب ڪافي ڪتاب لکيا. انهن مان ڪن مکيه ڪتابن جانالا هي آهن.

(١) ابيات سعدي (انگريزي) ١٩٢٣ع

(٢) مرشدي المبتدي - ١-٢ حصا (عربي) ١٩٢٩ع کان ١٩٣١ع تائين

(٣) روائح بوستان (انگريزي)

(۴) سياست نامه نظام الملڪ طوسي

(٥) نفحات حافظ

(٦) عبار دانش ابوالفضل ١٩٣۴

(٧) قطعات ابن یمین (انگریزي) ١٩٣٨
(٨) سفرنامو ناصر خسرو ١٩٣٨
(٩) سنڌي نثر ۽ نظم جو انتخاب ١٩٤٠
(١٠) روشنيان ناصر خسرو- ١٩٣٨
(١١) انتخاب نثر ۽ نظم (فارسي) ١٩٣١
(١٢) سرها گل ١٩٣٣
(١٣) مجموعه نثر نظم (عربي) ١٩٣٦
(١٤) چوند سنڌي نثر نظم - ٽي ڀاڱا ١٩٤٨
(١٥) تاريخ معصومي (فارسي)

# شمس الدين بلبل

رئيس شمس الدين بلبل سنڌ جو مايه ناز صحافي، سماجي ڪارڪن، زبردست شاعر ۽ حقيقت ۾ سنڌ جو غالب هو. بلبل جي شاعري، صحافت، ۽ علمي صلاحيتن سنڌين ۾ جيڪا سجاڳي، بيداري، علمي ذوق پيدا ڪيو آهي. ان جو هر اهل علم معترف آهي. جيئن محترم علي محمد راشدي سندس لاءِ لکيو آهي سنڌ جي علم وادب ۾ دادو ضلعي جا وڏا احسان آهن. دادو ضلعي تي ماٺهو سنڌ کي ڏنا جن ۾ صحافت ۾ جناب بلبل بہ شامل آهي. سندس پيدائش ميهڙ ۾ ۱۸۵۷ع ڌاري تي بلبل صاحب ڪنهن خاص اداري ۾ تہ ڪو نہ پڙهيو. سندس تعليمي سلسلي ۾ سندس لائق فرزند جيڪو پڻ ان دور جو وڏو اديب هو هينئين طرح رقمطراز آهي.

شمس الدين بلبل ميهڙ جهڙي مردم خيز علائقي ۾ پيدا ٿيو ۽ اتي ننڍن مڪتبن ۾ ان زماني جو مروج مدرسن ۾ سنڌي، فارسي ۽ عربي ۾ پڙهيو پر پوءِ ڪتابن جي محدود دنيا کان جلد بيزار ٿي هن دنيا جي جامع جذبات ۽ احساسات جو درس حاصل ڪيائين ۽ ڪائنات جي ڪتاب جي ورق گرداني شروع ڪيائين. بلبل اهو علمي سفر پنهنجي خداداد صلاحيتن ذهن ذڪاءَ جي ذريعي حاصل ڪيو ۽ ان سالن جي سفر کي مهينن ۾ ۽ مهينن واري کي ڏينهن ۾ پورو ڪيو.

بلبل مرحوم جو دور حقيقت ۾ مسلمانن جي حيات نو ۽ جدوجهد جي سلسلي ۾ نازڪ ۽ تاريخي دور هو. ليڪن

بلبل پنهنجي قلم سان ان دور ۾ جيڪي نوان لاڙا ڏنا اهي هڪ تاريخي حقيقت بنجي چڪا آهن. بلبل پنهنجي زندگيءَ جو آغاز ١٨٧٢ع ۾ انجنيريءَ کاتي ۾ داروغي جهڙي ننڍڙي ملازمت سان ڪيو، پر سرڪاري نوڪري آزاد بلبل کي چڻ ته بوساٽڻ لڳي، سندس قابليت، ذهانت،ڪم جي سليقي، ڪلام جي فصاحت، طبيعت ۽ مزاح ۾ اديبانه آداب کي هڪ انگريز سجاڻي ورتو. جنهن ساڻس دوستي پيدا ڪري ڪيس قديم زماني جو هڪ نادر ۽ قيمتي شاهنامه فردوسي تحفي طور ڏني بلبل جي زر خيز علمي موجن ۾ اضافو آڻي ڇڏيائين. اهو نسخو اڄ تائين دهلي جي عجائب گهر ۾ موجود آهي جيڪو بلبل صاحب حامد علي ڪليڪٽر معرفت تحفي طور ڏنو هو.

جيئن ته ميهڙ جهڙو ننڍو شهر بلبل جي ادبي علمي قابليت لاءِ پورو پئجي نه سگهيو ڪيس ڪراچيءَ جي علمي، ادبي، ملڪي، سماجي ۽ مرڪزيت پاڻ ڏانهن ڪشش ڪري چڪي ورتو.

ميهڙ کان ٻاهر نڪرڻ جو خاص سبب اهو هو ته بلبل جا وڏا چڱا مڙس هئا. تنهنڪري سندس وڏا ٽي پاءُ زميندراي ۽ راڄن جي ڇيڙي نبيري ۾ مصروف هئا پر بلبل جيئن ته ننڍو ۽ چوٿون نمبر پاءُ هو سندس توجه صرف مطالعي ۽ علمي مشغلن ڏانهن هيو، رئيسي ۽ وڏيرائپ سان سندس دلي وابستگي نه پيدا ٿي سگهي. زميندراي جي ڪڪ ڪنڊڙ ڪاروبار راڄن جي ڇيڙي نبيري ۽ روز مره جي ڪلڪل، پٽ ست کان آجي ٿيڻ لاءِ نيت ميهڙ کي خيرباد ڪرڻ جو پڪو پهه

ڪيائين ۽ پنهنجي شعر تي عمل ڪيائين جنهن ۾ چيو اٿس تہ
"دنيا سندا تماشا گهر کان نڪر تہ ڏسندين"

نيٺ بلبل ١٨٨٩ع ۾ ڪراچي پهتو سنڌ جي سرسيد خانبهادر حسن علي آفندي جي جوهر شناس نگاهہ بلبل جي ذهانت، ذڪاوت ۽ سندس شخصيت ۾ مخفي صلاحيتن کي پروڙي ورتو ۽ پنهنجي تعليمي سماجي، سياسي، تحريڪ کي ترقي ونرائڻ خاطر کيس پنهنجو دوست، همسفر،معاون ۽ دست راست بنائي ڇڏيو. بلبل جي علمي قابليت، صلاحيت کان متاثر ٿي خود آفندي صاحب چوندو هو تہ

"مون کي عجب آهي تہ اهڙو انسان ميهڙ جهڙي ننڍي شهر ۾ ڪيئن پيدا ٿيو" بلبل صاحب آفندي صاحب جي سيني ڪمن ۽ تحريڪن ۾ ڀرپورنموني سان حصو ورتو. "دکن ايگريڪلچرل ايڪٽ" جو جڏهن سوال پيدا ٿيو تڏهن بلبل صاحب مشير خاص جي حيثيت سان سندس رفيق ڪار معاون ۽ مددگار رهيو. پوني جي ڪميشن جڏهن آفندي صاحب کي گهرايو تڏهن ڪاغذن جي تياريءَ جو ڪم سمورو بلبل جي ذمي ڪيو ويو ۽ ان کي بهترين انداز سان پايہ تڪميل تي پهچايائين. بلبل ان سلسلي ۾ سنڌ جي سمورن آبادگارن جو احوال گهرايو ۽ ضلعي وار انگن اکرن سان ياد داشتون تيار ڪيون جن ۾ ڏڪرين جي ذريعي آبادگارن جي زمين ۽ ان ۾ ملڪيت جي نيڪالي جا انگر اکر گڏ ڪيل هئا. اهڙي طرح قرض ۾ جيڪي وياجن تي وياج ڏيندا هئا سي بلبل مرحوم وڏي محنت سان گڏ ڪيا. آخر آفندي صاحب کيس پوني ڏانهن پاڻ سان گڏ وٺي ويو وقت بہ وقت ڪميشن ۾ شاهدي ڏيندي،

بلبل کان نوٽس وٺندو رهيو. جنهن محنت جفاڪشيءَ سان انگ اکر گڏ ڪيا ويا هئا ۽ هر فقري ۾ جيڪي حوالا ڏنا ويا هئا ۽ انهن ۾ حيرت انگيز دليل بازي کي ڏسي ڪري خود انگريز ميمبر پڻ حيران رهجي ويا.

نيٺ بلبل جي محنت رنگ لاتو ۽ ڪميشن سندس دليلن جي وسيع عريض دنيا کان متاثر ٿي سنڌ سان اهو "دکن ايگريڪلچرل رليف ايڪٽ" لاڳو ڪيو. جنهنجو فائدو مسلمانن ان دور ۾ حاصل ڪيو ۽ پنهنجيون ملڪيتون بچايون ۽ سنڌ جا آبادگار اڄ تائين سول ڪورٽن ۾ ان جو فائدو وٺي رهيا آهن ان جي اهميت قانون جي پيشي سان وابسته افراد ۽ وڪيل حضرات چڱي طرح ڄاڻن ٿا.

بلبل کي سنڌ جي صحافت ۾ اوليت جو مقام حاصل آهي. جنهنڪري ممتاز اديب، سياستدان، صحافي پير علي محمد راشدي صاحب کيس سنڌي صحافت جو ڏاڏو آدم سڏيو آهي.

بلبل پهريون شخص هو جنهن سنڌي ادب ۽ صحافت کي هڪ فن جي صورت ۾ روشناس ڪرايو. اخبارون ته بيشمار نڪتيون پر انهن ۾ بلبل وارو انداز ۽ دلپذير رنگ ۽ ڍنگ پيدا نه ٿي سگهيو. اخبار خير خواه" سان پرپور

مزاح ۽ مذاق، طنز ۽ ظرافت جي رنگيني ۽ چاشني جيڪا لاڙڪاڻي مان نڪرندي هئي ان جو چار سال ايڊيٽر رهيو هفتيوار اخبار "مسافر" حيدرآباد جو پڻ ايڊيٽر رهيو آفتاب سکر جو آخر تائين ايڊيٽر رهيو اخبارالحق جو پهرين انڪار ڪيائين نيٺ آخر آهستي آهستي ان اخبار جي به ادارت

سندس ذمي تي ويئي.

مشهور مورخ ۽ محقق جناب مولائي شيدائي بہ سندس تربيت يافتہ هيو. جنهنجي علمي ۽ قلمي صلاحيت کي بلبل جي دور رس نگاهہ تاڙي ورتو هو، پاڻ کيس پيشگوئي طور چيائين "مان ڏسان ٿو تہ تون اخباري دنيا ۾ چنڊ وانگر چمڪندين" صحافت سان گڏ علمي ڪمن ۾ پڻ بلبل ڀرپور حصو ورتو ١٩٠٢ع ۾ جڏهن آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ ٿي تڏهن مسٽر ٿي، ايچ وائيس اسپيشل اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽري مسٽر ڪي، اين، دهلوي خط لکي بلبل کان سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي ضرورت متعلق رپورٽ حاصل ڪئي ۽ کيس دعوت ڏني اها رپورٽ ڪانفرنس اندر پيش ڪرائي. اها رپورٽ ايتريقدر ڪامياب ثابت ٿي جو سموري ريزوليشن جي صورت ۾ پاس ڪئي ويئي ان جو ذڪر ڪانفرنس جي رپورٽ سال ١٩١٨ع ۾ مطبوعہ علي ڳڙهہ جي ٥٢ صفحي تي پڻ آيل آهي. بلبل جي تعليمي خدمات کان سندس ڳوٺ ميهڙ بہ مستفيض ٿيو سندس برپا ڪيل عظيم الاشان هاءِ اسڪول اڄ تائين موجود آهي.

بلبل صاحب ڪيترن ئي سرڪاري نيم سرڪاري ادارن سماجي جماعتن جو ميمبر رهيو. ١٩١٧ع ۾ کيس آنرري مئجسٽريٽ چيئرمين ڪنيو ويو سندس شخصيت کان ڪمشنر سنڌ مسٽر لارنيس ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ کيس خط لکيو.

سرڪار محسوس ڪيو آهي تہ اوهان مسلم قوم جا همدرد ۽ ڀهي خواهہ آهيو ۽ سنڌ ي مسلمانن جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ اوهان جيڪي رايا پيش ڪندا آهيو اسين انهن کي

عزت واري نگاهہ سان ڏسندا آهيون.

مرحوم بلبل صاحب جي قومي غيرت ۽ اسلامي حميت جو وڏو مثال هي آهي تہ ١٩١٣ع ۾ انجمن هلال احمر جو وفد ترڪي لاءِ امداد حاصل ڪرڻ لاءِ ممتاز مسلم ليگي اڳواڻ سيٺ عبدالله هارون جي اڳواڻيءَ ۾ ميهڙ ۾ آيو تڏهن زميندارن ۽ آفيسرن جي موجودگيءَ ۾ سندس پر اثر تقرير جادو جهڙو اثر ڪيو اينتريقدر جو هڪ شخص پنهنجو ڪوٽ لاهي ڏنو جيڪو نيلام ڪري ١٢٥ روپين ۾ وڪيو ويو. ان موقعي تي بلبل صاحب في البديهہ شعر پڙهيو هن جا ٻہ تي بند هن ريت آهن. هنن جي خيرمقدم ۾ اسان کي هيئن چوڻ گهرجي.

اجهي هي زر، اجهي زيور، اجهي هي گهر اجهي هي سر
مٿين نظم وڏي رقت انگيزي پيدا ڪئي. نظم جو مطلع

ڀلي آيا ڀلي آيا سر گروهہ قوم دين پرور
مجاهد في سبيل الله فائز في هلال احمر
اوهان جي خاص خدمت آ خدا جي راهہ ۾ ورنہ
ڪٿي بستان ڪٿي ويران ڪٿي بنگلا ڪٿي هي بر

بلبل صاحب صوم وصلوات جو پابند هو ۽ پاڻ نقشبندي سلسلي ۾ پاٽ جي بزرگ مخدوم نظام الدين صديقي رحمة الله عليه وٽ بيعت ڪئي. ان دور جي مجذوب ۽ وڏي عالم مولانا غلام محمد سوڍر جو صحبتي پڻ هيو. پاڻ ذڪر اذڪار ۽مراقبن ۾ مشغول رهندو هو. پنج وقت نماز

پنهنجي گهرجي پرسان واري مسجد ۾ پاڻ پڙهائيندو هو. لباس باوقار، شرعي سونهاري، ٻٽوان وار مٿي تي دستار ٻڌندو هو.

سندس لائبريري ۾ بيشمار ڪتاب جنهن ۾ تفسير حديث فقہ، تاريخ، تصوف، سيرت، سوانح،مناظره، فلسفو، عروض، نعت، منطق تي وڏا وڏا مستند ڪتاب موجود هئا ڪيس ڪن دوست ملڪيت جي واذاري لاءِ مشورو ڏنو تہ پاڻ لائبريري ڏي اشارو ڪري چيائين تہ پنهنجي اولاد لاءِ هي دولت گڏ ڪيون ٿو وجان جيڪا لازوال ۽ بي بها آهي

جيئن سيدنا علي رضي الله عنه جو مشهور شعر آهي تہ

فان المال يغنى عن قريب
فان العلم باق لا يزال

جي مصداق تہ مال ۽ دولت تہ جلدي فنا ٿيڻ واريون شيون آهن، پر علم جيڪو لازوال ۽ نہ ختم ٿيندڙ دولت آهي.

قرآن سان سندس دلچسپي اينتريقدر هئي جو هڪ دفعي حافظ تراويحون پڙهائيندي پلجي پيو ۽ پوين آيتن کي دهرايائين پر اڳيون آيتون کيس نہ پيي آيون حافظ صاحب جڏهن ٽيون ڀيرو کيس ساڳين آيتن جو تقرار ڪيو تہ بلبل صاحب کيس لقمو ڏنو ۽ حافظ صاحب روان دوان ٿي ويو.

نماز کان پوءِ حافظ صاحب بلبل کان پڇيو تہ سائين اها صورت اوهان کي ياد هئي ڇا؟

بلبل وراڻيو تہ نہ اوهان جي بار بار سورت جي حصي کي ڦيرايو تہ آءُ مضمون جي معنيٰ تي غور غور فڪر ڪرڻ

سان گڏ عبارت تي بہ غور ڪندو رهيس ائين ڪندين بي ساختہ زبان تي لفظ تري آيا ۽ مون چئي ڏنا خدا ڪيو تہ اهي درست نڪتا ورنہ اها صورت مون کي بلڪل ياد نہ هئي ان مان ثابت ٿيو تہ بلبل کي قرآن جي مطالعي جو وڏو شوق هيو.

بلبل جي دوست مان هڪ آخوند ميان عطا محمد رئيس اعظم مٽيارن وارو هيو جيڪو ان وقت ميهڙ ۾ اسسٽنٽ انجنيئر هيو سندس بنگلو بلبل جي بنگلي سان لڳ هيو اتي هڪ دفعي جناب پير حسن جان سرهندي رحمة الله عليه جن تشريف فرما ٿيا. پير صاحب جن جي اچڻ ڪري سندن مريد ۽ معتقد گڏ ٿيا. ادب کان ڪنڌ هيٺ ڪيو سيئي هلڪي ۾ ٿي وينا اندربون ڪمرو تہ پرجي ويو پاهر توڙي هال ۾ ماڻهو ويهجي ويا. پير صاحب جي رعبۓ ادب خاطر سڀ ماڻهو خاموش هيا بلبل کي بہ دعوت مليل هئي جيئن بلبل پاهرين دروازي کان داخل ٿيو تہ ڏٺائين تہ هر ماڻهو خاموش آهي سانت طاري آهي. سيڪو ماڻهو منهن ۾ مونن وجهيو چپ چاپ بي زبان ٿيو وينو آهي. اهو عالم ڏسي سندس طبيعت جوش کاڌو ۽ ائين چوندو اڳتي وڌندي خاموشي کي ٽوڙيندي چيائين.

اڙي بابا! چپ چو آهيو. ڪنڌ گوڏن ۾ چو هنيان اٿو چپن کي چونو چو لڳايو اٿو؟

اڙي رحمت جو ابراج ميهڙ جي پونۓ تي وسي رهيو آهيو فيض ونو خوش ٿيو ڳالهہ بولهہ ڪريو. ڪڇو پڇو. دل جو غبار ڪديو اڙي ڪاريهر نانگ اندر ڪونہ وينو آهي. جنهن جي دپ کان اچي سوڙها ٿيا آهيو.

ائين چوندين جيئن پير صاحب وٽ پهتو ته پير صاحب اٿي کڙا ٿيا ساڻس بغلگير ٿيا کيس پرسان ويهاريائون ۽ دلي مسرت جو اظهار فرمايائون.

بلبل جي اچڻ شرط محفل جو رنگ بدلجي ويو ماڻهو سرها ٿيا گفتگو شروع ٿي.

هي هڪ مثال آهي جنهن ۾ اسلامي برادري ۽ برابريءَ ترجيح ڏني ويئي ۽ مرحوم بلبل بي تکلف شخصيت هجڻ تي پڻ روشني پوي ٿي.

هڪ دفعي مرحوم بلبل پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي لکيو سندس سامهون سو ڪن قدمن تي هڪ پينو فقير پنهنجي عادت موجب سين جو دم هنيو ڏينهن گرم هيو نوڪرياڻي به ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار نه هئي پر فقير دانهن مٿان دانهن ڪري اوڙي پاڙي جو سک ڦٽائي ڇڏيو لازمي طرح بلبل جو به خيال ٽٽو سو پري کان رڙ ڪري چيائين فقير بابا هن مهل ماڻهو ڪونهي معاف ڪر فقير نهه پهه جواب ڏنس ته سائين ”جهٽ پر لاءِ تون ئي ڪٽي ماڻهو ٿيءُ“ بلبل کان بي اختيار کل نڪري ويئي قلم ڇڏي انعام طور کيسي ۾ هٿ هٽي پنج رپيا ڪڍي ڏنائين ۽ چيائين ته فقير بابا لک روپين جو سبق ڏنو اٿئي هي نذرانو قبول پوي.

ان دور ۾ جڏهن مغربي تهذيب جي وڌندڙ اثر تي اڪبر الهه آبادي ۽ علامه اقبال تنقيد ڪئي ته وري سنڌ ۾ بلبل اهو پارٽ ادا ڪيو. ان ماحول تي ظريفانه انداز ۾ تنقيد ڪئي. ان جو اندازو سندس هينين شعر مان لڳائي سگهجي ٿو.

گــهــر كــان نكــتــا نيــتــو نيــچر تاڪ ڏناڏن تاڪ ڏناڏن
ســــــر ۾ ٽوپي هٿ ۾ هــنــٽــــــر تــاڪ ڏناڏن تــاڪ ڏناڏن
ڇمڇا ڪانٽا ڪٽ پٽ ڪڙ ڪڙ چيمبر ۾ چيئرسي جي ٽڙ ٽڙ
ســـائس ڪـرڻ ۾ بيـــنـل شـــر شـــر تاڪ ڏناڏن تاڪ ڏناڏن

بقول حاجي محمود خادم جي غزل ۽ رنگين مرصع نثر جو ته رنگين مــرصع نثــر جو مــوجد مــرحــوم بلبل آهي خود مرحوم مخلص، ۽ مرزا قليچ بيگ به سندس تقليد ڪئي آهي ۽ مـرحـوم مـولائي شـيـدائي جي بقـول ته" بلبل پهـريون انشـا پرداز ۽ صاحب طرز اديب هو جنهن مسلم صحافت جو سنڌ ۾ مقام بلند ڪيو سنڌي صحافت جو حقيقت ۾ بنياد وجهندڙ شمس الدين بلبل هو.

# جي ايم سيد

سنڌي ٻوليءَ ۽ سياست ۾ جديد فڪر ۽ فلسفي جي آبياري ڪيترن ئي نامور هستين ڪئي آهي پر ان سلسلي ۾ جڏهن محترم جي ايم سيد جي شخصيت جو ڪاٿو ڪيو وڃي ٿو ته ان جو ڪردار سڀني کان اڳرو نظر اچي ٿو. اسان جي قومي، ثقافتي، تهذيبي ورثن ڪي جنهن نموني سيد محترم عام ڪيو آهي ان جي مقابلي جي ٻي ڪا به شخصيت ڪانه آهي. بلاشڪ سيد ملڪ جي تمام وڏي متنازع شخصيت پڻ رهيو آهي، پر ان جي باوجود هن جي حيثيت ۽ شخصيت هڪ مسلم حقيقت آهي. سيد جي شخصيت غير معمولي صلاحيتن جي مالڪ هئي. سندس نظريو پڻ غير متزلزل هو. ان ڳالهه جو اعتراف پنهنجن ته نهيو پر سندس ڪٽر مخالفن پڻ ڪيو آهي. جڏهن به ڪو به عالم ۽ اديب جديد سنڌ جي تاريخ مرتب ڪندو ته ان جي تدوين ۽ تفهيم ۾ سائين جي ايم سيد جي ڪردار کي اهم جاءِ ڏيڻ کان سواءِ رهي نه سگهندو. سائين جي ايم سيد ١٧ تاريخ جنوري ١٩٠٤ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ سن ۾ پيدا ٿيو. سائين جي خاندان جو تعلق مٽياري سيدن سان آهي. جن جي نسبت امام موسيٰ ڪاظم عليه‌الرحمة جي فرزند سيد جعفر ثاني الحوادي جي اولاد سان جاڻائي وڃي ٿي. سنڌ ۾ سندن جد امجد سيد حيدر ٨٠١ هجري ۾ امير تيمور جي هندستان اچڻ وقت، سندس والد سيد امير علي سان گڏجي هرات کان ملتان تائين آيو هو. جتان سير جي خاطر انهن کان ڇڇي سنڌ ۾ هالن جي ڳوٺ ۾

اچي رهيو. جتي ارباب شاهہ محمد هالي وٽان شادي ڪري رهي پيو. سندس اولاد پهريون هالن ۾ رهندو هو جتان ڪجهہ وقت ڪان پوءِ لڏي اچي مٽياري جي ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو. جتي سندس اولاد چئن مکيہ پاڙن ۾ وراهجي ويو. جيڪي هيٺين نالن سان سڏجڻ لڳا.

(١) جرار پوٽا، (٢) موسيٰ پوٽا (٣) باقيل پوٽا (۴) ميان پوٽا. پوئين پاڙي مان سخي ابراهيم شاهہ جو فرزند سيدبدرالدين ڄام نظام الدين سمي جي حڪومت ۾ لڪي ڪان وٺي موجوده ڪوٽڙي واري ملڪ مان هڪ سرڪش چانگ قبيلي جي سرڪشي ٽوڙڻ ۾ مدد ڏيڻ جي عيوض ۾ مليل جاگير جي سنپال لاءِ سن جي ڳوٺ ۾ ٩ صدي هجري ۾ اچي رهڻ لڳو، ان جي اولاد مان سيد حيدر رحمة الله عليه هڪ برگزيده، ڪامل ولي ۽ عالم فاضل شخصيت ٿي گذريو آهي.

سيد حيدر رحمة الله عليه مخدوم بلال رحمة الله عليه جي خليفن مان هو. مخدوم صاحب جو تعلق سمي خاندان سان هو، مهدي جونپوري جيڪو هندستان آيل هو. سنڌ ۾ ڪيترائي ماڻهو سندس پوئلڳ بڻيا. مگر مخدوم بلاول رحمة الله عليه جا ساڻس نظرياتي اختلاف ٿيا. شاهہ حيدر رحمه الله عليہ پنهنجي قائد جي چوڻ تي سندس شديد مخالفت ڪئي. مخدوم صاحب کي ڪنهن بهاني سان سرڪاري مولوين کان فتويٰ وٺي گهاڻي ۾ پيڙائي شهيد ڪيو ويو. سيد حيدر تي سختي ڪئي ويئي ايتريقدر جو ارغون گهراڻي سن ۾ فوجي چانوٽي قائم ڪئي. مخدوم بلال رحمة الله عليه جا ڪيئي خليفا هئا، جن مان مشهور هي آهن.

(١) سيد حيدر (٢) مخدوم صاحب (٣)

مخدوم رڪن الدين عرف منو (۴) مخدوم حسن عرف بلاولي پاٽوٽ (۵) مخدوم سعد عرف ساند سڪرنڊ خياري شريف (٦) مخدوم هگورو نزديڪ مورو (٧) مخدوم ساهڙ.

مٿيان بزرگ بلالي طريقا جا پوئلڳ هئا. جي ايم سيد صاحب سيد حيدر رحمة الله عليه جي درگاهه جو سجاده نشين هو. پاڻ سورنهن مهينن جو هو تہ سندس والد کي رمضان شريف جي ٽين تاريخ خانداني اختلافن سبب جامع مسجد سن ڏانهن ويندي قتل ڪيو ويو. پاڻ پنهنجي خاندان ۾ صرف اڪيلو نرينہ اولاد بچيو.ا ن ڪري سندس زمين ان وقت جي سرڪار ڪورٽس آف واردس جي تحت تحويل ۾ ورتي ۽ کيس گذر معاش لاءِ مقرر پئسا ملندا هئا.

کيس ١ جولاءِ ١٩١٠ع ۾ سنڌي اسڪول سن ۾ تعليم لاءِ داخل ڪيو ويو ان وقت ماستر جان محمد فدا عباسي بوڙي واري وٽ باراٽو شروع ڪيائين. ان کان علاوه ماستر ڏرمداس ياڳو مل ۽ وسڻ مل ٻالچند سندس استاد پڻ رهيا، عربي فارسي پهرياں محمد هاشم وٽ شروع ڪيائين وڌيڪ عربي فارسي مولوي محمد صالح سيالن واري ۽ مولوي الله بخش صاحب وٽ پڙهيائين. انگريزي تعليم ماستر حامد علي هالاڻي وٽان حاصل ڪيائين ان دوران شاهہ صاحب مدرسي جو بنياد وجهرايو جنهن ۾ تقريبا ۴٠ کن شاگرد رهندا هئا جنهن ۾ وري مولوي محمد صالح سيالن وارو پڙهائڻ لڳو. شاهہ صاحب عربي، فارسي انگريزي زبانن جي تعليم حاصل ڪئي. ليڪن امتحاني نقطہ نگاهہ کان اڌوريون رهجي ويون. سنڌ ۾ مولانا تاج محمود امروٽي، پير جهنڊي ۽ کڏي جي مدرسن وارن مولوين جي خلافت تحريڪ کي زور وٺائڻ ڪري

وڏو شــور مــچي چڪــو هو.ا ن دوران لاڙڪاڻي ۾ ٧- ٨-٩ فيبروري ١٩٢٠ع تي مرحوم جان محمد جوڻيجي ۽ پير تراب علي شاه راشدي جي تعاون ۽ ڪوشش سان پير رشد الله صاحب راشدي سجاده نشين درگاه پير جهنڊي جي صدارت هيٺ هڪ وڏي خلافت ڪانفرنس سڏائي ويئي. جنهن ۾ سيد محترم ميان معين الدين ڪنياري واري سان گڏ شرڪت ڪئي،ان ڪانفرنس ۾ برصغير جي وڏن اڳواڻن شرڪت ڪئي هئي. جنهن ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد مولانا عبدالباري فرنگي محل لکنو وارو مولانا شوڪت علي ۽ ٻين ڪيترن ئي شرڪت ڪئي هئي. ڪانفرنس ٽي ڏينهن هلي ان ڪانفرنس ۾ ڪيترائي نهراءَ پاس ٿيا. ۽ ڪيترين ئي تقريرون ٿيون مولانا ابوالڪلام آزاد جي سحر بياني سيد کي ڏاڍو متاثر ڪيو ان ڪانفرنس جا اثرات سيد جي مزاج تي ڪافي حد تائين قائم رهيا، جنهن جو اعتراف پاڻ پنهنجي ڪتاب ”پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني“ ۾ پڻ ڪيو اٿس. ان ڪانفرنس سيد جي طبيعت تي تمام گهرا اثر مرتب ڪيا ۽ سيد سمجهيو ته واقعي ترڪن سان سامراجين جي اڻنگي روش ئي هندستان جي غلامي جو سبب هئي تنهنڪري ان غلاميءَ کان آزادي پنهنجو نصب العين بنائي ڇڏيو ان سلسلي ۾ سيد سن ۾ سنڌ جي مکيه سياسي ڪارڪنن جي مشوري سان خلافت ڪانفرنس ڪوٺائي. ياد رهي ته سيد جي سموري زمين حڪومت جي سنيال هيٺ هئي. جڏهن سرڪاري حلقن کي ان ڪانفرنس جي خبر پئي ته هو ڏاڍا ڪاوڙيا. ۽ پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيائون ڪانفرنس ڪوٺائڻ جي تاريخ جي خبر پوڻ شرط ان وقت جي ڪمشنر مسٽر ٿامس جهاز ۾ منزل

انداز هو. غلام مصطفيٰ خان عيسائي ڊپٽي ڪليڪٽر جي معرفت سيد کي گهرائي هدايت ڪئي ته هن عمر ۾ هو سياست ۾ نه گهڙي ۽ خلافت ڪانفرنس کي مهمل ڪرڻ جو پڻ چيائين. پر سيد کيس جواب ڏنو ته مون مذهبيٰ جوش ۾ ڪانفرنس ڪوٺائي آهي. دعوت ناما ماڻهن وٽ پهچي چڪا آهن. ماڻهن کي خبر پئجي چڪي آهي هاڻي ان کي مهمل ڪرڻ ناممڪن آهي. آخر مقرر تاريخ تي سن ۾ جناب حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي صدارت هيٺ اجلاس ڪنو ٿيو جنهن ۾ شيخ عبدالمجيد صاحب، ڊاڪٽر شيخ نور محمد شيخ عبدالعزيز سکر وارو مولوي محمد سليمان ٺرڙي محبت وارو مولوي عبدالقيوم بوبڪن وارو ۽ ٻين عالن ۽ سياسي ورڪرن ڀرپور نموني سان شرڪت ڪئي.

ڪانفرنس پوري ٿيڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن ١٩ مارچ ١٩٢٠ع تي ترڪن سان ٿيل بي واجبي ۽ زيادتين جي خلاف سن ۾ سيد جي ڪوشش سان مڪمل هڙتال ٿي. مسجدن ۾ هندو ۽ مسلمان گڏجي بارگاهه ايزدي ۾ دعائون گهربون ته ترڪن سان انصاف ٿئي ۽ هندستان آزادي ماڻي. ١٩٢١ع اپريل مهيني ۾ مهاتما گانڌي تحريڪ آزادي جي سلسلي ۾ جڏهن سنڌ جو دورو ڪيو . ان دوران حيدرآباد کان دادو وڃي رهيو هو ته سائين جي ايم سيد سن اسٽيشن تي وڃي ساڻس ملاقات ڪئي، ان وقت گانڌي کيس کاڌي پائڻ جي تلقين ڪئي.

سيد جي شروعاتي زندگي ۽ مذهبي ڳالهين جي سختيءَ سان پابندي نظر اچي ٿي. شهر سن ۾ جمع نماز سيد خود پڙهائيندو هو خطبي ۾ نفاق غلط رسمن جي خاتمي لاءِ خاص تلقين ڪندو هو هر مهيني جي چوڏهين تاريخ چانڊوڪي ۾

شهر جي سيني ماڻهن کي گهرائي اتي وعظ ۽ نصيحت جو پڻ رواج وڌائين، رمضان جا روزا، تراويحون قرآن شريف تلاوت، گهڻو حصو مطالعو لاءِ ۽ سماجي ڪمن ۾ صرف ڪرڻ سيد جو مشغلن ۾ پڻ شامل رهيو آهي. مسجدون جيڪي ويران هيون انهن کي آباد ڪرڻ اتي قابل مولوي يا ملان جو اهتمام ڪرڻ پڻ سيد جي مشن ۾ شامل هو ايڪيهن سالن تائين سيد جو مزاج انهن ڳالهين جو تابع رهيو. سيد جي مزاج ۾ جذباتي غور فڪر ۽ عملي ڪمن سان ڀرپور رهي آهي. سيد سخت جذباتي هجڻ سان گڏوگڏ تحمل بردباري رواداري ڪان بہ ڪم ورتو آهي. سندس طبيعت ۾ سٺن ماڻهن سان ملاقات ۽ صحبت سٺي شيءِ ۽ نظارن کي پسڻ جو رجحان پئي رهيو آهي. سيوهڻ واري مجذوب رمضان فقير، قاضي بصرالدين سيوهاڻي، مرزا قليچ بيگ، سخي قبول محمد درازائي ۽ ٻين ڪيترن عالمن عارفن سان سندس ملاقاتون ۽ڪچهريون ٿينديون رهيون. سيد جي تربيت ۾ علامه آءِ آءِ قاضي، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جو پڻ وڏو حصو رهيو آهي. ان سان گڏ شاهه عبداللطيف، سچل سرمست، حافظ شيرازي، رومي، جامي، مرزا غالب جي شعرن کي دلچسپيءَ سان پڙهڻ وارو رجحان پڻ سندس مزاج جو حصو رهيو آهي. غور فڪر تدبر ۽ تفڪر پڻ سندس مزاج جو نمايان پهلو نظر اچي ٿو. سنڌي ماڻهو خاص طور تي ۽ دنيا جي عوام غربت، افلاس، جي خاتمي لاءِ پاڻ پتوڙڻ پڻ سندس عملي زندگيءَ جو حصو رهيو آهي.

۱۹۲۴ع ۾ خلافت تحريڪ جو جوش ۽ جذبو جهڪو ٿي ويو انگريزن مانٽيگو چيلسفورڊ رفارمس هيٺ آئيني تبديليون

آنديون ان تحت سيد بہ سماجي ڪمن ڏانهن مائل ٿيو پهربائين لوڪلبورڊ ڪراچي جو وائيس پريزيڊنٽ چونڊيو ان سان گڏ مانجهند لوڪلبورڊ جو پريذڊنٽ چونڊيو. ان تحت ڪينترائي عام ڀلائي جا ڪم ڪيائين. ١٩٢٨ع ۾ جي ايم سيد صاحب ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو پريزيڊنٽ چونڊيو.

ان عرصي دوران سنڌ ۾ سنڌ جي بمبئي کان آزادي جي تحريڪ هلي. ان ۾ بہ عبدالله هارون شيخ عبدالمجيد سنڌي، محمد ايوب کهڙي علي محمد راشدي، جيٺمل پرسرام، مير محمد بلوچ، جمشيد مهتا، رستم خورشيد سڌو سان گڏ ڀرپور حصو ورتو. ان دوران جڏهن سباش چندر بوش ۽ ڊاڪٽر سيف الدين ڪاچيلو ڪراچي آيا تہ هن انهن جو وڏو آذر ڀاءُ ڪيو جيڪا ڳالهہ انگريزن کي پسند نہ آئي پر سيد جو لاڙو انگريزن جي چاپلوسي جي بجاءِ انقلابي ليڊرن ڏانهن مائل رهيو. چيئرمن لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي حيثيت ۾ ڪيترين ئي ميٽنگون ڪونايون. جنهن ۾ برصغير جي آزادي وارو اصول نمايان هيو. ۽ هن ڪينترائي دورا ڪيا جنهن ۾ انگريزن خلاف پرچار شامل هئي، ان وقت جي ڪليڪٽر مسٽر گبسن هن کي چوائي موڪليو تہ تون چيئرمن لوڪلبورڊ جي حيثيت ۾ اهڙي قسم جو دورو نہ ٿو ڪري سگهين يادر رهي تہ ان وقت سيد ڪانگريس ۾ پڻ شامل ٿي چڪو هو ۽ مٿيون ڳالهيون جيڪي ان وقت هن ڪيون ٿي اهي ڪانگريس جي منشور جو حصو هيون ۽ ڪيس ڪليڪٽر جي طرفان منع نامون بہ مليو پرهو پنهنجن رفيقن مولوي عبدالڪريم چشتي، جيٺمل پرسرام ۽ حاتم علوي سان گڏ دورو جاري رکيو. ان عمل ڪري مسٽر گبسن سندس شديد مخالف ٿي پيو. جي ايم سيد ١٩٣٠ ۾

جمشيد مهتا جي صدارت هيٺ (ميرپور خاص) ۾ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو بنياد وجهرايو ان ۾ هاري ڪميٽي هارين جي حالت سڌارڻ ڪين زمين تي حق ڏيارڻ ۽ تعليم سان روشناس ڪرائڻ لاءِ تمام ڊگهي جدوجهد ڪئي. اها تحريڪ سو في صد مقصد ته حاصل نه ڪري سگهي پر ان جي باوجود اڌو اڌ بٽئي، ۽ ٽيننسي ايڪٽ جي بحالي ۾ ڪاميابي ان ڪان پوءِ اسيمبليءَ جي پليٽ فارم تان سيد ڪڏهن ڪانگريس ڪڏهن آزاد پئي جدوجهد ڪئي. بقول سيد جي ته ڪانگريس انڊيا ليول جي وڏي پارٽي هئي تنهنڪري هو سنڌ جي مسئلن ڏانهن خاص توجهه نه ٿي ڏنو ان ڪري هو ڪانگريس ڇڏي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. ان ڪان اڳ مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ سردار پٽيل ڪراچي آيا انهن کي ڪانگريس جي روش ڪان باخبر ڪيو ويو پر ان جو به خاطر خواهه نتيجو نه نڪتو، بهرحال سيد مسلم ليگ ۾ شامل ٿي ڪم ڪرڻ لڳو ان دوران سندس اڳواڻي ۽ قيادت ۾ مسجد منزل گاهه وارو واقعو رونما ٿيو. سوين جانيون ضايع ٿيون، ڪيترين ئي ملڪيتون برباد ٿيون.

ان دوران مير بنده علي جي وزارت ۾ سيد به وزير بڻيو ڪيس تعليم، انڊسٽري، ليبر، فاريسٽ جا قلمدان سونپيا ويا. ان عرصي دوران سنڌي ٻولي ۽ ادب جي پاڻ وڏي خدمت ڪيائين. جنهن ۾ سنڌ يونيورسٽي جي قيام لاءِ ڪميٽي قائم ڪيائين. سنڌي ادب لاءِ صلاحڪار بورڊ جو قيام جنهن اڳتي هلي سنڌي ادبي بورڊ جي شڪل اختيار ڪئي. سڀني اسڪولن ۾ سنڌي زبان لازمي مضمون طور پڙهڻ جو حڪم جاري ڪيائين. ڪراچي ڪان ڪوٽڙي تائين رستي جي اسڪيم

نهرايائين. سيد وزارت تان استعفيٰ ڏني ان کان پوءِ قائد اعظم کيس مسلم ليگ کي منظم ڪرڻ جو ڪم سونپيو. مسلم ليگ آرگنائيزنگ ڪميٽي ناهي وئي ان جو چيئرمن سائين جي ايم سيد کي بنايو ويو. سيد ان جا هيٺيان ميمبر ڪتيا ۽ مسلم ليگ کي منظم ڪرڻ جوڪم شروع ڪيو. آغا غلام النبي پٺاڻ (سکر) سيد حسن بخش شاهه (نواب شاهه) قاضي فضل الله (لاڙڪاڻو) سيد علي اڪبر شاهه (ميهڙ) محمد هاشم گذدر (ڪراچي) صاحبزادو عبدالستار جان سرهندي (حيدرآباد) فقير محمد مگريو (ميرپور خاص)

ان دوران وڏي محنت ڪري مسلم ليگ جي ميمبرشپ کي ۴ هزار مان وڏائي ٽن لکن تائين پهچايو ويو. ۳ مارچ ۱۹۴۳ع ۾ سيد صاحب پاڪستان جي حق ۾ هڪ نهراءُ پاس ڪرايو، جيڪو پاڪستان جي تاريخ ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو.

۱۹۴۷ع ۾ پاڪستان ٺهيو ان ۾ سيد محترم جو ڪردار قرباني ۽ خدمتون قابل تعريف آهن. پر جيئن ته ۱۹۴۶ع ڌاري سندس قائد اعظم محمد علي جناح سان مختلف مسئلن تي اختلاف هلندڙ هئا. بالاخر اهي اختلاف ان حد تائين پهتا جو سيد کي قائد اعظم ۽ مسلم ليگ کان الڳ ٿيڻو پيو. هاڻي برصغير جو ورهاڱو به ٿي چڪو هندستان ۽ پاڪستان وجود ۾ اچي چڪا هئا. باوجود اختلافن جي پاڪستان کي صحيح طور طريقي سان هلائڻ جي لاءِ سيد کي تجويزون ڏنيون پر انهن تجويزن جو ان وقت جي وزير اعظم لياقت علي خان تسلي بخش جواب نه ڏنو. تاهم سيد جي سياست جو سڪو اجا برقرار هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ملڪ جن بحرانن مان گذريو

پئي تاريخ جي هر شاگرد کي ان بابت معلومات آهي. بيوروڪريسي، ميرن پيرن، وڏيرن پنجن انن سالن ۾ ڪو خاطو ڪو نہ ڀاريو. نيٺ ١٩٥٤ع ۾ ون يونٽ جو قيام عمل ۾ آيو. سيد ان جي سخت مخالفت ڪئي.ا ن ڪري ڪيس جيل اماڻيو ويو. سال کن جيل ۾ رهڻ کان پوءِ کيس آزادي ملي. پر وري ١٩٥٨ع ۾ ايوب خان ملڪ مٿان مارشلا مسلط ڪري ڇڏيو ۽ وري ڪيس جيل موڪليو ويو. ١٩٥٨کان ١٩٦٦ع تائين جيل يا نظربند رهيو. ان وقت سياسي سرگرمين تي پابندي هئي. تنهن ڪري عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻلاءِ سيد بزم صوفياءِ سنڌ" جوبنياد وجهي،ان پليٽ فارم تان پنهنجي فڪر جي پرچار ڪرڻ شروع ڪئي، ان محاذ ۾ جي ايم سيد صاحب حيدربخش جتوئي، ڪامريڊ غلام محمدلغاري، قاضي فيض محمد، شيخ اياز، رسول بخش پليجو، عبدالڪريم گدائي،محمد ابراهيم جويو، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ ٻيا ڪيترائي گڏ هئا. ون يونٽ ختم ٿي ويو. ون يونٽ جي خاتمي کان پوءِ اليڪشن ٿي. سيد سنڌ متحده محاذ جي پليٽ فارم تان پاڻ ۽ پنهنجي قوم پرست ساٿين سان اليڪشن لڙيو، پر پاڻ بہ هارايائين ۽ سندس ڪو بہ ساٿي ڪامياب نہ ٿي سگهيو، ان دوران سيد تقابل اديان ۽ ٻين فيلسوفن جو گهرو مطالعو ڪيو هو. ان جي نتيجي ۾ سندس فڪر ۾ مذهب جي مخالفت پڻ سمايل هئي. سندس مخالفن ان ڳالهہ جي عوامي ليول تي پروپگنڊا ڪئي اگ سندس اشاري تي اسيمبليون ۽ دهنديون ۽ نهنديون هيون هاڻي هن وٽ هڪ سيٽ بہ ڪا نہ هئي.

ذوالفقار علي ڀٽو عوامي لول جو ليڊر بنجي پوري ملڪ تي

چائنجي ويو، اقتدار ۾ ان جي هٿ ۾ هو ڪجهہ ٽائيم ان جي دور ۾ سيد ٻاهر رهيو پر وري ١٩٧٢ع ۾ ڪيس نظر بند ڪيو ويو.

١٩٧٢ع ڪان پوءِ سيد خالص قوم پرست سياست جو آغاز ڪيو، ان دوران پاڻ ڪيترائي ڪتاب لکيائين پاڻ جيئي سنڌ تحريڪ جو اڳواڻ رهيو، پراها تحريڪ عوامي مقبوليت نہ ماڻي سگهي. پر سيد جو فڪر ۽ فلسفو اڄ بہ ان تحريڪ جي ذريعي زنده آهي. قوم پرست تحريڪ جو سيد روح روان هيو. سنڌس سياست ۾ ڪردار نمايان رهيو. ڪڏهن بہ منافقت ڪان ڪم نہ ورتائين جيڪا ڳالهہ ڪيس سمجهہ ۾ آئي ان جو برملا اظهار ڪيائين. پنهنجي موقف تي آخر تائين قائم هيو. ان ڳالهہ جو اعتراف سندس ڪٽر مخالف پڻ ڪندو آخر ٢٠ اپريل ١٩٩٥ع تي هن فاني دنيا کي ڇڏي وڃي پنهنجي مالڪ حقيقي سان مليو.

# حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي برصغير جو وڏو عالم، صحافي، اديب، سياستدان، شاعر ۽ سماجي خدمتگار ١٣ هجري مطابق ١٨٨٣ع ۾ سنڌ جي مردم خيزخطي ضلع دادو سيوهڻ شهر جي قديم معزز، ۽ علمي عباسي خاندان ۾ پيدا ٿيو. سندن والد "حڪيم حافظ غلام محي الدين" نعمان ثاني سنڌ جي مشهورعالم مخدوم عبدالواحد سيوستاني جي اولاد مان هئا ۽ هو پڻ وڏا عالم ۽ حڪيم پڻ هئا. وٽن اڻ لڀ ڪتابن جووڏو ذخيرو موجود هيو. سندن علميت جوڏاڪو ۽ شهرت عربستان ۽ ايران تائين هئي. سندن فتوائون ڪي پٿر تي ليڪو سمجهيو ويندو هو. حڪيم صاحب جو ننڍپڻ انتهائي لاڏ ڪوڏ سان گذريو. سندن آتم ڪهاڻي جي لفظن مطابق "مائٽن جا سڪيلڌا اهڙا هئاسون جوجمڻ شرط اسان جي پرورش ۽ ٿڃ پيارن لاءِ دايون مقرر ٿينديون هيون ۽ جڏهن ڪچ تي ڪٽي گهمائڻ لائق ٿيندا هئاسين تہ خاص نوڪراسان جي گهمائڻ لاءِ مقرر ٿيندا هئا. جيڪي پنجن ورهين جي ڄمارتائين اسان جي خدمتگذاري ۾ رهندا هئا. ننڍي عمر ۾ راند روند جو شوقين هئس. شهرجي پرسان عاليشان باغ هو. جنهن ۾ هرقسم جا ميويدار وڻ هوندا هئا. مون کي آزادي هوندي هئي تہ جيڪي وٽيم سو ڪانوان. سڄو ڏينهن باغ ۾ الوليون ڪندو گذاريندو هئس.

حڪيم صاحب جو نالو سندن ڏاڏي جونالو فتح محمد
رکيو ويو ۽ عرف محمد جعفر پنجن سالن جي عمر ۾ قرآن
شريف پڙهڻ شروع ڪيائون. پاڻ لکيو اٿن ته ذهن ڪليل نه هجڻ
۽ بي خيالي ڪري ٽي سال قرآن شريف پڙهائڻ ۾ لڳي ويو.
ڏهن سالن جي عمر ۾ فارسي پنهنجي والد ماجد وٽ شروع
ڪيائون ۽ الف بي لکڻ جي مشق به انهن وٽ شروع ڪيائون.
هاڻي سندن ذهن به کلي پيو. ان کان پوءِ سندن والد جي شاگرد
مولوي محمد عمر چنا وٽ ڪجهه فارسي پڙهيا. ان کان پوءِ
وري چوڏهن سالن جي عمر ۾ ڳوٺ فيروز شاهه صوبو خان
مگسي جي ويجهو ميهڙ تعلقي ۾ علامه عطاءَ الله فيروز شاهي
جي مدرسي ۾ داخل ٿيا ۽ فارسي سموري انهن وٽ مڪمل
ڪيائون. ان کان پوءِ سيتا ۾ مولانا محمد صديق سيتائي کان
عربي جا ڪتاب مڪمل ڪيائون. سن ١٣٢١هجريءَ ۾ فارغ
التحصيل ٿيا. کين مطالع جو وڏو شوق هوندو هو. خاص طرح
لغت جي ڪتابن جو مطالعو ڪندارهندا هئا. ان سان گڏ
تفسير، حديث، فقه شعر عروض، مناظرو وغيره جي ڪتاب جو
پڻ مطالعو ڪندا رهندا هئا. مطالعي جي شوق ۾ راتين جون
راتيون اوجاڳا ڪري ڏينهن ڪري ڇڏيندا هئا. سندن خانداني
ڪتبخاني ۾ هزارين ڪتاب مختلف علومن تي موجود هئا.
انهن مان ڪو ڪتاب هوندو جيڪو حڪيم صاحب جي
مطالعي مان نه گذريو هوندو. پاڻ وسيع مطالعي جو مالڪ هو.
فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي قائم ڪيل مدرسي سيوهڻ ۾
درس وتدريس ۽ ان سان گڏ خانداني پيشي حڪمت جوڪم به

شروع ڪيائين.

سنڌ مدرسي ۾ ڪراچي ۾ عربيڪ ۽ پرشين جي ٽيچر جي جڳهہ مولانا حميد الدين جي استعيفا سبب خالي ٿي تہ ڪاليج جي پرنسپل مسٽر وائنيس حڪيم صاحب کي تار موڪلي تہ هو جلدي اچي. مدرسي ۾ عربيڪ ۽ پربشين پڙهائي. جاڪاڻ جو مولانا حميدالدين فراهي صاحب پرنسپال کي حڪيم صاحب پنهنجي جڳهہ تي مقرر ڪرڻ جو زوردارمشورو ڏنو. مولانا حميدالدين فراهي وڏي پائي جو عالم هيو. هن جاڪيترائي ڪتاب لکيل آهن برصغير جي وڏن عالمن ۾ شامل ٿئي ٿو ۽ شبلي نعمانيءَ جو ماروٽ هيو. حڪيم صاحب کي پنهنجي مدرسي ۾ درس وتدريس جوجاري رکڻ جو شوق هيو. پر دوستن جي اسرار تي ڪراچي روانا ٿيا. مزي جي ڳالهہ تہ حڪيم صاحب جي مولاناحميدالدين فراهي سان ڪڏهن بہ روبرو ملاقات نہ ٿي هئي. پرمولانا حڪيم صاحب جي سفارش سندن بي نقاط نثر ۽ نظم کان متاثر ٿي ڪئي هئي. مولانا جي خيال ۾ حڪيم صاحب تمام عمر رسيد ۽ آزمودگار ۽ وڏو اديب هوندو. پر ان جي مقابلي ۾ حڪيم صاحب بلڪل ننڍي عمر جا نوجوان هيا.وائيس صاحب بہ ڪيس ڏسي چرڪي ويو تہ هن ننڍي عمر ۾ ناتجربيڪارلاءِ مولانا ڪيئن سفارش ڪئي هئي.وائيس صاحب ڪيس پنهنجي بنگلي ۾ رهايو. حڪيم صاحب جيئن تہ انگريزي بلڪل پڙهيل ڪونہ هئا. انگريزي درسگاهہ جي انگريزي پڙهيل شاگردن کي پڙهائڻ هڪ وڏو چيلنج هيو. وائينس کي بہ پڪ هئي تہ هي نو آزمودگار ڪاميابي سان پڙهائي ڪونہ سگهندو. مگر حڪيم

صاحب الله جي فضل سان ڪاميابي ۽ نهايت خوش اسلوبي سان ڪلاس وٺڻ شروع ڪيا. وائينس صاحب به نئين استاد کي جاسوس بنجي ان جي پڙهائي جو نمونو جاچيندو هو. تنهن به ڏٺو ته حڪيم صاحب نهايت ڪاميابي ۽ سٺي طريقي سان پڙهائي رهيا آهن ۽ پوءِ پڪ ٿيس ته مولانا فراهيءَ جو مشورو صحيح هيو.

هي حڪيم صاحب جي سوانح حيات تان ورتل حڪيم صاحب پنهنجي ڪم کي زورشورسان جاري رکيو. اوچتوڪراچي ۾ طاعون جي وبا پکڙجي ويئي. شاگرد ۽ استاد مدرسو خالي ڪري ويا. حڪيم صاحب به ڪراچي ڇڏي اچي سيوهڻ رهيا. ان دور ۾ قاضي عبدالقيوم صاحب کين زور رکيو ته نوشهري ۾ اچي مطب کوليو. پر سيد الهندي شاهه سندن قابليت کي ڏسي کين نوشهري فيروزجي اسڪول ۾ فارسي جو استاد مقرر ڪيو ڪجهه وقت اتي رهيا. ان کان پوءِ حيدرآباد ۾ ڪجهه ٽائيم گذاريائون. آخر ۾ حيدرآباد کي خيرآباد چئي ڪري روڊ پارسين جي پاڙي ۾ ميمڻ مسجدجي پرسان، مطب کوليائون ۽ مستقل طور ڪراچي ۾ رهائش اختيار ڪيائون حڪيم صاحب ڪراچي ۾ حڪمت سان گڏ، علم وادب جي خدمت پڻ ڪندو رهيو.

صحافت ۾ به پنهنجو پاڻ ملهايائين. پهرين الحق اخبار، جيڪا اڳ سکرمان نڪرندي هئي پوءِ حيدرآباد مان نڪرڻ لڳي هئي. حڪيم صاحب پهريائن ان جا ايڊيٽر ٿيا. ان کان پوءِ مسلسل الوحيداخبار ۾ لکندا رهيا. ڏهن بارهن سالن کان پوءِ مرحوم شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ سان اختلاف ٿيڻ کان پوءِ

١٩٣٦ع ۾ رسالو "اصلاح" جاري ڪيائون جيڪو اڳتي هلي اخبار جي شڪل ۾ به نڪرڻ لڳو. جنهن جو ايڊيٽر مولوي عبدالغفور سيتائي کي مقرر ڪيائون. حڪيم صاحب بهترين قسم جا اصلاحي ۽ علمي مضمون لکندا هئا. سندن لکڻ جو نمونو پڻ عجيب هيو. مريضن لاءِ دوا جا نسخا پڻ تجويزڪندا هئا ته ميل ملاقات به ٿيندي هئي. اخبار لاءِ مضمون به پيو تيار ٿيندوهو. سندس مضمون هرطرح جا هوندا هئا اهي معياري ۽ بلند پايه جاهوندا هئا. اخباري مقبوليت به انهن ادبي شهپارن ڪري هوندي هئي. حڪيم صاحب بهترين قسم جا صحافي پڻ هئا. ان ڳالهه جو ثبوت سندن ان وقت جي مضمونن مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو.

حڪيم صاحب شعرگوئي ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هئا. شاعري به عوامي، اصلاح ڪيائون ٻارن لاءِ پڻ عمدا شعر چيائون. شاعري ۾ سندس تخلص پهريائين صغير هيو. بعد ۾ حڪيم به پڻ لکندا هئا. سندس ڪلام ۾ قوم جي اصلاح، وطن جي محبت، قومي ٻڌي جو پهلو نمايان نظر اچي ٿو. حڪيم صاحب جو حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جي شان ۾ چيل نعت جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

احمدازين آذار ٿيو سيني سندو سردار ٿيو
مڙني جو مک مهندار ٿيو بلغ العليٰ بڪماله
اعليٰ ٿيو شان محمدي سرتاج سڀ جو مير مدني
جڳ ۾ ٿيو جلوه احمد، ڪشف الدجيٰ بجماله
عمدي عجب عادت سندين حسنت جميع خصاله
سهڻو سڄڻ سائين سدا، نرمل نورخدا

کهڙي ڪجي تنهنجي ثنا، صلو عليه وآله
حڪيم صاحب قوم جي حال تي هن ريت پنهنجي خيالات جو اظهارڪري ٿو:

ڳڙن ٿاڏک جا اکين مان ڳوڙها
۽ رت بہ ريلا ڪري وهي ٿو
ڏسي وطن جي تباهہ حالي
۽ قوم پنهنجي جي هي غلامي
اڳي اسان جوهو شان عالي
هينئر خرابي ۽ خستہ حالي
دماغ بيجا ۽ کيسا خالي
هي سڀ اسان جي آ پنهنجي خامي
ڏسوتہ ڪائون ڏڪا ٿادردر
لڳين اگهاڙا ڪلهن تي ڪوڏر
نہ تر ۽ تو شو نہ زر ۽ زر
نہ آهي همدرد ڪونہ حامي
وڏي ڪپهہ ڪٽڪ سرنهہ ساري
بکيا ڏکيا تہ بي رهن ٿا هاري

علم وادب، صحافت، شاعري سان گڏ حڪيم صاحب سياست ۾ پڻ حصو ورتو. سياست ۾ اچڻ جو مقصد ماڻهن جي خدمت هيو. پاڻ سنڌ جي بمبئي کان آزادي لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪيائون. جڏهن سنڌ بمبئي کان آزاد ٿي تہ ان وقت، سنڌ ۾ سياسي ڪيمپن ۾ تقسيم ٿي ويئي. هڪ هندن جي ڪئمپ ٻي مسلمانن جي ڪيمپ، تنهن ڪري حڪيم صاحب

ٽين ڌر سان گڏجي سنڌ جي ڪاروبار هلائڻ ۽ ان جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ جدوجهد ڪئي. پاڻ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن ۾ ڀرپور حصو ورتائون. هن جماعت جو بنياد سيد امير علي وڌو هو، هي جماعت اتحاد جي قائل هئي. هي مسلمانن جي پهرين جماعت هئي. جنهن مختلف وقتن تي حڪومت اڳيان، پنهنجا مطالبا پيش ڪيا. جهڙوڪ مسلم قوم جي تعليم، ملازمت، مذهب سياست ۽ معاشرتي معاملات ۾ مناسب حقن جو حاصل هئڻ وغيره. هن جماعت ۾ حڪيم صاحب محنت، يگانيت ۽ دلجوئي سان ڪم ڪيو. ان ڪان پو ۽تحريڪ خلافت ۾ بہ ڀرپور حصو ورتائون. سنڌ ۾ هن تحريڪ کي زور وٺائڻ ۾ سندن وڏو هٿ هيو. محترم جي ايم سيد لکيو آهي تہ "مون سنہ ١٩١٩ع ۾ پنهنجي ڳوٺ سن ۾ خلافت ڪانفرس ۾ مولوي فتح محمد سيوهاڻي جي صدارت هيٺ سڏائي جنهن ۾ هزارن ماڻهن شرڪت ڪئي." ان ڳالهہ سان حڪيم صاحب جي خلافت تحريڪ دوران سرگرمين جي چڱي طرح پروڙ پئي ٿي. ان ڪان علاوه حڪيم صاحب جمعيت العلماءِ هند ۾ پڻ وڏو ڪردار ادا ڪيو. سنڌ ۾ هن جماعت کي فعال ڪرڻ ۾ حڪيم صاحب جي قيادت ۽ صلاحيتن ۽ ڪوشش کي هرگزنظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ان سان گڏ مسلم ليگ جي پيلٽ فارم تان مسلمانن جي ڀلائي لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيائون. حڪيم صاحب ڪيترائي ڪتاب لکيا جنهن مان مشهور هي آهن، نورالايمان، مقدمة تفسير القرآن (٢) آفتاب ادب (٣) درباراڪبرجا بہ ابوالفضل ۽ فيضي حيات النبي، اخلاق محمدي، دينيات جو پهريون رسالو،اسلامي تيون ڪتاب،

دينيات جو ٽيون رسالو. ڪمال ۽ زوال، ميرن جي صاحبي
پاڻ ڪراچي ميونسل ڪارپوريشن جا ١٩٣٦ع
رهيو. ١٩٣٥ع ۾ ڪراچي هيلٿ ڪميٽي جا چيئرمين
آخر ڊسمبر ١٩٤٢ع ۾ وفات ڪيائون. حڪيم صاحب لاءِ
محترم جي ايم سيد لکيو آهي تہ حڪيم صاحب چڱو
شاعر هو اهڙو عمدو نثر نويس هيو. سندس اڪر موتين جهڙا
هئا. سندس تصنيفون خاص ڪري ابوالفضل، فيضي، ميرن
جي صاحبي، آفتاب ادب، تنويرالايمان وغيره هر ڪنهن جي نظر
مان گذريون هونديون.

هڪ بہ عربي ڪتاب لکيائين. باوجود شهرجي
سندس دسترخوان ڪليل رهندو هو. ڪم سخن شائستگي
جو مالڪ هو.

مرحوم شمس الدين بلبل ڪين خراج تحسين هيٺين
شعر ۾ پش ڪيو آهي. داستان قوم ڪتاب مثنوي
۾:

صغيرا ڏسي تنهنجو قومي ڪتاب
چوي توکي صد آفرين شيخ وشاب
صغيرا تنهنجو شعر موذون آهہ
اثر ۽ اجابت سان موذون آهہ
هجي قابلن ۾ اوهان جو قدر
مسلم ثبوت آهہ علم وهنر

مرحوم ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جن حڪيم
صاحب لاءِ هن ريت لکيو آهي.

حڪيم صاحب جن کي فارسي ۽ سنڌي انشا تي ڪيتري قدر ڪڙو هو سندين عبارت سهڻي سلوڻي هئي، منجهنس اتساهه ۽ پختگي ڪوٽ ڪوٽ پريل هئا. پاڻ سنڌي لغت ڪيميٽي جا سرجوش ميمبر هئا. بسا اوقات مولوي دين محمد وفائي سان لغت جي باري ۾ اختلاف هئن. هن ته آخر تصفيه لاءِ مون وٽ ايندا هئا ۽ حق هميشه سندن طرف هوندو هو. مرحوم حڪيم فتح محمد صاحب جن علم وادب جي ميدان ۾ گهڻي خوبين ۽ صفتن جا صاحب هئا. نثر ۽ نظم ۾ امتيازي درجو حاصل هون. سندن وفات بعد اجا ڪو اهڙو جامع الصفات آدمي پيدا نه ٿيو آهي، جو سندن جوڙ ۽ جيس هجي ۽ سندين جتيءَ ۾ پير پائي.

حڪيم صاحب ڪيترن ئي خوبين جو مالڪ هئو. هڪ ئي وقت عالم ۽ اديب شاعر ۽ خطيب، صحافي ۽ سياستدان مدبر ۽ ڏاهو. غريب پرور ۽ سخي مجاهد ۽ ملت جو پلوگهرندڙ، مرد قلندر ۽ فقير انسان هئا.

# نورمحمد لاکير (وڪيل)

محترم نورمحمد بہ سنڌ جي انهن مسلمان رهنمائن مان هڪ آهي، جن سنڌي مسلمانن ۾ تعليم عام ڪرڻ ۾ وڏو ڪردارادا ڪيو.

نورمحمد لاکير صاحب ڳوٺ جمع لاکير (جنهن کي عرف عام ۾ ڪنيارا سڏيو وڃي ٿو) تعلقي خيرپور ناٿن شاھ ضلع دادو ۾ پيدا ٿيا. سندس والد بزرگوار استاد هيو. نورمحمد صاحب پنج درجا مقامي اسڪول مان پاس ڪري، ميٽرڪ ڪرڻ لاءِ ڪراچي سنڌ مدرسة السلام ۾ داخل ٿيو. ميٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ بي- اي جي لاءِ ڪيس عليڳڙھ وڃڻو پيو. اتي ان بي-اي ۽ ايل- ايل- بي جون ڊگريون حاصل ڪيائين. ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي هڪ دوست ۽ ساٿي محمود بيگ سان گڏ حيدرآباد دکن آيو ۽ اتي ئي وڪالت جي پريڪٽس شروع ڪيائون. سندس پهرين شادي عليڳڙھ جي پڙهڻ دوران ٿي هئي. جيڪا جلد وفات ڪري ويئي. ان کانپوءِ ٻي شادي محمود بيگ صاحب جي گهراڻي مان ٿي. انهن سان دوستي ۽ قربت تہ اڳي ئي هئي نيٺ اها دوستي رشتيداري ۾ تبديل ٿي ويئي. محترم نورمحمد صاحب جلد سنڌ واپس آيو ۽ سردار محمد ابراهيم جي معرفت سندس تقرر ريزيڊنٽ ميجسٽريٽ جي حيثيت سان ٿيو. هن نوڪري سان نباھ گهڻو عرصو نہ رکي سگهيو. تقريبا ٻن سالن جي عرصي کان پوءِ اها نوڪري ڇڏي حيدرآباد واپس

آيو. ان وقت جناب غلام محمد مرحوم وڪيلن جي هڪ ڪاميٽي ناهي هئي. نورمحمد صاحب به ان ۾ شامل ٿي ويو. نورمحمد صاحب ٿوري عرصي ۾ پاڻ کي هڪ محنتي، هوشيار وڪيل ثابت ڪيو. ان ڪري رئيس مرحوم به هن کي پنهنجي سماجي، معاشرتي ۽ قومي تحريڪن ۾ خاص مددگار طور شامل ڪيو.

١٩٢٣ع ۾ هو بمبئي اسيمبليءَ جو ميمبر پڻ چونڊيو. مسلمانن جي پستہ حالي، غربت، جهالت کي ڏسي نورمحمد صاحب جي حساس طبعيت کان صبر نہ ٿيو. فيصلو ڪيائين تہ هو باقي زندگي مسلمانن جي تعليمي ترقي لاءِ استعمال ڪندو. ڇاڪاڻ تہ مسلمانن جي پٺتي پوڻ جو خاص سبب جهالت ۽ تعليم جي گهٽتائي آهي. انهيءَ مقصد خاطر سڀ کان پهرين نورمحمد وڪيل حيدرآباد سنڌ مسلم تعليمي ڪانفرس جي نالي سان ١٩٢٤ع ۾ حيدرآباد ۾ منعقد ڪرڻ جي تجويز رکي. وڏي جاکوڙ ۽ جدوجهد ڪئي ويئي. مهينن تائين ان ڪانفرنس جا انتظام ٿيندا رهيا. ڪانفرنس ۾ برصغير جي چوٽيءَ جي تعليمي ماهرن، اسڪالرن، دانشورن، پروفيسرن شرڪت ڪئي. ان ڪانفرنس جي صدارت علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر شهزاده آفتاب احمد ڪئي. ان ڪانفرنس کي سنڌ جي نمائنده ڪانفرس ثابت ڪرڻ لاءِ نورمحمد صاحب سنڌ جي هرطبقي ۽ هر فرد سان رابطو ڪيو ان ۾ وڏا جاگيردار، جديد ۽ قديم تعليم يافتہ ماڻهو سرڪاري ملازم، اديب، اسڪالر صحافي وغيره شامل هئا ۽ انهن جي سنڌ جذبن کي جاڳايو.

انهيءَ ڪانفرنس ۾ مختلف ڪميٽيون جوڙيون ويون.

الوحيد اخبار ۽ ان جي زماني جي مسلمان اخبارن ڪانفرنس جي خبرن کي نهايت شاندار نموني لڳايو ۽ ان کي وڏي اهميت ڏني. ڪانفرنس ۾ تمام گهڻيون ضروري ڳالهيون پيش ٿيون خاص طورتي تعليم ۽ نوڪرين جا انگ اکر سنڌ کان ٻاهر جي دانشورن جي اڳيان ظاهر ٿيا ته انهن نهايت افسوس جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته پوري هندستان ۾ ڪنهن به مسلم اڪثريت واري صوبي ۾ اهڙي حالت ڪانهي جهڙي سنڌ ۾ آهي.

اها ڪانفرنس حقيقت ۾ نورمحمد لاڪيرصاحب جو سنڌي مسلمانن جي لاءِ هڪ وڏو ڪارنامو هئي ۽ اها به سڌ پيئي آهي ته نورمحمد صاحب ڪهڙين پيچيده ۽ ڏکين حالتن ۾ مسلمانن جي تعليمي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڪم ڪيو. ڪانفرنس ۾ ڪيترائي اهم فيصلا ڪيا ويا. ان ۾ خاص ڳالهه اها ڪئي ويئي ته سموري سنڌ جي سنڌي مسلمان شاگردن لاءِ مسلم هاسٽل جوڙي وجي ۽ هاءِ اسڪول جو بنياد وڌو وجي. ان سلسلي ۾ نورمحمد صاحب ڪن معزز مسلمانن تي مشتمل هڪ "ايجوڪيشنل سوسائٽي" قائم ڪئي. انهيءَ بورڊ جو سيڪريٽري ڪيس چونڊيو ويو. ان کان پوءِ وڪالت جو ڪم ڇڏي ڏينهن رات ڏينهن اسڪول ۽ هاسٽل جي ڪمن کي هٿن ۾ ڪنيائون ۽ انهيءَ کي ئي زندگيءَ جو مقصد ۽ نصب العين بنائي ڇڏيائين ۽ نيٺ زبردست مشڪل ۽ تڪليفن کان پوءِ اسڪول قائم ڪرڻ ۾ ڪاميابي ماڻيائين. اسڪول جي عمارت جنهن شاندار نموني سان جوڙي هيائون اها اڄ به سندس عظمت جو اهڃاڻ آهي. ان سلسلي ۾ ڪين پنهنجو بنگلو پڻ گروي رکڻو پيو.

افسوس جو اڄ سنڌي ماڻهن ۾ اڳي جي ڀيٽ ۾ ڪافي

خوشحالي آهي ۽ ڪيترائي صاحب ثروت ۽ مالدار ماڻهو هن جاءِ تي موجود آهن پر هو نورمحمد لاڪير صاحب جيان ڪنهن به اداري کي وجود ۾ آڻڻ يا ان جي سرپرستي ڪرڻ کان قاصر آهن. اهو هڪ اسان جي قوم جو وڏو الميو ۽ بي حسي جو وڏو ثبوت آهي. نورمحمد صاحب جي هن عظيم ڪارنامي کي ساراهيندي ان وقت جي اخبار ”طيرا ابابيل“ لکي ٿي:

نورمحمد وڪيل جون خدمتون هڪ اهڙو سونهري ڪارنامو آهي جيڪو تاريخ جي ورقن تي قيامت تائين چٽيل رهندو ۽ هن جي نالي کي روشن رکڻ جو ڪارڻ بڻبو. نورمحمد وڪيل جنهن گرمجوشيءَ ۽ مڙسيءَ سان ڪم کي اڳتي وڌائي رهيو آهي. بيشڪ اهو هن جوئي وڙ آهي. هن مسلمان شاگردن جي لاءِ جيڪو ڪجهه ڪيو آهي. اهو ساراهه جو محتاج نه آهي.

هفتيوار طيرا ابابيل ١٨ نومبر ١٩٣٣ع سندس ڪوشش جي نتيجي ۾ اسڪول سندس حوالي ٿيو ته ان وقت الوحيد اخبار لکي ٿي:

حيدرآباد گورنمينٽ هاءِ اسڪول سوسائٽي جي حوالي ڪيو ويو آهي، جنهن جو سيڪريٽري اسان جو برگزيده مسٽر نورمحمد وڪيل آهي. هن اخبارن ”اسڪول جي بائيڪاٽ ڪريو“ مهم ان ڪري هلائي آهي جو هي اسڪول هڪ مسلم سوسائٽي جي چو حوالي ڪيو ويو آهي؟ پر مهين کان هندن جي منظم پروپئگنڊه جاري آهي. جيڪا نهايت افسوسناڪ آهي.“ (روزنامه الوحيد ٢٧ آگسٽ ١٩٣٧ع)

نورمحمد وڪيل کي مسلمانن ۾ تعليم عام ڪرڻ جو جنون جي حد تائين نه رڳو دلچسپي هئي پر عشق هو. سندن

هاسٽل ۾ شاگردن کي رهائش ۽ تعليم ڏيارڻ جو طريقي ڪار اهو هو تہ نورمحمد صاحب هر ضلع لاءِ هاسٽل ۾ مخصوص سيٽون رکندو هو. ان ڪان پوءِ پاڻ ذاتي طور تي سڄي سنڌ جو دورو ڪندو هو ۽ جڏهن اها خبر پوندي هيس تہ فلاڻن فلاڻن ڳوٺن ۾ هن شاگردن پوزيشن حاصل ڪئي آهي تہ انهن ڳوٺن ۾ وڃي انهن شاگردن جي والدين کي راضي ڪندو هو تہ پنهنجن ٻارن کي اجازت ڏين ۽ ڪين اهو بہ چوندو هوتہ سندن تعليم ۽ ٻيو سمورو خرچ هو پاڻ برداشت ڪندو ۽ اهڙي طرح نورمحمد صاحب انهن پوزيشن ڪٽندڙ شاگردن کي پنهنجي اسڪول ۾ اچي داخل ڪندو هو. هاسٽل ۾ شاگردن جي تعليم ۽ تربيت اٿڻ ويهڻ جي پنهنجي سر پڻ نگراني ڪندو هو.

اسڪول جي لاءِ هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اعليٰ قابليت رکندڙ استادن جون خدمتون حاصل ڪيون هيون. استادن جي پڻ نگراني پنهنجي سر پاڻ نورمحمد ڪندو هو. اهوئي سبب هو جو ٻين اسڪولن جي ڀيٽ ۾، انهيءَ اسڪول جو امتحاني نتيجو سئو ۽ بهتر نڪرندو هو. ان جي شاهدي الوحيد اخبار ٩ جون ١٩٣٦ع مان ملي ٿي. جنهن ۾ نورمحمد صاحب جي اسڪول جي امتحاني رزلٽ جي تعريف ڪئي ويئي آهي. جناب نورمحمد صاحب جي ذهانت، قابليت ۽ علمي صلاحيت جو اندازو پير غلام مجدد سرهندي جي هن بيان مان لڳائي سگهجي ٿو، جڏهن ميرٺ ۾ خلافت ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي تہ سنڌ مان مون کي ان ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻو پيو. ان ڪانفرنس ۾ مولانا محمد علي جوهر، مولانا ابوالڪلام آزد مرحوم، ڊاڪٽر انصاري ۽ ٻيا بزرگ

موجود هئا. انهيءَ وقت هڪ نشست ۾ عليگڙھ ڪاليج جي اخبار جي ايڊيٽنگ جي متعلق بحث ڇڙيو. مولانا محمد علي جوهر ۽ مولانا آزاد ٻـ حصو ورتو. مون کي چڱي طرح ياد آهي تہ اتي گڏيل راءِ سان اها ڳالهہ سامهون آئي تہ اخبار جي ايڊيٽنگ لاءِ مسٽر نورمحمد سنڌي ئي موزون ثابت ٿيندو. پر شرط اهو آهي تہ هو پنهنجون خدمتون علي ڳڙھ جي حوالي ڪري ڇڏي. مون انهيءَ وقت پنهنجي دل ۾ محسوس ڪيو تہ

"حال نڪوست از بهارش پيداست"

غائبانہ طور تي انهن مديرن جي مجلس ۾ نورمحمد جي ساراھ ٻڌي مون کي محسوس ٿيو تہ هي ٻہ ڪامل هستي آهي." (رسالو الڪمال ١٢ سيپٽمبر ١٩٣٧ع ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي جي مضمون تان ورتل)

اها هڪ مسلم حقيقت آهي تہ نورمحمد وڪيل صاحب دل ۾ سنڌي مسلمانن جي لاءِ درد رکندڙ هو ۽ انهن جي تعليمي ترقي لاءِ پاڻ پتوڙيو. اهو قابل تعريف آهي. مٿين ڳالهين مان ثابت ٿيو تہ ان وقت ۾ سندس صلاحيت جو سڪو هر خاص ۽ عام جي دل تي ويٺل هيو ۽ سنڌ جي جديد تعليمي تاريخ جو ذڪر جڏهن ٻہ ڇڙندو تہ نورمحمد صاحب جي تذڪري کانسواءِ اها تاريخ نامڪمل هوندي.

# سيد علي اڪبر شاهہ (رحمة الله عليه)

سيد علي اڪبر شاهہ رحمة الله عليه، وڏي پائي جا عالم دين جادو بيان مقرر، بي لوث سماجي خدمتگار، غزالي دوران، درويش، صوفي، متوڪل علي الله، سخي، غريبن جا هڏڏوڪي، ٢ فيبروي ١٩٠٢ع ضلع دادو جي ميهڙ شهر ۾ پيدا ٿيو. سندن والد سيداحمد شاهہ بن محمد هو.

پاڻ ابتدائي قرآن شريف جي تعليم آخوند عبدالحليم صاحب وٽ پڙهيو. سنڌي ۽ انگريزي جا بہ ٽي درجا اي- وي- اسڪول ميهڙ مان پڙهيو. شاهہ صاحب تمام ذهين هيو. سندن ذهانت ۽ هوشياري کي ڏسندي سندس والدصاحب کين فارسي پڙهڻ لاءِ مولانا عبدالوهاب ڪنير ڳوٺ گاهي مهيسر لڳ ميهڙ وٽ چڏيائون. فارسي کان پوءِ عربي پڙهڻ لاءِ سنڌ جي يگاني عالم، پرهيزگارشخصيت جناب حضرت مولانا عبدالڪريم ديروي رحمة الله عليه وٽ پڙهيا. جيئن تہ قدرت کين بي انتها قوت حافظ جي نعمت سان نوازيو هو، تنهن ڪري پاڻ درس نظامي تمام ٿوري عرصي دوران پورو ڪيائون. درس نظامي جي ختم ٿيڻ کان پوءِ پاڻ ميهڙ جي جامع مسجد جا امام وخطيب مقرر ٿيا. ان دوران ميهڙ ۽ پسگردائي جي عام ماڻهوءَ جي حالت زار کي ڏسي خيال ٿيو تہ عام ماڻهو جي اصلاح لاءِ ڪجهہ ڪم ڪجي. ان مقصد خاطر ميهڙ ۾ "انجمن اصلاح رسوم" قائم ڪيائين. جنهن جو مقصد هيو تہ ماڻهن ۾ جيڪي غلط رسمون آهن انهن جي پاڙ پٽي ۽ ماڻهن

مان جهالت جو خاتمو آڻجي ۽ ڪين علم ڏانهن راغب ڪجي. اهڙي طرح پاڻ سماج سڌارڻ جي ابتدا ڪيائين. ان ڪان پوءِ جلد ”مدرسه عربيه اڪبريه دارالقرآن“ جامع مسجد ميهڙ جو بنياد وڌائون، جنهن جو اهتمام پنهنجي استاد حضرت علامہ عبدالڪريم ديروي صاحب جي حوالي ڪيائون. (هينئر اهو مدرسو راقم الحروف جي والد بزرگوار حضرت علامہ مولانا مفتي ڪريم بخش جي سرپرستي ۽ اهتمام هيٺ تقريبا ٽيهن سالن کان هلندڙ آهي. جنهن مان الحمدلله هر سال حافظ ۽ عالم فارغ ٿين ٿا. ان سان گڏ ڪچي ۽ ڪاڇي جا غريب يتيم ديني تعليم سان گڏ انگريزي جي تعليم حاصل ڪري مختلف ادارن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن ۽ ڪيترائي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.)

شاهہ صاحب ميهڙ ۾ نوجوانن جي لاءِ ينگ مسلم ايسوسيئشن جو قيام عمل ۾ آندو ۽ مدرسي ۾ بالغن لاءِ نائيٽ اسڪول پڻ قائم ڪيو ۽ ان سان گڏ هڪ لائبريري بہ قائم ڪئي جنهن ۾ ديني لٽريچر رکيو، جيئن ماڻهو اسلامي تاريخ ۽ لٽريچر کان واقف ٿين ۽ ان تي عمل ڪري معاشري جا سنا ۽ پرامن فرد ثابت ٿين ان دوران برصغير ۾ خلافت تحريڪ شروع ٿي چڪي هئي، خلافت تحريڪ جو پروگرام اينترو تہ پراثر هو جو هر ذي شعور انسان ان ۾ ڪم ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ ٿي سگهيو. شاهہ صاحب پڻ ان ۾ شموليت اختيار ڪئي. اهڙي طرح پاڻ سماجي ڪمن سان گڏ سياست جو بہ آغاز ڪيائين. پهرين خلافت ڪانفرنس جيڪا لاڙڪاڻي ۾ ٿي، جنهن ۾ برصغير جا چوٽيءَ جا اڳواڻ شريڪ ٿيا، جنهن ۾ مولانا آزاد ۽ مولانا شوڪت علي سرفهرست هئا. شاهہ

صاحب جن ان ڪانفرنس کي ڪامياب بنائڻ ۾ ڀرپور ڪردار
ادا ڪيو ۽ ميهڙ مان هڪ وڏي جماعت سان گڏ شرڪت
ڪيائون. ميهڙ جي لاءِ خلافت جا ڪنوينر مقرر ٿيا. اهڙي طرح
عملي طرح سياست جي شروعات ڪيائون. سندن سياست
۾ اچڻ جو مقصد ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ نه، پر غريبن جي
خدمت ڪرڻ سندن محبوب مشغلو هيو ۽ ان ڪري سياست
کي ترجيح ڏنائون. ١٩٤٠ع ۾ لاهور ۾ مسلم ليگ جو
اجلاس ٿيو ۽ "قرارداد پاڪستان" منظور ٿي. ان وقت مسلم
ليگ جي منشور ۽ نظرئي ۾ مسلمانن جي ڀلائي نظر آئي.
تنهنڪري پاڻ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيائين ۽
اهڙي طرح آل انديا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جا
ميمبر ٿيا ۽ کين مسلم ليگ جي وڏن وڏن ليڊرن سان گڏ ڪم
ڪرڻ جو موقعو مليو. انهن ۾ لياقت علي خان، نواب بهادر
يارجنگ ۽ علامه شبيراحمد عثماني شامل آهن. محترم جي
ايم سيد جي مسلم ليگ تان استعيفيٰ ۽ قائداعظم سان
اختلاف ٿيڻ کان پوءِ پاڻ سنڌ مسلم ليگ و صدر بڻيو. پاڻ
مسلم ليگ جي ڪاميابي لاءِ وڏي جدوجهد ڪيائين شاهه
صاحب مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان اليڪشن لڙيو، جنهن
۾ سندس مقابلو علائقي جي هڪ وڏي بااثر شخصيت وڏيري
محمد قاسم مهيسر سان ٿيو. ان وقت سنڌ ۾ جاگيرداري
نظام ۽ وڏيرپ جو وڏو رعب ۽ ڏاڪو جميل هوندو هو. ماڻهو
وڏيرن جا جڻ ته غلام هئا پر اهڙين حالتن جي باوجود سيد
علي اڪبر شاهه هڪ قومي سردار ۽ وڏي جاگيردار کي
زبردست شڪست ڏني. اهو سندس شخصيت جو وڏو ڪمال
هو. جڏهن ته وڏيري صاحب جي ورڪ ۽ حمايت ۾ ڪانگريس

جا مکيہ ليڊر جنھن ۾ جواهرلال نهرو بہ شامل هيو جن اڇي ورڪ ڪنونسنگ ڪئي. پر شاهہ صاحب سان ماڻهن جي محبت ۽ خلوص ايتري قدر هيو جو ڪيس پوري برصغير ۾ وڏ ۾ وڏ ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيائون. سندن عوام ۾ مقبوليت ايتري قدر هئي جو جڏهن پاڻ ٻاهران ميهڙ ۾ ايندا هئا ۽ ميهڙ جي ماڻهن کي خبر پوندي هئي تہ هجومن جا هجوم بس اسٽاپ تي سندس استقبال لاءِ گڏ ٿي ويندا هئا ۽ ڪيس گهر جي در تائين رخصت ڪري پوءِ موٽندا هئا. ماڻهو ان وچ ۾ پنهنجو ڪم ڪار بند رکندا هئا. جڏهن پاڻ ميمبر منتخب ٿيا تہ ان وقت کين هڪ هزارروپيا وظيفو ملندو هو جنهن مان ۴۰۰ روپيہ انهن غريب شاگردن کي ڏيندا هئا جن کي قدرت ذهانت ۽ صلاحيت ڏني هئي پر غربت جي ڪري ۽ وسائل نہ هجڻ ڪري تعليم جاري نہ رکي سگهندا هئا. اهي چار سو روپيہ انهن کي اسڪالرشپ ڏيندا هئا ۽ ٽي سو روپيا تاج ڪمپني کي قرآن جي ڇپائيءَ لاءِ ڏيندا هئا. باقي ۳۰۰ روپيہ پنهنجي خرچ لاءِ رکندا هئا. شاهہ صاحب جن اسيمبليءَ دوران تعليمي، اصلاحي، غريبن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيترائي بل پاس ڪرايا. اسيمبليءَ ۾ جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جو بل پاس ٿيو تہ پاڻ ان جي حمايت ڪيائون، سنڌ يونيورسٽي جي سينڊيڪيٽ ڪميٽي جا سرگرم ميمبر رهيا. اسلامي شعبي جو پهريون اعزازي سربراهہ پڻ شاهہ صاحب کي مقرر ڪيو ويو.

شاهہ صاحب جن جيڪو علم کي عام ڪرڻ ۾ رول ادا ڪيو اهو هڪ ناقابل فراموش عمل آهي. پاڻ سنڌي ماڻهن ۾ تعليم عام ڪرڻ لاءِ حيدرآباد ۾ تلڪ چاڙهي وٽ هڪ

شاندار ۽ عظيم الشان اداري جامعيہ عربيہ جو بنياد وڌائون جنهن مان هزارين انسان مستفيض ٿيا. اڄ بہ اهو ادارو هاءِ اسڪول جي شڪل ۾ قائم ۽ دائم آهي.

وڏيرا شاهي واري سماج ۾ هاري جنهن ڏاڍ ۽ ڏمر جي چڪيءَ ۾ پسجي رهيو هو ۽ ان سان جيڪو ظلم ٿي رهيو هو ان کي شاهہ صاحب برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ هارين جي نجات ۽ اصلاح لاءِ سڄي ملڪ جا دورا ڪيا ۽ ڪين زرعي اصلاح ڪميٽيءَ جو ميمبر پڻ ڪيو ويو. شاهہ صاحب سنڌ ۾ تعليم عام ڪرڻ لاءِ آل پاڪستان ايجوڪيشنل ڪانفرنس جو بہ اهتمام ڪيو. حيدرآباد ۾ عربي ڪانفرنس ڪونايائين. ڪراچيءَ ۾ علم جي واڌاري لاءِ دارالاشاعت ۽ دارالطباعت قائم ڪرايائين. شاهہ صاحب شعلئہ بيان مقرر هيو ۽ کين لسان الامت جو لقب ڏجي تہ ڪنهن بہ قسم جو وڌاءُ نہ ٿيندو. سندس تقرير دلنشين هوندي هئي، اينتريقدر پراثر هوندي هئي ۽ ان ۾ جاذبيت ۽ سحر سمايل هوندو هو، جو هڪ دفعي حيدرآباد صدر واري علائقي ۾ صدر جي جامع مسجد جي بنياد ۽ تعميرات لاءِ تقرير ڪيائون ان وقت هڪ فرد هڪ لک روپئي جو اعلان ڪيو(١). ان وقت جي لحاظ کان لک روپيو وڏي رقم هئي. پر اهو سندس فن خطابت جو ڪمال هو.

سنڌ جي مشهور صحافي رحيم بخش "برق" جي بقول تہ مون سنڌ ۽ هند ۾ بہ وڏا مقرر ڏٺا جن جي تقرير دوران ڪنهن بہ شخص بوريت محسوس ڪري گهڙيءَ ڏانهن نہ ڏٺو، پر تقريري ۾ ئي مستغرق رهيا. اهو هڪ سيد عطاءالله شاهہ بخاري ۽ ٻيو هو سيد علي اڪبر شاهہ ميهڙائي.

(١) اهو مخير ماڻهو غالبا آخوند عبداللطيف هيو اصل مٽيارن جو هو.

ڳالهہ تا ڪن تہ قائداعظم محمد علي جناح بہ سندس تقرير کي پسند ڪندو هو. ٻين جي لاءِ ٽائيم مقرر هوندو هو. شاهہ صاحب جي تقرير لاءِ ٽائم مقرر نہ هوندو هو.

ميهڙ ۽ پسگردائيءَ جا ٨٠ سيڪڙو افراد جيڪي شاهہ صاحب جي دور سان وابستہ رهيا، اهي ڪنهن نہ ڪنهن نموني شاهہ صاحب جو تعاون حاصل ڪندا رهندا هئا.

هڪ دفعي راقم الحروف جي ملاقات علامہ شاهہ احمد نوراني سان ٿي. پاڻ مون کان پڇيائين تہ اوهان ڪٿان آيا آهيو؟ مون چيو تہ مان ميهڙ ضلع دادو کان آيو آهيان. پاڻ پڇيائين تہ اتان جا سيد علي اڪبر شاهہ هئا اوهان ان کي ٻڌو يا ڏٺو آهي. مون جواب ڏنو تہ بلڪل اسان ڏٺو آهي، پر شاهہ صاحب جن کي اوهان ڪيئن سڃاڻو؟ نوراني صاحب چيو تہ علي اڪبر شاهہ هڪ ولي صفت انسان هو ۽ ٻڌايائين تہ جڏهن نئون پاڪستان نهيو، اسين بہ انڊيا کان ڪراچي آيا سين. شاهہ صاحب آرام باغ وٽ فليٽ ۾ رهندو هو ۽ اتي ليڪچر ڪندو هو مون پاڻ ٻڌو، پر وڏي ڳالهہ اها هئي تہ هڪ نوجوان هندستان کان آيو اهو اتي انجنيئرنگ جو شاگرد هو، پارٽيشن ۾ اهو بہ پاڪستان اچي ويو پر ڪراچيءَ ۾ پيٽڪندو رهيو، ڪجهہ وقت کان پوءِ اهو مون کي مليو مون هن کان پڇيو تہ اج ڪلهہ ڪٿي آهين؟ جواب ڏنائين تہ آءٌ اجڪلهہ انجنيئر آهيان. اهو ٻڌي ڪري مون کي وڏي حيراني ٿي. مون چيومانس يار تون خالي هٿين ڪراچيءَ ۾ پيٽڪندو رهندو هئين! اج ڪلهہ تون انجنيئر آهين، اهو وري ڪيئن ٿيو؟ هن ٻڌايو تہ واقعي آءٌ ڪراچيءَ ۾ پيٽڪيس پئي، پر هڪ شخص سيد علي اڪبر شاهہ مون کي مليو مون سڄو احوال ٻڌايومانس. هن مون کي

چيــو تہ تون بابا انجنيــئـرنگ ۾ داخلا وٺ، تنهنجي خرچ جي ڪفالت مان ڪندس. مون انجنيئـرنگ ۾ داخلا ورتي. شـاهہ صاحب مون کي هر مهيني خرچ موڪليندو رهيو ۽ بالآخر آءٌ پڙهي انجنيئر بنجي ويس. اها هئي شاهہ صاحب جي انسان دوستي. سندس خدمت جا بي شمار واقعات اڄ بہ ميهڙ جا جهونا شخص بيان ڪن ٿا.

جڏهن مان (راقم الحروف) ميهڙ جي مدرسي ۾ عربي پڙهندو هئس تہ ڪي نيڪوڪار شخص وڏي عمر وارا نماز جي وقت کان اڳي اچي شاگرد پنهنجي سبقن کي پيرا ڏيندا هئا تہ اهي ٻڌندا هئا ۽ ڪچهري بہ ڪندا هئا. انهن ۾ جناب حافظ نوراحمد جتوئي عربي ٽيچر هاءِ اسڪول (ٿو) جنهن جو والد بزرگوار پڻ ايندو هو. هن شاهہ صاحب جن جي متعلق ٻڌايو تہ هڪ دفعي اسان جو زمين تي ڦڏو ٿي پيو. اهو معاملو حيدرآباد بورڊ آف روينيو تائين پهتو. ان سلسلي ۾ مون کي حيدرآباد وڃڻو پيو. مان ٻهراڙيءَ جو ماڻهو حيدرآباد ۾ آيس. ڪم ڪار ڪرائڻ منهنجي لاءِ وڏو مسئلو هيو. ٽرانسپورٽ جي سهولت جي گهٽتائيءَ ڪري ماڻهن جي ان وقت وڏن شهرن ڏانهن آمد رفت گهٽ هوندي هئي. خير مونجهاري کان پوءِ مون سوچيو تہ شاهہ صاحب علي اڪبر شاهہ آهي انهن کي عرض ڪيان ٿو. تڏهن سائين جن صدر واري جامع مسجد جي پرسان رهندو هو. مان مسجد ۾ آيس نماز کان پوءِ فارغ ٿي، شاهہ صاحب سان مليس، شاهہ صاحب حال احوال ورتو، مون سڄو احوال ٻڌايومانس. احوال ٻڌي چيائون تہ ابا ان ڪم لاءِ ايتري تڪليف ڪيئي. تون رڳو مون ڏي ڪارڊ لکي موڪلين ها تہ مان ڪم ڪرائي ڪاغذ توکي ٽپال رستي موڪلي ڏيان ها.

اجايو پاڙو خرچ ڪيئي ۽ تڪليف ڪيئي. نيڪ آهي. هاڻي روينيو آفيس هلون ٿا. مون جلديءَ ۾ تانگو ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پاڻ مون کي منع ڪيائين ۽ چيائين تہ جيستائين ٽنگن ۾ ساهہ آهي تہ مان انهن کان ڪم وٺندس. تانگي جي ڪابہ ضرورت نہ آهي ۽ پيادل هلي مون کي پنهنجو ڪم ڪرائي ڏنائين. شاهہ صاحب جن جي هي هڪ عجيب خدمت ۽ انڪساري جو نمونو هو. هڪ دفعي فيلڊ مارشل ايوب خان کين موٽر جي پرمٽ موڪلي پاڻ پنهنجي سيڪريٽري کي چيائون تہ ايوب خان پرمٽ موڪلي آهي تون ڪيس ڊرافٽ ناهي ڪيس لک تہ جيستائين الله تعاليٰ اسان کي هلڻ ڦرڻ جي طاقت ڏني آهي، ان وقت تائين اسان کي گاڏيءَ جي ضرورت نہ آهي. هي گاڏي وڪرو ڪري ۽ انهن پئسن کي دارالامان جي يتيم ٻارن ۾ تقسيم ڪيو وڃي.

طريقت ۾ پاڻ حضرت مجتبيٰ خان رامپوري جا دست بيعت ٿيا. هي بزرگ اصل رامپور هندستان جا هئا، ليڪن پاڻ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ خيرپور ميرس ۾ آيا. اڄ بہ سندن قبر خيرپور ميرس جي سيدو محلي ۾ موجود آهي. هي بزرگ برگزيده ۽ وڏي فيض وارو ۽ ڪامل ولي هو. شاهہ صاحب علي اڪبر شاهہ جي لاءِ سندن راءِ اها هئي تہ جهڙي طرح ريل جي انجڻ تيز چرپر ڪندي آهي اهڙي طرح علي اڪبر شاهہ جي دل ان کان بہ وڌيڪ تيز ذڪر ڪندي آهي. هن بزرگ جو ٻيو مريد حضرت منظور حسين مدني هئا، جيڪي روحاني طور تي وڏا ڪامل شخص هئا، جن جو فيض پڻ پوري دنيا تائين پکڙجي ويو، ويسٽ انڊيز سندس مريد آهن ۽ لاهور جو سابق ميئر ميان شجاع الرحمان ۽ سندس پيءُ شاذو ڪمپنيءَ

جو مالڪ ميان ذڪاءُالرحمان پڻ مريد ۽ سندن وڏا عقيدتمند هئا.

شاھ صاحب ڪي دنيا جي ڪمن ۽ سياست جي باوجود بہ عبادت ۽ رياضت سان ڏاڍي دلچسپي هئي. هڪ دفعي شاھ صاحب ميھڙ جي جامع مسجد ۾ چاليھن ڏينهن چلي ۾ ويھڻ جو ارادو ڪيو ۽ جڏهن چاليھہ ڏينهن پورا ٿيا تہ ماڻهن جا هشام جامع مسجد ميھڙ جي دروازي تي گڏ ٿي ويا. جڏهن اها خبر شاھ صاحب کي پيئي تہ ماڻهوَ گڏ ٿي ويا آهن تہ چيائين ان شهرت جي ڪري نفس اجا بہ زور وٺي ويندو تنهنڪري پاڻ ٻئي چلي جي نيت سان مسجد ۾ ويھي رهيا ۽ باهر نڪتا ئي ڪونہ. اهو عبادت ۽ زهد جو عظيم مثال هو. آخر عمر تائين ماڻهن جي خدمت ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪسر ڪونہ ڇڏيائون. سنڌ جو مشهور اديب ۽ دانشور جناب غلام محمد گرامي بہ سندس شاگرد ۽ تربيت يافتہ هئا. شاھ صاحب جي شخصيت همہ گير، گھڻ پاسائي هئي. هو هڪ وڏا عالم، سياستدان، مدبر، مبلغ، زبردست خطيب هئا. سندس تقرير ۾ فصاحت، بلاغب ۽ معاني جا عميق ۽ گهرا نقطا سمايل هوندا هئا. آخر ٢٢ جون ١٩٧١ع ۾ رحلت ڪيائون. سندس ڪردار ۾ خلافت راشده جي جهلڪ نظر ايندي هئي. پاڻ وبهين صديءَ جا ابوذرغفاري رضہ هئا. چاڪاڻ تہ وفات وقت ذاتي ملڪيت ۾ ڪابہ پراپرٽي ڪانہ ڇڏيائون، بلڪ هر شيءِ وقف ڪري ڇڏيائون.

پر اسان جي بي حسي اينتريقدر آهي جو سندس هڪ فرزند محمد شاھ صاحب ايم- اي پاس آهي پر اڃ تائين بي روزگار آهي. هو سماجي ڪمن ۾ مصروف آهي ۽ راقم الحروف جو قريبي دوست آهي.

# پير الاهي بخش صاحب (مرحوم)

جديد سنڌ جي سياست تي جن شخصيات اڻ مٽ نشان ڇڏيا آهن انهن شخصيات ۾ پير الاهي بخش صاحب نمايان نظر اچي ٿو. پير صاحب جوخاندان پيان سيدآباد تعلقي سيوهڻ جي پيرسان پير ڳوٺ جا وينل هو. سندن خانداني تعلقات مخدوم آف هالا شريف وارن سان پڻ رهيا آهن. سندن ڏاڏي جو نالو پير غلام حسين صاحب هو. هن خاندان جا مريد ڪانياواڙ ۽ هندستان ۾ ڪافي جاين تي موجود آهن.

پيرالاهي بخش صاحب ١٨٩٧ع ڌاري پنهنجي آبائي ڳوٺ پيرڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم پانن جي اسڪول ۾ حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ميٽرڪ خيرپورميرس هاءِ اسڪول ۾ حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم لاءِ عليڳڙهه ڪاليج ۾ ويا. جتي ڪجهه ٽائيم پڙهيا. عليڳڙهه مان جن شاگردن مولانا محمد علي جي چوڻ تي ڪاليج ڇڏيو ۽ قطع تعلقات ڪيو انهن ۾ پير الاهي بخش صاحب بہ شامل هيو. علي ڳڙهه مان ڇڏي پاڻ نئين برپا ڪيل جامعہ مليه يونيورسٽي ۾ اچي پڙهڻ لڳو. هن درسگاهہ جو بنياد (Foundation) محمود الحسن وڏو ۽ حڪيم اجمل خان ان جو وائيس چانسلر هو. اها يونيورسٽي پوءِ دهلي ۾ ڪجي آئي.

جامعہ مليه ۾ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ پيرصاحب جن سنڌ ۾ ڪراچي ۾ سڌايل ١٩٢١ع ۾ : ١- ٩- ٨ جولاءِ

تي سڏايل ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو. جنهن ۾ مولانا شوڪت علي، ڊاڪٽرسيف الدين ڪاچيلو، پير غلام مجدد سرهندي، شنڪر اچاريه کي ٻه ٻه سال سزا ملي هئي. خلافت تحريڪ جهڪي ٿيڻ کان پوءِ بي- اي- ايل- ايل- بي جا امتحان پاس ڪري لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪيائين وڪالت جي دوران ٻه جلسن، جلوسن، عام ڪانفرنسن ۾ حصو وٺندو رهيو ۽ سندن ماڻهن سان رابطو رهندو آيو. سنڌ جي ممبئي کان علحدي کان پوءِ ١٩٣٧ع ۾ پهريون چونڊون سنڌ اسيمبليءَ جون ٿيون. پيرصاحب انهن ۾ حصو ورتو. سندن مقابلو دادو، جوهي تڪ مان علائقي جي با اثر شخص خانبهادر يار محمدخان جوڻيجو پاٽ جو وينل هو، ان سان ٿيو. پير صاحب کيس شڪست ڏني ۽ اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيو. پير صاحب سنڌ اتحاد پارٽي جو ميمبر پڻ هو.

مارچ ١٩٣٨ع ۾ سرغلام حسين هدايت الله جي وزارت کي شڪست آئي. جنهن کان پوءِ الله بخش جي وزارت ٺهي. پير صاحب کي روينيو جو وزير طور ڪنيو ويو. پير صاحب پير علي محمد راشدي صاحب سان گڏجي سنڌ ۾ عوام سان رابطو ڪيو. جيڪو بلڪل نئون تجربو ۽ هڪ نئين روايت هئي. ان کان اڳ ڪڏهن ٻه اهڙي قسم جو رواج نه هوندو هو ته وزير، عوام وٽ وڃن ۽ رابطو ڪن. پيرصاحب سڄي سنڌ جا عوامي دورا ڪيا ۽ جلسا ڪيا. عوام کي ذهن نشين ڪرايو ته نئين وزارت سندن ڀلي لاءِ ڪم ڪرڻ چاهي ٿي. پيرصاحب عوام جون شڪايتون ٻڌي موقعي تي حڪم جاري ڪيا. عوام جا ڏک سور ۽ حال احوال معلوم ڪيا سنڌ ۾ اهو پهريون مثال هو جو سرڪاري عملدار ۽ عوام

هڪ ٻئي جي قريب ٿيا ۽ برابري ۽ هڪجهڙائي جو ثبوت ڏنو ۽ هڪ ئي دسترخوان تي گڏ ماني کاڌي.

ايک هي صف ۾ کهڙے هوگئے محمود وایاز

ماڻهن ۾ اهو تاثر قائم ڪيو ويو ته وزير ۽ عملدار عوام جا خدمتگار آهن. ان ڪري آفيسرن کي عوام جو خادم "السلطان خادم" وارو نمونو پيش ڪرڻ گهرجي. پير صاحب جي ان طوفاني دوري ماڻهن ۾ همت، جرات ۽ بهادري ۽ بيداريءَ جي لهر پيدا ڪري ڇڏي. پر وري ٻئي طرف آفيسرن ۽ بيوروڪريٽ طبقي ۾ ناراضگي پيدا ٿي. خاص طور تي يورپي ذهن رکندڙ آفيسرن گورنر کي شڪايت ڪئي ته پير صاحب جي دورن سندن رعب ۾ ڪمي آڻي ڇڏي آهي ۽ ماڻهن ۾ قانون جي عزت گهٽجي وئي آهي. اهڙي قسم جا الزام لڳايا ويا. خاص طور تي آفيسر طبقي پير صاحب جي ان دوري کي ناڪام بنائڻ لاءِ ڪيترن ئي قانوني رڪاوٽون حائل ڪيون گورنر ۽ آفيسر طبقي جي دٻاءَ ۾ وزيرن کي پڻ مجبور ڪيو. جيڪي پڻ عوام سان تعاون ڪرڻ لڳا ۽ آفيسرن جي پيدا ڪيل پروپيگنڊا جي اثر ۾ اچي ڪري ماڻهن سان عدم تعاون ڪرڻ لڳا. جنهن ڪري پير صاحب جيڪا ماڻهن ۾ اميد پيدا ڪئي هئي ان جو خاطرخواه نتيجو نه نڪتو

حقيقت ۾ عوام ۾ شعور ۽ حوصلي وڌڻ سان ٽن گروهن کي نقصان پهتو ٿي. اهي هيٺيان طبقا هئا.

١- وڏا زميندار. ٢- هندو شاهوڪار طبقو.

٣-آفيسر. اهي ٽئي طبقا عوام کي دٻائي نيچ ڪرڻ ۾ برابر جا شريڪ هئا. پيرصاحب الهه بخش وزارت ۾ مارچ ١٩٤٠ع تائين رهندا آيا. ان کان پوءِ مير بندهه علي جي وزارت ۾ هڪ

سال کن رهي پوءِ وزارت کان ٻاهر رهيا.

١٩٤١ع ۾ وري الله بخش وزارت قائم ٿي. ان ۾ پيهر شامل ٿيا. ١٩٤٢ع ۾ خانبهادر الله بخش ڪانگريس تي ڪنيل قدمن خلاف احتجاج ڪيو ۽ انگريزن طرفان مليل لقب واپس ڪيا. ان تي گورنر ڪيس ڊسمس ڪري ڇڏيو ۽ سرغلام حسين کي وزارت ٺاهڻ جي آڇ ڪئي. پير صاحب ان وزارت ۾ شريڪ ٿي ۽ مسلم ليگ ۾ پڻ شموليت اختيار ڪئي.

١٩٤٧ع ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو. سرغلام حسين سنڌ جو گورنرمقرر ٿيو ۽ وزيراعظم جي چارج محمد ايوب کهڙي کي ملي. ١٩٤٨ع ۾ کهڙي صاحب جو ڪراچي جي سوال تان مرڪزي حڪومت سان اختلاف ٿي پيا. کهڙي صاحب ڪراچيءَ کي مرڪز جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان ڪري مرڪزي حڪومت ان کي ڊسمس ڪري ڇڏيو ۽ وزيراعليٰ پير الاهي بخش بڻيو. ١٩٥٣ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جون نئين سر چونڊون ٿيون. ان ۾ پير صاحب متحده محاذ طرفان چونڊجي آيا، ۽ متحده محاذ جا جنرل سيڪريٽري ٿي رهيا. ٩ نومبر ١٩٥٤ع ۾ پيرزادو وزارت ڊسمس ٿي ۽ گورنر جنرل غلام محمد کهڙي صاحب تان پروڊا جون پابنديون ختم ڪري کيس سنڌ جو وزيراعليٰ مقرر ڪري کهڙي صاحب وزيراعليٰ بڻجندي پير صاحب جي پٽ کي جيل ۾ وڌو ۽ ١١ ڊسمبر ١٩٥٤ع تي حيدرآباد ۾ سنڌ اسيمبليءَ جواجلاس سڏرائي ميمبرن کان زوري بل پاس ڪرائي سنڌ کي ون يونٽ ۾ شامل ڪرايو. ان نهراءَ جي برخلاف ووٽ ڪندڙن مان پير صاحب بہ هڪ هو.

١٩ جنوري تي مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جون

چوندون تيون ان ۾ وري پير صاحب چوندجي آيا ۽ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ متحده محاذ پارٽي جا سيڪريٽري ٿي رهيا. پاڪستان نيشنل پارٽي ٺهي ۽ پير صاحب ان جا ميمبر رهيا. ١٧ سيپٽمبر ١٩٥٩ع ۾ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ جو ٺهراءُ رئيس غلام مصطفىٰ خان پرڳڙي پيش ڪيو ان جي پاس ڪرائڻ لاءِ پير صاحب تمام گهڻي ڪوشش ورتي. ١٨ آڪٽومبر ١٩٥٨ع ۾ ملڪ ۾ مارشل لا نافذ ڪيو ويو ته پيرصاحب کي به ٻين ملڪ جي مکيه سياستدانن وانگر سياست مان خارج ڪيو ويو. پير صاحب ذاتي طور تي سادگي پسند، ڪفايت شعار، ملڻو، جلڻو، يارن جو يار، نمازي، خوشخلق، عوام سان ميل جول رکڻ وارو انسان هو. اقتدار ۾ هجي يا اقتدار کان ٻاهر. هرحال ۾ سندس حالت هڪ جهڙي رهندي هئي. ڪنهن به ماڻهو کي فائدو پهچائڻ کانسواءِ نه رهندو هو. هو هڪ سخي ۽ فياض انسان هو. سنڌ جي مڙني وزيرن کان پير صاحب جي وزارت جا سماجي تعليمي، ۽ تعميري ڪم گهڻا آهن. سنڌ ۾ سندس ايام ڪاري دوران خاص ڪم هيٺيان آهن. سنڌ مسلم ڪاليج ٻربا ڪرڻ سنڌ ۾ زوري تعليم ۽ مفت تعليم عام ڪرڻ، بالغن جي تعليم رائج ڪرڻ. موجوده اين- جي- وي هاءِ اسڪول ٺٽو ڪي سنڌ ايس- ٽي ڪاليج لاءِ بلڊنگ ٺهرائڻ، ڪراچي ۾ پير الاهي بخش ڪالوني ٺهرائڻ ۾ مدد ڏيڻ. ان ۾ ڪيترن ڪاليجن ۽ اسڪولن کي قائم ڪرڻ ۾ پير صاحب جو وڏو هٿ هو. پير صاحب بنيادي طورتي روشن خيال ترقي پسند خيالن جا، عوام ۾ شعور، بيداري، سجاڳي پيدا ڪرڻ ۽ ان جي خدمت ڪرڻ جي جذبي سان سرشار هئا.

# خانبهادر محمد پريل خان ڪلهوڙو

خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙو جي شخصيت دادو ضلعي جي مشهور شخصيت آهي. خانبهادر جو والد ميان قادر بخش ڪلهوڙو ٺيڪيداري ڪرڻ جي ڪري ڪافي ملڪيت ناهي. ڪيس ١٨٨٤ع ڌاري محمد پريل صاحب ڄائو. خانبهادر صاحب مقامي اسڪول مان پرائمري تعليم پوري ڪري فائينل پاس ڪري تپيداري جو ڪورس ڪيائين. ڪيترائي سال تپيداري ڪيائين. پنهنجي والد جي انتقال کان پوءِ تپيداري کان استعفيٰ ڏيئي پنهنجي جائيداد زمينون سنڀالڻ شروع ڪيائين ۽ پنهنجي هوشياريءَ ۽ چالاڪيءَ سان ڪافي ملڪيت وڌايائين. اڳها ماڻي کي ڇڏي اچي پنهنجو الڳ ڳوٺ باليشاهه نالي ٻڌايائين. هن ڳوٺ ۾ وڏيون عمارتون، مهمان خانا ۽ ڪشاديون اوطاقون ٺهرايون، پاڻ وڏو مهمان نواز هو سندس دسترخوان هر عام ۽ خاص لاءِ کليل هوندو هو، آفيسرن سان به سندس تعلقات تمام گهاٽا ٿي ويا ۽ تر جي پراڻن اثر رسوخ وارن وڏيرن ۽ زميندارن کان گوءِ کٽي ويو ۽ ١٩٣٣ع ۾ ضلعي ڪائونسل دادو جي پريزيڊنسي جي چونڊ ٿي هن جي مقابلي ۾ ميان يار محمد جوڻيجي کي اميدوار بيهاريو ويو پر خانبهادر جي ذاتي اثر ورسوخ ڪامورن سان دوستي ۽ پيسي جي ڪري ميان صاحب کي شڪست ڏني ۽ پاڻ ضلعي ڪائونسل جو پريذيڊنٽ ٿي ويو.

ضلعي جي پريذيڊنٽ چونڊجڻ کانپوءِ هن جي سياسي

اثر رسوخ ۾ به اضافو آيو ۽ هن جو پٽ ميان شمس الدين تعلقي لوڪلبورڊ ميهڙ جو پريذيڊنٽ چونڊجي ويو.

ضلعي ۾ ڪو به فيصلو خانبهادر جي مرضيءَ کان بغير ممڪن ڪو نه هو. اڪثر ميمبر وٽس رهندا هئا، لوڪلبورڊ جي اجلاس جي دوران سوين ماڻهو گڏ ٿيندا هئا، خانبهادر انهن جي لاءِ ديڳون رڌرائي انهن جي کائڻ پيئڻ جو بندوبست ڪندو هو. ماڻهن جا ڪم پڻ ڪندوهو ڪي بدلين لاءِ ڪي نوڪرين لاءِ ايندا هئا انهن جي پنهنجي وس آهر مدد ڪندو هو خانبهادر روزي نماز جو پابند هو. مذهبي ذهن جو ماڻهو هو، تنهن ڪري ڪيس آخري عمر ۾ عربي ۽ فارسي پڙهڻ جو شوق ٿيو. ان لاءِ ڳوٺ ۾ هڪ عاليشان مدرسو کوليائين ۽ اتي هڪ مولوي رکيائين جنهن وٽ پاڻ عربي فارسي سکندو هو ۽ ان مدرسي ۾ غريب شاگردن جي رهائش جو به انتظام ڪيائين ۽ انهن جي خوراڪ پوشاڪ جو به خرچ خود برداشت ڪندو هو. اثر رسوخ جي وڌڻ ۽ پيسي جي ريل پيل ڏسي مخالفن کي به صبر ڪو نه آيو، نيٺ انڪواري ٿي ۽ گورنمينٽ آف بمبئي جي تحت ڪيس لوڪلبورڊ تان استعفيٰ ڏيڻي پئي.

وري بيهر به خانبهادر نور نبي ڪليڪٽر جي مدد سان لوڪلبورڊ جو پريذيڊنٽ چونڊجي ويو. خانبهادر بي شمار خوبين جو مالڪ هو. ١٩٤٦ع ۾ وفات ڪيائين.

# ”مولانا عبدالغفور سيبنائي“

سنڌ ڌرتي ۽ هر فيلڊ ۾ اعليٰ ماڻڪ انسانن کي جنم ڏنو آهي. ان ۾ وري ميهڙ جو مقام پنهنجو آهي. ميهڙ جي هن مردم خيز خطي ڪيترن ئي صحافت جي شهسوارن کي جنم ڏنو آهي. ان ۾ مولانا عبدالغفور سيبنائي جي شخصيت خاص طور تي سنڌي صحافت ۾ هڪ اهم جاءِ والاري ٿي.

مولانا صاحب ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ بچي واهڻ ۾ جنم ورتو. جيئن ته سندس وڏو ڀاءُ مولانا نثار احمد جيڪو پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ مدرس هو. مولانا شروعاتي تعليم ان وٽان حاصل ڪئي. جيڪو ان وقت ڀاٽ جي مدرسي ۾ پڙهائيندو هو مولانا ڪيترائي سال ان وٽ پڙهيو. پوءِ پاڻ مولانا محمد صادق کڏي واري جي برپا ڪيل مدرسي ۾ پڙهيو ۽ اتي ئي مدرس مقرر ٿيو. مولانا پنهنجي صحافت جو آغاز سنڌ جي مشهور رسالي توحيد مان ڪئي، ان ۾ سندس مضمون شايع ٿيندا هئا. مولانا جا توحيد رسالي ۾ مضمون نهايت تحقيقي، معياري ۽ معلوماتي هوندا هئا. آهستي آهستي مولانا جي مضمونن کي تمام گهڻي مقبوليت حاصل ٿي ۽ مولانا جي مضمونن کي تمام گهڻو شوق سان پڙهيو ويندو هو. مولانا جي ان صلاحيت جي بنياد تي ڪيس الوحيد ۾ ترجمي واري سيڪشن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ آندو ويو پاڻ مترجم جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. جيئن ته ان وقت لاهور مان نڪرندڙ روزانه ”زميندار“ ممبئي مان ”خلافت“

بجنور مان مدينـہ اخبار ۽ ٻيا ڪيترائي رسالا ايندا رهندا هئا ۽ ان وقت ۾ الوحـيـد جي ترجمي واري شـعـبي ۾ وڏن وڏن ماهرن کي مقرر ڪيو ويندو هو. جنهن ۾ ڏٽي بخش "ناقص" سجاولي ۽ ٻيا ڪيترائي شامل هئا. مولانا کي بہ تيم ۾ شامل ڪيو ويو هو. مولانا سيتائي انهن سان گڏ وڏي محنت ڪئي ۽ انتـهـائي خوش اسلوبي سـان ترجمي واري فن کي نڀايائين.

ان زماني ۾ کهڙي صاحب جي اخبار" سنڌ زميندار" نڪرندي هئي مولانا سيتائي صاحب کي ان اخبار ۾ ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو ۽ پاڻ ان اخبار کي شاندار نموني سان هلايائين. ان وچ ۾ مولانا کي واپس گهرائي "الوحـيـد" ۾ ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو جيئن تہ ان زماني ۾ اخبار کي سندس ايڊيٽر جي حيثيت سان سڃاتو ويندو هو ۽ الوحيد کي جيڪي ايڊيٽر مليا اهي تقريبا ايڊيٽر هجڻ سان گڏ وڏا عالم ۽ اديب هوندا هئا جنهن ۾ مولانا دين محمد "وفائي" بہ شامل هو. مولانا انهن وانگي ئي پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور نموني استعمال ڪيو ۽ الوحيد جي معيار کي ڪرڻ نہ ڏنو. بلڪ ان جي معيار کي وڌايائين. زماني جي لاهن چاڙهن ۽ هيراڦيرين ڪري اهڙو وقت آيو جو مولانا کي "الوحـيـد" کان الگ ٿيڻ پيو. مولانا صاحب پنهنجي ذاتي اخبار "نوائي سنڌ" جاري ڪئي. مولانا وڏي جاکوڙ ۽ محنت سان "نوائي سنڌ" کي بہ سنڌ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مقبول ڪرايو. اها اخبار سنڌ جي ماڻهن جي مسئلن جي سهڻي نموني ترجماني ڪندي رهي ان ۾ وڏي ۾ وڏو هٿ مولانا جي قلمي جوهر جو هو. اڳتي هلي "نواءِ سنڌ" ڪن اڻ تر حالتن ڪري بند ٿي ويئي مولانا

صاحب ٻـ پنهنجي آبائي ڳوٺ سيتاجي پرسان زمينداري جي
ڪمن ۾ مصروف رهيو. مولانا غريب گهرائي جو فرد ٿي ڪري
صحافت جي دنيا ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو. اڄ بہ ان دور ڪي ان
وقت جا صحافي ياد ڪندا رهن ٿا. مولانا جي دوستيءَ جو
حلقو بہ وسيع هو ۽ اهو ملڪ جي هر حصي تائين پکڙيل هو.
ان دور جا وڏا وڏا صحافي ۽ اخبارن جا مالڪ مولانا جي
دوستي جي حلقي ۾ شامل هئا. جنهن ۾ اخبار جنگ جو
مالڪ ۽ ايڊيٽر مير خليل الرحمن پڻ شامل هو.

مولانا جو فرزند جناب محمد اشرف سولنگي صاحب
ميهڙ جي سماجي ۽ سياسي شخصيت آهي ۽ هر طرح جي
سماجي ۽ سياسي خدمت ۾ پيش پيش آهي خصوصا
سولنگي قبيلي جي خدمت سندس نصب العين آهي. ان کان
علاوه مولانا جي سايہ شفقت ۽ ترتيب ۾ هيٺ پلجندڙ سندس
ڀائيٽو محترم خالد سيتائي صاحب آهي، جيڪو اڄڪلهہ
انفرميشن ڊيپارٽمينٽ جو ڊائريڪٽر آهي. خالد صاحب بہ
پنهنجي زندگيءَ جو آغاز صحافت سان ڪيو. هو پاڻ انڊس
ٽائيم اخبار جو سب ايڊيٽر ۽ ريڊيو پاڪستان ۾ نيوز
آرگنائيزيشن شعبي سان وابستہ رهيو آهي. ان سان گڏ
حيدرآباد ۾ يونين آف جرنلسٽ جو صدر ۽ ٽي سال لڳاتار
حيدرآباد پريس ڪلب جو صدر ۽ هلال پاڪستان ۾ چيف
رپورٽر پڻ رهيو آهي ۽ ان کان پوءِ انفراميشن ڊپارٽمينٽ ۾
نمايان خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو آهي. پاڻ پي، آر،او ٽو
گورنر سنڌ رعنا لياقت علي خان چيف منسٽر غلام مصطفيٰ
جتوئي ۽ پريس سيڪريٽري گورنر مير رسول بخش ٽالپر، رعنا
لياقت علي خان جهانداد خان،جنرل رحيم الدين، جسٽس

فخرالدين جي ابراهيم، اشرف تاباني، چيف منسٽر آفتاب شعبان ميراڻي ۽ ڄام صادق جو پڻ رهيو آهي.

انفرميشن ڊپارٽمينٽ جي ٽريننگ جي سلسلي ۾ دنيا جا ڪافي ملڪ گهمي آيو آهي. جنهن ۾ آسٽريليا، يورپ، فار ايسٽ جا ملڪ شامل آهن. اڄڪلهه ڊائريڪٽر انفرميشن جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي.

ان کان علاوه سنڌس ڀاءُ محترم فاروق احمد سولنگي صاحب ورلڊ هسٽري ۾ پي ايچ ڊي آهي، جيڪا هن آمريڪا مان حاصل ڪئي آهي.

اڄڪلهه علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر آهي. ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف آهي. سنڌس ٻيو ڀاءُ محمد اقبال صاحب بزنس ايڊمنسٽريشن ۾ پي ايچ ڊي آهي. اڄڪلهه پاڪستان جي سفارتخاني ابوظهبي ۾ اعليٰ عهدي تي خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

هي سڀ فرد جيڪي ميهڙ جي ڪڇي جي علائقي سان وابسته آهن. پر مولانا جي نظر ۽ تربيت ڪري اڄڪلهه وڏن عهدن تي فائز آهن، اها ڳالهه ثابت ڪري ٿي مولانا صاحب پڻ هڪ فياض شخصيت جو مالڪ هو. ان حوالي سان مولانا صاحب جي فرزندن ۽ پائنڻ تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته هو مولانا جون خاص تحريرون ۽ شخصيت تي مڪمل ڪتاب ڇپرائڻ مولانا صاحب 24.5.1981 تي وفات ڪري ويو.

# رئيس ضياءُ الدين بلبل ۽ شمس الدين بلبل

رئيس ضياءُ الدين سنڌ جي ممتاز شاعر ۽ صحافي جناب شمس الدين بلبل جا فرزند آهن. ١٥ ڊسمبر ١٩١٠ع ۾ ميهڙ ضلع دادو ۾ تولد ٿيا. سندس پيدائش مشهور عالم دين مجذوب درويش مولانا غلام محمد سوڍر رحمة الله عليه جي دعا سان وابسته آهي. رئيس ضياءُ الدين بلبل کان اڳ بلبل مرحوم کي ڪوبہ نرينہ اولاد ڪونہ هو. مولانا مجذوب جي نتيجي ۾ ضياءُ صاحب ٿنهن گهر مان پيدا ٿيو. سندس تربيت تعليم ان وقت جي درويش انسان مولانا غلام محمد سوڍر جي سرپرستيءَ ۾ ٿي. جنهن بزرگ کي عام طرح سان ڏاڏو سائين چيو ويندو هو.

رئيس ضياء مرحوم ننڍي عمر ۾ ئي پنهنجي والد صاحب جي سايئي شفقت کان محروم يعني يتيم ٿي پيا. سندس تعليم تربيت جون ذميداريون ڏاڏي مجذوب جنهن خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏنيون اهي انتهائي تعجب خيز آهن. ڏاڏو مرحوم ظاهري طور تي بہ مجذوب هيو پر حقيقت ۾ وڏو عالم، فقيہ، ۽ منطقي هيو. سندس ملاقات پري پري جي عالم کي موهي ڇڏيندي هئي ۽ وٽس اچي پنهنجا مسئلا حل ڪرائيندا هئا. ان سلسلي ۾ ابوفتح پاٽي پٽيءَ جو نالو مشهور آهي تہ جنهن ڪيترن مسئلن مثلا بهشت ۽ دوزخ آدم جي

پيدائش ۽ بهشت مان خروج، وحي ۽ رسالت متعلق ڏاڏي مجذوب کان حل ڪرايا هئا.

ڏاڏي مرحوم جو روز جو معمول اهو هو ته سڪل ماني کائي پنهنجي ڪوٺڙي مان نڪري صبح جي ٽائيم تي جوئرجي کانن جا رانديڪا ٻارن کي ناهي ڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن گهوڙو بنجي ٻارن کي سواري ڪرائيندو هو. خاص طرح رئيس ضيا کي ڪلهن تي چاڙهي ڪڏائيندو هو. مرحوم بلبل جي وفات جي وقت ڏاڏو مجذوب رئيس ضيا کي ڪلهن تي چاڙهي ميهڙ شهر کان ٻه ٽي ميل پري ٻاهر ڪٺي ويو ان وقت فرمايائين:

بابا! اڄ هت اهو آيو آهي جيڪو ٻارن کي يتيم ڪندو آهي. مائرن کي رنڙ زال سڏائڻ تي مجبور ڪندو آهي. جيڪو پٽن کان پيءُ کسي وٺندو آهي. جيڪو مائرن کان پٽ کسي وٺندو آهي جيڪو گهرن مان خوشين جا چراغ وسائي ڇڏيندو آهي. جنهن جي اچڻ سان هرماٺهو بي قرار ۽ ڳوڙها ڳاڙيندو آهي. جنهن جي اچڻ سان ڏکن جي هوا گهلڻ شروع ٿيندي آهي. جنهن جي روڪڻ لاءِ ڪوبه حيلو ڪارگر نه ٿيندو آهي جيڪو ڪنهن به ميڙمنٽ ست سناءَ جي باوجود به هتئين خالي واپس نه ويندو آهي. جنهن هزارين گهر ويران ڪري ڇڏيا. بابا ضياءَ! اڄ پاڻ هن گهر مان نڪري هلون جيئن اهو پنهنجو ڪم پورو ڪري هليو وڃي.

ڏاڏي مرحوم جي زيرتربيت اپريل ١٩٢١ع ۾ رئيس ضياءَ سندس والد جي برپا ڪيل اسڪول ۾ داخل ٿي. اهو اسڪول اڄڪلهه هاءِ اسڪول بنجي چڪو آهي. جنهن ۾ هزارين شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ان سڪول جي

عمارت سنڌ جي خاص پراڻي اسڪولن جي عمارت ۾ شامل ٿيئي ٿي.

رئيس ضياءَ ميهڙ جي اسڪول ۾ پنج درجا پڙهيا. سمو بہ ڏاڏي مرحوم جي شوق ۽ زور تي. سندن تعليم وڏن مائٽن ۽ ناٺن سان ٿي. صبح جو سوير نيرن کان پوءِ ڏاڏي سائين جي ڪلهن تي چڙهي اسڪول پهچندو هو. موڪل تائين ڏاڏو ويٺو هوندو هو گرميءَ ۾ ڪيس وڃڻو پڻ هوندو هو.

رئيس ضياءَ جي متعلق جڏهن اهو مسئلو ٿيو تہ رئيس انگريزيءَ ۾ دلچسپي نہ ٿو وٺي نڪو سبق ياد ٿو ڪري. تڏهن ڏاڏي مجذوب ان جو حل اهو پيدا ڪيو جو پاڻ سنڌي انگلش ڊڪشنري گهرايائون ان ڪي ڏسي ۽ سمجهي پوءِ ضياءَ کي پاڻ سبق ياد ڪرائيندا هئا. ان لغت ۾ ڏاڏي مرحوم ايتري مهارت حاصل ڪئي جو آخر تائين رئيس ضياءَ کي پاڻ پڙهائيندا هئا. ايتري قدر جو اسپيلنگ لکڻ وقت ماسترن جي بہ اصلاح ڪندا هئا. سندس توجهہ ڏيڻ سان مرحوم ضياءَ هميشہ چڱا نمبر کڻي پاس ٿيڻ لڳو. مزو اهو هوتہ ڏاڏومجذوب هميشہ ڊڪشنري ابتي جهليندو هو. رئيس ضياءَ پنج درجا ميهڙ مان پاس ڪيا. ميٽرڪ لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ ڪاليج جي تعليم لاءِ ٧ آگسٽ ١٩٣١ع ۾ علي ڳڙهہ يونيورسٽي ۾ داخل ٿيو. ١٩٣٨ع ۾ ايم- اي- ايل- ايل- بي جا امتحان پاس ڪيائين. عليگڙهہ ۾ رئيس ضياءَ الدين جي تعليم تربيت تي خاص طورتي ان دورجي وڏن مشهورمحققن عالمن ڊاڪٽر سيد ظفرالحسن ۽ پروفيسر محمد حبيب جو ڪافي اثر پيو. ڊاڪٽر سيد ظفرالحسن هڪ جڳ مشهور فلسفي ۽ عالم هو. ڊاڪٽر صاحب خاص طرح سان

هيگل جي فلسفي جدليات تي تن عالمن مان لکيو ويندو هو. جيڪي پوري دنيا ۾ سند طور تسيلم ڪيا ويندا هئا. رئيس ضياءَ الدين فلسفي جي تڪميل ان وٽان ڪئي. اهوئي سبب هو ته جو سندس تقرير ۽ تحرير ۾ فلسفيانه رنگ هڪڙي طرف، ڏاڍي مجذوب جي اثر ڪري مجذوبانه ۽ قلندرانه اثر ٻئي طرف آخر تائين قائم رهيو.

پروفيسر حبيب فلسفي سياست تي وڏو عبور رکندو هو. ان وقت سياست جي علم جي تڪميل ڪيائون. ان کان پوءِ رئيس ضياءَ الدين ميهڙ واپس آيو ۽ پنج سال برابر مقامي جهيڙي نبيري ۽ مسئلي جي حل ۾ گذاريائين. ميهڙ ۾ رهڻ دوران سندس صحبت ۽ ڪچهري سنڌ جي مشهور جيد عالم، استاد العلماءَ حضرت مولانا عبدالڪريم ديروي، رحمة الله عليه ۽ حضرت سيد علي اڪبر شاهه رحمة الله عليه ۽ ميهڙ جي عالمن سان ٿيندي رهي. پاڻ ميهڙ ۾ پنهنجي والد جي نسبت سان بزم بلبل قائم ڪيائين ان بزم بلبل جي مشاعرن ۾ سنڌ جا وڏا وڏا عالم ۽ شاعر شرڪت ڪندا هئا. جن ۾ طرحي غير طرحي ڪلام پيش ڪيو ويندو هو.

رئيس ضياءُ الدين جي ڪوشش ۽ ڪاوش سان سندس نگراني ۾ جمعيت الشعراء سنڌ پاران آل سنڌ ادبي ڪانفرنس به ٿي. ١٩٤٣ع ۾ سنڌ مسلم لاڪاليج ڪراچيءَ ۾ رئيس صاحب منطق ۽ سنڌي ادب جو ليڪچرر مقرر ٿيو. ڪين بورڊنگ هائوس ۾ سپرنٽينڊنٽ طور پڻ ڪم ڪرڻو پيو. پر ڪجهه وقت کان پوءِ ڪن سبب ۽ اختلافن ڪري پاڻ استعيفا ڏئي واپس ميهڙ هليو آيو. رئيس علم جو دلداده ۽ عالمن جو قدر ڪندڙ هو. اهوئي سبب هو جو وٽس عالمن، اديبن جا ميلا

لڳا پيا هوندا هئا. رئيس جون علمي ڪاوشون ناقابل فراموش آهن. سندس جهڙي صورت هئي. تهڙي سيرت، پاڻ خوش، خلق وضعدار، حليم، غريب پرور مذهبي خيالات جا پابند هو. سندس غريب پروري مان هزارن انسانن فائدو ورتو. ڪيترن ئي هندو ۽ مسلمانن کي روزگار سان لاتائين. ڪنهن کي بہ تڪليف يا آزارڻ کان هميشہ پرهيز ڪندو هو. يارن جا يار هو دوستن جي ڏکئي وقت ۾ ڪڏهن بہ نہ گسندو هو. سندس دسترخوان ڪشادو هوندو هو. هڪ طرف عالم ۽ اديب تہ وري ٻئي طرف پير، امير، سياسي رهنما بہ سندس ميزباني جي شرف کان مستفيد ٿيندا رهندا هئا. ميهڙ ۾ بلبل بنگلي جا دروازا هر آئي ۽ وئي لاءِ هر وقت کليل هوندا هئا. ميهڙ ۾ جڏهن بہ ٻاهريون مهمان ايندو هو اهو هڪ پيرو ضرور بلبل بنگلي تي رهايو ويندو هو. بلبل بنگلو چڻ تہ ميهڙ ۾ هڪ ادبي ۽ علمي مرڪز جي حيثيت رکندو هو.

رئيس صاحب جي فڪري تربيت ۾ مدرسہ عربيہ اڪبريہ دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ جي عالمن جو وڏو هٿ هو.

رئيس ضياءَ الدين صاحب جون علمي ادبي خدمتون تمام گهڻيون آهن. پاڻ "بزم بلبل" جا باني ۽ ماهنامہ "اديب سنڌ" جو ايڊيٽر، دادو انجمن آفتاب ادب جا نائب صدر بار ايسوسيئيشن ميهڙ ۽ دادو جو سرگرم رڪن "جمعيت الشعراء" سنڌ جا نائب صدر، قلندر لعل شهباز ميموريل ڪميٽي جا سرگرم اڳواڻ هو ۽ آخر ۾ هفتيوار اخبار "تنظيم عوام" دادو مان هلايائون. رئيس مرحوم فلسفي ۽ دينيات جي ماهر هجڻ سان گڏ زبردست قسم جا نثر نگار هو. پاڻ سنڌيءَ سان گڏ انگريزي زبان تي وڏي دسترس رکندا هو ۽

سندس مضمون سنڌي توڙي انگريزي مضمون "ڊان" ڪراچيءَ ۽ انڊس ٽائيمز حيدرآباد ۾ نهايت دلچسپيءَ سان پڙهيا ويندا هئا. وڏي ضرورت آهي تہ ڪو اهل علم هي انگريزي ۽ سنڌي مقالا جمع ڪري ۽ ڪتاب تيار ڪري. بهرحال ميهڙ جهڙي مردم خيز خطي کي هن فرزند جليل تي ناز آهي. پاڻ ١۴ سيپٽمبر ١٩٦٦ع تي دادو ۾ وفات ڪيائين.

سندس اولاد ۾ رئيس شمس الدين، صلاح الدين، ۽ رئيس نظام الدين صاحب آهن. هي صاحبان پڻ علم پرور سنجيده ۽ بااخلاق انسان آهن. سماجي ڪمن ڪارين ۾ پڻ حصو وٺندا رهندا آهن. انشاءَالله سندن تعاون سان رئيس صاحب جا ڪتاب ۽ مضامين شايع ڪرڻ جو مستقبل قريب ۾ انتظام ڪيو ويندو.

# استاد بخاري

شاعريءَ ۾ انڪشاف جي قوت لڪل هوندي آهي جيڪا ماڻهو جي دل ۽ دماغ کي بيدار ڪندي آهي. شاعري دنيا جي حسن جمال کي بي نقاب ڪري ٿي. ان جو سبب اهو آهي شاعر خود ادراڪي ۽ حسي قوتن سان مالا مال هوندو آهي. شاعر جي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ واري حس عام ماڻهوءَ جي مقابلي ۾ تمام تيز هوندي آهي. شاعر جيڪا شيءِ دنيا ۾ ڏسي يا ٻڌي ٿو ان کي هو خوبصورت انداز ۾ بيان ڪرڻ جي صلاحيت پڻ رکندو آهي، هو انهن خارجي شين کي هو بهو نه رڳو پيش ڪندو آهي، پر انهن ۾ پنهنجو داخلي رنگ پڻ ڀريندو آهي. ان ڪري هن جي منظر ۽ خيال ۾ رعنائي ۽ شوخي نظر ايندي آهي. اهائي اسان جي دلين کي گرمائيندي ۽ متاثر ڪندي آهي. ان ڪري برائوننگ شاعر کي (Makers see) ڏسڻ واري قوت سڏيو آهي. ڪار لائل چيو آهي ته شاعر ۾ فرشتن جهڙي قوت وديعت ڪئي ويئي آهي. جنهن جي ذريعي هو خدا ۽ ڪائنات جي اسرارن کي ڄاڻي ٿو. تنهن ڪري آرنلڊ ورڊس ورٿ کي حيرت جو فرشتو سڏيو آهي.

لي هنٽ جو قول آهي ته جتي سائنس جي سرحد جو اختتام ٿئي ٿو اتان شاعري جي سرحد جو آغاز ٿيندو آهي.

جانسن پنهنجي لغت ۾ شاعري جي معنيٰ ”باوزن ادب“ لکيو آهي هن جي نظر ۾ شاعري هڪ اهڙو فن آهي جنهن ۾ ادراڪ ۽ تخيل جي سهڪار سان مسرت ۽ صداقت ۾

هڪجھڙائي پيدا ڪئي ويندي آهي. مل جي راءِ ۾ شاعري خيالات ۽ الفاظ جو مجموعو آهي جنهن ۾ جذباتي عنصر جو شامل هجڻ ضروري آهي. اعليٰ شاعري جي خوبي اها آهي ته اها صحيح ۽ مڪمل طور تي اسان جي جذبات ۽ احساسات جي ترجماني ڪري اها خوبي جنهن شاعري ۾ موجود آهي، ان جي شاعري کي بلند معيار واري شاعري ڪوٺيو ويندو، ڇو ته شاعري زندگيءَ جو تفسير آهي ان ڪري اعليٰ شاعريءَ ۾ زندگيءَ جو عڪس هجڻ انتهائي ضروري آهي. مٿين وضاحتن ڪانپوءِ جڏهن اسين استاد بخاري جي شاعري جي پرک ڪريون ٿا ته سندس شاعري سو فيصد مذڪوره مقرر ڪيل معيارن تي پوري لهي ٿي. هو هن دور جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي. سندس ڪلام ۾ جيڪا شائستگي، وسيع النظري سادگي، سلاست، صفائي، رواني، صداقت ۽ اثر انگيزي آهي ان جو هر ماڻهو معترف آهي.

استاد بخاري جو اصل نالو سيد احمد شاهه تخلص استاد آهي. شاهه صاحب ١٤ جنوري ١٩٣٠ع ڳوٺ غلام چانڊيو تعلقه دادو ۾ نقوي خاندان ۾ پيدا ٿيو. سندس والد صاحب سيد حاجن شاهه بخاري شاهه صاحب کي شاعرن جي حياتي ۽ سگهڙن جي ڪچهريءَ جو ڳالهيون ٻڌائي ڪيس وندرائيندو هو. انهن ڳالهين استاد کي شعر ۽ سخن ڏانهن راغب ڪيو ۽ ستين درجي ۾ شعر جي ابتدا ڪيائين. ليڪن ١٩٥٠ع ۾ پاڻ باقائده شعر چوڻ شروع ڪيائين ۽ عبدالله اثر صاحب جي مشوري سان انجمن آفتاب ادب جي ماهيانه شاعري ۾ شريڪ ٿي "فقط هڪ خدا آ عباد جي لائق" طرز

تي پنهنجي بهترين جذبات جو اظهار ڪيائين. استاد صاحب مروج انداز ۾ شاعري شروع ڪئي، بعد ۾ جدت پسندي ڏانهن به مائل ٿيو. ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي ۾ سندس ڪلام جو مجموعو ”گيت اسانجا جيت اسانجي“ جڏهن منظر عام تي آيو ان وقت ادب جي دنيا ۾ ترٿلو مچي ويو ۽ ان ڪتاب کي اولهه پاڪستان ”رائيٽرس گلڊ“ طرفان انعام مليو. سنڌالاجي ڪتاب اول نمبر اچڻ تي کيس پنج سو روپيه انعام ڏنو. ان کان علاوه علم وادب جي هر طبقي کان پاڻ داد حاصل ڪيائين.

کيس سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۽ هر شيءِ سان پيار آهي. پاڻ روشن دماغ، ۽ قومي درد رکندڙ آهي اها ڳالهه سندس شاعريءَ ۾ واضح ۽ سچ وانگر روشن آهي. بخاريءَ جي ڪلام کي جهر جهنگ انتهائي اتساهه ۽ سڪ سان ڳايو وڄايو وڃي ٿو. ڪنهن زماني ۾ اسان کي سندس ڪيترائي شعر منظور احمد مگسي انجنيئر ايريگيشن ٻڌائيندو هو. ۽ اسان کي ڏاڍو مزو ايندو هو. هن کي بخاري صاحب جا ايترا ته شعر ياد هوندا هئا جو خود بخاري کيس پنهنجن شعرن جو انسائيڪلو پيڊيا سڏيندو هو. سندس ڪلام ريڊيو ۽ ٽي وي تان عام ماڻهو ٻڌائي جهومڻ لڳندا آهن.

منظور سخيراڻي سندس ڪلام کي ڳائي ڪري شهرت جي بلندين تي پهتو. استاد پرائمري ٽيچر هو بعد ۾ مشرقي علوم جا امتحان وڏي اعزاز سان پاس ڪيائين. ۽ پنهنجي تعليم کي ايم، اي تائين پهچايائين. ان کانپوءِ نوابشاهه ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ڪجهه وقت اتي رهڻ کانپوءِ دادو ۾ سنڌيءَ

جو ليڪچرار مقرر ٿيو درس وتدريس سان استاد جو شعف حد درجي جو هو ۽ استاد تخلص جو هن حقيقي معنيٰ ۾ حق ادا ڪري ڇڏيو. هو هڪ ڪامياب استاد هو سندس ڪيترائي مجموعا ڪيترائي دفعا شايع ٿي چڪا آهن، ڪوڪڻ ڪلياڻ، ”اوتون ۽ جوتون“ ڪافي شهرت جا حامل آهن، مشهور دانشور محترم رسول بخش پليجي ڪيس هن دور جو وڏي ۾ وڏو شاعر قرار ڏنو آهي. بخاري جي شاعري ۾ فڪر ۽ فلسفي جي گهرائي بہ آهي. انساني نفسيات جي مشڪلات جو حل پڻ آهي ۽ زندگيءَ جي گوناگون مسئلن جي ترجماني آهي، ان سان گڏ حسن ۽ عشق جي رازن ۽ رمزن جون ڳالهيون بہ تہ آهن تہ وري قوم جي سستي ۽ ڪاهلي ندامت تي افسوس بہ آهي ۽ ان جي خوشحالي لاءِ محنت جفاڪشي ۽ تڪليفن کي منهن ڏيڻ لاءِ سبق بہ آهي. جذبي عشق ۾ جيڪا واردات ۽ ڪيفيت محسوس ٿيندي آهي، بخاري جنهن نموني ان جي عڪاسي ڪئي آهي اهڙي ورلي ڪنهن شاعر جي نظم ۾ نظر ايندي.

### بخاريءَ جي شاعريءَ جو نمونو

صحبت تنهنجي ڪندڪير
توتان صدقي ساهہ سرير
توسان گڏ چانڊوڪي چاندي
توريءَ ڪرٽو ڪرٽو تير
پيارا ماٺهو پير اسانجا
تون پيرن جو آهين پير

پنهنجي سر جون تون ئي سائين
پاڻ نہ ڄاڻون تير متير
پياسي دل کي پياريون وينا
پنهنجن نيڻ وارو نير
ڪٿ ڄان توکي قربو رهبو
تون تہ قطب ڄان قائم ڪير
رات رهي ڪر روح رهاڻ
ڳالهين جو هان مان بہ ڳهير
پاڻ حقير ۽ فقير آهيرن
استاد آهي عشق امير

## غزل عـ۲

دل بيعت بي وفا ڪٿا آئيون
نئون دلربا ڪٿا آئيون
اسان ڪوشش ڪئي ڪني قسمت
دوا آئي شفا ڪٿا آئيون
چون خوش رهيو، خوشي سان يارو
نہ جي هوندي پلا ڪٿان آئيون
ٻڌڻ جي تون بہ تو چڏين يا رب
بيو آخر خدا ڪٿان آئيون
بجا آداب سڀ مگر ساقي
بنا پيتي نشا ڪٿا آئيون
اصول ابتدا گم آهي
ثبوت انتها ڪٿا آئيون
دليون استاد جا نہ تڙپائي
اها آهہ ونوا ڪٿان آئيون

# محمد ابراهيم جويو

محمد ابراهيم جويو صاحب سنڌ جي وڏن اديبن ۽ دانشورن مان هڪ آهي. خاص طور تي ادبي ڪيتر ۾ جيڪي مشهور ٻه گروهه هئا، انهن مان جوئي صاحب کي ترقي پسند اديبن جو اڳواڻ يا ڪيس ان گروهه جو امام چئجي ته ان ۾ ڪنهن ٻه قسم جو وڌاءُ يا مبالغو نه ٿيندو.

جوئي صاحب ۾ وڏي خوبي اها آهي ته ترقي پسند هجڻ جي باوجود مقامي اخلاق يا ائين چئجي ته مشرقي اقدارن کي پائمال ٿيڻ نه ڏنو آهي سندس ميل جول ۾ يڪسانيت آهي وڏو هجي يا ننڍو غريب هجي يا امير جيڪڏهن ڪو هڪلي ويندو ته پاڻ ان کي لک عزتون ڏيندو ان کي وڏي چاهه ۽ خلوص سان ٻڌندو ۽ ٻڌائيندو سندس نظر ۾ هر ماڻهو برابر هوندو آهي اها هڪجهڙائي ۽ برابري سندس باڪردار ۽ روشن ضمير هجڻ جو وڏو دليل آهي. ڪي ماڻهو نظرين جي آڙ ۾ پنهنجي ذاتي اغراض ۽ مقصد جي حاصلات جي ڪوشش ڪندا آهن پر پاڻ ان ڳالهه جي برعڪس آهي. سندس ڪردار اعليٰ اخلاق جو امين آهي،پر سندس فڪر ۽ سوچ نج ترقي پسند آهي هن ترقي پسند فڪر جي ننڍڙي ٻوٽي کي پنهنجي اڻ ٿڪ محنت ۽ جدوجهد سان وڏو تناور وڻ بڻايو آهي جنهن جي ڇانو اڄ هر ماڻهو حاصل ڪري رهيو آهي. شاگردي واري زماني ۾ حيدرآباد ۾ ڪيترن ئي پروگرامن ۾ يا فنڪشنن ۾ يا رستي ۾ ايندي ويندي ساڻس ملاقات ٿيندي هئي ان ملاقات ۾ پڻ

اهڙي نہ محبت سان ملندو هو جو چڻ تہ منهنجو قريبي دوست هجي ۽ ٿي منت رکي حال احوال اوري پوءِ روانو ٿيندوهو ان دوران سندس منهن ۾ مرڪ چانيل هوندي هئي هو ان ۾ ڪڏهن بہ پنهنجي گهٽتائي نہ سمجهندو هو. پاڻ ڪي گهٽ سمجهڻ واري صفت گهٽو ڪري صوفياءِ ڪرم جي فڪر ۽ فلسفي جي مطالعي جي ڪري پيدا ٿي اٿس. تازو ڪراچيءَ ۾ منهنجي ساڻس ملاقات "الماس بڪ ڊپو زيب النساءِ اسٽريٽ" وٽ ٿي. ڪتخاني جو مالڪ آغا صاحب ايراني آهي ماڻ بئي تي ڏينهن وٽس ويندو آهيان پاڻ علم دوست انسان آهي جويو صاحب ان ڪتبخاني تي "ديوان حافظ" فارسيءَ ۾ خريد ٿي ڪيو پر ڪتبخاني جي مالڪ اهو ڪتاب ڪيس تحفي طور پيش ڪيو. اتي ڪچهري ڪندي، پاڻ ٻڌايائين تہ حافظ سچل لطيف ۽ رومي وڏا شاعر آهن. پر رحمان بابا پڻ پشتو زبان جو وڏو شاعر ۽ انهن جي جوڙ جو هو چيائين تہ جڏهن هو سرحد بدلي ٿي ويو هو اتي پشتو سکي ۽ رحمان بابا کي پڙهيائين تہ هن کي لطيف سرڪار واري خوشبوءِ محسوس ٿي. ان مان جوئي صاحب جي علمي ذوق ۽ تحقيق جي پروڙ پئي ٿي. شايد انهن صوفياءِ ۽ ڪامل استادن جو سندس شخصيت تي بي حد اثر آهي جو پاڻ ڏاڍو ملنسار ۽ محبتي انساني آهي. ۽ سندس مزاج ۾ رواداري، محبت،خلوص ۽ اخلاق موجزن آهي، جوئي صاحب سان جيڪي مون ملاقاتون ڪيون آهن ان ۾ سندس زندگيءَ جو نصب العين اهو آهي تہ سنڌي قوم کي تنزل مان ڪڍي ۽ ترقي ڏانهن گامزن ڪجي ان سلسلي ۾ هن ڪڏهن بہ مصلحت ۽ منافقت کان ڪم نہ ورتو آهي بنا ڪنهن رک رکاءَ جي هو هر پليٽ فارم تان جدوجهد ڪندي اسان کي نظر اچي

ٿـو. سندس ڪوشش اها آهي تہ قـوم کي بک بيـمـاري ۽ بيروزگاري جي لعنت مان نجات ملي ۽ قوم جن استحصالي ٽولن جي ڪوڙڪي ۾ قـاتل آهي ان مـان هن کي ڇوٽڪـارو ڏيارجي، باوجود وڏي عمر ۽ پوڙهپ جي هو هڪ استاد وانگر هر هڪ ماڻهـو کي سـمجهائيندو رهي ٿـو. اها ڳالهـ سنڌ ۽ سنڌ واسين سـان مـحبت جوڳو دليل آهي. ۽ ان ڳالهـ جي تصـديق سنڌ جو مـايئہ ناز اديب، دانشـور ۽ ٻوليءَ جو پارکـو جناب سراج الحق ميمڻ صاحب جناب جوئي سان ملهايل شام ۾ ڪئي آهي ان ۾ ٻين ڪيـتـرن ئي اديبن جوئي صـاحب جي مـتـعلق ڪافي ڪجهـ ڳالهـايو آهي. جنهن کي سنڌي ادبي سنگت ڪراچي "ادبي گڏجاڻي جي نالي سـان ڇپايو آهي ان ۾ جناب سـراج الحق صـاحب جوئي صاحب لاءِ رقـمطراز آهي تہ "هڪ انگريز وطن پرست جي "پيـٽـرياٽزم" لاءِ چيـو ويندو آهي تہ "انگلـنڊ منهنجو انـگلنڊ" پر ابراهيم جويي جي وطن پرستي پنهنجي وطن لاءِ بري يا ڀلي جي چونڊ نہ ٿي ڪري هن کي يقين آهي تہ منهنجو وطن سنڌ بري ٿي نہ ٿي سگهي برائي جو امـڪان جو بہ تصور نہ ٿـو ڪري ٻي دنيـا کي سنڌ ۾ ڪا برائي نظر اچي تہ اهو هنن جي اکين جو ڦير آهي.

پنهنجي (Prejudice) آهي نـ تہ سنڌ ۾ ڪا برائي نہ آهي ان کي هيئنئن بہ چئي سگهجي ٿـو تہ جيئن محـبوب کي چنڊ سـان مشـابهت ڏجي پوءِ ڀلي سائنسدان جي نگاهہ ۾ چنڊ تـي غارن ۽ جبلـن جي ڪري داغ ڇو نـہ هجي، سـنڌ ان وطـن پرستيءَ جو مـحـبوب آهي، جنهن محـبـوب جي مـڪمل حـسن هجڻ ۾ بہ رايا نـہ ٿـيـا ٿي سگهن ان ڪري اٿندي ويهندي سمهندي جاڳندي ان محبوب جو خيال دل ۾ وسندو رهي، اها

وطن پرستي ابراهيم جويي جو مذهب آهي ۽ مذهب ۾ شرڪ ڪبيرو گناهه آهي.

پوءِ ان مذهب جا ڪي ضرور فرض آهن ڪي سنتون آهن ڪي ارڪان آهن، جن جو محور اهو آهي ته ماڻهو پاڻ ڪي ان محبوب جو اهل ثابت ڪري ۽ ان ۾ اها اهليت تڏهن ثابت ٿيندي جڏهن ان محبوب جي ذات ۽ صفات لاءِ وحدة الوجود جي فلسفي ۽ فڪر تي عمل ڪندو رهجي ۽ "فنا في الوطن" جو معراج ماڻجي، ان جي عملي شڪل اها آهي ته وطن جون روايتون پنهنجون روايتون بڻجن وطن جا خدوخال پنهنجا خدوخال بڻجن وطن جو اخلاق پنهنجو اخلاق بڻجي. ان معنيٰ ۾ سوچيو ته سنڌ ڇا آهي؟ سنڌ جي روايت آهي ماڻهپو ڪنهن ڪي نه رنجائڻ پنهنجن ڪي پيار ڏيڻ ڪنهن سان نفرت نه ته ڪرڻ اها نهنائي ۽ خود سپردگي اهي سموريون خصلتون ۽ وصفون اوهان ڪي ابراهيم جويي ۾ ملنديون انساني سطح تي هو پنهنجي اولاد جو نهايت پيار ڪندڙ پيءُ آهي . دوستن جو نهايت پيارو ۽ پيار ڪندڙ دوست آهي. آءُ نٿو سمجهان ته هن ڪنهن کي، ارادي سان رنجايو هوندو. نهنو اينرو جو جبل جي هوندي ترائي جي ڏيکائي ڏي ٿو سندس هڪ آمريڪي دوست باردي هن لاءِ چيو Mr Joyo's humility is out of this world.

اها نهنائي humility عظمت جو استعارو آهي ميوي سان جيڪو وڻ جهڪيل هوندو آهي مقصد ڏانهن خود سپردگيءَ ابراهيم جويي جي اهڙي خلصت آهي جنهن ۾ مون کي سنڌس ثاني بيو ڪو نه سجهي" مٿين ڳالهين مان ابراهيم جويي صاحب جي عادتن اطوارن پسند ناپسند جو اندازو ٿئي

تـو ان مـان اهو ثابت ٿـئي ٿـو تہ جويي صـاحب جي دوسـتي دشمنيءَ جو مـعـيـار فـقط سنڌ آهي اها ڳالهہ هن حقـيـقت ۽ پنهنجي عمل سان ثابت ڪئي آهي.

محترم ابراهيم جويي صاحب جي زندگيءَ جو مختصر وچور هن طرح آهي.

هو هڪ مسڪين هاريءَ جو پٽ نندڙي ٻهراڙي جي ڳوٺ ۾ ١٣ آگسٽ ١٩١٥ع تي ڄائو پهرين پنهنجي ڳوٺ آباد پوءِ لڪي ۽ سن ۾ سائين جي ايم سيد جي ڪوشش سان قائم ڪيل اسڪول ۾ ڪ درجا پڙهيائين. ۽ اتي فارسي پڻ ۽ عربي جا ڪجهہ ڪتاب پڙهيو، ان کان پوءِ سنڌ مدرسي ۽ ڊي- جي سنڌي ڪاليج ڪراچي ۽ آخر ممبئي ۾ پڙهيو ۽ بي- اي ۽ بي ٽي پاس ڪيائين سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ ماستر ٿيو جتي اٺ سال نوڪري ڪيائين پوءِ نٽي ميونسپل هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر ٿيو اتان ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ استاد پوءِ ١٩٤٩ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري جتي ١٢ سال نوڪري ڪيائين ان کانپوءِ ٦ سال ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ او، ايس، ڊي ۽ ساڳئي وقت سنڌي ادبي بورڊ جو اعزازي سيڪريٽري پوءِ جيڪب آباد هاءِ اسڪول جو هيڊماستر گورنمينٽ ٽريننگ ڪالج ڪوهاٽ جو پرنسپال رجسٽرار ايگزمنيشن ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڊيوڪيشن سنڌ انسپيڪٽر آف اسڪول خيرپور ڊويزن پهرين سيڪريٽري پوءِ ميمبر سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ١٩٧٣ع ۾ ريٽائر ڪيائين ڪيئي درسي ادبي ۽ علمي ڪتاب لکيا اٿس، هن وقت سنڌي واديءَ جي سهڪار سنگت حيدرآباد جو صدر آهي ۽ ادبي بورڊ جو چيئرمين آهي.

اسان جي دعا آهي تہ ڪيس الله تعالي وڏي ڄمار ڏي هو وڏيڪ سنڌ جي خدمت ڪري.

# جمال ابڙو

سنڌي ادب جي جديد تاريخ ۾ جيڪڏهن محترم جمال ابڙي صاحب جو ذڪر نہ ڪجي تہ اها تاريخ اڌوري ۽ نامڪمل رهجي ويندي افسانوي صنف جو حقيقت ۾ جمال صاحب بي تاج بادشاهہ آهي. جمال ابڙو صاحب جو بہ تعلق مهيڙ ضلع دادو سان آهي.

جمال صاحب جو والد بزرگوار جناب علي خان ابڙو پڻ وڏي علمي شخصيت هو. هو سنڌ مان پهريون ايم اي هو وڏو عالم هو، خلافت تحريڪ جو روح روان هو، بمبئي يونيورسٽي مان مئٽرڪ کان ايم، اي تائين فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن حاصل ڪئي. سندس والد صاحب جي تربيت ۽ تعليم سبب جمال حقيقي جمال بنجي پيو.

مزي جي ڳالهہ جمال ابڙو خود عالم اديب آهي، سندس والد اديب ۽ عالم آهي سندس پٽ بدر ابڙو پڻ وڏو صحافي ۽ اديب آهي. جنهن جو خود جمال ابڙو صاحب کي اعتراف آهي پاڻ جمال الدين ابڙو والد جو نالو علي خان ابڙو، ٢ مئي، ١٩٢۴ع (٢٧) رمضان، ڳوٺ سانگي تعلقہ ميهڙ ۾ پيدا ٿيا. پرائمري تعليم ڳوٺ منگواڻي تعلقہ ميهڙ ۽ ميونسپل پرائمري اسڪول لاڙڪاڻي ۾ مڪمل ڪئي. سندس ان وقت جا هم ڪلاسي دوست الله بخش اي انصاري، دوست محمد ابڙو عباس شيخ اندلال تولاڻي هئا. سيڪنڊري تعليم سنڌ جي مختلف اسڪولن مان حاصل ڪيائين جن ۾ گورنمينٽ هاءِ

اسڪول لاڙڪاڻو (٣٩- ١٩٣٥) نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ٤٠- ١٩٣٩) گورنمينٽ مدرسه هاءِ اسڪول ميرپور خاص ٤١- ١٩٤٠ ميٽرڪ ١٩٤١ ۾ بمبئي يونيورسٽي مان ڪئي ۽ ايل، ايل بي ١٩٤٨ع شاهاڻي لاڪاليج لاڙڪاڻه مان ڪيائين. جمال صاحب کي ڪرڪيٽ ٽينس، بيڊ منٽن شطرنج سان دلچسپي هئي. لکڻ جي شروعات لاڙڪاڻي واري وقت ۾ ئي ڪهاڻي سان ڪيائين. نورمحمد هاءِ اسڪول واري زماني ۾ مضمون سان آغاز ڪيائين. سندس پهرين ڪهاڻي "هو حر هو" جو نالي سان هفتيوار "طوفان" حيدرآباد ١٩٤٩ع ۾ ڇپي.

ڪاليج جي تعليم به مختلف ڪاليجن ۾ ٿي (D.G) نيشنل ڪاليج حيدرآباد (٤٢- ١٩٤١) بهاءُ الدين ڪاليج جهونا ڳڙهه ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي شاهاڻي لا ڪاليج لاڙڪاڻه. پاڻ دل ۾ غربت ۽ انسانيت جي خدمت جو جذبو جواني کان رکندو اچي. ان جذبي تحت بنگال ۾ جيڪو ڏڪر قحط پيو هو ان ۾ رضاڪارانه طور شرڪت ڪيائين. اهو ٤٤- ١٩٤٣ جو واقعو آهي. سنڌي ادبي سنگت جا به روح روان ۽ سرگرم ميمبرن مان آهي جڏهن پهريون پيرو سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جوڪنوينشن سڏايو ويو ته ان ۾ شرڪت ڪيائين. ۽ وري محترم تاج محمد ابڙي سان گڏجي قائم ڪيائين. اياز قادري ۽ هري دلگير، نواز علي نياز جمال الدين بخاري ۽ ٻيا ڪيئي گڏ هئا. پاڻ سچل اڪيڊمي جو سرگرم رکن ۽ ميمبر رهيو آهي سندس رهائشگاهه مخدوم منزل خيرپور ميرس ۾پهرين گڏجاڻي سن ١٩٥٩ع ۾ ٿي.

ترقي پسند اديبن جون گڏجاڻيون جيڪي لسلي ولسن هاسٽل (جناح ڪورٽس) ۾ ٿينديون هيون جنهن ۾ ڪيرت باباڻي، گوبند پنجابي، سوڀو گيانچنداڻي، شيخ اياز، عبدالستار شيخ، سائينداد سولنگي ٻيا اديب به شامل ٿيندا هئا جمال صاحب ان ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو.

جمال صاحب ڪيترن ئي ملڪي بين الاقوامي ڪانفرنسن ۾ حصو ورتو جنهن ۾ انفروايشن رائيٽرز ڪانفرس (الماتا) وچ (هينئر مسلم وچ ايشيا جي آزاد مسلم رياستين ۾ شامل هڪ آزاد رياست آهي ان وقت سويت يونين ۾ شامل هئي).

۱۹۷۴ع ۾ ان ڪانفرنس ۾ فيض احمد فيض، ڪامريڊ سجاد ظهير، عمر سنگهه ۽ اتم به شامل هئا گڏجي شرڪت ڪيائون. ڪانفرنس دوران ڪامريڊ سجاد ظهير کي دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو ۽ فيض صاحب سندس لاش سان گڏ دهلي هليو ويو فيض جي غيرموجودگيءَ ۾ پاڪستاني وفد جي اڳواڻي پڻ ڪيائين. اهو هڪ وڏو اعزاز آهي جمال صاحب پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز ۱۹۴۸ع ۾ ايل، ايل، بي جي ڊگري حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي ڀاءُ جناب شمس الدين ابڙي سان گڏ وڪالت سان شروع ڪئي. ۵۱- ۱۹۴۹ تائين پوليس پراسيڪيوٽر، شهدادڪوٽ رهيو.

۵۲- ۱۹۵۱ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪيائين. ۱۹۵۲ع ۾ پبلڪ سروس ڪميشن ڪيس سب جج ڪري چونديو ۲۴ آڪٽوبر ۱۹۵۲ ۾ ڪيري ضلعي سانگهڙ پهرين مقرري ٿي. ان

ڪان پوءِ سکر، شڪارپور، خيرپور ميرس سجاول، ٽنڊوالهيار، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ بدليون ٿيون ۽ سيشن جج جي عهدي تائين پهتو- ١٩٤٨ع ڪان ١٩٧٢ع تائين سيڪريٽري سنڌ اسيمبلي رهيو. ٨١- ١٩٨٠ تائين ميمبر فيڊرل ٽريبونل اسلام آباد ٨٢- ١٩٨١ع تائين رجسٽرار سنڌ هاءِ ڪورٽ رهيو. ٨٥- ١٩٨٤ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جا سيڪريٽري رهيو. ٨٦- ١٩٨٥ع چيئرمين اينٽي ڪرپشن ١٠ اپريل ١٩٨٦ع ڪان پوءِ ريٽائرمينٽ ڪيائين سندن ڪهاڻين جا ترجما ڪيترن ئي ڌارين ٻولين ۾ ٿي چڪا آهن. جن ۾ جرمني، اردو، انگريزي قابل ذڪر آهن.

پاڻ سياست ۾ علامه عنايت الله مشرقي جي برپا ڪيل خاڪسار تحريڪ سان وابسته رهيو. ان ڪانپوءِ عملي شرڪت (شاگرد واري زماني ڪان وٺي جناب حيدربخش جتوئي جي وفات تائين) سنڌ هاري ڪاميٽي، ۽ لاڳاپيل پورهيت تنظيمن سان رهي. جمال صاحب جي شخصيت متعلق جناب سراج الحق جو تاثر ڪافي حد تائين سندس شخصيت جو احاطو ڪري ٿو اهو پيش ڪجي ٿو.

# تاثر

جمال سنڌي ادب جي انهن ستونن مان آهي. جيڪي نہ رڳو ادب جي پرجهلي ۽ ٽيڪ جو ڪم ڏين ٿا پر ادب جي عمارتن کي بازنطيني ۽ حسن بہ بخشيندا آهن. اڄ جي مختصر ڪهاڻيءَ جي ارتقا جمال کان سواءِ سمجهڻ جيڪڏهن ناممڪن نہ تہ محال ضرور آهي. ادب ۽ زبانن ۾ عظيم اديبن ۽ فنڪارن جي پيٽ اٽانگي بہ آهي تہ غير موزون بہ، ڇاڪاڻ تہ هر زبان ۽ ادب جو پنهنجو پنهنجو پس منظر، پنهنجو تمدن پنهنجا تهذيبي رشتا ۽ پنهنجو ادراڪ هوندو آهي. پر اها پيٽ ڪڏهن ڪڏهن لاڙن ۽ اسلوبن کي سمجهڻ ۾ مددگار بہ ثابت ٿيندي آهي. ان بنياد تي آئون جيڪر جمال ابڙي کي اوهينري ۽ جئڪ لنڊن جو نهايت دلاويز ۽ چرڪائيندڙ سنگم سڏيان. اوسهينري ۽ جئڪ لنڊن ۾ جيڪي ڪجهہ عظيم آهي. سو جمال هر ڪهاڻي ۾ ڳاٽ اوچو ڪري، پاڻ ڏانهن متوجہ ڪندو رهي ٿو. ڪاش، جمال اسان کي تعداد يا مقدار ۾ اوتروئي عظيم ادب ڏئي. جيترو اوهينري ۽ جئڪ لنڊن ڏنو آهي. سنڌي زبان جو اهو جمال ابڙي تي قرض اچا رهيل آهي. اسين سڀ جمال جا قرضي آهيون ۽ جمال ٻوليءَ جو قرضي آهي. شل اسين ٻئي ذريون اهو قرض چڪائي سگهون.

سراج

# مولانا غلام محمد گرامي

ميهڙ جي سرزمين جن مشهور عالمن، دانشورن اڪابرن ۽ محققن کي جنم ڏنو آهي مولانا غلام محمد گرامي انهن مان هڪ آهي. هو غريب پورهيت جاڙي خان جي گهر ۾ ٢٠ ڊسمبر ١٩٢٠ع ۾ جنم ورتو. سندس والد نهايت مسڪين ماڻهو هو. ڪجهه وڏو ٿيو ته سيد علي اڪبر شاهه جي مردم شناس نظر گراميءَ صاحب ۾ پوشيده صلاحيتن کي پرکي ورتو ۽ کيس وقت جي وڏي عالم مولانا عبدالڪريم ديروي وٽ پڙهڻ لاءِ ويهاريو بقول گراميءَ صاحب جي ته پڙهڻ کان وڌيڪ هو استادن ۽ شاگردن جي خدمت ڪندو هو مدرسي ۾ جيڪا خيرات جي ماني ايندي هئي جنهن کي عرف عام "فڪر" چيو ويندو آهي. ان جي تقسيم جي ذميواري پڻ سندس حوالي هئي، پاڻ ڪاليج يا مدرسي جي تعليم مڪمل ڪانه ڪيائين پر استادن جي فيض کيس علم جي بلندين تي پهچائي ڇڏيو ۽ پاڻ استادي پيشي سان ئي پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز ڪيائين. جڏهن جامعه عربيه تحريڪ سيد علي اڪبر شاهه جي اڳواڻي ۾ هلي، گرامي صاحب ان سلسلي ۾ حيدرآباد آيو ۽ جامعه عربية ۾ استاد مقرر ٿيو. ان دوران جيڪي اتي مسئلا پيدا ٿيا انهه، کي سنجيدگيءَ سان منهن

ڏنائين. سندس ويجهي کان ويجها دوست بہ مخالفت بنجي پيا ان جو کيس ڏاڍو ارمان هوندو هو. اختلاف جڏهن چوٽ چڙهي ويا تہ جامعہ کي خيرباد چئي ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ فارسيءَ جو استاد مقرر ٿيو. فطرت کيس لاتعداد صلاحيتن سان نوازيو هو پنهنجي ذهانت ذڪاوت ۽ محنت سان وڏو مقام حاصل ڪيائين، سندس حلقو بہ وسيع ٿيندو ويو. ٽريننگ ڪاليج ۾ گرامي صاحب کي "اخبار تعليم" جو انچارج بڻايو ويو ان کي پنهنجي وسيع مطالعي ۽ محنت سان وڏو مقام ڏيارائين. اهڙي طرح صحافت جو آغاز ڪيائين ۽ هلال پاڪستان جي افتتاح سان گڏ ڪالم نويسي شروع ڪيائين، ڪيترن ئي رسالن، اخبارن جو ايڊيٽر پڻ رهيو ١٩٥٥ع ۾ مهراڻ رسالي جو مئنجنگ ايڊيٽر مقرر ٿيو، هي زمانو گرامي صاحب جي علمي عروج جو دور هو. هو پنهنجي علمي حيثيت مڃائي چڪو هو ۽ سندس شمار وڏن عالمن ۾ ٿيڻ لڳو، مهراڻ جي ادارت دوران گرامي صاحب شهرت جي بلندين کي پهچي چڪي هو سنڌ جي هر علمي حلقي ۾ کيس پذيرائي ٿي چڪي هئي. پر وڏيڪ شهرت کيس "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات" جي لکڻ ڪري ملي. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هن مقالي کي لازوال حيثيت حاصل آهي. گرامي صاحب مايہ ناز خطيب، مقرر، اديب،محقق، تاريخدان، فلسفي جو ڄاڻو، زبردست شاعر هجڻ سان گڏ وڏو ملنسار پڻ هو. سندس هر تحرير ۽ تقرير ميناج جاذبيت ۽ اثر انگيزي سان ڀرپور هئي،

ڪيترن ئي اديبن ڪيس سنڌ جو ابوالڪلام سڏيو آهي. اج جي دور جا جيڪي وڏا وڏا اديب سڏجن ٿا اهي گرامي جي علم جا مرهون منت آهن ڪيس علامه آءِ آءِ قاضي ۽ لطيف جي فڪر کي عام ڪرڻ جو ڏاڍو فڪر هو پر سندس اها اميد پائيه تڪميل تي نہ پهچي سگهي. حيدرآباد ۾ جڏهن قرآن جي موضوع تي مشهور عالم غلام محمد پرويز ليڪچر ڪرڻ آيو. ان ۾ علامه آءِ آءِ قاضي صاحب خود شرڪت ڪئي، پر آجياڻي جي تقرير لاءِ علامه صاحب گرامي کي حڪم فرمايو،پاڻ قرآن فهمي ۽ مطالب قرآن تي تفصيلي روشني وڌائين ۽ پرويز صاحب پريشان ٿي ويو گرامي جي علم جي تعريف ليڪچر کان پوءِ علامه صاحب سان ڪيائين ۽ گراميءَ سان پڻ تنهائي ۾ ملاقات ڪيائين. ڪيس قرآن، تاريخ، فقه، تصوف، فلسفو، عروض، سياست، ادب، صحافت ۽ راڳ جي وڏي معلومات حاصل هوندي هئي. تنهن ڪري حيدرآباد جي ”ڪراچي“ هوٽل ۾ سوين اديب ۽ دانشور سندس ڪچهري ٻڌڻ جي لاءِ آتا هوندا هئا.

سندس مختصر تقرير پيش ڪجي ٿي.

تقرير

غلام محمد گرامي

## ايءَ نہ مارن ريت........

(ماريءَ جي ميلي ١٩٦٧ع تي ڪيل صدارتي تقرير)

سڪر ۽ سڪار جي ماروئيءَ جا هم وطنو، جناب مير

صاحب محترم، ۽ مارئيءَ جي ملير جا مارو، عزيزو!

سڀ کان اول، مان پنهنجي هم سفر پيران دوستن، اديبن، شاعرن ۽ سگهڙن جي طرفان اوهان سڀني جو ٿورائتو آهيان، جن ههڙي اوکي پنڌ تي اسان کي پهچايو آهي، ۽مارئيءَ جي ملير، ان جي مٽي مٽيءَ ۽ ٿر جي ٿڌي واريءَ جي زيارت ڪرائي آهي. خدا ڪري ته هي ڪشالا ساب پون ۽ سڪار ۽ سڪ جي مارئي، ڪوٺن ڪڙولن مان نڪري، وري پيرون چوندي، پائر ۾ پير گهمائي، ڪيت سان ڪلي، ڏڀن تي ڇيلڙا چاري، هن ڪوهه تان ٻوڪا ڇڪي، ڦرڙن ڪي پاڻي پياري، هن ڪونديءَ ڪي سنواري، هن پائر جو پنير واپرائي، ڪٿيرين سان ڪاچ ڪائي، ڪائر جو ڪير ۽ پلر جو پاڻي پئي، گولاڙن ڪي پٽي، سرتين ۽ جيڏين سان رهاڻيون ڪري، سنگر ۽ ٻور روڙي، ڪنيءَ ۾ پرت ۽ ڏٿ ڳڏ ڪري، للر ۽ لاٽا آڻي، سڱن سيڻن سان سهج ڪري، پنهوارن سان پرچي ۽ سنگهارن سان سرچي ۽ ڦٽل ڦوڳ جو ائين ئي نصيب ڦٽي، جيئن صديون اڳ ٿي چڪو آهي!

ملير جي سرزمين، جا اسان لاءِ هڪ عظيم ۽ قديم تهذيبي ۽ تاريخي ورثو ٿي چڪي آهي، ان جي ڏڀن ۾، ان جي ڳسن ۾، ان جي پچرن ۾، ان جي واٽن ۾، مارئيءَ ۽ ان جي ڇيلڙن جا نقش موجود آهن، هن غير ذي زرع ۽ لق ودق صحرا جي ذري ذري تي، انسان جي عظمت ۽ عصمت جا ڪيئي روح پرور ۽ وجد انگيز داستان موجود آهن. هن اٿاهه ۽ اڻ ڪٽ

واريءَ جي بيابان ۾، مارئيءَ جي سڪ ۽ پوترتائيءَ، سادگيءَ ۽ غيرت، عصمت شناسيءَ ۽ پريتئي جا هر هنڌ نشان ڪنا پيا آهن. هن ڪائر ۽ پالوا جي راهه ۾ اوچيون ۽ اتاهيون پٿون، اڄ به اوچي ڳات بيٺيون آهن، ۽ هر ايندڙ ويندڙ کي ٻڌائي رهيون آهن، ته هن ڪائر جي مٽيءَ مان مارئيءَ جو خيمو ناهيو ويو، هنئي جي پاڪ پلر سا ڪيس ڳوهي،چندي ڦوڪي تيار ڪيو ويو. هنئي جي غيرت ۽ حميت، هنئي جي پريتئي ۽ عصمت جو روح منجهس ڦوڪيو ويو. هنئي جي لڄ جي لوئي ڪيس اوڍي ويئي،، هنئي پسين ۽ گولاڙن جا گل ڪيس پارايا ويا. هت يجي لين ۽ لاٿن،للر ۽ ڏٿ جي ڪيس پهرين ستني چڪائي ويئي، هنئي جي ڪائر جو خوشبودار ڪير ڪيس پيارو ويو، هنئي ئي ڪيس لڄ ۽ پاڪبازيءَ جون لوليون ڏنيون ويون. هنئي ئي ڪيس سيل ۽ ست جا زيور پهرايا ويا. هنئي ئي مارئي، وڏي وڏي ٿي، هنئي جي ڪبڙن ۽ چارين ۾ مارئي چيلڙا چاربندي هئي، هنئي ئي ڏٿ چوندبندي هئي، هنئي ئي للر ۽ لاٿا ميڙبندي هئي هنئي ئيسانون ۽ لنب سڪائيندي هئي، هنئي جي سامهون واري ڪوهه تان پاڻي چڪيندي هئي، ان سامهون واري ڪونديءَ مان ڪين پاڻي پياربندي هئي، هنئي ئي ڪار تي ڪنوٽن جي چمڪات تي خوشيءَ ڪان نچندي ۽ ٽپندي هئي، هنئي ئي پلر جي پاڻيءَ ۾ پيرڙا گهمائي، چيڪ چيڪ ڪندي هئي، هنئي ئي، بند ٻڌي، پلر جي پاڻيءَ کي روڪيندي هئي، هنئي ئي جهانگين جي ڪکاون جهوپن ۽ چولرن ۾ چلولايون ڪندي

هئي، هتي ئي ٻڪرين ۽ ڇيلا ٽپندا ۽ ڪڏندا هئا. هتي ئي ٻڪرين کي ڏهندي هئي، هتي ئي کير جمائيندي هئي، ۽ هتي ئي کير ولوڙيندي هئي، هتي ئي مکڻ جا چاٽا ڪڍي منگهه سينگاريندي هئي، هتي ئي ڏٿ، لنب ۽ سائي کي سڪائي، پينهي ۽ پچائي کائيندي هئي!

هتي ئي کيس کيت سان مڱايو ويو، هتي ئي کيس لڄ واري لال ۽ لاکيڻي لوئي ڏکائي وئي، هتي ئي کيس سڄ ڳٽائي، ڏيج ڏنو ويو!

بيشڪ هيءَ زمين اسان لاءِ زيارتگاهه آهي،هتي جي اوچاين اڳيان سرجهاڪيون ٿا، پنهنجي علم ۽ فن جا جهنڊا سرنگون ڪريون ٿا، پنهنجي شعر ۽ ڪلام سان ورڪا ڪريون ٿا، پنهنجي روح ۾ وجد انگيز ڪيفيتن کي محسوس ڪريون ٿا،پنهنجي دل ۾ عجيب خوشي ۽ مستي موجزن ڏسون ٿا، اسان جي مشام جان تائين، اڄ به اها هير پئي اچي، جنهن هير مارئيءَ جي دل سڌير تي ڪئي،جذبات ۽ ڪيفيات جو آمجگاه بنجي ويا آهن، اسان جا ارواح! اسان جا دماغ ۽ اسان جا پساه! هڪ عجيب ۽ اڻمٽ سڳنڌ ۽ ساءَ سان اسان جون دليون واسجي ويون آهن!

مارئي، اها تاريخي علامت آهي، اهو شاعرانو ڪنايو آهي، اهو صوفياڻو استعارو آهي، جنهن کي اسان جي صوفي شاعرن، عالمن، بزرگن ۽ سگهڙن ڳايو وڄايو آهي.

ان مارئيءَ سان ڪنهن کي ريس آهي، جنهن کي ميين شاهه

عنايت، لطيف سائين، سچل سرمست، خليفي نبي بخش لغاري، صديق فقير صوفي، مخدوم عبدالرحيم گروهڙوي، مخدوم محمد زمان لواريءَ وارن جهڙن شهره آفاق بزرگن بيان ڪيو آهي! جنهن جي صورت ۽ سيرت، خوراڪ ۽ پوشاڪ غيرت ۽ حميت، حب الوطنيءَ ۽ پريتئي جا داستان، سنڌي ادب جو روح بنجي چڪا آهن. جنهن جي سيل ۽ ست کي مقدس روايت جي حيثيت ملي چڪي آهي. جنهن جي ڪردار جي انگ کي، صوفيانہ اصطلاحات ۽ انساني شعور جي ترجمانيءَ لاءِ انتخاب ڪيو ويو آهي.

پلا مارئيءَ جو ڪردار ڪو وسرڻ جو آهي! اڄ بہ عمر آهي، ڪالهہ بہ هو ۽ اڳتي بہ ايندو، عمر جا ڪوٽ ۽ ڪنگرا، نئين نئين دور ۾، نئين نئين لباس ۾ پيا اڇن وڃن، ظلم ۽ استبداد جا زنجير ۽ طوق، نئين سج نوان پيا گهڙجن، ۽ انهن جي فند ۽ فريب کي نئين سج نئين مارئي پئي للڪاري ۽ لتاڙي، نئين سج نوان "ڦوڳ" پيا اڇن وڃن، ۽ پيا فساد مچائن!

قرآن، ان ڦوڳ کي "شيطان" سڏيو آهي، ۽ ان جي فتنہ پروريءَ ۽ منافقت تي لعنت وسائي آهي. ان "ڦوڳ" ئي آدم کي حق کان دور ۽ مهجور ڪيو، اهوئي ڦوڳ آهي، جو اڄ بہ لڄ لاهي، پيو مارئيءَ کي هيسائي ۽ عمر کي برغلائي، اڄ بہ ان ڦوڳ جي فساد ۽ چرچ تي، عمر بادشاه.آب حيات جي چشمي تان،آزاديءَ جي مارئي پيو ڪٽي!

اڄ مائري ڪا هڪ اڌ نہ رهي آهي، اڄ ملڪ مڙيئي

"مارئي" تي چڪو آهي سڪ ۽ سڪار جي مارئي، سيل ۽ ست جي مارئي، عمر ڪوٽ جي ڪڙولن ۾ قابو آهي، اڄ مارئي، پئي ماروئڙن ڏي واجهائي، ڪانگ ڏسي، محلن تي چڙهي، بيابيانن ڏانهن ڪر ڪٽي،پونهار پئي پچائي، قاصد پئي ڳٽي ۽ ڳائي، خواب پئي لهي،للر ۽ لاٽا، لنب ۽ ڏٿ پئي طلبي. اڄ ٻه عمر پيو زوربون ۽ زاربون ڪري، پٽ پٽيهربا سي، ڪاڄ پيو ڪارائي، محلن ۽ماڙين جي آرام جا ڏتا پيو ڏئي، ڪشيريءَ ڪي ريشم ۽ پٽ پيو اڇي. پونهار ڪي پيو ريجهائي ۽ برغلائي، اهي چيلا حيران آهن، ڪوهه ويران آهي، ڪوندي چپ آهي، مارو مونجهه ۾ آهن، ملير اباٽڪو آهي، ترليبون ڏک ۾ آهن، سانگيڙا ۽ جهانگيڙا، ڏاڍ ۽ ڏمر ڪان ڏڪي رهيا آهن، قـــوڳ پيـــو اتون اڇلائي،پر الله ڪندو، اهي ڪوٽ ۽ ڪڙول،ڪنگرا ۽ماڙيون،مارئيءَ جي سيل ۽ ست اڳيان ڪنبي اٿندا! اهي زنجيـر جهـري پوندا، اهي بند ڪلي پوندا، اهي ڪشت ڪتجي ويندا، نه رهندو عمر ۽ نه سندس ڪوٽ! مارئي ماڳ ايندي ۽ قوڳ جو منهن ڪارو ٿيندو! مارئي ڪيت سان خوش ٿيندي، ٿر ۾ عيدون ٿينديون، ٿر تي گهنگور گهٽايون جاڻ نه آيون، ترايون پلر جي پالوت سان تار ٿينديون، چمڙن جي چونگار ٿيندي ۽ "هو- هو" جي هونگار ٿيندي، ماروئڙا خوش ٿـيندا ،وڃڙيون وسڻ جو ويس ڪنديون، ۽ پونهـار ڏڻ ڪاهي پهربا، ڪائر ۾ ڪير ٿيندو، ۽ اناج سهانگو ٿيندو!

اچو ته الله توهار ڪريون، لطيف جا آخر ۾ ٻه بيت پيش

ڪندس، جي منهنجي روح جي گهراين ۾ رچي ويا آهن

ڏينهان ڏورن ڏت سين، راتيون ڪن رهاڻ،
عمر تنين ڪاڻ، منهنجو روح رڙيون ڪري!

مارئيءَ جي لفظن ۾:

ڀِهربن وجان لوءِ، پوءِ مر پچنم ڏينهڙا!
جا عمر تومل عيد، سان اسان سوءِ ورتي سومرا!

وبچارن وسري وئي، خوشي ۽ خربد ۽ ”ڪريم“ جي ڪلام ۾:

ڪاٺياربون ڪيئن ڪن،عمر اچا ڪپڙا!

اها اسان جي طلب ۽ تمنا هجڻ گهرجي، بلڪ اسان جي حال ۽ قال جي علامت:

ايءَ نہ مارن ريت، جئن سيڻ مٽائن سون سين،
اچي عمر ڪوٽ ۾ ڪنديس ڪان ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙين سان نہ مٽيان (لطيف)

الله ڪندو هت منڊل ٿيندا ،علمي مرڪز ڪلندا ، سٽ ۽ سيل جو چشمو، ساري ملڪ کي سيراب ڪندو شال! (مهراڻ ١، ١٩٦٧ع)

# سيد علي اصغر شاهہ

سيد علي اصغر شاهہ ميهڙ جي مردم خيز خطي ۾ پيدا ٿيو. سنڌ جي مشهور عالم فاضل شخصيت جناب سيد علي اڪبر شاهہ جي زيرنگراني سندس تربيت ٿي. پاڻ گريجوئيشن عليڳڙهہ مان ڪيائين. ان زماني ۾ پڙهيل لکيل ماڻهو گهٽ هئا ۽ مختلف محڪمن ۾ خالي جايون ڪافي هيون، پر شاهہ صاحب جي حليم طبيعت تعليم کي اهميت ڏني ۽ پاڻ استادي پيشي سان وابستہ رهيو. ان کي ڪمال تائين نڀايائين ۽ هڪ مثالي استاد پاڻ کي ثابت ڪيائين. هڪ دفعي مرحوم محزون صاحب مون کي ٻڌايو تہ سائين علي اصغر شاهہ جهڙو خاص طور تي جاگرافي جي سبجيڪٽ ۾ سڄي سنڌ ۾ ماهر استاد ڪو نہ هو. شاهہ صاحب جون بي شمار علمي ۽ تعليمي خدمتون آهن. ان کان سڄي سنڌ جا ماڻهو بخوبي واقف آهن. شاهہ صاحب جامعه عربيه تحريڪ ۾ پڻ پيش پيش رهيو، ۽ سالن جا سال بغير ڪنهن معاوضي جي خدمت ڪيائين جنهن جو مقصد صرف ۽ صرف غريب ماڻهن جي ٻارن ۾ تعليمي سجاڳي آڻڻي هئي. ان تحريڪ ڪيترن ئي غريب يتيم شاگردن کي تعليم جهڙي زيور سان آراستہ ڪري وڏن عهدن تي پهچائي ڇڏيو. سائين علي اصغر شاهہ جي ان تحريڪ ۾ ڪردار هڪ تاريخي ڪردار آهي جيڪو ڪڏهن بہ وسارڻ جوڳو نہ آهي. پاڻ ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ استاد ۽ هيڊ ماستر جي حيثيت ۾ جيڪا خدمت ڪيائين ان جي ان وقت

جو هر شاگرد معترف آهي. علي اصغر شاهه نه صرف گفتار جو غازي هو پر ڪردار جو غازي پڻ هو. هو بااخلاق، نيڪ سيرت، نيڪ صورت، پرهيزگار ۽ ديندار شخص هو سندس انساني خدمت جا ڪيترائي قصا مشهور آهن. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته هڪ رول بغير مالڪي جي گڏهه ميهڙ جي گهٽين ۾ ڦربو پئي. ان جي جسم تي زخم ۽ ڦٽ هئا. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ ماڻهن ڏٺو ته ڪنهن گڏهه جا زخم ۽ ڦٽ ڌوتل آهن ۽ انهن تي دوا سان گڏ باقاعده پٽي ٻڌل هئي.

ماڻهن کي حيرت ٿي ته هن گڏهه جو ڪير علاج ڪري ٿو جاچ لاءِ پيڇو ڪيائون خبر پئي ته رات جي ٽائيم ۾ شاهه صاحب علي اصغر شاهه آهي جيڪو ان گڏهه جي ملم پٽي ڪري وڃي ٿو. انسان ته ٺهيو پر حيوانن جي به شاهه صاحب خدمت ڪئي اهو هڪ خدمت جو وڏو مثال آهي.

شاهه صاحب جن کي چار پٽ آهن، علي انور شاهه، اظهر شاهه، اطهر شاهه ۽ عبدالقيوم شاهه. علي انور شاهه صاحب نهايت حليم بااخلاق انسانيت سان انس رکندڙ انسان آهي. اڄڪلهه ضلع مٺي جو ڊپٽي ڪمشنر آهي ۽ ٿرين جي نهايت نيڪ جذبي سان خدمت ڪري رهيو آهي. شاهه صاحب جو به علم ادب ۽ آرڪيالاجي جي سان ڪافي محبت آهي.

# علي خان ابڙو

ممتاز تعليمي ماهر، قابل استاد اسلام جي جديد تشريح ۽ انقلابي نهج جي مطالعي ڪرڻ واري شخصيت هو. سندس اصل ڳوٺ ”سانگي“ ميهڙ جي نزديڪ آهي، هڪ مسڪين هاريءَ جي گهر ۾ ۱۸۸۸ع ۾ پيدا ٿيو. علي خان صاحب جو والد بزرگوار هڪ نيڪ انسان هو جنهنجي تربيت جي ڪري پاڻ پچي ريتو ٿيو. ڪيس ماحول تہ غريبيءَ وارو مليو پر قدرت ڪيس بي انداز ذهانت جي دولت سان نوازيو هو ان ڪري ميٽرڪ کان وٺندي يونيورسٽيءَ جي تعليم تائين اعزازي نمبر کنيائين ۽ ۱۹۱۲ع ۾ ڀهريون ايم- اي سنڌي ٿي نڪتو ۽ اهو ثابت ڪيائين تہ ڪامل عزم ۽ جدوجهد سان انسان ڪاميابي ماڻي ٿو. علي خان کي غريبن سان تمام گهڻي محبت هئي انهن ۾ تعليم عام ڪرڻ لاءِ پنهنجي عملي زندگي جي ابتدا تعليم کاتي مان ڪيائين ۽ پرنسپال جي عهدي تان رٽائرڊ ڪيائين. ڪيترائي شاگرد پيدا ڪيائين جيڪي مختلف عهدن تي پهتا. ابڙي صاحب جو مطالعو وسيع هو پاڻ ڪيترائي ڪتاب لکيائين جيڪي گهڻو ڪري معاشري ۾ بداخلاقي ۽ وهم پرستيءَ جي خلاف هئا. ڪن تنگ نظر ماڻهن ڪيس مختلف فتوائون بہ ڏنيون پر هي مرد مجاهد پنهنجي قلمي جهاد کي آخر تائين جاري رکندو آيو سندس مشهور ڪتاب هي آهن سنڌ جي مسلمانن جي ترقي ۵ ـ ٦ حصا (۲) اسلام ۽ اليڪشن (۳) حالات نبي (۴) رسومات

تباهي (٥) اخلاقي گلدستو (٦) احاديث نبوي ۽ تعليمات اسلام ۾ حصا. پاڻ هڪ تفسير لکيائين جيڪو جناب غلام احمد پرويز جي تفسير جي طرز تي آهي. ياد رهي ته غلام احمد پرويز قرآن ۽ اسلام جي جديد تشريح ڪئي آهي جنهن کي اسانجا مروج اسلامي فرقا School of thoughts تمام گهٽ مڃين ٿا. ليڪن اڄ ۾ پوري ملڪ ۾ طلوع اسلام جي عنوان سان مختلف جاين تي سندس پروگرام آڊيو ۽ وڊيو ڪيسٽن جي وسيلي پکڙجي رهيو آهي. پاڻ ١٦ جولاءِ ١٩٥۴ع تي وفات ڪيائين. سنڌ جو مشهور افسانه نويس جناب جمال ابڙو صاحب سندس فرزند آهي.

# تاج صحرائي

محترم تاج محمد صحرائي هڪ جفاڪش محنتي باشعور اهل قلم جي حيثيت ۾ متعارف آهي. تاج ۱۴- ۹- ۱۹۲۱ع تي ڄائو سندس والد جو نالو نور محمد صاحب آهي، قريشي خاندان مان آهي، پاڻ بي، اي، بي ٽي تائين ڊگريون حاصل ڪري چڪو آهي. سندس شروعاتي زندگي علم حاصل ڪرڻ مطالعو، مشاهدو، سير وسفر ۽ صحافت سان وابستہ رهي آهي، پاڻ هفتيوار "آواز" دادو مان ڪڍيائين، جيڪا ڏاڍي پياري نرالي دلڪش ۽ ادب لطيف تي مشتمل هوندي هئي. سندس صحافت وارو دور ۱۹۴۰ع کان شروع ٿئي ٿو ۽ ۱۹۵۲ع ۾ پورو ٿيو. انهيءَ ڪانپوءِ دادو ۾ طالب المولىٰ هاءِ اسڪول قائم ڪيائين جنهنجو سرپرست حضرت مخدوم طالب المولىٰ هيو. هاڻي اهو اسڪول نيشنلائيزڊ اسڪول آهي.

تاج صاحب قاضي نذرالسلام خليل جبران ۽ ٽيگور جي ادب کان گهڻو متاثر آهي. تاج صاحب وڏو جهان ديده آزمودگار تجربيڪار ۽ اعليٰ منتظم آهي. پنهنجي لياقت ۽ وسيع معلومات اعليٰ ذهانت سبب طالب المولىٰ هاءِ اسڪول سنڌ جي مشهور هاءِ اسڪولن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. سندس پيداڪيل شاگرد هر ڊپارٽمينٽ ۾ مختلف اعليٰ عهدن تي فائز آهن.

تاج صحرائي صاحب کي وطن عزيز سان تمام گهڻو

پيار ۽ انس آهي. سنڌي تهذيب ۽ ثقافت جو دلداده آهي، آثار قديمه جون شيون هٿ ڪرڻ سندس محبوب مشغلو آهي. ان سلسلي ۾ پري پري تائين سير و سفرڪندو آهي ڪڏهن ڪاڇو ته ڪڏهن ڪارونجهر ڪڏهن ڪوهستان پيو گهمندو آهي، آثار قديمہ جو سندس ذاتي ميوزم آهي، جنهن ۾ ڪافي شيون محفوظ رکيون اٿئين، اهڙي قسم جو هڪ ميوزم طالب المولىٰ هاءِ اسڪول ۾ بہ قائم ڪيو اٿس. اهو هر وزيٽر لاءِ باعث ڪشش آهي. تاج صاحب عالم، اديب، دانشور ۽ تاريخدان هجڻ سان گڏ اداڪار پڻ آهي، پاڻ ڪيترن ئي هندستان فلمن ۾ ڪم ڪيو اٿس، هڪ فلم نالي ۾ اهم پارٽ ادا ڪيو اٿس. اها فلم دادو سئنيما ۾ پڻ لڳي هر پيري هاستل تي رهندڙ شاگردن کي پنهنجي پئسن مان فلم ڏيکاريائين.

تاج صاحب لعل شهباز ميموريل ڪاميٽيءَ جو اهم رڪن آهي. سندس حسن انتظام ڪري هر دفعي قلندري ادبي ڪانفرنس اعلىٰ پيماني تي ٿيندي رهي آهي.

تاج صاحب زنده دل انسان آهي. سندس علم جي اڄ اڃا ڪا نہ اجهائي آهي تازو سائٽس منهنجي ملاقات صدر ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽہ روڊ تي ٿي. پاڻ پڇيائين تہ فلاڻا فلاڻا ڪتابن جا دڪان ڪٿي آهن، انهن مان ڪجهہ موجود آهن ۽ ڪجهہ بند ٿي چڪا آهن ڪيس سنڌ جي تاريخ متعلق ڪتاب گهربل هئا، ان سلسلي ۾ ڪتبخانا پئي جاچيائين. ان عمر ۾ علم جي جستجو قابل رشڪ آهي. تاج صحرائي صاحب يارويس، خوش طبع، زنده دل انسان آهي.

## تاج صحرائي صاحب جي غزل جو انداز

١- وري سنيگاريو ايوانن کي آزادي جي پروانن
مگر معلوم آ دل کي تہ پروانن تي ڇا گذريو
عبادت گهر تي ڇا گذريو صنم خانن تي ڇا گذريو
فريب جنت فردا جهڪايو سر سندن در تي
هي پيشاني جون رهڙون ڏس تہ مستانن تي ڇا گذريو
ڪشالن سان سندن نازڪ هٿن تي مون خيال تي
ڪنهن بدبخت جي برباد ارمانن تي ڇا گذريو
جڏهن مدهوش ٿي ساقي سڄي محفل هئي برخواست
تہ مسيحائي تي ڇا گذري ۽ پيمانن تي ڇا گذري
نگاهہ حسن جي معصوم نظرن بجليون ڪيريون
خردمندن تي ڇا گذريو ديوانن تي ڇا گذريو
فقط ڪي سرد آهون ئي ٽٽل سينن مان نڪرن ٿيون
دل زندهہ سندن پرپور ارمانن تي ڇا گذريو

### غزل (٢)

سفر منهنجو اٿانگو آ پهاڙن ما بيابان مان
نشان راهہ منزل ڪلان تہ واقف ڪاروان منهنجو
تلاش يار ۾ ڳولي لڌم غم کي فقط ساٿي
ڪڏهن مان ميزبان غم جو ڪڏهن غم ميزبان منهنجو
حياتيءَ جو مزو آهي جڏهن ڪا ڪشمڪش آهي
هزارين وار بجليءَ جا اڪيلو آشيان منهنجو

# ”عبدالحميد خان جتوئي“

عبدالحميد خان جتوئي ڳوٺ ٻيٽو جتوئي تعلقہ ميھڙ ضلع دادو ۾ پيدا ٿيو. سندس والد رئيس ڪريم بخش جتوئي علائقي جي مشهور زميندار ۽ سياسي ماڻھن ۾ شمار ٿيندو هو.ا ن جي ثابتي الوحيد جي آزاد نمبر ۱۹۳۶ع ۾ پڻ پوي ٿي، جنهن ۾ رئيس ڪريم بخش خان جتوئي جو فوٽو ۽ مختصر سياسي سرگرميون بيان ڪيون ويون آهن، خان صاحب عبدالحميد جتوئي پنهنجي تعليم جو آغاز مقامي اسڪولن مان ڪيو، سيڪنڊري تعليم ڪي اڌورو ڇڏي پاڻ زميناري ۽ سماجي ڪمن ۾ مصروف ٿي ويو، سندس فيصلن جي هاڪ ملڪان ملڪ مشهور آهي ڪو زمانو هو تہ پاڻ جڏهن ڳوٺ ۾ موجود هوندوهو تہ تانگن جا تانگا ماڻهن سان ڀرجي اچي سندس اوطاق تي لهندا هئا ۽ پنهنجا فيصلا ڪرائيندا هئا تہ سندن فيصلن ۾ سچائي، ديانتداري وارو عنصر اينتريقدر شامل هو جو راڄن جا ڇگا مڙس بہ ڪانئس فيصلو ڪرائيندا هئا. زميناري سان گڏ پاڻ سياست ۾ پڻ دلچسپي وٺڻ لڳو، سياست ۾ کيس برصغير جي برک عالم دين ۽ سياستدان جناب سيد علي اڪبر شاهہ جي سرپرستي حاصل رهي.

جيئن تہ خانصاحب قدرتي طور تي ذهين، ڏاهو ۽ وڏو زيرڪ انسان آهي تنهن ڪري هن پنهنجي ذهانت ۽ ڏاهپ جي بنياد تي سياست جي ڏکين گرن کي آساني سان سمجهي ورتو. ۽ اهڙي طرح هو ۱۹۵۳ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر

منتخب ٿي ويو. ان اسيمبليءَ مان ڪرپٽ سياستدانن ۽ چالاڪ بيوروڪريٽن گڏجي ون يونٽ جو بل منظور ڪرايو، پر هن بيباڪ سياستدان پنهنجي جرات همت ۽ بهادريءَ جو مظاهر ڪندي ون يونٽ تي صحيح ڪانہ ڪئي اهو سندس اعليٰ صلاحيت ۽ بيباڪي جو وڏو مظاهرو هو ياد رهي تہ ون يونٽ تي ١١٠ ميمبرن مان ٩٨ ميمبرن صحيح ڪيون ڪجهہ ميمبر موڪل تي هئا ۽ ڪجهہ جايون خالي هيون جناب جي ايم سيد جيل ۾ هو، پر جن ميمبرن صحيح نہ ڪئي انهن جا هي نالا آهن.

(١) عبدالحميد خان جتوئي (٢) غلام مصطفيٰ پرڳڙي (٣) پيرالاهي بخش (٤) شيخ خورشيد احمد اهو سندس وڏو ڪارنامو آهي. جتوئي صاحب ٥٦ ۾ ويسٽ پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ ٦٥ ۾ وري سنڌ اسيمبليءَ جو ۽ ١٩٧٠ع ۽ ١٩٨٥ع ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو.

ان دوران جتوئي صاحب سياست جي ڪيترن ئي لاهن چاڙهن مان گذريو. ١٩٧٠ع دوران پاڻ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سيٽ تان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو. ان دوران پيپلز پارٽيءَ سان مارشلا واري مسئلي تان سندس شديد اختلاف ٿي پيا، ان ڪري پيپلز پارٽي واري دور ۾ ڪيس ڪيترائي دفعا جيل وڃڻو پيو، پر پاڻ پنهنجي موقف تي قائم رهيو، ان ڪري بقول جتوئي صاحب جي پيپلز پارٽي وارن کيس پارٽيءَ مان خارج ڪيو. جتوئي صاحب پي، اين پي ۾ شموليتڪئي جيڪا غوث بخش بزنجي جي قيادت ۾ هلي هئي، شايد جتوئي صاحب ان جا سنڌ صوبي جو اڳواڻ پڻ

هيو. ان دوران ملڪ ۾ مارشلا لڳايو ويو، ۽ جتوئي صاحب ان دوران گرفتار ٿي ويو ۽ ٦ مهينا جيل ۾ قيد رهيو. جيل مان رهائي ڪان پوءِ ڪيس ضياءُالحق اي ڪي بروهي ۽ محمود هارون جي معرفت ڪيس سنڌ صوبي جو گورنري جي آڇ ڪئي، پر جتوئي صاحب مارشلا جي ڇتيءَ جي ڇانو ۾ گورنر جي آڇ کي مسترد ڪري ڇڏيو. اها سندس اصولپرستيءَ ۽ جمهوريت پسنديءَ جو وڏو مثال هو. جتوئي صاحب ان ڪان علاوه جمهوريتءِ پنهنجي علائقي جي ڪافي خدمت ڪئي آهي. سندس ڪن مخالفن جوچوڻ آهي ته پاڻ سخت مزاج ۽نوڪريون ڏيڻ ۾ ڪنجوس آهي. پر سندس اهوموقف آهي ته هو گهڻو عرصو حڪومت جي مخالفت ڪندو رهيو آهي. تنهنڪري هو علائقي جي ماڻهن جي نوڪرين ۽ ترقياتي ڪمن جي سلسلي ۾ صحيح خدمت نه ڪري سگهيو،ڇاڪاڻ ته هن ملڪ ۾ هڪ عجيب قسم جي روايت رهي آهي ته مخالف ميمبر جي اسڪيم ڪيتري سٺي ۽ فائدي واري هجي ان کي عمل ۾ نه آڻو آهي، ڇاڪاڻ ته هو مخالف آهي، ان ڪري جتوئي صاحب جون جيڪي به نوڪرين يا ڊولپمينٽ جي سلسلي ۾ اسڪيمون هيون اهي رد ڪيون ويون يا انهن تي عمل ئي نه ٿي ڪيو ويو. تنهنڪري نوڪرين ۽ ترقياتي اسڪيمن ۾ سندس علائقو ڪنهن حد تائين پوئتي رهيو آهي. پر پارليامنٽ ۾ جتوئي صاحب جيڪا پنهنجي علائقي ۽ خاص طور تي سنڌ جي جيڪا نمائندگي ڪئي آهي اها قابل تعريف آهي ۽ ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. اڪثر ميمبر مصلحتن خاطر خاموش هوندا آهن ۽ اسيمبليءَ ۾ لڪير جا فقير ٿيو وينا هوندا آهن. پر ان جي مقابلي ۾ جتوئي صاحب اسيمبليءَ ۾ سنڌ يا

پنهنجي علائقي جو كيس هميشہ بهادري، دليري ۽ مدللانہ نموني سان پيش كيو آهي، پر اها اسيمبلي ون يونٽ واري هجي ٧٠ واري هجي يا ٨٥ واري ون يونٽ جو تذكرو مٿي ٿي آيو آهي. ستر واري اسيمبليءَ ۾ مارشل لاءِ جواز جي پاڻ سخت مخالفت كيائين ٨٥ واري اسيمبليءَ ۾ كيل تقرير جا كجهہ حصا هيٺ ڏجن ٿا. ٨٥ ۾ جيئن تہ امن امان جي صورتحال خاص طور تي سنڌ ۾ تمام خراب ٿي چكي هئي جتوئي صاحب ان متعلق اسيمبليءَ ۾ تقرير كئي ان جا كجهہ اقتباسات ڏجن ٿا.

جناب ڊپٽي اسپيكر صاحب! امن امان جو مسئلو اسانجي ڏكايل رڳ آهي. امن معاشري جي هر فرد جو پيدائشي حق آهي جيكڏهن امن ۾ خلل آهي تہ حكومت وقت جو فرض آهي تہ هر فرد كي امن مهيا كري، امن امان جو مسئلو پاكستان ۾ مختلف صورتن۾ ورهايل آهي. سنڌ ۾ ڌاڙيل، پنجاب ۾ شيعا، سني مسئلو،كراچيءَ ۾ هاءِ جيكنگ، اسلام آباد ۾ سفارتكارن جو قتل انهن سڀني جي تصوير اكين اڳيان اچڻ كان پوءِ سڀ كان اڳ ۾ سنڌ جي مسئلي تي ڳالهائيندس. هتي ڌاڙيلن جو مسئلو (Warning point) تي پهچي چكو آهي، هيئنئر هن جي تلافي نہ كئي ويئي تہ هٿن مان نكربوندو. اقتدار جا صاحب چون ٿا تہ هي پراڻي بيماري آهي هن حكومت كي ورثي ۾ مليو آهي. مان عرض ٿو كريان تہ ماڻ گذريل حكومت ۾ حزب اختلاف ۾ هوس، پر ان دور ( پ- پ دور ۾) امن امان جو مسئلو هرگز كو نہ هئو هي مسئلو مارشل لڳڻ كان پوءِ پيدا ٿيو. كنهن پيدا كيو؟ اهو هك سازش هيٺ ٩ سال هلندڙ مارشل واري ٽولي

پيدا ڪيو آهي. مون پنهنجي ضلعي ۾ فوجي آفيسرن کي ڌاڙيلن سان ياڪر پائيندو ڏٺو آهي. توهان جي فوجين ڌاڙيلن کي پاسيون ڪڍي ڏنيون، انهن ۾ ١٢- ١٢ قتلن ۾ ملوث ماڻهو شامل هئا. مون جڏهن گورنر صاحب کي اها ڳالهه ٻڌائي ته گورنر چيو ته جتوئي صاحب ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو، جو اسان ڌاڙيلن کي پاسون ڏيون" ته مون چيو" مون وٽ انهن پاسين جون فوٽون اسٽيٽ ڪاپيون آهن چئو ته ثبوت پيش ڪريان" ته گورنر صاحب چيو ته "مان ڊي، ايم، ايل، اي صاحب کان پڇان ٿو" گورنر ڊي، ايم، ايل، اي کي فون تي چيو ته جتوئي صاحب هي ڳالهه ڪري رهيو آهي" ته ڊي- اي- ايل- اي صاحب چيو ته " ها! غلطي ٿي ويئي آهي. هن ڌاڙيل چيو ته مان ٻيا ڌاڙيل گرفتار ڪرائيندس" بعد ۾ مون چيو " صاحب ان ڌاڙيل توهان کي گهڻا ڌاڙيل گرفتار ڪرايا. ير مان پڇان ٿو جن ماڻهن ٢٠- ٢٠ قتل ڪيا آهن اهي ملٽري هيڊ ڪوارٽر تي ڪيئن پهتو ۽ واپس سلامت پهتو ڪيئن؟ هاڻي اهي ڌاڙيل پاسيون وٺي آزاد گهمي رهيا آهن،هي آهي هن فوجي جنتا جي ڏهن سان جي ڪارڪردگي، ٢٠- ٢٠ قتلن جي قاتلن سان فوجي جنرلن جيلن ۾ وڃي ملاقات ڪن ٿا. ته هي وبا هي فوجي پڪيڙي رهيا آهن.

جناب اعليٰ! امن امان جا رکوالا جيڪڏهن پئسن ۾ حصيدار هجن ته ان حالت ۾ اسان امن امان ڪنهن کان گهرون، سنڌ کي اڄ فوجي جنتا جي حوالي ڪيو ويو آهي ٻه مهينا ٿي ويا آهن ٻن مهينن ۾ گهڻا ڌاڙيل ماربا ويا آهن، جيل مان يڳل قاتل گهڻا گرفتار ڪري چڪا آهيو هڪ ٻه نه پوءِ مان پڇان ته اينتري فوج رکڻ مان ڪهڙو فائدو؟ انتي ٻتو ڪم ڪيو

وجيئو اتي ماڻهن کي قتل ڪيو وڃي ٿو، اتي ماڻهن کي قتل ڪرڻ لاءِ فوج کي موڪليو ويو آهي. مون وٽ مثال موجود آهي. هن ڏيڍ مهيني ۾ منهنجي ضلعي جي هڪ ڳوٺ احمد خان برهماڻي کي فوجين ٻن سان اڏائي ڇڏيو آهي. افسوس آهي جو وزير اعظم جڏهن دادو ويو اتي هن اها زحمت گوارا نہ ڪئي تہ وڃي مظلومن جو حال ڏسي، هن ڳوٺ جي آبادي ٣٠٠٠ هزار آهي، مون وٽ ست موجود آهي، اتي پنج عورتون هڪ ستن مهينن جو ٻار ماءُ جي گود ۾ قتل ٿيو آهي. هڪ اسي سالن جو پوڙهو جيڪو اکين کان انڌو هو هو زڪواة وٺندو هو، هڪ ستن مهينن جو ٻار گود ۾ قتل ٿيو آهي. ٻماءُ بہ زخمي ٿي آهي، منهنجي ضلعي ۾ خيرپور ناٿن شاهہ هڪ تعلقـــہ آهي، اتي غريب هاري ڏاند گـــاڏي خـتـــريد ڪري ڊاٽسن"Pickup" ۾ وڃي رهيـــو هو پويان آرمي جي گـــاڏي اچي رهي هئي، آرمي وارن هارن ڏنو،هن ويچاري غريب سائيڊ ڏني پر هن کي پتو ڪو نہ هو تہ پنيان بادشاهہ سلامت اچي رهيـو آهي، آرمي جي گـاڏي کي تـورڙي رهڻ اچي ويئي آرمي وارن گاڏي اڳيان بيهاري ڊاٽسن تي ويٺل غريبن کي گولين سان اڏائي ڇڏيو. هتي انسانن جو شـڪار ڪيو ٿو وڃي، هن کان اڳ اوير پاڪستان ۾ اها راند کيڏي ويئي هئي. اسان کي بہ ان طرف ڌڪيو پيو وڃي، هتي چون ٿا تہ سنڌ وارا عليحدگي جي ڳالهہ ٿا ڪن اسان علحدگي نہ ٿا چاهيون، توهان اسان کي علحده ڪرڻ چاهيو ٿا. سنڌ ۾ اسان کي سنڌي گورنر نہ ٿو ملي سنڌ ۾ اسان کي سنڌي چيف سيڪريٽري نہ ٿوملي، سنڌ ۾ اســان کي سنڌي آءِ جي نہ ٿــو ملي، مــون کي وڏي افسوس سان چوڻو ٿو پوي، تہ ولائي ڪئمپ جي انچارج کي

سنڌ جو آءِ جي مقرر ڪيو ويو آهي. اسان جون زمينون اسان کان ڪسيون پيون وڃن جيئن منهنجي دوست فخر امام صاحب چيو ته سنڌ جون زمينون(Non Sindhis) کي ڏنيون پيون وڃن جناب اعليٰ! مان وضاحت ٿو ڪريان ته هي زمينون غير سنڌين کي نه پر فوجين کي ڏنيون پيون وڃن،لکين ايڪڙ زمين اڄ به فوجين جي قبضي ۾ آهي،ڪيترن ئي ماڻهن جا گهر بلڊوزن سان تباهه ڪيا ويا آهن جن جي روزي زمين سان وابسته آهي، اڄ هتي پروپگنڊا ڪئي ٿي وڃي ته سنڌ جا ماڻهو ڌاڙيل تحريڪ هلائي رهيا آهن ۽ ڌاڙيلن کي سياسي ماڻهو پناهه ڏئي رهيا آهن. سياسي ماڻهو ڌاڙيلن کي پناهه ڪو نه ٿا ڏين، ان جي عدالتي تحقيق ڪرائي. مان وزيراعظم کي عرض ڪندس ته توهان کي وزير اعظم هائوس جي اڪثريت جي بنياد تي وزير اعظم نه بڻايو ويو آهي،پر سنڌ ۾ موجود جيڪي احساس محرومي آهي ان جي خاتمي جي لاءِ وزيراعظم مقرر ڪيو ويو آهي. توهان پنهنجي ضمير کان پڇيو ته سنڌ مان احساس محرومي ختم ٿي ويو آهي، ڇا سنڌ مان ظلم زيادتيون ختم ٿي ويون آهن. ڇا سنڌ ۾ امن امان قائم ٿي ويو آهي. خدا جي واسطي هائوس ۾ اچي چئو ته مان ناڪام ٿيو آهيان مان استعفيٰ ڏئي رهيو آهيان، تاريخ ۾ انهن جو نالو سنهري اکرن ۾ لکيو آهي جن ڪرسيءَ کي لت هنئي آهي، ڪرسي کي چنبڙڻ وارن جا نالا ڪو نه لکبا آهن. منهنجي ضلعي ۾ جڏهن وزير اعظم آيو ته ان کي عوام سان ملڻ نه ڏنو ويو پٽيوالن لاءِ جناح ڪئپون گهرايون ويون، پوليس کي سادن ڪپڙن ۾ تاڙين وڄائڻ لاءِ ويهاريو ويو.

هي چوڻ غلط آهي ته فوج ۽ عدالت کي اسان هٿ نه ٿا

لائي سگهون. اهي ڪعبو ڪو نہ آهن اهي اسان وانگر انسان آهن، اهي ٽيڪس خور ۽ پگهاردار آهن، اسانکي اهو حق آهي تہ اسان ڏسون پگهاردار صحيح نموني ڪم ڪري رهيا آهن يا نہ تہ پوءِ اسان پگهار ڪٽيون يا گهٽ ڪريون، اسلام ۾ ڪٿي لکيل آهي تہ فوج جو ڪمانڊر ايئرڪنڊيشن ڪار ۾چڙهي گهمي، قومون اهي هونديون آهن جيڪي صاف هٿن سان ايندڀون آهن ۽ صاف هٿن سان وينديون آهن ۽ جيڪي ٻهروپا هوندا آهن جڏهن اهي مرندا آهن تہ انهن جي قبرن تي ڪوئي روئڻ وارو نہ هوندو آهي.

جناب اعليٰ! مون کي خبر آهي تہ گوري قبرستان ۾ هن ملڪ جا ڪافي حاڪم پوريل آهن جن جي قبر تي ڪو بہ قل پڙهڻ وارو ڪو نہ آهي، مان توهان کي اپيل ٿو ڪريان تہ توهان بہ انهيءَ قطار ۾ شامل نہ ٿيو جو پوءِ توهان جي قبر تي وبهي قل پڙهڻ وارو نہ هجي.

شڪريہ

ان ڪان علاوه خانصاحب عبدالحميد جتوئي ڪيترن ئي سنڌ جي مسئلن تي دليري سان ڳالهايو. خاص طور تي نوڙي ڦاٽڪ واري ڪيس جي متعلق سخت اسٽينڊ ورتائين ۽ اسيمبليءَ مان بائيڪاٽ پڻ ڪيائين جنهن بائيڪاٽ ۾ ڪيترن ئي ميمبرن کي پاڻ سان شامل ڪيائين جنهن ۾ عبدالحميد سان گڏ غلام محمد چشتي، پير بخش خاصخيلي، دلمراد جمالي، عنايت علي ٽالپر، بيگم رشيده پاشا کهڙو، سردار آصف، فتح محمد خان، محمد عارف، شيخ رشيد احمد ، صاحبزاده نور الحسن، نصرت شاه، عثمان نوري، وغيره بائيڪاٽ ۾ حصو ورتو ۽ بالاخر اهو ڪيس سول عدالت ۾ منتقل ٿيو.

عبدالحميد جتوئي جي محفل ۾ هميشہ ٺهڪ ۽ کل ڀوڳ هوندو آهي، پاڻ چرچا ڪندو بہ آهي تہ ساڳئي وقت وري چرچا برداشت بہ ڪندو آهي. اڄ وري هنان ميهڙ خيرپور ٽڪ تان سندس قومي اسيمبليءَ جو ميمبر آهي. ورثي سياست جا جاءِنشين سندس بہ فرزند جناب لياقت علي جتوئي ۽ جناب اعجاز جتوئي آهن. لياقت علي جتوئي صاحب مقامي اسڪولن مان تعليم حاصل ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ مان پوليٽيڪل سائنس ۾ ماسٽري جي ڊگري حاصل ڪئي. ان ڪان پوءِ ڪجهہ وقت لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي سبجيڪٽ جو ليڪچرار پڻ رهيو. ان ڪان پوءِ ليڪچرراري کي خيرباد چئي ۽ عملي سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين ١٩٧٧ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سيٽ تان ميهڙ خيرپور ٽڪ مان قومي اسيبلي جو ميمبر منتخب ٿيو، پر جيئن تہ ٿوري وقت ڪانپوءِ ملڪ ۾ مارشلا لڳي ويو ۽ اسيمبليون ختم ٿي ويون ان ڪان پوءِ ضياءُ الحق جي دور ۾ مجلس شوريٰ جو ڪيس رڪن طور ڪنيو ويو، ان دوران سنڌ ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ عروج تي پهچي چڪي هئي. ميهڙ خيرپور ناٿن شاهہ مان سون جي تعداد ۾ ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪيترائي قتل ٿي ويا. ان جي احتجاج ۾ پاڻ مجلس شوريٰ تان استعفيٰ ڏئي ڇڏيائين. وري ١٩٨٥ع واري اليڪشن ۾ صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو. ۽ ١٩٨٩ع ۾ وري ٻيهر صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو ۽ جام جي دور ۾ وزير خزانہ ۽ ايڪسائيز جو وزير پڻ رهيو، پر ان ڪان علاوه نگران ڪئبنيٽ ۾ ايريگيشن جو وزير پڻ رهيو، سندس وزير خزانا واري دور ۾ ڪافي ترقياتي ڪم ٿيا. ميهڙ تائون ڪاميٽي کي

ميونسپالٽيءَ جو درجو پڻ ڏياريائين بيا ڪيترائي علائقي ۾ ڪم ٿيا. لياقت ميل جول ۽ سندس عام ماڻهو سان روبرو چڱو هوندو آهي. ١٩٩٣ع واري اليڪشن ۾ معين قريشي جي مقرر ڪيل اليڪشن جي شرطن تي پورو نه لهڻ ڪري حصو نه ورتائين اڄڪلهه گوشه نشين آهي.

اعجاز جتوئي صاحب جي به سياست سان خاص دلچسپي آهي پاڻ مير غوث بخش بزنجي کان سياسي طور تي ڪافي متاثر آهي. مختلف پارٽين ۽ اتحادن ۾ سرگرم رهيو آهي، خاص طور تي پاڻ پي، اين، پي ۾ ڪافي ڪم ڪيو اٿس. سنڌ قومي اتحاد جي پليٽ فارم تان سندس تقريرون ٻڌڻ وٽان هونديون هيون. هن اتحاد ۾ پاڻ ڏاڍو ملهايائين

پاڻ سندس پنهنجي ۽ سندس والد بزرگوار جي سياسي حڪمت عملين ۽ دوستن جي بنياد تي سينٽر منتخب ٿيو ۽ سينيٽ ۾ به ڀرپور نمائندگي ڪيائين. خاص طور تي غلام اسحاق خان واري مخالفت دوران پيپلز پارٽيءَ جي سينيٽرن سان چڱو ساٿ ڏنائين. هن جو لاڙو ٻين ڪمن کان وڌيڪ سياست ڏانهن آهي. اڄڪلهه مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان ڪافي سرگرم آهي.

# ملڪ سڪندر خان

دادو ضلع جي ڪوهستاني علائقو ڪيترن ئي خوبين جو حامل آهي، خاص طور تي هن علائقي جا ماڻهو سادا سباجها مهما نواز محنتيءَ ۽سچا انسان آهن. خوش قسمتيءَ سان انهن انسان جي قيادت ملڪ سڪندر جي خاندان جي حصي ۾ آئي آهي. ملڪ صاحب تي جڏهن ڪوهستاني ماڻهن جي اڳوائيءَ جو بار پيو ته پاڻ ان کي انتهائي محنت ۽ لڳن سان نيائڻ جي ڪوشش ڪيائين، ۽ جيڪي ڪوهستان جي علائقي جون روايتون هيون انهن کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪيائين.

ملڪ صاحب شروع ۾ سيڪريٽريٽ ۾ ڪنهن عهدي تي هو. محترم پير علي محمد راشديءَ صاحب سان عليڪ سيلڪ هيس، راشدي صاحب جي محبت ڪيس سياست ميدان ۾ لاٿو ۽ پاڻ اليڪشني سياست ۾ ڀرپور نموني سان حصو ورتائين ۽ عملي سياست ۾ ڪيس اينرو ته عبور حاصل هو جو بالاخر جي ايم سيد جهڙي ڪهنه مشق سياستدان کي به ناڪاميءَ سان همڪنار ڪيائين، ۽ ١٩٧٠ع ۾ قومي اسيمبلي جو رڪن بڻيو.

ملڪ صاحب جي سرداري لٺ هيٺ ڪيئي قبيلا آهن، جناب شهيد سومري پنهنجي ڪتاب (الڪيم، پڙهيم ٻڌم) ۾ لکيو آهي ته پاڻ هر پاڙي کي اهائي هدايت ڪيائين ته ڪوهستاني علائقي يا ڪوٽري تعلقي ۾ جتي جتي سندس راڄ آهن ڪير به چوري نه ڪري ڪنهن کي به ستايو نه وڃي ڪنهن

جي ﺑـ دل آزاري نـ ڪئي وجي جيڪڏهن ڪنهن ﺑـ منهنجي ان هدايت تي عمل نـ ڪيو تـ ان کي سخت سزا ملندي......وڏو امن پسند هو ڪوٽڙيءَ شهر ۾ لساني جهيڙا نـ ٿياءِ موقعي پرستن سندس حياتيءَ ۾ ڪڏهن ﺑـ ڏاهـ ڏوهـ نـ ڪئي، البتـ ڪنهن شهري شرارت ڪئي تـ ان کي پاڙ وٽ گهرائي اهڙي دٻ پٽي چڙهيندو هو جو مجال جو آئينده وري ڪا اهڙي حرڪت ۽ گڙٻڙ ٿئي، سندس انهن عملي ڪم ڪرڻ ڪري ڪوٽڙيءَ کي پوريءَ سنڌ ۾ امن جو شهر چوندا هئا. هيڏي عزت ۽ شهرت جي باوجود ڪنهن کان ذاتي انتقام نـ ورتائين. سندس وڏو انتقام هو معافي ۽ درگذر ڪرڻ.

# ملڪ اسد سڪندر

ملڪ اسد سڪندر سردار ابن سردار آهي. پاڻ ١٩٦٧ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ٽاٽي احمد خان ۾ جنم ورتائين، پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ورتائين پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان پاس ڪري، ميٽرڪ پاس ڪيائين ته سندس والد ملڪ سڪندر خان کيس داغ فرقت ڏئي ويو.

ان وقت ملڪ صاحب جي عمر سورهن سال مس هئي ته سندس والد جون سيئي سياسي، سماجي، خانداني ذميواريون سندس مٿان پيون، سندس ننڍي عمر هجڻ ڪري هر هڪ ماٺهوا هو سوچي رهيو هو ته ملڪ صاحب ننڍي عمر هجڻ ڪري راڄن جي جهيڙن کي نبيري، ۽ پيا ڪم ڪيئن سرانجام ڏيندو؟ پر قدرت واري سندس ذهن کي ايڏو وسيع ڪيو جو باوجود ننڍي عمر جي هن ان کي انتهائي خوش اسلوبيءَ سان نڀايو جو هر ماڻهو اچرج ۾ اچي ويو! ملڪ صاحب جي سرداري پڳ جي اهتمام ۾ جناب پير غلام الرسول شاهه جيلاني ڀرپور ڪردار ادا ڪيو.

ملڪ صاحب پڳ جي ذميواري ڪانپوءِ پنهنجي معاشي حالات کي درست ڪرڻ ڏانهن توجهه ڏنوءِ ڪيترين ئي غيرآباد زمينن کي آباد ڪرايائين. ان کان پوءِ ضياءُ الحق عوامي پريشر ۾ اچي ڪري جڏهن ١٩٨٥ع ۾ غير جماعتي بنيادن تي ملڪ ۾ عام چونڊن جو اعلان ڪيو ته ملڪ صاحب ان ۾ حصو ورتوءِ پاڻ صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو.

ان ڪانپوءِ ١٩٩٠ع ۽ ١٩٩٣ع ۽ ١٩٩٧ع واري اليڪشن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ٽي دفعا ميمبر منتخب ٿيو آهي. هينئر به پنهنجي علائقي مان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر آهي.ا ن ڪان علاوه ٻين به ڪيترن ئي سياسي، سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندو رهي ٿو. هينئر به دادو ضلع جي سوشل ايڪشن بورڊ جو صدر ۽ اسان گڏ ڊسٽرڪٽ گيمر وارڊن پڻ آهي.

ڪوهستان ۽ ڪوٽڙيءَ جي ترقي ۾ ڪوشان آهي اسان جي ڪيس استدعا آهي ته اجا وڌيڪ دلچسپي ۽ شوق سان ڪيس غريبن جي خدمت ڪرڻ گهرجي جيئن سندس ۽ سندس وڏن جو نالو روشن رهندو اچي.

# لياقت علي خان جتوئي

لياقت علي خان جتوئي محترم عبدالحميد خان جتوئيءَ جو وڏو فرزند آهي. پاڻ بي انداز صلاحيتن جو مالڪ آهي. قدرت ڪيس ڪيترن ئي لياقتن ۽ خوبين جو مالڪ بنايو آهي. هڪ دفعو ڪير سائس ملاقات ڪندو تہ متاثر ٿيڻ کان رهي نہ سگهندو. پاڻ پنهنجي پيءُ وانگر ملنسار ۽مثالي شخصيت جو مالڪ آهي. جتوئي صاحب مقامي اسڪولن مان تعليم حاصل ڪئي گريجويشن کان پوءِ پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم- اي پوليٽيڪل سائنس ۾ ڪئي. لياقت صاحب شاگرديءَ واري زماني ۾ ئي سياست ۾ حصو وٺندو رهيو آهي. ون يونٽ جي دوران پاڻ فعال ڪردار ادا ڪيائين ۽ جيل ۾ پڻ ويو . ايم- اي جي ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. اهڙيءَ طرح جتوئي صاحب پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز ڪيو. ان کان پوءِ ليڪچررشپ کي خيرباد چئي عملي سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين. ۱۹۷۷ع ۾ ميهڙ خيرپور ناٿن شاهہ تڪ مان پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو. پر جيئن ٿوري وقت کان پوءِ پي- اين- اي جي تحريڪ هلي. ان کان پوءِ ملڪ ۾ مارشل لڳي ويو. اسمبليون ختم ٿي ويون ۽ سياسي جماعتن ۽ سياسي سرگرمين تي پابندي لڳي ويئي. جنرل ضياءُ الحق مجلس شوريٰ قائم ڪئي جنهن ۾ لياقت

صاحب کي ميمبر طور کنيو ويو. ان دوران سنڌ ۾ ايم- آر- ڊي جي تحريڪ عروج تي پهچي چڪي هئي. ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه مان سون جي تعداد ۾ ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪيترائي شهيد ٿي ويا. ان جي احتجاج ۾ لياقت صاحب مجلس شوريٰ تان استعفيٰ ڏئي ڇڏي. ١٩٨٥ع واري اليڪشن ۾ لياقت علي صاحب صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو. ان دوران علائقي جي ماڻهن جي ڪافي خدمت ڪيائين. ١٩٨٩ع ۾ وري اليڪشن ٿي پاڻ ميهڙ تڪ مان ميمبر چونڊجي ويو ۽ ڄام صاحب جي زماني ۾ وزير خزانه ۽ ايڪسائيز جو وزير پڻ رهيو. ان ڪان اڳ نگران دور ۾ ايريگيشن جو وزير پڻ رهيو. پاڻ پنهنجي خاص طور تي وزير خزانه جي دور ۾ ڪافي ترقياتي ڪم ڪيائين ميهڙ ٽائون ڪاميٽيءَ کي ميونسپالٽيءَ جو درجو ڏيارائين روڊن، رستن،روشني ۽ اسڪولن لاءِ خاص گرانٽون منظور ڪرايائين. ميهڙ شهر جي خوبصوري لاءِ سندس عهد ۾ جيڪو ڪم ٿيو اهو قابل تحسين آهي. ١٩٩٧ع ۾ پنهنجي ابائي تڪ ميهڙ مان صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو. پر پنهنجي خداداد صلاحيتن سان سنڌ جو وزير اعليٰ مقرر ٿيو آهي.ا سان کي اميد آهي ته اڳ جيان پنهنجي علائقي ۽ پوري سنڌ جي ڀرپور خدمت ڪندو.

# "اعجاز علي خان جتوئي"

اعجاز علي خان جتوئي صاحب کي بہ پنھنجي والد ۽ وڏي ڀاءَ کان سياست ورثي ۾ ملي آھي ۽ سياست سان گھري دلچسپي رکي ٿو پاڻ مير غوث بخش بذنجي جي سياست کان ڪافي متاثر آھي. مختلف سياسي اتحادن ۽ پارٽين ۾ ڪم ڪيو اٿس. خاص طور تي سنڌ قومي اتحاد جي پليٽ فارم تان سندس سياسي تقريرون ڪافي جذباتي ھونديون ھيون. پنھنجي والد صاحب جي سياسي حڪمت عملين ۽ دوستين جي بنياد تي سينيٽر منتخب ٿيو. ڪجھہ وقت سندس سينيٽر جو ٽرم پورو ٿي چڪو ھو ھاڻي وري ٻيھر سينيٽر پڻ منتخب ٿيو آھي. گذريل ڪجھہ مھينن کان مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان ڪافي فعال رھيو آھي. پاڻ قول جو پڪو انسان آھي ميل جول ۽ عوام سان رابطو ۽ انھن جا مسئلن حل ڪرڻ ۾ ھميشہ ڪوشان رھندو آھي. دعا آھي تہ الله تعاليٰ کيس وڏيڪ خدمت جو موقعو ڏئي. ۽ کيس صحت ڪاملہ عطا فرمائي.

# شهيد عاشق حسين جنوئي

دادو ضلع سياست، ادب ۽ علم جو ڳڙهه رهيو آهي، دادو ضلعي ۾ ميهڙ تعلقي کي خصوصي اهميت حاصل آهي، هن مٽي مان ڪيئي مدبرن، مفڪرن، اديبن ۽ سياستدانن جنم ورتو آهي. ان ۾ شهيد عاشق حسين جو تعلق به تعلق ميهڙ جي مشهور ڳوٺ پيٽو جتوئي سان آهي، جيڪو ميهڙ کان ٽن ميلن تي واقع آهي، شهيد عاشق حسين ابتدائي تعليم ڪوٺيا گرامر اسڪول مان حاص ڪئي. جيئن ته سندس تربيت سنڌ جي مشهور سياستدان جناب عبدالمجيد ڪئي، ان ڪري ان جي صحبت ڪيس سياست ڏانهن راغب ڪيو، ١٩٧٠ع واري ڏهاڪي ۾ پاڻ عملي سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين جيڪو صرف ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ليول تائين محدود هو، جيئن ته عاشق حسين جتوئي صاحب نيشنل پيپلز پارٽي جي چيئرمين جناب غلام مصطفيٰ جتوئي جو پيشرو هو ۽ جتوئي صاحب ان وقت سنڌ پيپلز پارٽيءَ جو صدر ان جي اڳواٽي ۾ وڏيڪ سياست ۾ فعال ٿيو. ١٩٧٧ع ۾ جڏهن اليڪشن ٿي ته جناب عاشق حسين جتوئي کي ميهڙ تعلقي جي صوبائي سيٽ ملي. جنهن تان هو بنا مقابلي چونڊجي آيو. ان دوران ضياءُالحق انقلاب آڻي ملڪ ۾ مارشل لاڳو ڪري ڇڏيو، سياسي ادارا ۽ اسيمبليون معطل ڪيون ويون.

ان دوران سندس وابستگي پاڪستان پيپلز پارٽي سان رهي، جڏهن جمهوريت جي بحالي ۽ مارشل جي خاتمي جي لاءِ تحريڪ ايم آر ڊي هلي ان ۾ جناب عاشق حسين جتوئي

ڀرپور نموني سان حصو ورتو ۽ وڏو ڪردار ادا ڪيائين، ميهڙ ۾ تحريڪ جي هر معاملي جي پاڻ اڳواڻي ڪيائين، ان دوران ڪيئي جيل جون صعوبتون برداشت ڪرڻيون پيون، ان ڪان پوءِ جڏهن غلام مصطفيٰ جتوئي صاحب نيشنل پيپلز پارٽي ناهي ته پاڻ ان جي ڪميٽي جو ميمبر ٿيو، سندس طبيعت ۾ عاجزي انڪساري ڏاڍي هئي، پاڻ هر هڪ ماڻهوءَ سان بااخلاق نموني سان ملندو هو وڏيرپ وارو انداز سندس ۾ بلڪل ڪو نه هو. سخي ۽ فياض انسان هو. پاڻ گهڻو ڪراچي ۾ رهندو هو تنهن ڪري علائقي جي ماڻهن سان تعلق گهٽجي ويو هيس. پر ١٩٩٣ع جي اليڪشن ۾ پاڻ آزاد اميدوار جي حيثيت ۾ فارم ڀرايائين ۽ جڏهن ورڪ ڪيائين ته بغير ڪنهن پارٽي جي آزاد حيثيت ۾ به ٩ هزار ووٽ کڻيا اهو سندس فياضانه طبيعت، حسن سلوڪ ۽ اعليٰ ڪردار جو ثبوت هو، ورڪ جي دوران پنهنجو پاڻ کي فقير چورائيندو هو. ١٩٩٤ع ۾ مير مرتضيٰ سان گڏ نئين سياسي سفر جي شروعات ڪيائين. مخدوم خليق الزمان علاج واسطي موڪل جي درخواست ڏني ته ڪيس سنڌ جو قائم مقام صدر مقرر ڪيو ويو. ٢٠ سيپٽمبر واري سانحي ۾ جيڪو پاڪستان تاريخ جو هڪ دردناڪ الميو هو، جنهن ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو شهيد ٿي ويو، جناب عاشق حسين جتوئي به پڻ شهيد ٿي ويو. جيڪو ان قت مير مرتضيٰ سان گڏ هو ۽ گاڏي هلائي رهيو هو، شهيد عاشق حسين جو جنازو جڏهن بيٽي ۾ پهتو ته ڪهرام مچي ويو سڄي تعلقي جا ماڻهو هزارن جي تعداد ۾ ڪيس خراج عقيد پيش ڪرڻ لاءِ بيٽي ۾ پهچي ويا، ۽ اها اک نه هئي جنهن ۾ ڳوڙهو نه هجي، ماڻهن جي روج راڙ ۽ سڏڪن سان ڪيس دفن ڪيو ويو. الله

تعاليٰ کيس جنت ۾ جاءِ ڏي ۽ اڄڪلهه سندس ڀاءُ جناب زاهد حسين جتوئي سندس جاءِ تي سرگرم آهي، هينئر ١٩٩٧ع واري اليڪشن ۾ ان پنهجي ڀاءُ واري سيٽ تان فارم ڀريو اٿس. جناب زاهد حسين جتوئي پيشي جي اعتبار سان ڊاڪٽر آهي، جناب غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جو نياٽو آهي، هو به بااخلاق، روادار ۽ محبتي ماڻهو آهي، اسان کي اميد آهي ته هو شهيد جي مشن کي پائيه تڪميل تي پهچائيندو.

# رفيق احمد مهيسر

رفيق احمد مهيسر جو تعلق ڳوٺ گاهي مهيسر سان آهي، جيڪو تقريباً ميهڙ جي پرسان آهي، ميهڙ تعلقي جي سياسي تاريخ جو مطالعو ڪبو تہ هن علائقي تي پراڻي زماني ۾ ٽيبا، مهيسر ۽ جتوئي اثر انداز ٿيندا رهيا آهن. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي وجود ۾ اچڻ ڪان پوءِ هن علائقي جي سياسي اهميت وڌيڪ ٿي ويئي ۽ هتان جا سياسي ليڊر بہ پنهنجون وابستگيون نامور ۽ وڏين پارٽين سان رکڻ لڳا. ان ۾ وڏيرو محمد قاسم مهيسر جنهن جو تعلق ڪانگريسي هو. هن پنهنجي اثر رسوخ کي ڪانگريس جي حمايت ۾ استعمال ڪيو. پر جيئن تہ علائقي جي مقبول جماعت وري مسلم ليگ هئي. تنهن ڪري هن علائقي ۾ سياسي مقابلا وڏي دلچسپ صورت اختيار ڪري ويا. برصغير جا وڏا ليڊر جنهن ۾ مهاتما گانڌي، نهرو، سر عبدالله هارون ۽ ٻيا ڪينترائي چوٽيءَ جا رهنما هتي آيا ۽ وڏن وڏن جلسن کي خطاب ڪيائون. ياد رهي تہ رفيق احمد مهيسر جو تعلق بہ ان دور جي مشهور ۽ وڏي سياسي ۽ سماجي شخصيت وڏيري محمد قاسم مهيسر جي خاندان سان آهي. رفيق احمد مهيسر جو والد جناب عبدالله خان مهيسر اسيمبليءَ جو ميمبر رهي چڪو آهي. پر زماني جي لاهن چاڙهن مهيسرن جي سياست ۽ دٻدٻي کي گهٽائي ڇڏيو هو. ٧٠ واري زماني ۾ وري ميهڙ ۾ خاص طور تي عبدالحميد جتوئي جي سياسي اثر ورسوخ ۾ وڏو اضافو آيو ۽ تنهن ڪري مهيسر سياسي طور تي پس منظر ۾ هليا

ويا. پر ايم آر ڊي جي تحريڪ هلي ان وقت ۾ رفيق احمد مهيسر سياسي افق تي ظاهر ٿيو. جڏهن ته ان کان اڳ هو بلدياتي يعني يونين ڪاؤنسل کان ميمبر ۽ چيئرميني کان پنهنجي سياسي ڪيريئر جو آغاز ڪري چڪو هو. پر کيس سياسي شهرت ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ ۾ گرفتاري دوران ملي. جيل ۾ هو ته سندس والد محترم جو انتقال ٿي ويو. ان ڳالهه سان کيس وڌيڪ پذيرائي ملي.

١٩٨٨ع دوران کيس ميهڙ تڪ مان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي صوبائي اسيمبليءَ جي ٽڪيٽ ملي جنهن تان هو ڪامياب ٿيو. ان کان پوءِ ١٩٨٩ع ۽ ١٩٩٣ع دوران کيس قومي اسيمبليءَ جي ٽڪيٽ ملي جنهن تان پاڻ مڪمل سياستدان جناب عبدالحميد جتوئي کي شڪست ڏني، تنهنڪري سندس شهرت ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو. رفيق احمد مهيسر نوجوان آهي، سندس ميل جول جو طريقو تمام سٺو آهي. ماڻهو جيڪي روايتي وڏيرپ کان ڪڪ هئا انهن پيپلزپارٽيءَ کي پنهنجو نجات دهنده سمجهيو ۽ انهن جي طرفان مقرر ڪيل نمائندن کان ٻين جي مقابلي ۾ وڌيڪ ترجيح ڏني، ان ڳالهه جو تجزيو ته ڪو سياسي ماڻهو ۽ دانشور ئي ڪري سگهي ٿو ته پيپلز پارٽي ڪيتريقدر ماڻهن جي معيار تي لٿي آهي پر رفيق احمد مهيسر جو ذاتي اخلاق ۽ ميل جول جو طريقو روايتي انداز کان هٽيل آهي، ان ڪري کيس ڪافي مقبوليت ۽ شهريت ملي آهي. پاڻ پنهنجي علائقي ۾ ترقي جي لاءِ ڪوشان رهيو آهي، پوئين دور ۾ يعني ٩٣ جي اليڪشن کان پوءِ کيس قدرتي وسائل جو پارليامينٽري سيڪريٽري مقرر ڪيو، جيڪو وزير جي برابر آهي، ان دوران پاڻ ڪافي

نوڪريون ۽ علائقي جي ڪافي ڳوٺن کي سئي گئس ڏياري آهي، ان کان علاوه ڪافي ٻيا سياسي، سماجي ڪم ڪندو رهيو آهي، هينئر قومي اسيمبليءَ جي لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ طرفان ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه تڪ تان اميدوار آهي.

# قاضي شفيق مهيسر

ميهڙ کان ٿورو پري اٽڪل ٽن ميلن تي قاضي عارف مشهور ڳوٺ آهي. قاضي صاحب ان ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. سندس وڏا نيڪو ڪار ۽ صالح شخص هئا ان ڪري ڪين قاضي چيو ويندو آهي. قاضي شفيق احمد مهيسر ايم، اي، ايل، ايل بي آهي. ڪيس غريب عوام جي خدمت جو اونو هميشھ کان رهيو آهي، ان ڪري پنھنجي تعليم مڪمل ڪري ۽ سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين، جيئن تہ سندس تعلق سنڌ جي مشهور سياستدان ۽ پاڪستان جي وڏن پارليامينٽرن ۾ شامل جناب عبدالحميد خان جتوئي سان هو ان ڪري قاضي صاحب جي سياست جو محور بہ انهن تائين محدود هو. ١٩٨٥ ع ضياءَ الحق غير جماعتي بنيادن تي اليڪشن جو اعلان ڪيو تہ قاضي، عبدالحميد جتوئي جي گروپ طرفان ميهڙ تڪ مان فارم ڀريو ۽ صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبر منتخب ٿيڻ کان پوءِ قاضي صاحب علائقي جي پنھنجي وس آهر سٺي خدمت ڪئي. قاضي صاحب ان وقت جي اسيمبليءَ ۾ ميمبر جي طور جيڪو ڪردار ادا ڪيو اهو مثالي هيو، ان جي ڪري ڪيس ڪافي شهرت ملي پاڻ ان وقت جي وزير اعليٰ غوث علي شاھ خلاف ڪيس داخل ڪيو، قاضي صاحب ان ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو. ان سلسلي ۾ پاڻ ملڪ جي وڏن وڏن وڪيلن سان مشورا ڪري ان ڪيس جي پيروي ڪندو هو، جنهن ۾ سندس مدد پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ چوڌري اعتزاز احسن پڻ

ڪئي. قاضي صاحب هڪ بااخلاق سنجيده رواداري ۽ شفقت سان ڀرپور انسان آهي، معاشرتي برابري ڪان ڪوهين پري آهي. پاڻ اجڪلهه شهيد ڀٽو گروپ سنڌ جو صدر آهي، اچانڪ جڏهن مير صاحب شحيد ٿيو تہ جنهن نموني سان قاضي شفيق احمد صاحب پارٽي کي هلايو ۽ منهن ڏنو اهو سندس اعليٰ صلاحيتن ۽ قربانيءَ جو وڏو ثبوت آهي. قاضي صاحب جيڪو دعوت ڏيندو هو غريب هجي يا امير پاڻ هن وٽ پيرپري ضرور ويندو آهي. اسڪولن ۽ ڪاليجن مدرسن ۽ ٻين دفاعي ڪمن ۾ بہ اڳيرو رهندو آهي. دعا آهي تہ الله تعاليٰ وڌيڪ کيس استقامت عطا فرمائي.

قاضي صاحب پي، اين پي سنڌ جو صدر هيو تہ ١٩٩٥ع ان جي سنڌ واري شاخ کي سنڌ جي صدر جي حيثيت ۾ شهيد ڀٽو گروپ مير صاحب جي قيادت ۾ ضم ڪيائين. ۽ کيس ان وقت وڏي شهرت ملي جڏهن ان دوران سندس خلاف ويهن ڪان وڌيڪ مقدما داخل ڪيا ويا. ان ۾ عجيب غريب ۽ ڪلڻ جهڙا مقدما بہ سندس خلاف داخل ڪيا ويا. اجڪلهه قاضي صاحب پنهنجي پارٽيءَ طرفان ميهڙ واري تڪ تان قومي اسيمبليءَ جو اميدوار آهي.

# ”پير زمان شاھ جيلاني“

دادو ضلع جي اڪثر پيري مريدي جيلاني سيدن جي سرس نظر اچي ٿي گھڻو ڪري جيلاني سيدن جا ماڻھو مريد آھن، ڇاڪاڻ تہ جيلاني سيد حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني جي اولاد آھن. حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني ڪي مڃڻ وارن جو تعداد دادو ضلع ۾ تمام گھڻو آھي. سائين جي اولاد ۾ ايندڙ بزرگن جو مختلف علائقن تي اثر رسوخ آھي. پر ڪوھستان وارو علائقو سائين زمان شاھ ۽ سندس والد صاحب جي اثر ۽ مريدي ۾ شامل پالاري ذات ۽ ٻيون ڪيترين ئي ذاتيون اچي وڃن ٿيون. پير زمان شاھ جيلاني خاندان جو چشم وچراغ آھي. پرائمري ۽ ميٽرڪ ڪوٽڙي جي مقامي اسڪولن مان ڪيائين والد صاحب جي انتقال ڪان پوءِ سڄو بار سندس ڪلهن تي اچي ويو ۽ اھڙي طرح عملي سياست جو آغاز ڪيائين. پاڻ ١٩٨٢ع ۾ ڪوٽڙيءَ جو ميونسپل جو ميمبر چونڊيو ميمبر چونڊڻ ڪان پوءِ ڪوٽڙي ميونسپالٽيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ چونڊجي ويو. ۽ شھر جي ڪافي خدمت ڪيائين، آخر ١٩٨٢ع ۾ جڏھن غير جماعتي بنيادن تي اليڪشن جواعلان ٿيو تہ پير زمان شاھ پڻ ميدان ۾ نڪري آيو ۽ قومي اسيمبليءَ جو فارم ڀريائين، سندس مقابلو پير بخش خاصخيليءَ سان ٿيو. اھو مقابلو انتهائي دلچسپ مقابلو ھو. ٿورڙن ووٽن تان زمان شاھ اليڪشن هارائي، ليڪن ڪافي تجربو حاصل ڪيائين، پير صاحب اڳتي

ٻين سياسي معرڪن جي لاءِ تيار آهي. پير زمان شاهه جي وڏي خوبي اها آهي تہ سخي آهي تہ سندس اوطاق تي هر وقت ننگر تيار هوندو آهي. جيڪڏهن ٻيو ڪو ماڻهو نہ هوندو تہ سندس هڪ ٻہ مريد يا سندس ڪو صحافي دوست ضرور موجود هوندو، پير صاحب ۾ رواداري ۽ اخلاق موجود آهي. ڪوٽڙيءَ ۾ سماجي، ۽ سياسي طور تي فعال شخصيت آهي.

اسان جي محترم دوست ڊاڪٽر محمد اشرف سمون صاحب جن مون کي ٻڌايو تہ پير صاحب سان منهنجا ذاتي واسطا آهن،پير صاحب اهل علم ماڻهن جو تمام گهڻو قدردان آهي، فخر تڪبر ۽ وڏائي کان تمام گهڻو پري رهندو آهي، عام ماڻهن جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ هميشہ پاڻ پتوڙيندو آهي، هر سال سندن شيخ عبدالقادر جيلاني جي يارهين شريف وڏي ڌوم ڌام سان ڪندو آهي، دادو ضلعي ڪانسواءِ نئي ۾ سندس تمام گهڻا مريد ۽ معتقد رهندا آهن.

# عبدالڪريم بلوچ

ٽيليويزن جي حوالي سان عبدالڪريم بلوچ صاحب جي شخصيت ڪنهن به تعارف جي محتاج نہ آهي. پر ان سان گڏ، بهترين اخلاق ۽ اعليٰ ڪردار جي ڪري جي هر ماڻهو ڪيس عزت جي نگاهہ سان ڏسندو آهي هر حلقي ۾ هڪجيترو مقبول آهي.

سندس اصل وڏا شوراق ڪان قلوت قلعت مان جهانگارن يعني سيوهڻ جي پرسان آيا. پوءِ اتان وري ڪوٽڙي لڏي آيا ۽ ڳوٺ محمد يوسف بلوچ ۾ ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن جي پرسان اچي رهيا.

عبدالڪريم بلوچ جو والد صاحب رئيس الله بچايو خان جي فن سپاهہ گيري سان وڏي دلچسپي هئي (First World War) پهرين عالمگير جنگ ۾ حصو ورتو ۽ بغداد مان شادي ڪيائين جيڪا اصل ۾ ڪرد قبيلي جي هئي.

عبدالڪريم بلوچ صاحب ٥ جنوري ١٩٣٩ع ۾ پيدا ٿيا. پرائمري تعليم نانگا لوئين ڪوٽڙيءَ مان حاصل ڪئي. ميٽرڪ شيرول خان ميونسپل هاءِ اسڪول جيڪو اڄ ڪلهہ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪوٽري جي نالي سان مشهور آهي، ان مان ڪئي، انٽر مسلم ڪاليج حيدرآباد مان ڪئي. بي، اي- آنرس. ايم اي، تقابل اديان (Comprative Religion) جو امتحان وڏي اعزاز سان سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيو ۽

گولڊ مڊل ڪنيو.

جيئن تہ بلوچ جي خاندان ۾ فن سپہ گيري سان چاهہ هو پر خود بلوچ صاحب جي مزاج ۾ علم وادب ۽ فن جي دنيا گهري دلچسپي هئي. پاڻ پڙهڻ جي دوران ئي ريڊيو پاڪستان سان منسلڪ ٿي ويو. سندن قابل ذڪر استادن ۾ جناب محمد عثمان ميمڻ، خورشيد صاحب، اقتدار مختيار صديقي، حسين بخش ٻگهيو، عبدالوحيد صديقي (ايڊوڪيٽ) مخدوم امير احمد ۽ ڊاڪٽر سعيد شامل آهن جيڪي پنهنجي دور جا وڏا عالم هئا ۽ آهن.

ريڊيو پاڪستان سان وابستگي تہ بلوچ صاحب جي شاگرديءَ واري زماني ۾ هئي ١٩٦٥ع ۾ ڪيس پروڊيوسر ريڊيو پاڪستان ۾ مقرر ڪيو ويو. ۽ اهڙي طرح بلوچ صاحب پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز ڪيو. ريڊيو پاڪستان ۾ بلوچ صاحب پنهنجي ذهانت ۽ صلاحيتن جو ڀرپور نموني سان اظهار ڪيو. سندن ذهانت اذڪاوت ۽ اڻ ٿڪ جدوجهد ڪيس ٽيليويزن جي دنيا ۾ ڪٺي آئي. ١٩٦٧ع ۾ ٽيليويزن ۾ پروڊيوسر مقرر ٿيو. بلوچ صاحب ٽيليويزن ۾ بہ اعليٰ ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو ۽ ١٩٧٤ع ۾ ڪيس پروگرام مئينجر مقرر ڪيو ويو ١٩٧٨ع ۾ ڪيس ترقي ڏئي جنرل مئينجر ڪوئيٽہ مقرر ڪيو ويو. ١٩٨٢ع ۾ جنرل مئينجر پشاور مقرر ڪيو ويو ١٩٨٣ع ۾ جنرل مئينجر ڪراچي مقرر ڪيو ويو. ١٩٩٠ع ۾ ڪنٽرولر اسلام آباد سينٽر مقرر ٿيو ١٩٩٢ع ۾ اسلام آباد سينٽر جو جنرل مئنيجر مقرر ٿيو. هينئر جنرل مئنيجر ڪراچي سنيٽر تي پنهنجون خدمتون

سرانجام ڏيئي رهيو آهي. ان دوران بلوچ صاحب دنيا جي کيترن ئي ملڪن جا دورا ڪري چڪا آهن ان ۾ آمريڪا، انگلينڊ، ٿائيلينڊ ۽ ملائيشيا وغيره شامل آهن.

بلوچ صاحب نهايت حليم، فياض، سخي، ٻين کي زياده کان زياده نفع پهچائڻ واري شخصيت آهي. پاڻ سخت مصروف هجڻ جي باوجود نماز پابندي سان ادا ڪندو آهي. تقابل اديان سان وابسته هجڻ ڪري رواداري، اخلاق سان پيش اچڻ سندس مزاج جو حصو آهي. پاڻ ڪيترن ئي شخصيتن کي همٿائي ٽيليويزن تي متعارف ڪرايو اٿس. سندس چوڻ آهي ته ماڻهو کي پنهنجي ڪميٽمينٽ سان سچو هجڻ گهرجي ۽ اسانجي معاشري جي اشد ضرورت تعليم ۽ شعور جو پکيڙڻ آهي. ان کان سواءِ معاشري جي اصلاح ۽ بقا ناممڪن آهي. اڄڪلهه ڪراچي ٽيليويزن تي جنرل مئنيجر جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

# عبدالعزيز برڙو

جن ماڻهن غربت جي باوجود پنهنجي خاندان ۽ پنهنجو نالو روشن ڪيو آهي انهن ماڻهن ۾ عبدالعزيز برڙو شامل آهي. عبدالعزيز برڙي صاحب جو والد پير بخش برڙو صاحب انتهائي مسڪين ماڻهو هيو سندس پهريون ڳوٺ لڳ ڏامراهه ڪئنال تعلقه ميهڙ آهي، عزيز صاحب ۱۹۳۷ع ۾ ان ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. ان کان پوءِ سندس وڏا اچي گوزي تعلقه خيرپورناٿن شاهه ۾ وينا. پرائمري تعليم گوزي جي اسڪول مان حاصل ڪئي ۽ ميٽرڪ هاءِ اسڪول دادو مان ۱۹۵٦ع ۾ ڪئي ۽ ميٽرڪ ۾ پوري سنڌ يونيورسٽيءَ مان فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن ڪئي اهو هڪ وڏو اعزاز هيو. عبدالعزيز برڙو صاحب ننڍي هوندي کان انگلش، سائنس، مئٿميٽڪس ۾ تمام گهڻو هوشيار هو. ميٽرڪ کانپوءِ گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ داخل ٿيو ۽ اتان انٽر سائنس پري انجنيئرنگ ۱۹۵۵ع ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. ڪيس اين، اي، ڊي يونيورسٽيءَ ۾ آساني سان انجنيئرنگ ۾ داخل ملي وئي ۽ ۱۹٦۰ع ۾ سول انجنيئرنگ جي ڊگري حاصل ڪيائين. ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز ننڍي جام ۾ سپروائيزر بلڊنگ کاتي مان ڪيائين.

برڙو صاحب ننڍپڻ کان وني ذهين ۽ هوشيار ماڻهو هو تنهنڪري فيڊرل سروس ڪميشن آف پاڪستان مان امتحان

پاس ڪري ريلوي ۾ اسسٽنٽ انجنيئر مقرر ٿيو ۽ ڪجهہ عرصو والٽن ٽريننگ اسڪول لاهور ان ڪان پوءِ مختلف جاين تي انجنيئر جي حيثيت سان ڪم ڪيائين. لاهور، سکر، ڪراچيءَ ۾ ڊويزنل انجنيئر جي حيثيت سان ڪم ڪيائين ١٩٨٩ع کان ١٩٩١ع تائين ڪراچيءَ ۾ ڊويزنل سپرنٽنڊنگ جيڪا ريلوي جي انتهائي اهم پوسٽ آهي. ان تي فائز رهيا. نواب شاهہ برج جو چيف انجنيئر ۽ انچارج پڻ رهيو. برڙو صاحب بنيادي طور تي غريب ماڻهو هو ان ڪري ڪيس غريبن سان همدردي جو احساس شروع کان وٺي گهڻو هيو. نوڪريءَ جي دوران ڪيترن ئي مسڪينن کي روزگار سان لاتائين. سندس دروازا هر ماڻهو لاءِ کليل هوندا هئا، ان دوران ڪيترن ئي غريب شاگردن کي اسڪالر شپون ڏنيون انهن مان ڪيترائي ڊاڪٽر انجنيئر بنجي ويا.

برڙي صاحب ١٥ اپريل ١٩٩٢ع ۾ تقريبا ٣٠ سال نوڪريءَ جا پورا ڪري پنهنجي مرضيءَ سان سماجي، ۽ سياسي ڪمن ڪرڻ لاءِ ريٽائرڊمينٽ اختيار ڪئي. عزيز صاحب جي شخصيت ناهڻ ۾ جن استادن اهم ڪردار ادا ڪيوا ن ۾ خاص طور تي جناب پير محمد ابڙو جناب اشرفي صاحب، مسٽر دين محمد آرائين مسٽر ليکرام داس قابل ذڪر آهن، خاص طور تي محترم پير محمد ابڙي صاحب جي خصوصي توجه ۽ ڪوشش جي ڪري پاڻ ڪاميابي سان همڪنار ٿيو.

ريٽائرڊمينٽ ڪرڻ کان پوءِ سماجي ۽ سياسي ڪمن جو آغاز ڪيائين. آل برڙو ايسوسيئشن جو بنياد وڌائين ۽ ان

جو پاڻ چيف آرگنائيزر مقرر ٿيو. ٻرڙا برادري کي متحد ڪيائين جيڪا تقريبا سنڌ جي نون ضلعن ۾ خاصي اڪثريت رکي ٿي.

سياسي طور تي پاڻ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪيائين. اها به ڄام دور ۾ جيڪو خاص طور تي پيپلز پارٽيءَ لاءِ سخت دور هيو. ان دوران ٢١ آگسٽ ١٩٩١ع ڳوٺ مبارڪ ٻرڙي ۾ هڪ عظيم الاشان جلسو منعقد ڪرايو جنهن کي محترمه بي نظير صاحبه خطاب ڪيو. ان جلسي جي دوران ٻرڙي صاحب کي جيڪي تڪليفون آيون ان کي جنهن مڙسي سان ٻرڙي صاحب منهن ڏنو اهي قابل ذڪر آهن. ان جلسي کي عالمي نشرياتي ادارن جهڙوڪ بي، بي سي، وائيس آف امريڪا وغيره وڏي ڪوريج ڏني ان کان علاوه قومي اخبارن ۾ وڏي پذيرائي ملي. محترمه بي نظير صاحبه پڻ ان کي ڏاڍو ساراهيو.

اليڪشن ۾ پيپلزپارٽي جي مدد ڪرڻ لاءِ ٻرڙي صاحب ٻرڙا برادري کي اپيل ڪئي ان ۾ برادريءَ به ڪيس چڱي موٽ ڏني ۽ پيپلزپارٽي سان تعاون ڪيو ان ۾ اهو نعرو ڏنو (سنڌ وڏايو، سنڌ بچايو) ١٩٩٢ع ۾ ٻرڙي صاحب ملڪ گير سماجي تنظيم مهراڻ ويلفيئر ايسوسيئيشن جو بنياد وڌو جنهنجو بنياد ٻرڙي صاحب (Doctrine of Sudhism) عوام ۾ سجاڳي پکيڙڻ تي وڌو ۽ ان جا سڄي سنڌ ۾ يونٽ کلي چڪا آهن ۽ پنجاب جي سرائڪي علائقي ۾ پڻ ڪيترائي يونٽ کليا آهن.

ٻرڙي صاحب کي پيٽي صاحب جي ڏنل منشور ۽

پروگرام اسلام اسانجو دين، سوشلزم اسانجي معيشت، جمهوريت اسانجي سياست ۽ ان ۾ محترمه بي نظير صاحبه جو اضافو ڪيل نقطو شهادت اسانجي منزل آهي سان بلڪل اتفاق آهي نه رڳو متفق آهي پر ان جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ لاءِ پڻ پيش پيش آهي. عزيز صاحب نندي هوندي کان وني مطالعي جي شوقين رهيو آهي. سندن وسيع مطالعي جي روشنيءَ ۾ ڪافي تعداد ۾ مختلف موضوعن تي مضامين مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن ان ۾ ڪائنات ۽ زندگي جي اصليت ۽ ماهيت متعلق "مختلف مذهبن جا رايا ۽ تجزيا" نالي هڪ ننڍڙو ڪتابچڙو وسيع معلومات سان ڀريل آهي ان قسم جي ڪتابن جي خاص طور تي سنڌي زبان ۾ تمام گهڻي کوت آهي ان ڪتاب کي وڌائي ۽ وڏي سائيز ۾ شايع ڪرائجي ته وڏي خدمت ٿيندي. ڇاڪاڻ ته هن ڪتاب ۾ ڪائنات جي تخليق سائنس ۽ دنيا جي وڏن مذهبن جا رايا ان ۾ شامل آهن، نظام شمسي ۽ نظام ارضي جي به معلومات ڏنل آهي.

موجوده مروج سياسي نظام متعلق به عزيز صاحب پنهنجي خاص راءِ رکي ٿــو. هن جو چوڻ آهي ته مــوجوده جمهوري نظام مڪمل طور تي عوام جا مسئلا حل نه ٿو ڪري سگهي. ڇاڪاڻ ته اسيمبلي ميمبر ٥٠ پنجاهه لک خرچ ڪري جڏهن اسيمبلين ۾ پهچن ٿا ته هنن کي عوام وسري وڃي ٿو پنجاهه لک جي حاصل ڪرڻ ۾ لڳي وڃن ٿا. موجوده نظام جي تحت صرف وڏا وڏا جاگيردار ۽ پئسي وارا چونڊجي سگهن ٿا پر غريب ۽ متوسط طبقي جا ماڻهو هرگز نه ٿا چونڊجي سگهن، تنهنڪري سندس راءِ آهي ته قومي، صوبائي

اسيمبلي جي حلقي کي ننڍو ڪيو وڃي ۽ ٥٠٠٠٠ هزار تي هڪ تڪ ناهيو وڃي جنهن مان غريب ۽ متوسط طبقي جا ماڻهو چونڊجي سگهي.

هن ڪيترن ئي ملڪن جا مثال ڏنا آهن.

مثلا انگليند جي آدمشماري لڳ ڀڳ ساڍا پنج ڪروڙ آهي ۽ ميمبرن جو تعداد ٦٥٤ آهي اٽليءَ جي آدمشماري پنج ڪروڙ آهي، ميمبرن جو تعداد ١٠٠٢ آهي. سئيزرليند جي آدمشماري ٦٣ لک ميمبرن جو تعداد ٢٠٠ آهي. ترڪيءَ جي آدمشماري ساڍا پنج ڪروڙ ۽ ميمبرن جو تعداد ٥٥٤ آهي. فرانس جي آدمشماري انداز پنج ڪروڙ ۽ ميمبرن جو تعداد ٥٥٠ آهي. پر ان جي مقابلي ۾ اسانجي آدمشماري ١٢ ڪروڙ ۽ ميمبرن جو تعداد ٢١٧ آهي صوبائي اسيمبليءَ ۾ تقريبا ٻن ٽن لکن تي هڪ ميمبر آهي ته اهي ڪهڙي نموني پنهنجي عوام جا مسئلا حل ڪري سگهندا ان ڪري سندس موقف آهي. پنجاه هزار (٥٠٠٠٠) تي هڪ نمائندو مقرر ڪيو وڃي ته جيئن عوام کي پنهنجي نمائندي سان ملڻ ۾ دشواري نه ٿئي ۽ وچولي طبقي جا عالم، ڏاها، دانشور به اليڪشن لڙي سگهن ۽ عوام جي لاءِ هو صحيح قانون سازي ڪري سگهن، ۽ عوام ۾ خوشحالي اچي سگهي، جيئن ته عبدالعزيز صاحب کي مطالعي جو گهڻو شوق آهي. سندس لائبريري ۾ هر فن تي ڪتاب موجود آهي جهڙوڪ تفسير، حديث، فقه، فلسفه، سياست، تاريخ، تصوف، نفسيات، ٽيڪنالاجي آف سائنس وغيره تي بي شمار ڪتاب موجود آهن. سندس لائبريري جي وڏي خوبي اها آهي ته ان ۾ جديد

سائنس جي فيلڊ دائناتڪ سائنس تي ڪتاب موجود آهن جيڪي ڪتابي دنيا ۾ مهانگا ڪتاب سمجهيا وڃن ٿا. هڪ ڪتاب جي قيمت سوا لک جي قريب آهي، مان سمجهانٿو ته پرائيويٽ لائبريرين ۾ تمام گهٽ هي ڪتاب موجود هوندو، سنڌس لائبريري ۾ انسائيڪلوپيڊياز اي ڪي بروهي جي لائبريري کان گهڻا موجود آهن ۽ ناياب انسائيڪلو پيڊياز آهن جن جو تعداد تقريبا ١١ آهي.

انسائيڪلو پيڊيا آف ايٿڪس اينڊ رليجن جيڪو انتهائي اهم ڪتاب آهي. پاڪستان ۾ موجود ڪو نه هو بالاخر ٻرڙي صاحب افغانستان جي شهر ڪابل مان گهرايو. ان مان سنڌس مطالعي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. عبدالعزيز ٻرڙو صاحب اڄڪلهه سنڌ جي وزير اعلىٰ جي معاون خاص جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي.

سڄي سنڌ جا دورا ڪري ماڻهن ۾ شعور پکيڙڻ لاءِ رات ڏينهن سرگردان آهي.

# عبداللطيف "ساقي"

ڪي مــاڻهــو تـہ جمندي ڄام ٿــيندا آهن ڪي وري وڏي محنت ۽ جدوجهد سان ايڏي وڏي شهرت ۽ عظمت جا حامل هوندا آهن جن تي هر مــاڻهــوءَ کي رشڪ ايندو آهي اداڪار ساقي بہ اهڙي قسم جي ماڻهن ۾ شمار ٿئي ٿو جنهن پنهنجي محنت ۽ جدوجهد سان شهرت عزت ۽ مقام پيدا ڪيو. سندس پورو نالو عــبداللطيف ســاقي والد جو نالو جناب الله بچايو هو پاڻ غريب فيملي ۾ ڪوئٽزي يوسف ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو، ڪيترن ئي ڪمن ۾ حصو ورتائين اينٽريقدر جو ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ۾ مــزدوريءَ جو ڪم پڻ ڪيــائين، پر اهڙي جوانمردي حوصلي ۽ همت سان ڪم ڪيائين جو دولت عزت ۽ شهرت سندس قدم چمڻ لڳي.

پاڻ ڪراچي ۽ لاهور جي ڪيــترن ئي اسٽوڊيوز ۾ ڪم ڪيــائين ۽ ڪيــترن ئي فلمن کي پنهنجي خون پورهئي سان ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪيائين ۽ هو نہ صرف ملڪي پر بين الاقوامي شهرت يافتہ اداڪار بنجي ويو. عبداللطيف ساقي ڪيــترن ئي صلاحيتن جو مالڪ هو. هو بي شمار زبانن جو ڄاڻندڙ هو. نہ صــرف انهن زبانن جي ڄاڻ رکندو هو پر انهن زبانن تي مڪمل عبور رکندو هو انهن زبانن جي شاعري ۽ بيــان کي اينــرو نہ ســمجهندو هو ڄڻ تہ اهي زبانون سندس مــادري زبانون هيــون. هو وڏي شــهرت مــاڻڻ جي باوجود هر

ماڻهو سان محبت سان ملندو هو. سندس مشغلو فلمي دنيا ۾ ڪم ڪرڻ هو، تنهنڪري گهڻو ڪري پاڻ لاهور ۾ رهائش پذيرهوندو هو. پر جڏهن به هو ڳوٺ ايندو هو يعني (ڪوٽڙي) ته هر فرد کي پوءِ اهو امير هجي يا غريب، هاري هجي يا مزدور، استاد هجي يا شاگرد هر ماڻهوءَ سان بلا تفريق اهڙي نه پيار ۽ پاپوهہ سان ملندو هو جو هر ماڻهو ائين سمجهندو هو ته هو سندس بهترين دوست آهي. چاڪاڻ ته هن جي مزاج ۾ تڪبر ۽ غرور بلڪل نه هو. ساقي صاحب اداڪار هجڻ سان گڏ وڏو موسيقيءَ جو ڄاڻو پڻ هو. پاڻ وڏو سگهڙ ۽ سياڻو انسان هو. سندس ڪچهري من موهيندڙ هوندي هئي. پاڻ ڪافي دنيا جي سياحت ڪيائين، سندس محبت ۽ نظر جي ڪري محترم عبدالڪريم بلوچ صاحب هن مقام تي پهتو آهي. بلوچ صاحب جي بقول ته سندس آئيڊل شخصيت ساقي صاحب آهي. ساقي صاحب زبردست فنڪار هجڻ سان گڏ هر دلعزيز ماڻهو هو. سندس شخصيت ڪيترن ئي خوبين سان مالا مال هئي ۽ هن جي شخصيت جي ڪاميابي جو راز عزم ڪامل ۽ جهد مسلسل ئي آهي.

جناب ساقي صاحب لاهور ۾ دل جي دوري پوڻ ڪري وفات ڪئي، جڏهن سندس ميت ابائي ڳوٺ ۾ پهتي ته خاص طور تي ڪوٽڙيءَ جي اهڙي اک نه هئي جيڪا سندس غم ۾ اشڪبار نه هئي.

# هارون رند صاحب

هارون رند صاحب پاڪستان ٽيليويزن جي چند معروف ترين پروڊيوسرن مان هڪ آهي جيڪي پنهنجي صلاحيتن ۽ اڻ ٿڪ جدوجهد سان بهترين قسم جا ڊراما ۽ پروگرام پيش ڪندا رهن ٿا. هارون رند صاحب کي ننڍي عمر کان وٺي علمي ۽ ادبي ماحول ميسر ٿيو ڇاڪاڻ ته جنهن خاندان ۾ ان اک کولي اهو فن ۽ علم جي دنيا سان مالا مال هيو.

هارون رند صاحب جي پيدائش ١٩٤٦- ١٢- ٢٤ ۾ ڳوٺ محمد يوسف بلوچ ڪوٽڙي تعلقي ۾ ٿي. پرائمري تعليم نانگا لائين ڪوٽري ۾ ورتي. ميٽرڪ شيردل هاءِ اسڪول مان ١٩٦٤ع ۾ ڪئي، انٽر سائنس سچل سائنس ڪاليج حيدرآباد مان پري انجنيئرنگ فرسٽ ڊويزن ۾ ڪئي. عبدالحڪيم شيخ ۽ ڪاڪا حيات سندس استاد رهيا بي، ايس، سي ناظم آباد ڪاليج ڪراچيءَ مان ڪيائين جتي عجيب اتفاق آهي ته حيدرامام رضوي به سندس ڪلاس فيلو هيو. حيدر امام رضوي ٽي وي جي نامور ۽ مشهور پروڊيوسرن مان هڪ آهي.

هارون رند صاحب پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز واهه فيڪٽري ۾ بطور چيف اسسٽنٽ سان ڪيو. ان کان علاوه سئي گئس ۾ سپروائيزر پڻ رهيو ان بهاني سان پاڻ تقريبا پورو پنجاب گهمي آيا. ان کان پوءِ پاڻ ڇابي اسٽوڊيو جوائن ڪيائين

جتي وڏي محنت ۽ لڳن سان ڪم ڪيائين ان کان پوءِ مادرن استوڊيو ۾ ڪيس ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. ان دوران سندن ملاقاتون وڏن فنڪارن ۽ اديبن سان ٿينديون رهيون نہ صرف ملاقات پر انهن سان گڏ ڪيس ڪم ڪرڻ جو موقعو پڻ مليو انهن ۾ مشڪور قادري، موسيٰ ڪليم، ۽ آغا سليم شامل آهن، ان استوڊيو ۾ پاڻ سائونڊ اسسٽنٽ جي حيثيت سان ڪم ڪيائون ان استوڊيو مان شروعاتي فلمون يوسف خان شير بانون (پٺاڻن جي لوڪ ڪهاڻي) تي مشتمل هيون رليز ٿيون.

ممتاز مرزا صاحب جي پروڊيوسر جي دوران آرٽسٽ منظور قريشي سان گڏ ريڊيو پاڪستان سان وابستگي ٿي، ان کان اڳ اسڪول ۽ ڪاليج دوران پڻ هارون صاحب ڊرامن ۾ حصو وٺندو رهيو خاص طور تي سچل ڪاليج ۾ ڊرامن ۾ وڏي دلچسپيءَ سان حصو ورتائين ۽ شادين تي جيڪي ڊرامان ڪيا ويندا هئا ان دوران بہ انهن ۾ حصو وٺندو رهيو. هڪ دفعي محمد عثمان ڏيپلائي جو ڊرامون ڪوڙي شاهدي ۾ واٺي جي ڪيريڪٽر هارون صاحب اهڙي تہ خوش اسلوبي ۽ ڪاميابي سان ادا ڪيو جو مشهور اداڪار ساقي صاحب ڪيس داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيو ۽ سندس وڏي تعريف ڪيائين. ڪاليج جي دوران ڪافي ڊرامن ۾ ڪم ڪيائين عبدالحق ابڙو ۽ منظور قريشي بہ ساڻس گڏ هوندا هئا.

هارون صاحب ١٩٦٩ع کان ١٩٧٢ع تائين مختلف فلمي اسٽوڊيوز ۽ ريڊيو پاڪستان ۾ وڏي محنت سان ڪم ڪيو. ١٩٧٣ع ۾ پروڊيوسرن پاڪستان ٽيليويزن جي ايڊور

ايدورٽائيزمينٽ تي. ان ۾ پاڻ انٽرويو ڏنائين ۽ سنڌس سليڪشن ٿي وئي. هڪ سال جي لاهور ۾ ٽريننگ ڪرڻ ڪان پوءِ کيس پروڊيوسر مقرر ڪيو ويو.

ٽيليويزن تي ١٩٧٤ ۽ ١٩٧٥ دوران پروگرام روشن تارا سندس نگراني ۾ پيش ٿيندو رهيو. ١٩٧٥ ۾ "دنگي منجهه درياءُ" جيڪو علي بابا جو لکيل هو. وڏي محنت سان پيش ڪيو ويو جيڪو عوام ۾ گهڻي حد تائين پسند ڪيو ويو. ان ڊرامي تي هارون صاحب کي پي، ٽي وي ايوارڊ مليو. جرمن ۾ فيسٽيول ۾ ٿيو. جنهن ۾ پوري دنيا مان ستانوي ٩٧ ملڪن حصو ورتو، ان ڊرامي کي ٽيون نمبر مليو. اهو هڪ پاڪستان لاءِ وڏو اعزاز آهي. ۽ ان ڳالهه اهو ثابت ڪيو ته اسانجو هي محبوب پروڊيوسر بي شمار صلاحيتن جو مالڪ آهي. هارون رند صاحب جي ڪوشش ۽ ڪاوشن سان ڪيترائي اسانجا آرٽسٽ ۽ اديب ٽي وي تي متعارف ٿيا. جنهن ۾ نورالهديٰ شاهه، شفيع شاهه، صفدر بلوچ، منظور مراد، گلاب راجا، نور محمد لاشاري، سڪينه سمون، محمود مغل، طارق عالم عالم اياز عالم ابڙو زاهده حنا، انور سولنگي، مشتاق جسڪاڻي ته ٽيليويزن جي اڄڪلهه ضرورت آهن. هارون رند صاحب ڏينهن رات پنهنجي ڪم جي ڌن ۾ مست هوندو آهي. سندن پنهنجي ڪم سان لڳاءُ ۽ سچائي هڪ مثالي آهي ۽ ان خلوص کيس شهرت جي بلندين تائين پهچائي ڇڏيو آهي.

# جناب پير محمد ابڙو

جنابِ پير محمد ابڙو صاحب هڪ نيڪوڪار ۽ متقي شخص هو. سندس تقويٰ، اخلاق، ڪردار، گفتار جو هر هڪ شخص معترف آهي. حاجي پير محمد صاحب ميهڙ جي مردم خيز خطي ۾ ١٩٠٨ع ڌاري پيدا ٿيو. شروعاتي تعليم ميهڙ اسڪول مان ڪيائين. گريجوئيشن جي لاءِ عليگڙھ روانو ٿيو. اتي جناب سيد علي اصغر شاھ ۽ رئيس ضياءُ الدين صاحب بہ ساڻس گڏ هئا. عليگڙھ مان بي، اي ڪرڻ کان پوءِ حاجي صاحب موٽي آيو تہ ڪيس مختارڪاري جي پيش ڪش ٿي، جيئن تہ حاجي صاحب مزاج نيڪ ۽ ايماندار شخص هو تنهن ڪري مختارڪار واري پيش ڪش کي مسترد ڪيائين. پر پاڻ جوڊيشل ڊپارٽمينٽ ۾ سرشتيدارجي حيثيت سان نوڪري جي شروعات ڪيائين، ڇاڪاڻ تہ ان زماني ۾ عدليہ واري ڪاتي ۾ رشوت يا ناانصافي نہ هجڻ جي برابر هئي. حاجي صاحب سرشتيدار جي حيثيت ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ رهيو، جهڙوڪ لاڙڪاڻو، دادو ۽ سيوهڻ وغيره.

ڪين شروع کان وني ڪامل بزرگ جي تلاش هئي ان لاءِ ڪيترائي سفر ڪيائين، نيٺ وڃي سندس نظر انتخاب حضرت ميان غلام احمد مجتبيٰ رحمة الله عليہ تي پئي. جيڪو پنهنجي دور جو وڏو اهل الله ۽ ڪامل انسان هو. سائين علي اڪبر شاھ ۽ حضرت شيخ منظور حسين رحمہ الله عليہ بہ سندس مريد هئا. حاجي صاحب بزرگ کان سلوڪ جا سلسلا

طئي ڪيا ۽ پاڻ تصوف جي رنگ ۾ ايترو تہ رڳجي ويو جو ۱۹۳۴ع ۾ حج بيت الله جو ارادو ڪيائين ۽ عدليہ واري نوڪري تان استعفيٰ ڏئي ڇڏيائين. ان دوران پاڻ توڪل جو اهڙو تہ مظاهرو ڪيائين جو سيد علي اڪبر شاهہ جن کي بہ منع ڪيائين تہ هي حج توڪل علي الله تي ڪرڻو آهي منهنجي والد کان پئسا منهنجي لاءِ وننديون تہ پنهنجي دوستي ختم ۽ پوءِ اهڙي طرح پيربن پنڌ سيوهڻ واري رستي ڪراچي ڏانهن نڪري پيو، ان سفر جي دوران حاجي صاحب ڪي ڪيترائي مشاهدا ڪيا، اهڙي طرح پاڻ هڪ سال سرزمين حجاز ۾ رهيو ۽ پنهنجي والد جي اسرار تي واپس آيو. ان دوران شاهہ صاحب علي اڪبر شاهہ جامعہ عربيہ جي تحريڪ هلائي جنهن ۾ حاجي صاحب رضاڪارانہ طور شاهہ صاحب جو سات ڏنو ۽ جامعہ عربيہ ۾ استاد جي حيثيت ۾ پڙهائڻ لڳو. وري منياٽي ۾ جامعہ عربية جي شاخ ڪولي ويئي پاڻ ان جو سربراهہ تي ڪم ڪيائين. ۱۹۴۸ع ۾ سندس صلاحيت ۽ بزرگي جي باعث جناب ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب زور ڏنو تہ ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ اچو ۽ پوءِ ڪيس اي- ڊي آءِ ڪنڊياري ۾ مقرر ڪيو ويو، هڪ مهيني جي اندر ڪيس بي ايڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. بي- ايڊ ڪرڻ ڪانپوءِ دادو هاءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. سندس ايام ڪاري ڪي ان دور جو هر شاگرد تعريف جي نگاهہ سان ڏسي ٿو، غالبا موجوده سنڌ جو وزير اعليٰ سيد عبدالله شاهہ بہ هاءِ اسڪول دادو ۾ پڙهندو هو. اسانجي سرائي غلام الرسول مگسي صاحب هڪ دفعي پنهنجي اوطاق ۾ حاجي پير محمد صاحب جو واقعو

ٻڌايو تہ ” مان دادوءَ ۾ پڙهندو هجان. ان دوران دادو ۾ پهرين ادبي ڪانفرنس منعقد ٿي جنهن ۾ ملڪ جا وڏا وڏا دانشور شريڪ ٿيا جنهن جي صدارت علامہ آءِ. آءِ قاضي ڪري رهيو هو. اسان والنٽيئر جي حيثيت ۾ موجود هئاسين. ان ڪانفرنس ۾ جڏهن تصوف تي بحث ڇڙيو تہ جنهن ۾ ڪيترا نقطا حل نہ پيا ٿين تہ ڪانفرنس جي دوران راءِ ڏني وئي تہ ان مسئلي تي حاجي پير محمد صاحب کان روشني وجهرائي وڃي. مون کي حڪم ڪيائون تہ حاجي صاحب کي گهر کان وٺي اچ مان ٽانگو ڪري حاجي صاحب کي وٺي آيس ۽ حاجي صاحب تصوف تي جيڪو ليڪچر ڏنو ان جي هر اديب ۽ دانشور تعريف ڪئي، ان مان سندس علمي حيثيت جي پروڙ پوي ٿي.

حاجي صاحب هاءِ اسڪول دادو جو هيڊ ماستر پڻ رهيو. هيڊ ماستري واري زماني ۾ ڪمشنر نياز کي اوقاف ڊپارٽمينٽ لاءِ ايماندار ماڻهوءَ جي ضرورت هئي ان معيار تي حاجي صاحب پورو ٿيو ٿئي، تنهنڪري زبردستي ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ مان ڪيس استعفيٰ ڏياري ۽ سيوهڻ ۾ اوقاف کاتي جو مينيجر مقرر ڪيو ويو.

١٩٦٣ع ۾ حاجي صاحب وفات ڪئي، حاجي پير محمد ابڙي صاحب ۾ جيڪي نيڪيءَ واريون خوبيون هيون انهن خوبين وارا انسان اڄڪلهہ تمام گهٽ آهن. ڪيس ان پٽ ٿيا.

انهن مان مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جو سابق وائيس چانسلر جناب احد ابڙو صاحب هڪ آهي. ٻيو فرزند محترم غلام قادر صاحب استادي پيشي سان وابستہ رهيو آهي. ريٽائرمينٽ کان پوءِ اڄڪلهہ سنڌالاجي ۾ مخطوطن تي ڪم ڪري رهيو آهي.

# ”علي بابا“

جهڙي طرح سنڌ جا ٻيا علائقا علم وعرفان جي ڪري مشهور آهن، اهڙي طرح ڪوٽڙي جو به علائقو پنهنجي سيني ۾ ڪيترن ئي شخصيتن کي سانديندو اچي. ان ۾ علي بابا جي شخصيت پڻ شامل آهي. علي بابا ڊرامي ۽ ڪهاڻي جي ڪري نه صرف سنڌ ۾ مشهور آهي پر هو عالمي شهرت يافته ليکڪ آهي. سندس ڊرامن ۾ سنڌي سماج جي چٽي پٽي عڪاسي ڪيل آهي علي بابا خود هيٺين ڪلاس جو ماڻهو آهي، تنهن ڪري ان کي غربت ۾ پيش ايندڙ تڪليفون ڏک ڏولاون کان هو چڱي طرح آشنا آهي ان ڪري هن جنهن نموني پنهنجي ڌرتي واسين جي تڪليفن جو اظهار ڪيو آهي اهڙو ورلي ڪنهن ڊراما نويس کي ورثي ۾ مليو هجي. سنڌي ڊرامه نويسي جي لسٽ تمام ڊگهي آهي. پر جنهن نموني سان علي بابا هن صنف کي پنهنجي ذات سان نڀايو ۽ مقبول بڻايو آهي، اهو علي بابا جوئي ڪمال آهي. سندس مزاج به منفرد آهي ڪڏهن ته سندس بيشمار لکڻيون اسان کي ملن ٿيون ڪڏهن ته وري ڏهه ڏهه سال لکي ئي ڪو نه سندس شخصيت ۽ ڳالهه ٻولهه جو انداز فلسفيانه آهي، تازو سندس ٽيلويزن تان انٽرويو نشر ٿيو هو. ان انٽرويو ۾ به سندس شخصيت ۽ انداز پڻ فلسفيانه لڳي پيو. البته سندس فڪر جو محور ۽ لب لباب اهو هو ته نوجوانن کي پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي سڃاڻپ لاءِ

خلوص سان خدمت ڪرڻ گهرجي. ان مان اهو اندازو ٿئي پيو ته ڪيس شڪسپيئر وانگر پنهنجي قوم جي هر شيءِ سان محبت آهي، بهرڪيف سنڌي ادب جي مختلف صنفن ۾ جن به شخصيتن اهم جاءِ ولاري آهي. انهن ۾ جيڪڏهن علي بابا کي شامل نه ڪبو ته منهنجي نظر ۾ اها وڏي زيادتي ٿيندي.

علي بابا جو ڊرامو "دنگيءَ منجهه درياهه" عالمي ميلي ۾ ٽيون نمبر کٽي آيو اها سندس ذات واري ڏيهه ۾ ڪمال آهي. اسان جي دعا آهي ته الله تعاليٰ سندس صحت برقرار رکي ۽ هو ان کان وڌيڪ پراثر ۽ خوبصورت ڊراما لکي ۽ حق ۾ سچ جي ترجماني ڪندو رهي.

# م- ن محزون

محمد نواز محزون صاحب استاد، اديب، شاعر، مصور، مقرر، محقق، دانشور، ۽ شارح خليل جبران هو. محزون کي قدرت جيڪي صلاحيتون بخشيون هيون اهي هڪ ئي وقت هڪ ماڻهو ۾ تمام گهٽ هونديون آهن. پاڻ تاريخ ١٠ جولاءِ ١٩٣٣ع ۾ ميهڙ شهر ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو رئيس شفيع محمد هو. سندس وڏا اصل ۾ ميرن جي لشڪر ۾ شامل هئا، ان ڪري محزون صاحب کي ڏاڏنگ ۾ شجاعت ۽ بهادري ورثي ۾ ملي ۽ نانڱ ۾ علم، فهم فراست نصيب ٿي، ڇاڪاڻ ته مشهور اديب، شاعر، صحافي شمس الدين بلبل صاحب سندس نانو هو. پر محزون ۾ نانڱ واري صفت غالب ٿي وئي ان ڪري پاڻ علم پڙهڻ ۽ پڙهائڻ واري فيلڊ اختيار ڪيائين محزون صاحب پنهنجي پرائمري تعليم ميهڙ پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي، قرآن شريف ۽ ديني تعليم ميهڙ جي جامع مسجد مان حاصل ڪئي، پرائمري تعليم کان پوءِ پاڻ وڌيڪ تعليم ڪراچي سنڌ مدرسي، سنڌ مسلم ڪاليج مان حاصل ڪئي ۽ ايم، اي ۽ ايل، ايل، بي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪئي.

محمد نواز محزون صاحب پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز سيڪنڊ ليفٽيننٽ سان ڪيائين پر دوران ٽريننگ پير مڙڻ ڪري، ڪيس ان فٽ قرار ڏنو ويو ان کان پوءِ محڪمي ڪسٽم ۾ پريونٽر آفيسر مقرر ٿيو، ان کي ٻه ڇڏي وري ٻين ڪينٽرن ئي ڪاٽن ۾ ملازمت اختيار ڪيائين اهي سڀ ڇڏي اچي، هاءِ

اسڪول ميهڙ ۾ ٽيچر مقرر ٿيو. هاءِ اسڪول ۾ ٽيچر مقرر ٿيڻ وقت سائين محمد نواز صاحب جو هڏ، ڪاٺ ۽ بدن جي بيهڪ هالي ووڊ جي اداڪار کان گهٽ نہ هئي، سندس شخصيت ڏاڍي متاثر ڪن هئي. محزون صاحب پنهنجون سڀ صلاحيتون استادي پيشي سان وابستہ ڪري ڇڏيون. ۽ جلد هو هڪ مثالي ۽ قابل رشڪ استاد بنجي ويو. شاگردن تي سندس رعب ڏاڍو هوندون هو، پڙهائڻ جي وقت پاڻ بورڊ تي لکڻ ۾ مصروف ٿي ويندو ۽ اتفاق سان جيڪڏهن پنيان شاگردن مان آواز يا گوڙ ٿي پيو تہ پاڻ صرف انهن ڏي منهن ڦيرائي ڏسندو هو تہ سجي ڪلاس تي سڪتو طاري ٿي ويندو هو. محزون صاحب جو شروع کان ميڊم انگريزي هو ان ڪري انگريزي ادب سان ڪيس دلچسپي هئي. پاڻ خليل جبران کان گهڻو متاثر هو، جنهن ڪري ڪيس سنڌي زبان ۾ پهريون مترجم يا شارح جبران چئجي تہ ان ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو

جبران جو ايتريقدر مطالعو ڪيو هئائين جو پاڻ چوندو هو تہ هاڻي مان جبران کان ايترو واقف ٿي ويو آهيان جو ان تي صحيح تنقيد بہ ڪري سگهان ٿو. مولانا ابوالڪلام آزاد جا بہ ڪيترائي ڪتاب ۽ مضمون پڻ ترجمو ڪيائين ان جي شخصيت کان پڻ ڪافي متاثر هو. پاڻ ٻڌايائين تہ ڪنهن زماني ۾ ابوالڪلام جي اسٽائيل ڏاڙهي بہ رکي هئي شروع شروع ۾ محزون صاحب پنهنجي لکڻين جو آغاز ڪهاڻين ۽ شاعري سان ڪيو، پر پوءِ سندس توجه تحقيق ۽ ترجمن ڏانهن مائل رهيو پاڻ تاريخ ۽ تحقيق ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏنائين. سندس مزاج فقيرانہ هيو، پر ظاهري طور تي انتهائي فيشنيل انسان هو، پري کان هر ماڻهو ڪانئس لهرائيندو هو، پر جيڪو ماڻهو سندس

ويجهو ايندو هو تہ هو ان کي ان جي ابتڙ نظر ايندو هو نهايت شفيق، بااخلاق ۽ انسان دوست هو.

محزون صاحب ڪيترائي ڪتاب لکيا، انهن جا نالا هي آهن.

(١) ڪنوار جي سيج، جبران ترجمو بہ، (٢) پڳل ڪنيڙاتيون جبران ترجمو (٣) مجنون (جبران ترجمو) (٤) پيغامبر جو باغ جبران ترجمو، (٥) مرشد جو نينهن ۽ نياپو (٦) پيغامبر (٧) انسان ۽ شيطان جبران ترجمو (٨) لڙڪ ۽ مرڪ (٩) جبران ترجمو (١٠) خالد بن وليد (١٠) سلطان صلاح الدين ايوبي (ريسرچ ورڪ تاريخ (١١) درس محبت ابو الڪلام آزاد ترجمو (١٢) هڪ ڏور جو ماتم ( سولزي ) ترجمو (١٣) پرنس ميڪالوي ترجمو (١٤) بائيبل قرآن ۽ سائنس (١٥) سائين جو سوڳند، ساجن سورائيڊ هئگرڊ جي ڪتاب "ماريا" جو ترجمو (١٦) هڪ مجرم جو اعتراف ڪرنل ميڊوز شيلڊ ۽ ٻيا.

سندس اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ خليل جبران جا ڪتاب (١) اسمنڊ ۽ جهڳ (٢) محبوبا ڏانهن خط (٣) ديوتا (٤) خزانا خدا (٥) آسماني آواز (٦) عصمت چغتائي جا ڪتاب (٧) امرتا پريتم جا ڪتاب هڪ هئي ساره ۽ رسيدي ٽڪيٽ (٨) سيرت سيد المرسلين صہ (٩) ريسرچ ورڪ (١٠) الله ۽ الله جي رسول فرمايو، (١١) سيرت النبي (١٢) دهشگرد ايچ ٿي، سورلي (١٣) ڏوهي قبوليو ڏوهہ ناول ترجمو (١٤) ماءُ جو انتقام (١٥) چي گويرا جي ڊائري (١٦) سنڌ جي تاريخ ريسرچ ورڪ (١٧) مٽيءَ جا خواب فلسطيني ناول ترجمو سندس ڪيترائي ڪتاب مختلف دوستن ۽ پبلشرز کي ڏنل هئا.

ياد رهي تہ سائين اسان جو نهايت شفيق استاد هو،

روزانو محترم انور عباسي جي دوڪان تي شام جو يا خاص طور تي موڪل واري ڏينهن تي خاص طور تي مختلف موضوعن تي ڪچهري ٿيندي هئي. اهي ڪچهريون پرلطف مزيدار ۽ علمي هونديون هيون، سائين جي گفتگو علم جو خزانو هوندي هئي. سيرت النبي جي ڪتاب لکڻ وقت پاڻ جنهن عرق ريزي ۽ محنت جو ثبوت ڏنائين اهو قابل تعريف هو، روزانہ جيڪي صفحا لکندو هو ان تي مون کي ۽ انور صاحب کي ويهاري هڪ هڪ نقطي تي بحث ڪرائيندو هو، مدرسي مان مون کان ڪيترائي سيرت جا ڪتاب رسالا عربي فارسي ۽ اردو ڪٽي ويندو، ان جو مطالعو ڪري ان جا حوالا نوٽ ڪري وري ڪتاب موٽائي ڏيندو هو اهو سلسلو ڪيترن ئي مهينن تائين هليو ۽ ان محنت نيٺ هڪ وڏي تحقيقي ڪتاب کي جنم ڏنو پر افسوس جو اهو ڪتاب اجا تائين اڻ ڇپيل آهي.

محزون صاحب جيڪڏهن ڪراچي، لاهور ۽ اسلام آباد ۾ هجي ها تہ هو پاڪستان جي وڏن اديبن ۽ دانشورن ۾ شمار ٿئي ها، پر افسوس جو هو ميهڙ جهڙي هڪ ننڍڙي شهر جو رهواسي هو، ان ڪري ان کي ڪا پذيرائي نہ ملي سگهي، هو هرفن مولا هو، فن مصوري سان سندس خاصي دلچسپي هئي، ڪيترا ئي ٽائيٽل وغيره ناهيائين.

محزون صاحب مصور، محقق، مدبر هجڻ سان گڏ وڏو خطيب هو، سندس پر مغز معنيٰ خيز تقريرون اڄ ميهڙ جي رهواسين کي ياد آهن.

آخر ۾ ڪيس ذيابيطش جو مرض لاحق ٿي پيو ۽ مرض ۾ ئي وفات ڪيائين.

# ”پروفيسر عبدالله مگسي“

پروفيسر عبدالله مگسي دادو ضلع پر خاص طور تي دادو شهر جي هر دلعزيز شخصيت هئي. پاڻ هڪ ريٽائرڊ استاد محترم ڏني بخش مگسي جيڪو هڪ سچاڻ ماڻهو ۽ وڏو اديب هو تقريبا ويهن ڪتابن جو مصنف هو ان جو پٽ هو، پروفيسر صاحب ١٧ ڊسمبر ١٩٤٧ع تي ضلعي دادو جي ڳوٺ گل محمد مگسيءَ ۾ ڄائو پرائمري تعليم ڳوٺ جي اسڪولن مان ۽ ميٽرڪ هاءِ اسڪول دادو مان پاس ڪيائين ۽ پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز P.W .D ڊپارٽمينٽ ۾ ڪلارڪي سان ڪيو. پروفيسر صاحب ايم، اي سياسيات ۾ ڪئي. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري پهريائين نواب شاه ڪاليج ۾ ليڪچرر شعبي سياسيت ۾ مقرر ٿيو. ۽ اهڙي طرح P.W.D کي خيرباد چئي مڪمل طور تي علمي دنيا سان وابسته ٿيو،ڇاڪاڻ ته پروفيسر صاحب جو شروع کان وني علم سان لڳاءُ هو. پاڻ ليڪچرار هجڻ سان گڏ ڪيترن ئي علمي، ادبي سرگرمين ۾ ڀرپور نموني سان حصو وٺندو رهيو، پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سيڊيڪيٽ جي ميمبر هئڻ سان گڏ سنڌي ادبي سنگت (سگا) سنڌ پروفيسر ليڪچرر ايسوسيئشن نواب شاه هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي دادوهسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي، سپلا داود، يار محمد ڪهلوڙو يادگار ڪميٽي ڪاڇو بچايو تحريڪن ان وابسته رهيو. پروفيسر صاحب جي خاندان ۾ ڪيترائي علمي ۽

سياسي ذهن جا ماڻهو موجود رهيا آهن جنهن ۾ مولانا عبدلرحيم مگسي استاد سنڌ مدرسة اسلام ڪراچي، نامور مؤرخ اديب ابوبڪر مگسي، ۽ سنڌس نانو محمد سهراب مگسي شامل آهن. سهراب مگسي صاحب خلافت تحريڪ دوران صابر متي جيل ۾ گانڌيءَ وارن سان گڏ هو.

پروفيسر صاحب جو ڏاڏو قادر بخش مگسي ٽريڊ يونين ۾ سرگرم هئڻ ڪري انگريزن جي دور ۾ ريلوي جي نوڪري ڇڏي ڏني. ان ڪان ڪيس سر جان مارشل ڪوٽائي دوران مير منشي (General Manager) ڪري رکيو، سنڌس بهترين خدمتن سبب ڪيس جان مارشل هڪ دور بين ۽ ٻيا تحفا ڏنا.

مگسي صاحب جو ننڍو ڀاءُ سڪندر اعظم مگسي قوم پرستي تحريڪ ۾ سرگرم رهڻ ڪري مارشلا دوران رياستي ادارن پاران آگسٽ ١٩٨٠ع ۾ شهيد ڪيو ويو. پروفيسر جو ڀاءُ غلام النبي وڪيل به سماجي ۽ سياسي طور تي هڪ فعال شخصيت آهي.

پروفيسر صاحب انتهائي حيلم طبيعت جومالڪ هو پاڻ نظرياتي طرح ترقي پسند خيالن جو ماڻهو هو. پر سنڌس ميل جول دوستي زندگيءَ جي هر طبقي سان وابسته فردن سان هئي.

هڪ دفعي اسان جي ڳوٺ (سويي خان مگسيءَ) آيو سياري جون راتيون هيون باهه ٻرندي رهي، رات ڪٽي ويئي، پر سنڌس علم جو خزانو نه ڪٽي سگهيو اسان جي ڳوٺ جا سڀ علمي، ادبي ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو سنڌس ڪچهري ٻڌڻ آيا، ڪچهري جو موضوع تاريخ، فلسفو، سياست، شخصيات هو. ان مان معلوم ٿئي پيو ته پروفيسر صاحب تاريخ ڪي خاص

طور تي سنڌ جي تاريخ کي جديد انداز سان لکڻ ۽ لکرائڻ جو ڏاڍو شوق هو، دلچسپ ڳالهہ اها تہ پاڻ ترقي پسند هجڻ جي باوجود بڌايائين تہ پاڻ لاهور ويو اتي مختلف ڪتب خانا ۽ پريسون گهميو ڪيترن ئي مڪتبي فڪر جي دانشورن ۽ مفڪرن سان ملاقاتون ڪيائين، پر ڪيس شوق هو تہ "ڊاڪٽر غلام جيلاني برق" ۽ "غلام احمد پرويز" سان ملاقات ڪري، نيٺ پڇا ڪري انهن جو ماڳ ۽ مڪان هٿ ڪيائين ۽ وجي انهن شخصيتن سان مليو پرويز صاحب سان فرشتن ۽ جنن جي متعلق سوال ڪيائين ياد رهي تہ غلام احمد پرويز اسلام ۽ قرآن جي جديد نموني جي تشريح ڪئي آهي ڪيترائي مذهبي فرقا ڪيس حق تي نہ ٿا سمجهن. پر پروفيسر صاحب ان سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، اسان جي ڳوٺ ڪان جڏهن واپس وريو تہ ميهڙ ۾ پهچڻ ڪان پوءِ منهنجي والد حضرت مولانا مفتي ڪريم بخش صاحب سان ميهڙ جي مدرسي ۾ ملڻ جو خيال ظاهر ڪيائين. پوءِ مان پروفيسر صاحب سان گڏجي ويس ڪيس والد صاحب سان ملايو ڪافي تائيم والد صاحب سان ڪچهري ڪيائين، ۽ مدرسي جي ڪورس ۽ دادو ضلعي جي علمي تاريخ بابت معلومات حاصل ڪيائين. اهو سندس وسيع القلبيءَ جو وڏو مثال هو. هن دور ۾ خاص طور تي علمي ۽ ادبي حلقن ۾ هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ جو مادو انتهائي گهٽ آهي،پر پروفيسر صاحب جو مزاج بلڪل مختلف هو. هن ۾ قوت برداشت تمام گهڻي هئي. سندس اڳيان ٻار بہ ڳالهائيندو هو تہ ان جي موقف کي تمام گهڻي غور فڪر سان ٻڌندو هو. سندس مطالعو ۽ مشاهدو تمام گهڻو وسيع هو.

پاڻ تاريخ، سياست ۽ ادب تي ڪيترائي مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ لکيا اٿس، سندس ٻه ڪتاب "سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو" ۽ "جان جان هئي جيري" معرڪة الاراءِ ڪتاب آهن. جن مان سندس علمي ۽ نظرياتي لاڙي جي خبر پئي ٿي.ڪيس سنڌيءَ ماڻهوءَ جي سياسي نفسيات بابت تحقيق جو ڏاڍو شوق هو، پر موت ڪيس مهلت نہ ڏني، پاڻ ڪلهوڙا عهد ۽ ان دور ۾ سياسي ۽ مذهبي تحريڪن تي ڪافي ريسرچ ڪيائين پر اهي سڀ اڻڇپيل رهجي ويون. سندس دوستيءَ جو حلقو تمام وسيع هو، جنهن ۾ جناب فقير الاهي بخش ليکي جيڪو سرائڪي علائقي جي سياسي ۽ ادبي شخصيت آهي پڻ شامل آهي، پاڪستان جي ڪيترن ئي عالمن ۽ اديبن سان سندس تمام سٺا تعلقات هئا.

# آخوند نجم الدين

آخوند نجم الدين صاحب دادو شهر جي آخود فيملي سان تعلق رکي ٿو. سنڌ ۾ جتي ٻه آخوند فيملي آهي، اهي سڌريل ۽ پڙهيل ڪڙهيل آهن، ان جو خاص سبب اهو آهي ته آخوند لفظ جو بنياد خواندن مان نڪتل آهي خواندن فارسي لفظ آهي جنهن جو مطلب آهي ته " پڙهڻ " تنهن ڪري آخوند لفظ دلالت ڪري ٿو ته هن خاندان جو تعلق به پڙهڻ ۽ پڙهائڻ واري ڪم مان آهي، تنهن ڪري ان پوري خاندان تي ئي نالو آخوند پيو، چون ٿا ته آخوند صاحبن جو دادو شهر جي آباد ڪرائڻ ۾ پڻ وڏو هٿ هو، آخوند تنهن ڪري دادو ضلع جي برگزيده ۽ بزرگ خاندان ۾ شمار ٿئي ٿو، چيو وڃي ٿو ته ڪلهوڙا دور ۽ ميرن جي دور ۾ استاد پيشي سان منسلڪ هجڻ ڪري ڪين آخوند لقب مليو. هن خاندان جا ڪلهوڙن ۽ميرن جي بادشاهي خاندان سان سنا تعلقات هئا، ۽ ڪين عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو، هن خاندان ۾ ڪيتريون برگزيده شخصيتون گذريون آهن، پر خاص طرح سان ماضي قريب ۾ آخوند نجم الدين ۽ آخوند شفيع محمد مشهور شخصيتون ٿي گذريون آهن. آخوند نجم الدين جديد تعليم يافته، اصولن جو پابند ۽ شرافت جو پيڪر هو، پاڻ عليگڙهه مان بي، اي ڪري ۽ قانون جي ڊگري باريٽ لاءِ ڪري سکر ۾ اچي جج مقرر ٿيو،پر سندس آزاد مزاج ملازمت جون پابنديون برداشت نه ڪري سگهيو ۽ نوڪريءَ کي خيرباد چئي ۽

وڪالت شروع ڪيائين.و ڪالت سان گڏ سياسي ۽ سماجي ڪمن جو آغاز ڪيائين سياسي ڪمن ۾ دلچسپي وٺڻ ڪري ڪيس ڪافي پزيرائي ملي۽ ۽ دادو ضلع ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ۽ بعد ۾ محترم جي ايم سيد ۽ ٻين جي تعاون سان دادود ضلع جو چيئرمين پڻ چونڊجي ويو، ان دوران ضلع جي عام ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ڪافي جدوجهد ڪيائين، شهر ۽ ضلع جي ترقياتي ڪمن لاءِ ڪيترائي منصوبا جوڙيائين غالبا پاڻ اربن ڪو آپريٽو بئنڪ جو صدر پڻ رهيو، پر بعد ۾ جلد آخوند صاحب سماجي۽ سياسي ڪمن کي خيرباد چئي ۽ گوشه نشيني اختيار ڪئي، ان ڪان پوءِ دادو جي سياسي۽ سماجي ڪمن ۾ آخوند شفيع محمد نمايان نظر اچي ٿي. ۽ آخوند نجم الدين صاحب سيئي سماجي ڪم آخوند شفيع محمد صاحب جي حوالي ڪري ڇڏيا. آخوند شفيع محمد صاحب پڻ پڙهيل لکيل ۽ باڪردار انسان هو،ا ن وقت هندن جي اڪثريت هئي، باوجود ان جي پاڻ خانداني اثر رسوخ ۽ ذاتي بنياد تي دادو ميونسپالٽيءَ جو چيئرمن منتخب ٿيو، پنهنجي ايام ڪاريءَ ۾ دادو شهر جي خاص طور تي چڱي خدمت ڪيائين جنهن ۾ دادو شهر جون سيمينٽ جون پڪيون گهٽيون، رستا ۽ ڊرينج سسٽم شامل آهن. نئين شاهه آباد هائوسنگ اسڪيم به آخوند صاحب جو يادگار آهي، پاڻ ڪيترن،علمي، ادبي، سماجي تنظيمن جو سرپرست رهيو ان ۾ طالب المولىٰ هاءِ اسڪول جي سرپرستيءَ به سندس ذمي هئي، آخوند صاحب ڊائريڪٽر اينڊ ڪو آپريٽو بئنڪ، زرعي ترقياتي بينڪ ۽ ايوب خان جي دور ۾ ڊويزنل ڪو آرڊينشن جو پڻ ميمبرهيو. آخوند صاحب جون دادو جي ۽ سنڌ جي ٻين

ڪيترن ئي شخصيتن سان سنا تعلقات هئا، جن ۾ پير غلام الرسول شاهه جيلاني، عبدالحميد جتوئي، ڪامريڊ حيدربخش جتوئي قابل ذڪر آهن. هينئر آخوند فيملي مان جناب ممتاز الحق آخوند صاحب جيڪو نيشنل بينڪ ۾ وائيس پريزيڊنٽ جي عهدي تي فائز آهي، تمام سوشل ۽ بااخلاق انسان آهي، آخوند شڪيل الرحمن جيڪو ڪجهه وقت دادو ميونسپالٽيءَ جو چيئرمن پڻ رهيو آهي ۽ آخوند امان الله اجڪلهه حڪمت جي ڪم سان وابسته آهي ۽ صحافت سان به دلچسپيءَ رکي ٿو ۽ اجڪلهه اي، پي، پي دادو جو عيوضي آهي.

# سخي سوڀو خان مگسي

سنڌ جي سرزمين هڪ طرف ڪيترائي ڪامل ولي، پير، استاد، اديب، دانشور تہ ٻئي طرف سورهيہ پهلوان سخي مرد پيدا ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڪا نہ ڇڏي آهي الله جي ٻانهن جي خاص صفت سخاوت آهي، اخلاق نبي جي ميراث بہ ۽ سخاوت بہ آهي. ابن قيم زاد المعاد ۾ الم نشرح جي تفسير ۾ لکيو آهي شرح صدر جي دولت ايمان ۽ يقين جي دولت جو نتيجو سخا آهي، سنڌ ۾ ڪيترائي سخي مرد ٿي گذريا آهن، سخي سوڀو خان مگسي سنڌ جي مشهور سخين مان هو، جنهن ڳوٺ ۾ اسين رهون ٿا اهو ڳوٺ سندس ئي ٻڌل آهي ان ڪري سندس نالي سان مشهور آهي، ۽ ميهڙ تعلقي جي مشهور ڳوٺن مان هڪ آهي. اهو ڳوٺ ڪيئن ۽ ڪڏهن ٻڌو ان جي صحيح تاريخ ۽ وقت معلوم نہ آهي، پر چون ٿا تہ تقريبا ڏيڍ صدي اڳ ميرن جي صاحبي واري زماني ۾ جهل ڪان مگسين جو قبيلو ڪنهن ڳالهہ ڪان ويندي سرائڪي علائقي ڪان ٿيندو سنڌ اندر داخل ٿيو. جنهن علائقي ۾ هينئر ڳوٺ ٻڌل آهي اڳ اهو ان علائقي ۾ اثر رسوخ لاڪير ۽ لغاري قبيلن جو هو پر علائقي جي ماڻهن سان سنو برتاءُ نہ هجڻ جي ڪري ماڻهو انهن جي شڪايت ان وقت پنهنجي مرشدن سان ڪئي، اهي بزرگ پانن جي پرسان اڄ بہ وينل آهن ذات جا پٺاڻ آهن. اڪثر مگسي جيڪي سرائڪي ڳالهائيندڙ آهن اهي سڀ اڪثر ڪري انهن جا مريد آهن جڏهن علائقي جي ماڻهن بزرگن سان شڪايت ڪئي تہ ان جي ازالي لاءِ مگسي قبيلي جي ماڻهن

کي انهن جي شڪايت دُور ڪرڻ لاءِ موڪليو. ڪافي ويڙهه تي ۽ هڪ خون به ٿي پيو. فيصلو ميرن وٽ وڃي پهتو. آخر فيصلي ۾ مگسي قبيلي جي ماڻهن چيو ته اسان جو قبضو آهي ۽ خواه مخواهه اسان کي لاڪيرن تنگ ڪيو آهي.

ميرن مان قبضي جي ثابتي لاءِ ثبوت گهريو جنهن تي هڪ هياڻي چيو ته سائين اتي اسان جو ڪوهه آهي مخالفن چيو ته سائين جيڪڏهن اتي هنن جو ڪوهه آهي ته اسان دعويٰ تان هٿ ڪنيو پوءِ راتو واهه نياپو ڪيو ويو ته ماڻهو وڃي رات جي اندر ڪوهه ڪٽايو. نياپي پهچڻ کان پوءِ مگسي قبيلي جي ماڻهن راتو رات ڪوهه ڪٽي ڇڏيو. جڏهن ميرن جو مقرر ڪيل امين اتي پهتو ان ڏٺو ته ڪوهه ڪنيل آهي ته فيصلو مگسين جي حق ۾ آيو ۽ ان علائقي ۾ آباد ٿي ويا. ياد رهي ته ان سڄي سلسلي ۾ سومرا پڻ مگسين سان شروع ۾ گڏ هئا.

سخي صوبو خان هڪ وڏو سخي مرد هو هن علائقي جي غريب ماڻهن جي مالي توڙي جاني وڏي خدمت ڪئي، سندس اوطاق هر وقت مسافرن سان ڀري پئي هوندي هئي. هو اصول پرست انسان هو. چور ۽ بدمعاش کي پنهنجي علائقي ۾ رهڻ ئي نه ڏيندو هو. جيئن ته هي ڳوٺ پنڌ واري رستي تي هو ڪڏهن ڪڏهن پوري ڄڃ به اچي ويندي هئي ان سڄي ڄڃ جي طعام ۽ قيام جو بندوبست پاڻ ڪندو هو. فيصلو مشاورتي ڪائونسل جي مشوري سان ڪندو هو عالمن ۽ فاضلن سان ڪيس وڏي محبت هئي. ميهڙ ۽ ڏوڪري تعلقي جي مدرسن جي برندڙ ڏئين جو تيل" پاڻ ڏيندو هو. پاڻ علمي ڪمن ۾ دل کولي مدد ڪندو هو اهوئي سبب آهي ته اسان جو هي ڳوٺ علم جي ميدان ۽ سنڌ جي مشهور ڳوٺن مان آهي جنتي جا

اڪثر ماڻهو علم جي زيور سان آراسته آهن ۽ هن ڳوٺ جا ماڻهو تقريبا گورنمينٽ ۽مختلف ڪارپوريشن ۽ ادارن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن، علم جي وڏائڻ ۾ پراڻي زماني جي استادن جو وڏوهٿ رهيو آهي. ڳوٺ جي ماڻهن ۾ جيڪي مختلف محڪمن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي چڪا آهن يا ڏين ٿا پيا انهن جو تفصيل

هن ڳوٺ جا مشهور استاد هئا جن صرف پنهنجي ڳوٺ کي نہ بلڪ ٻين علائقن جي ماڻهن کي بہ علم جي زوير سان آراستہ ڪيو، ان ۾ پراڻي زماني جا استاد سائين لعل بخش، ماستر محمد حسين سائين عبدالمجيد، سرائي محمدبخش، محمد عيسيٰ، سائين محمد دائم، الهہ ورايو، محمود صاحب، قادر بخش مشهور آهن.

هن ڳوٺ ۾ هينئر بہ پنجاهہ کان مٿي استاد آهن.

هن ننڍي ڳوٺ مان ڪيترائي ماڻهو پري پري کان تعليم ۽ ڊگريون حاصل ڪري ملڪ جي وڏي خدمت ڪئي آهي. ان ۾ حليم الزمان مگسي، پي ايچ ڊي روس مان علم الارض ۾ (Geology) ڪئي. امتياز احمد پي، ايچ ڊي سول انجنيئرنگ روس مان ڪئي ايگزيڪيوٽو انجنيئر واٽر بورڊ آهي. محمد ابراهيم سومرو اڄڪلهہ ريٽائرمينٽ ورتي اٿس. اسسٽنٽ انجنيئر، انجنيئر ۽ آخر ۾ اي- سي ٽي رٽائرمينٽ ڪيائين.

منظور احمد مگسي اڄڪلهہ ايريگيشن جي اهم پوسٽ ايگزيڪيٽو انجيئر ميهڙ ڊويزن ۾ آهي. انتهائي ذهين، مطالعي جو شوقين، سياسي، ادبي، ڪتابن جو ڪيس وڏو شوق آهي پاڻ ڏاڍو رلڻو ملڻو آهي.

سائين عبدالله لاکير هيڊ ماستر هاءِ اسڪول شاهه پنجو سلطان صديق اڪبر مگسي هي وڏو قابل ۽ محنتي انسان آهي. اسان جي ڳوٺ ۾ تعليم کي عام ڪرڻ ۾ هن شخص جو وڏو هٿ آهي. خاص طور تي ڇوڪرين ۾ تعليم کي عام ڪرڻ سندس وڏو ڪردار رهيو آهي. اڄڪلهه حبيب بينڪ راڌڻ ۾ مئنجر آهي. سندس ٻيو ڀاءُ عبدالجبار مگسي تمام محنتي هوشيار آهي. اڄڪلهه حبيب بينڪ دادو ۾ مئنيجر آهي. برڪت علي مگسي دادو شگر مل ۾ اهم پوسٽ تي آهي. محمد منير مگسي چيف آفيسر ميونسپالٽي ۽ ٻيا ڪيترائي هن ڳوٺ جا فرد مختلف علائقن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن.

سليم رضا سنڌ ۾ ڪابي ڌر جي جڏهن وڏي هلچل هئي ان دوران پاڻ وڏي محنت ڪيائين اڄڪلهه هاءِ وي ۾ ڪلارڪ آهي عبدالعزيز مگسي ڊگري ڪاليج ۾ انگريزي جو استاد آهي. رئيس شهاب الدين والي بال ۾ وڏو مقام پيدا ڪيو اٿس. سندس وڏو ڀاءُ رئيس غلام الرسول مگسي سنڌ جو مشهور سگهڙ آهي، سندس اوطاق اڄ به پراڻي ثقافت جو اهڃاڻ آهي.

سيٺ بخشل ۽ استاد رمضان ملهه جي فن کي عروج تي پهچايو آهي.

ادب ۾ سانول عزيز مگسي، ساٿي، ايام شباب ۽ عبد مگسي مشهور آهن.

# محمد ايوب شيخ

محمد ايوب شيخ راڌڻ اسٽيشن تعلقہ ميھڙ ضلع دادو ۾ ١٥ آڪٽوبر ١٩٥٨ع تي پيدا ٿيو. سندس تعلق شيخ برادري سان آهي، شيخ برادري دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلع جي شهرن ۾ آباد آهي هن جو تعلق اصل ڀھراڙين سان هو. پر پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ لڏي اچي شهرن ۾ آباد ٿيا. هي برادري سنڌريل ۽ امن پسند آهي. خاص طور تي لاڙڪاڻو شهداد ڪوٽ، ميھڙ، خيرپور ناٿن شاهہ جي ڪاروبار تي هن برادريءَ جو ڪنٽرول آهي ايوب شيخ صاحب جا وڏا بہ ڪاروباري پيشي سان وابستہ هئا. سندس والد حاجي خان محمد شيخ صاحب پنهنجو ڪاروبار راڌڻ اسٽيشن تي شروع ڪيو ۽ اتي ئي رهيو پر سندس ڀيا عزيز ۽ سندس وڏو ڀاءُ حاجي محمد صديق شيخ صاحب ميھڙ ۾ رهيا. حاجي محمد صديق شيخ صاحب نيڪ صوم، صلواة جو پابند تهجد گذار شخص هو، هو حضرت وارن بزرگن جو خليفو هو. ديني ڪمن سان سندس دلچسپي گهڻي هئي، انهيءَ دلچسپيءَ جي ڪري پاڻ خواجہ محمد ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيائين ۽ پنهنجي ڪارخاني ۾ مسجد قائم ڪيائين ۽ اتي مزدورن سان گڏ جماعت سان نماز پڙهڻ شروع ڪيائين، ان ڪري ايوب شيخ صاحب تي مذهبي اثرات آهن جنهن ڪري پاڻ صوم وصلوات جو پابند آهي.

منهنجي ساڻس ملاقات ان زماني کان آهي جڏهن پاڻ پنهنجي چاچي سان گڏ خواجہ مسجد ميھڙ ۾ نماز تي ايندو هو. ان وقت آءُ ان مسجد جو امام هئس، پاڻ نهايت خنده

پيشاني سان ملندو هو. سندس اخلاق بلند هو. ايوب شيخ پنهنجي پرائمري تعليم جو آغاز راڌڻ پرائمري اسڪول مان ڪيو. ميٽرڪ هاءِ اسڪول راڌڻ ۽ گريجوئيشن لاڙڪاڻي ڊگري ڪاليج مان ڪيائين ڪجهه وقت پنهنجي والد صاحب الحاج خان محمد شيخ صاحبس ان گڏ ڪاروبار ۽ زمين جي سنڀال ڪندو، پر جيئن ته پاڻ ننڍپڻ کان هوشيار ذهين هو، ڪيس مطالعو جي شوق هو، ان ڪري گريان ڪري گريجوئيشن کان پوءِ سي، ايس، ايس جي امتحان ۾ اپيئر ٿيو ۽ ڊسٽرڪٽ مئنيجمينٽ گروپ ۾ سندس سليڪشن ٿي ويئي ۽ اهڙي طرح پاڻ ٽريننگ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ اسسٽنٽ ڪمشنر لاڙڪاڻو مقرر ٿيو- ٨٣ کان ١٩٨٤ع تائين، ان کان پوءِ اسسٽنٽ ڪمشنر قمبر مقرر ٿيو. ان کان پوءِ پاڻ ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو، ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد، ايڊيشنل سيڪريٽري وزير اعليٰ سيڪريٽريٽ ۽ ڊپٽي ڪمشنر گلگت ناردن ايريا رهي چڪو آهي.

پنهنجي ايام ڪاري جي دوران شيخ صاحب چڱو ايڊمنسٽريٽر ۽ پنهنجي وس آهر غريبن جي خدمت ڪئي ۽ تقريبا شيخ صاحب اسان جي علائقي مان انهن پهرين ماڻهن ۾ شامل آهي جيڪي مقابلي وارو امتحان پاس ڪري سول سروس ۾ شموليت ڪئي. شيخ صاحب ڀرپور صلاحيتن جو مالڪ آهي اسان کي اميد آهي ته جيئن ڪيس صلاحيتن جي استعمال جو موقعو ملندو ان کي ان کي انتهائي خوش اسلوبي سان نڀائيندو.

# دادڻ فقير

داد محمد ولد ڏتي بخش تخلص دادڻ فقير ذات ڳوٺ ميان داد چنجڙي تعلقه واره ضلع لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پرائمري جا ٻه درجا استادالشعراءُ حضرت جمع خان غريب مدرسه محراب سنديله مان پنج درجه سنڌي قرآن شريف پڙهيائين ۽ فارسي بوستان تائين پڙ هيائين. والد صاحب وفات ڪانپوءِ راڏڻ استيشن لڏي آيو ۽ مرڻ گهڙي تائين اتي ئي رهيو. سندس وڏن جو ڌنڌو سونارڪو ڪم هيو پر دادڻ گوشه نشين ۽ فقيري مزاج رکندڙ هو دنيوي شين جو ڪيس فڪر يا اونو بلڪل نه هو. چوڏهن پندرهن سالن جي عمر ۾ ڪيس شاعريءَ جو شوق جاڳيو ان وقت حضرت غريب صاحب راڏڻ استيشن ويجهو ڪنهن ڳوٺ ۾ رهندو هو ان جي محبت ۾ رهي پنهنجي شعر جي اصلاح وٺندو رهيو. فقير صاحب جو اول استاد مجاز آهي. فقير صاحب مشهور صوفي شاعر تارڪ الدنيا هدايت علي نجفي (تارڪ) جو مريد ۽ شاگرد بڻيو. ان سان گڏوگڏ مشهور صوفي فقير خيرمحمد هسيباڻيءَ جو پڻ معتقد رهيو، ٻنهي درويشن جي محبت جي ڪري دادڻ فقير هڪ طرف يگانه شاعر ته ٻئي طرف روحانيت جي رمزن کان پڻ واقف ٿي پيو. دادڻ فقير جو ڪلام ڪافي تعداد ۾ قلمي صورت ۾ موجود آهي. شاعري جي تقريبن هر صنف تي شاعري ڪئي اٿس. پاڻ ديوان دادڻ ترتيب ڏيڻ جي پڻ ڪوشش ڪيائين. فقير صاحب جي روبرو ڪن هندو ادب

دوستن قيام پاڪستان جو ويجهو سندس ڪلام ڇپايو هو پر لڏ پلاڻ وقت سموريون ڪاپيون پاڻ سان گڏ کڻي ويا. فقير صاحب وٽ هڪ به ڪاپي موجود نه رهي.

ان ڪان سواءِ ڪيترن ئي راڳ جي شوقينن سندس ڪلام جون ڇوٽيون ڇپارايون آهن. سندس حياتيءَ ۾ سندس رضامندي بغير ڪن دوستن سندس ٿورو ڪلام بنام ”هڻ ڪڻ“ ڇپارايو آهي. جنهن جي نالي ۽ صحت تي فقير صاحب ناراضگيءَ جو اظهار پڻ ڪيو مگر ڪلام جي مقبوليت ايتري قدر هئي جو ٻري قيمت ۾ ٿوري عرصي ۾ سڀئي ڪاپيون ختم ٿي ويون ۽ ناشر کي سوين روپيه نفعو ٿيو.

فقير صاحب قادر الڪلام ۽ عام ۽ خاص ۾ مقبول شاعر هو. سندس ڪيترائي شاگرد آهن مگر پاڻ الطاف لاڪير جو نالو ٻڌائيندو هو.

دادن فقير ٣٠، ٣٥ سالن جي عمر ۾ سازو آواز ۽ راڳ سان دلچسپي رکي ۽ طويل محنت ۽ رياضت سان هو فن جي عروج تي پهتو، دادن جو سخن ٻوناٽن توڙي شهرين، عالمن توڙي بي علمن ۾ يڪسان مقبول آهي، ڪيس شادين ۾ يا ٻين موقعن تي خاص طرح سان گهرايو ويندو هو ۽ ڪانئس ڪلام ٻڌو ويندو هو.

فقير صاحب جو بالڪو سلطان احمد خاص طور تي فقير صاحب سان باجو وڄائيندو هو، پاڻ يڪتاري تي راڳ چوندو هو. ريڊيو تي وي وارن ڪيس دير سان گهرايو. سنڌ گورنمينٽ ڪيس وظيفو ڏيندي هئي مگر اهو به ڪيس دير سان نصيب ٿيو.

سندس ٻالڪي سلطان جي بقول تہ رحلت جي وقت هي بيت چيائين،

پکي پر سويا پچرو پراٽو
اجهو اڏاٽو دادن پنهنجي ديس ڏي.

## دادن جو غزل نموني طور

بيدارگي جي باري ۾ دلبر کان ڇا پڇان
ڪنهن ديد جو سبب مان ستمگر کان ڇا پڇان
تيٽو هو سو تي ويو مقدر کان ڇا پڇان
بربادي گهر جلڻ جي گهر کان ڇا پڇان
ايذاءَ پنهنجي جان جو نشتر کان ڇا پڇان
قاتل جي هوندي خون جي خنجر کان ڇا پڇان
پرواز آسمان جي بي پر کان ڇا پڇان
نادار جو مان حال تونگر کان ڇا پڇان
منهنجي سفينہ جو جڏهن آنا خدا خدا
ساحل جو ڪو نشان سمنڊ کان ڇا پڇان
رخصت کان بعد" داد نا" لطف وصال مان
ديوار در کان ڇا پڇان بستر کان ڇا پڇان

## غزل ع۔٢

جن توتان تن من ڪي ڪيو فدا ڏس تن جو تدارڪ ڪير ڪري
جيرا تہ ملن ٿا جيرن سان مردن جو تدارڪ ڪير ڪري

لقمان بہ تون مسيح بہ تون مون لاءِ حڪيم طبيب تون
نوڪان بہ دوا داروُن نہ مليو دردن جو تدارڪ ڪير ڪري
هڪ ناهي مرض جو ماٺ ڪجي هت حاجت ناهي حسابن جي
زهرن جو تدارڪ ڪير ڪري زخمن جو تدارڪ ڪير ڪري
سنگتي نہ رهيو ساٿي نہ رهيو پاندي نہ رهيو ڪانڌي نہ رهيو
لاوارث ٿيو لاش عاشق جو مدفن جو تدارڪ ڪير ڪري
نصري نہ رهي ڪوئل نہ رهي بلبل نہ رهي گل پڻ نہ رهيو
مالهي بہ خزان ۾ رخصت ڪئي گلشن جو تدارڪ ڪير ڪري
دل پڻ نہ رهي جان پڻ رهي جنهن صورت ۾ تون پڻ نہ رهين
تنهن صورت ۾ دادن ڇا ڪري دادن جو تدارڪ ڪير ڪري

# محمد حسين پهنور

محمد حسين پهنور صاحب جي شخصيت تي سڄي سنڌ کي ناز آهي پر خاص طور تي دادو ضلع جي لاءِ سندس شخصيت فخر جو باعث آهي، پاڻ جيڪو مان مرتبو حاصل ڪيو اٿن ان ۾ سندس صلاحيت ۽ محنت پوشيده آهي، پهنور صاحب ۲۵ ڊسمبر ۱۹۲۵ع ۾ ڳوٺ ابراهيم پنهور ضلع دادو ۾ پيدا ٿيو، شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين، سندس ڏاڏو فارسيءَ جو ماهر هو ۽ عربي به پڙهيل هو. سندس والد ڪاروباري ماڻهو هو. پاڻ شوعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ان کان پوءِ پاڻ انگريزي تعليم لاءِ ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو، ميٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ ڪراچيءَ مان انٽر ڪيائين. بقول جناب محمد خان چاوڙي جي ته پهنور صاحب حسابن Mathematics ۾ ڏاڍو هوشيار هو. N.E.D مان ۱۹۴۹ع انجنيئرنگ جي ڊگري ورتائين ۽ سنڌ گورنمنٽ جي مشنري واري کاتي ۾ ملازمت سان پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز ڪيائين. ۱۹۵۳ع ۾ هن ايم، ايس، سي ايگريڪلچرل جي ڊگري Wisconsin يونيورسٽي مان حاصل ڪيائين. ۱۹۵۳ع کان سنڌ جي ايگريڪلچرل ڊپارٽمينٽ ۾ انجنيئر جي حيثيت سان ڪم ڪيائين ان کان پوءِ سپرنٽينڊينٽ انجنيئر سنڌ بلوچستان ٿيو، ان دوران هن کي سنڌ جي چپي چپي ۽ هر علائقي کي گهمڻ جو موقعو مليو. تقريبا سنڌ ۽ بلوچستان جي جابلو ۽ ڪوهستاني علائقن ۽ انهن ۾ پاڻي جي سطح بابت وڏي معلومات حاصل ڪيائين. ان دورن مان هن سنڌ جي

تاريخ، جاگرافي، هائيڊرولاجي،جيالاجي، ۽ قديم آثارن جي وڏي معلومات حاصل ڪئي. اينري معلومات جو ڪس هينئر ان فن جو اثارتي سمجهيو وڃي ٿو. ۽ ان موضوع تي پاڻ ننڍا وڏا تقريبا ١٢ ڪتاب ڪو زمين ۾ پاڻي جي سطح متعلق لکيا ٿس، ۽ سنڌ ڪوارٽرلي ۾ پڻ سندس معياري مضمون ڇپجي چڪا آهن. سندس ڪوششن ۽ ڪاوشن سان ايگريڪلچرل کاتي جي ورڪشاپن جو سنڌ ۾ بنياد پيو ۽ پاڻ ايگريڪلچرل ڊپارٽمينٽ کي جديد مشينن سان روشناس ڪرائڻ ۾ وڏو ڪراد ادا ڪيائين. پاڻ سنڌ ۾ نوان نوان ميوا فروٽ ۽ اخروٽ متعارف ڪرايا اٿس، سيد مظفر شاهه سابق اسپيڪر ۽ وزيراعليٰ جي ڪوشش سان ١٩٨٨ع ۾ سنڌ ۾ نوان فروٽ ۽ ڪاجن جي متعلق فناس ڊپارٽمنٽ جي طرفان ڇپرايا. پر افسوس جو اهي صحيح طريقي سان منظر عام تي نه اچي سگهيا، ان جو سبب ان وقت جو ڊائريڪٽر پبلڪ ايگريڪلچرل هو جنهن ان ڳالهه جي غلط تشريح ۽ پروپيگنڊا ڪئي ۽ اهڙي طرح سنڌ نون تجربن کان محروم رهجي ويئي، محمد حسين صاحب پاڪستان ۾ ايگريڪلچرل جي دنيا ۾ هڪ انقلاب آڻي ڇڏيو هن ڪينترائي فروٽ متعارف ڪرايا جيڪي اڳ هن ڌرتي تي ڪو نه ٿيندا هئا. هن ١٨ انهن جا قسم ۽ ڪينرا بيا فروٽ برازيل ۽ دنيا جي ڪينترن ٻين ملڪن کان آڻي هتي پوکيا آهن، جيڪڏهن اهي تجربا حقيقي معنيٰ ۾ هتي ڪيا وڃن ها ته اڄ هي خطو ڪيليفورنيا نظر اچي ها، پهنور صاحب گريپ فروٽ جا پڻ ڪينترائي قسم متعارف ڪرايا آهن جن ۾ هڪ اهڙو قسم آهي، جنهن جي استعمال سان بلڊپريشر ۽ ڪولسترول ختم ٿي سگهي ٿو، پهنور

صاحب انهن سيني ڪوشش ۾ سندس گهر واري مسز فرزانا پهنور جو وڏو رول رهيو آهي پهنور صاحب ان سان گڏ تقريبا ١٨ ڪتاب لکي چڪو آهي. مسز فرازانا پهنور ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ١٩٨٢ع ۾ ايم- ايس- سي بايو ڪيمسٽري ۾ ڪري چڪي آهي، پر هو ڏاڍي ذهين، هوشيار ۽ محنتي عورت آهي، هو پڻ چار ڏينهن فارم تي هوندي آهي، باقي ڏينهن پنهنجي لطيف آباد واري آفيس ۾ ڪم ڪندي آهي، جنهن ۾ عورتن جي سجاڳي جي لاءِ پاڻ پتوڙي رهي آهي مسز فرزانا پڻ ڪيترن ئي ڪتابن جي مصنف آهي. جن مان ڪيترائي ڇپجي چڪا آهن ۽ ڪجهه ڇپجڻ جي مرحلي ۾ آهن. سوائل ڪيمسٽري، آرگنڪ فرٽلائيزر، فروٽ جي واڌ ويجهه جي متعلق سندس ڪيترائي مضمون شايع ٿي چڪا آهن. پاڻ ١٩٨٢ع کان پهنور صاحب کان گڏ فروٽ جي نون طريقن ۽ ايجادات تي تحقيق ڪري رهي آهي، ان ۾ جديد قسم جا فروٽ ۽ ڪاڇا شامل آهن، پاڻ جهينگن جي پالنا تي پڻ تحقيق ڪري چڪي آهي، ان کان علاوه بايو گيس جيڪا ذرات مان حاصل ڪئي ويندي آهي، اهڙن موضوعن تي سندس تحقيق مثالي آهي، پاڻ ايگريڪلچرل جي متعلق دنيا جي ڪيترن ئي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪري چڪي آهي، سندس ڪوشش آهي سنڌ ۾ اهڙا فصل ۽ فروٽ متعارف ڪرايا وڃن جيئن هتي وڌ ۾ وڌ خوشحالي اچي، مس فرزانا پاڻ ڪي هاري عورت چورائيندي آهي، پاڻ وڏي محنتي، ۽ جفاڪش خاتون آهي.

پهنور صاحب جي لائبريري ۾ 11000 هزار ڪتاب آهن، جيڪي سنڌ جي زراعت، تاريخ، قديم آثار، ۽ جاگرافي جي

متعلق آهن. پهنور صاحب سنڌ سوسائٽي فار هارٽيڪلچر انٽر نيشنل هارٽيڪلچلر جي بنياد تي متعارف ڪرائي آهي. تازو پاڪستان سرڪار ڪيس سندس خدمتن ۽ خاص طور تي سائنسي خدمتن ۾ ستاره امتياز سان پڻ نوازيو آهي. پهنور جي تحقيق ۽ خدمت اينتري وسيع آهي جو انشاءالله اسان ڪي وقت ساٿ ڏنو تہ الڳ ڪتاب لکندا سين. باقي هن مختصر مضمون ۾ سائين جي شخصيت سمائجي نہ ٿي سگهجي.

# الحاج رسول بخش ڏيرو

موجوده دور ۾ مشهور زميندارن ۾ فريدآباد جا ڏيرا شامل آهن. انهيءَ خاندان جو وڏو ۽ چڱو مڙس الحاج رسول بخش ڏيرو نہ صرف وڏيرو هو بلڪ وڏو اديب۽سياڻو ۽ سگهڙ انسان هو.

الحاج رسول بخش ڏيرو صاحب جي والد جو نالو علي نواز خان ڏيروهو پاڻ ١٩٠١ع ۾ ڄائو. وڏيرو رسول بخش ڄمندي يتيم ٿي پيو. سندس سموري پرورش سندس والده ماجده ڪئي جيڪا هڪ نيڪ ديندار ۽ سگهڙ خاتون هئي، رسول بخش ڏيرو صاحب پرائمري تعليم فريدآباد مان حاصل ڪئي. ڪجهہ عرصو حضرت مولانا عبدالڪريم ڏيرو جي محبت ۾ پڻ رهيو. سندس والده پڙهيل لکيل ۽ حضرت پٺائي گهوٽ جي ڪلام سان گهڻي محبت رکندي هئي. ان ڪري پاڻ لطيف جي رسالي جو مطالعو گهڻي ذوق ۽ شوق سان ڪندو هو. تنهن ڪري رسالي تي ڪافي ڪم ڪيو اٿس. سندس شاهہ تي ڪم جو وچور هيٺين ريت آهي.

نئين شرح لطيف

١- سر يمن ڪليان مڪمل پهريون ايڊيشن ١٩٧٤ع
ٻيو ايڊيشن ١٩٩٥ع ڇپيل
٢ سر يمن ڪلياڻ (٢فصل) پهريون ايڊيشن ١٩٦٥ ٻيو ايڊيشن ١٩٩٥ع

٣- نئين شرح لطيف سر آسا ڇپيل ١٩٩٥ع شاهه جو شان ١٩٨٠ع ڇپيل

قلمي صورت ۾ مواد هن ريت آهي

٤- سر ساموندي جو هڪ بيت ست ستان سرڪري ڇهه ڇجهريون اڍيچ ٤ صفحن تي

٥- قرآن مجيد ۽ پتائي گهوٽ جا بيت

ست ستان سرڪري ڇهه ڇجهريون اڍيچ ٤٠٠ صفحن تي

٦- قرآن مجيد ۽ پتائي گهوٽ جا بيت جوهر بروهي ترتيب ڏئي رهيو آهي.

علمي ادبي ڪمن سان گڏوگڏ جناب رسول بخش ڏيرو صاحب ماهر زراعت پڻ هو ڪيس مندن، فصلن جي متعلق وڏي ڄاڻ هئي. وڏيري صاحب فريدآباد ۾ مدرسه عربيه محمديه جو بنياد وڌو جيڪو اڄ تائين ديني خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. ان مان وڏيري رسول بخش صاحب جي علمي ۽ ديني دلچسپيءَ جي پوري پروڙ پوي ٿي.

سندس دوستيءَ جي حلقي ۾ جناب ڊاڪٽر نبي بخش ۽ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي شامل آهن، انهن الحاج رسول بخش ڏيري صاحب جي شرح لطيف جي مقدمي ۾ پڻ سندس صلاحيتن جي تعريف ڪئي آهي. ڏيري صاحب هن فاني دنيا کي تاريخ ٤شوال ١٤٠٢ مطابق ٢٧ جولاءِ ١٩٨٢ع خيرباد چئي شهر خموشان ڏي راهي ٿيو. ڪيس مدينه جامع مسجد فريدآباد جي پرسان دفن ڪيو ويو. ڪيس ٻه فرزند ٿيا. الحاج علي نواز خان الحاج علي خان جيڪي زميندارى ڌنڌي سان وابسته آهن.

# اسحاق راهي

محمد اسحاق راهي سومرو صاحب ولد محمد صالح سومرو صاحب تاريخ ٩ اپريل ١٩٣٥ع ۾ ميھڙ جي مردم خيز خطي ۾ پيدا ٿيو. سندس وڏا تعلقي ڪنڊياري جي ڳوٺ بڪري جا وينل هئا. ڪن سبب ڪري اتان لڏي اچي ميھڙ کي پنهنجو مسڪن بنايائون اسحاق راهي صاحب جي تربيت بهترين استادن جي نگراني هيٺ ٿي. پرائمري جو پهريون درجو مشهور عالم، اسڪالر، دانشور، نقاد محقق، مهراڻ رسالي کي معراج تي پهچائڻ واري شخصيت جناب مرحوم غلام محمد گرامي وٽ پڙهيو، ميٽرڪ هاءِ اسڪول مان پاس ڪيائين ڏهين ڪلاس ۾ سندس استاد مشهور دانشور، محقق، اديب مترجم سائين م- ن محزون مرحوم هو. گرامي ۽ محزون صاحب جي تربيت ۽ ترغيب راهي صاحب کي ادب ۽ شاعري ڏانهن مائل ڪيو غريبي جي ڪري پاڻ وڌيڪ تعليم جاري نه رکي سگهيو ۽ پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز ايگريڪلچر کاتي ۾ فيلڊ اسسٽنٽ جي حيثيت سان ڪيو.

## انداز غزل

گلشن تي لک گلن تي نظارن تي ويھي لک
لکٽو اٿئي ته دل جي بهارن تي ويهي لک
هر قـــــــدم ۽ راهگذار تي ويهي لک
گهٽ گهيڙ ۽ چاھ جي چارن تي ويهي لک

نظرن کي آفريب مليو سبزه زار کان
ويران شهر صحرا مزارن تي وبهي لک
ذکر خزان فضول آ گلشن ۾ همنشين
دل تي چوي تہ دل جي قرارن تي وبهي لک
گرهن لڳي تي جن کي انهن تي لکڻ چڙهي
تيڙو کتين فلک جي ستارن تي وبهي لک
گيسوچنڊي تو يار تہ ٻئي جڳ ٿا واسجن
راهي لکين تہ ان جي ٿي وارن تي وبهي لک

# استاد العلماءِ علامہ عطاءُ الله فيروز شاهي رح

علامہ عطاءُ الله فيروز شاهي رحمہ الله عليہ دادو ضلعي جي تعلقي ميهڙ ۾ ٻہ ڳوٺ علم جي ميدان ۾ ڪمال تائين پهتل هئا، هڪ رهڙو شريف ٻيو فيروز شاهہ . فيروز شاهہ جنهن فرزند جليل کي جنم ڏنو، ان ۾ علامہ عطاءُ الله فيروز شاهي وڏي پائي جو عالم وقت جو ولي ۽ ڪامل بزرگ هو سندس شجرو ملتاني جي خليفي پيروج رح سان ملي ٿو، علامہ صاحب ابتدائي ڪتاب پنهنجي والد مولانا خير محمد وٽ پڙهيا ۽ ان کان پوءِ موري ۾ مولانا عبدالرئوف صاحب جن وٽ شرح جامي تائين پڙهيو، بزرگ جي طبيعت ناساز رهڻ ڪري علامہ صاحب کي اجازت ملي تہ هو شهدادڪوٽ ڏانهن پڙهڻ وڃن، علامہ صاحب موري مان سڌو شهدادڪوٽ آيا. ۽ پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويا، ڪجهہ وقت کان پوءِ علامہ صاحب جڏهن پنهنجي ڳوٺ آيا والد صاحب پڇين تہ جڏهن تون شهداد ڪوٽ وڃي پيو تہ فيروز شاهہ رستي ۾ هيو تون اتان ٿيندو وڃين ها، تہ پاڻ چيائين تہ استادن کان اجازت ڪا نہ ورتل هئي، ان ڪري مان سڌو شهداءِ ڪوٽ هليو ويوس، پاڻ ايترو استادن جو ادب ڪيائين .

آخر پاڻ مولانا گل محمد ۽ نور محمد شهدادڪوٽي وٽان دستار بندي ڪيائين جيڪي پنهنجي وقت جا وڏا عالم هئا.

علامہ عطاءَالله فيروزشاهي کي هر فن تي ڪمال درجي جو عبور حاصل هو. حضرت غلام صديق شهدادڪوٽيءَ جو مٿس وڏو اعتماد هوندو هو. علامہ صاحب جا مخدوم حسن الله پاٽائي ۽ لاڙجي وڏي عالم علي محمد مهيري سان وڏا بحث ٿيندا هئا. وقت جا وڏا عالم ڪيترن مسئلن ۾ ڏانهنس رجوع ڪندا هئا.علامہ صاحب کي ظاهري علم سان گڏ باطني علم ۾ بہ عبور حاصل هو، ان ڪري کين سماع سان بہ محبت هوندي هئي. هر وقت پاڻ سوزو گداز واري ڪيفت ۾ رهندو هو. مولانا محمد هاشم خطيب جامع مسجد نواب شاهہ سندس شاگرد هوندو هو، علامہ صاحب تهجد وقت کيس اٿاريندو هو. مولانا صاحب مثنوي جا شعر ترنم ۾ پڙهندو هو ۽ علامہ صاحب عبادت ۾ مشغول ٿي ويندو هو.پاڻ ڪشف جا صاحب ۽ متوڪل علي الله هئا. هڪ دفعي دريا سندس ڳوٺ کي پائڻ لڳو سڄو ڳوٺ لڏي ويو پر علامہ صاحب نہ لڏيو آخرڪار درياءَ بہ ڇڏي ويو.

تصوف جي غلبي جي ڪري آخري عمر ۾ گريو گهٽوڪندو هو معتقدين جي اسرار تي ڪڏهن ڪڏهن واعظ ڪندو هو تہ سندس هڪ هڪ سخن موتين جهڙو هوندو هو. لکڻ ۾ کيس ايترو عبور هو جو کبي ۽ سڄي هٿ سان بهترين اکر لکي ويندو هو. لاڙ جو وڏو عالم مولانا حامد الله لاڙائي سندس شاگرد هو.

علامہ صاحب کي نرينہ اولاد کو نہ هو، کيس هڪ نياڻي هئي جنهن سان مولانا عبدالرحمن فيروز شاهي جو نڪاح ٿيو. سندس شخصيت ڪيترن ئي صلاحيتن جي مالڪ هئي، رعب ۽ دٻدٻو ايترو هوندو هئس جو وڏا وڏا آفيسر ادب ۾

هيٺ اچي ويهندا هئا. علامہ صاحب جا شاگرد تمام گھڻا هئا انهن مان ڪن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

(١) مولانا حامدا لله لاڙائي سجاول نئو (٢) مولوي احمد ڏاهري ڪرمپور سيوهڻ (٣) مولوي حزب الله هالائي (۴) مولوي محمد اڳرو (۵) مولوي الله ڏنو صاحب ٽنڊو شهبازي شيوهڻ (٦) مولوي محمد پريل آڳرو (٧) مولوي سيد قطب شاهہ (٨) مولوي محمد اسماعيل سومرو سوپيو خان مگسي (٩) مولوي مسعود صاحب ڪوڪر (١٠) مولوي محمد صادق ڪنير ٿرڙي محبت (١١) مولوي الله بخش ڪنڊيارو (١٢) مولوي نعمان مورو (١٣) مولوي محمد صديق پنجو چنو سيوهڻ (١۴) مولوي رضا محمد دولتپور (١۵) مولانا غلام محمد ملڪاڻي (١٦) مولوي محمد ملوڪ ميهڙ

پاڻ ١۵ رجب ١٣٣۵هہ ۾ وفات ڪيائين.

# علامه محمد عثمان رهڙوي (مهيسر)

سنڌ جي جڏهن بہ علمي درسگاهن جي تاريخ جو تذڪرو ٿيندو آهي ان ۾ رهڙو شريف ۽ فيروز شاهہ صف اول ۾ شامل هوندا آهن. رهڙو شريف ميهڙ شهر ڪان اتر طرف فريدآباد روڊ ڪان ٽن ميلن جي فاصلي تي واقع آهي، جيو وجي ٿو تہ هن ڳوٺ جو بنياد ديري غازي خان جي شهر ميتپور جي هڪ "راهہ رو" واٽ وبندڙ بزرگ مولانا مفتي عبدالله ولد ميان حبيب الله مهيسر عرف "ڪاڇو فقير" وڏو جيڪو هڪ وڏو نيڪ بخت، زاهد ۽ عابد انسان هو، هن هي ڳوٺ غالبا ١١٣٢هہ مطابق ١٧١٩ع ۾ آباد ڪيو. ۽ اهو ڳوٺ آهستي آهستي ترقي ڪري علم جو وڏو آماجگاهہ بڻجي ويو. هونئن بہ جتي منو چشمون موجود هوندو آهي اتي پري پري ڪان پڪي ۽ انسان گڏ ٿي ويندا آهن. هي تہ علم جو هڪ اهڙو چشمو ثابت ٿيو جو ڏورانهن ڪان ماڻهو سفر ڪري اچي علم جي اڃ اجهائيندا هئا سوين عالم بنجي ويا. هن ئي درسگاهہ جا باني حضرت علامہ محمد عثمان مهيسر پڻ وڏي فياض ۽ بابرڪت شخصيت ٿي گذريو آهي. سندس پاڻ پڻ وڏو عالم هيو. سندن علمي خدمتون بيان ڪان ٻاهر آهن. سنڌ جو مشهور عالم مولانا دين محمد وفائي جو استاد علامه غلام عمر جتوئي سوني جتوئي وارو پڻ رهڙي شرف جو فارغ هو، پاڻ هڪ سال اتي پڙهايائين. حضرت مولانا محمد قاسم مشوري شريف وارو پڻ سندس شاگرد هو.

مولانا مفتي محمد شفيع مسجدي پڻ رهڙي شريف جو فارغ هو، رهڙي شريف ۾ شاگردن جو تعداد تمام گهڻو هوندو هو. اينتريقدر جو فرحين تي لکڻ لاءِ مس جو هڪ وڏو مٽ پريل هوندو هو. جنهن کي ڪارو مٽ سڏيندا هئا. رهڙي شريف جي مهيسر عالمن مان ڪيترائي مشهور ٿي گذريا آهن انهن ۾ مولانا عبدالله مهيسر مولانا مبارڪ مهيسر، مولانا غلام عمر مهيسر، مولانا عثمان مهيسر،مولانا محمد صالح مهيسر،مولانا عبدالحئي مهيسر جنهن بعد ۾ رهڙي شريف مان ڇڏي اچي ٽرڙي محبت تعلقي ميهڙ ضلع دادو ۾ مدرسو کوليو، جنان ڪيترائي شاگرد فارغ ٿيا. جن ۾ مولانا محمد امين راڌڻ وارو ۽ حافظ محمد صالح سيوهڻ وارو مشهور آهن. سندس فرزند محمد عثمان مهيسر جيڪو ڊاڪٽر آهي، اڄڪلهه سماجي ۽ سياسي ڪمن ۾ ڀرپور نموني سان حصو وٺندو رهي ٿو. مولانا رفيق احمد رهڙوي جيڪو هن ئي خاندان سان وابسته آهي، حيدرآباد ۾ ڪيترائي سال امامت ڪيائين ۽ اڄڪلهه مڊل اسڪول ۾ عربي ٽيچر آهي، ميهڙ ۾ راقم الحروف جي والد وٽ ڪافي ٽائيم تائين پڙهيو آهي، پر افسوس اهو آهي ته رهڙي ۾ اهو عروج نه رهيو آهي علمي ڪمال وارو ماٺهو سڀ ختم ٿي ويا قال الله ۽ قال الرسول جو تنوارون ناپيد آهن، اڄ اهي اوتارا ويران آهن جيڪي ڪلهه وڏن علمي بحثن سان گونجندا هئا. اڄ رهڙو شريف چند گهرن ۽ بزرگن جي مزارن تي مشتمل هڪ ويران بستي آهي.

# ميان فقير محمد ويھڙائي رح

حضرت ميان فقير محمد ويھڙائي رحمة الله عليه كامل ولي، صاحب كرامت ۽ برگذيده شخصيت ٿي گذريا آهن. سندن ڳوٺ ويھڙ شريف سيوهڻ تعلقي پانن كان پنج ميلن جي مفاصلي تي واقعي آهي. سيوهڻ جي سرزمين عالمن ۽ عارفن كاملن ۽ درويشن سان سدائين سرسبز ۽ آباد رهي آهي. حضرت فقير محمد صاحب ان سلسلي جي كڙي آهي. حضرت صاحب جا وڏا اصل بلوچستان جا هئا. سندن ڏاڏ رانجهو خان چانديہ ميان يار محمد كلهوڙي جو طريقت ۾ خليفو هو ۽ ملك گيري وادي معاملي ۾ پڻ ساڻس گڏ هو. ميان صاحب جي حكم سان پاڻ سنڌ ۾ اچي آباد ٿيو. سندن وجه معاش مال پالڻ ۽ ٻني كرڻ هو. حضرت صاهب جي والد جو نالو ميان نبي بخش هو پاڻ نهايت نيك، زاهد ۽ تهجد گذار شخص هو كيس بزرگن جي زيارتن جو ڏاڍو شوق هوندو هئس ڳوٺ جي پرسان حضرت ايمان شاهہ جي مقبري تي مراقبو كرڻ سندس معمول هو. هك ڏينهن پاڻ خواب ڏٺائين تہ سندس هٿ تي شهباز وينو آهي جيكو پاليل معلوم ٿئي پيو اڏري وڃي شكار كري ٿو اهو پاليل شكار تتر ڳيرو وغيره سالم كنيو اچي وري هٿ تي ويهي ٿو. اهو خواب چار ڏينهن مسلسل

ڏسندو رهيو. چوٿين ڏينهن ان خواب جي تعبير واسطي حضرت مخدوم ميان محمد يوسف ٺٽائي بزرگ جي خدمت ۾ پيش ٿيو (١) مخدوم صاحب ڪيس مراقبو ڪري پٽ ڄمڻ جي خوشخبري ڏني ۽ گڏوگڏ اها خوشخبري ٻڌايائين تہ اوهان جو فرزند وڏو صاحب ڪمال ۽ روحاني رهبر ٿيندو ڪيترائي رهزن صاحب هدايت ٿيندا فقيرن جا ميل هوندا ۽ وڏي فيض وارو ماٺهو ٿيندو. بزرگ جي ڳالهہ صحيح ثابت ٿي ۽ هجري سال ١٢٩٣ مطابق ١٨٧٦ع سال تي حضرت فقير محمد ويهڙائي پيدا ٿيا.

ابتدائي تعليم حضرت جن آخوند ميان محمد عالم مناهين واري وٽ ورتائون آخوند صاحب مجذوب هو. ان وٽ پٽي ۽ باب پورا ڪيائين بزرگ وڌيڪ تعليم لاءِ ٧- ٨ سالن جي عمر ۾ حضرت مخدوم عبداللطيف رح جي درسگاهہ هالن ۾ داخل ٿيا. مخدوم صاحب وڏو عالم ۽ متقي ٿي گذرو آهي، سندن تحريرون ملڪان ملڪ مشهور هيون، پر پري وٽس شاگرد ايندا هئا ۽ اهي ظاهري ۽ باطني ٻنهي علمن ۾ ڪمال حاصل ڪندا هئا. اتي فقير صاحب سان گڏ فقير صاحبڏنو پڻ گڏ هو صاحبڏني صاحب سيپارو پورو ڪيو ۽ حضرت صاحب عيمي پوري ڪئي، مخدوم صاحب کان اجازت وٺي ٻئي ڳوٺ لاءِ روانا ٿيا. نون ڏينهن بعد مسڪيني حال آهر منائي ڪٽي عزيزن کان موڪلائي وري هالن ڏانهن روانا ٿيا، جڏهن سيوهڻ پهتا تہ اژل موريءَ تي حضرت ميان محمد صديقي سيوهاڻي جن پري کان وبني ڏسي فقير صاحب ڏني کي ٻڌايائين تہ هي

---

(١) ٺٽا ٺلٺيءَ جي پرسان علم وادب جو مرڪز هو مخدوم صاحب بزرگن جي خاندان مان هو.

مجذوب درويش آهي، هل تہ هلي پيربن پئونس، جڏهن مخدوم صاحب سان مليا ٻنهي ڄڻن کان مخدوم صاحب چند سوال پڇيا. جهڙوڪ ڪٿي وينا آهيو؟ ڪيڏانهن ٿا وڃو،ڇاڇا پڙهندا آهيو سوالن جا جواب پوري طرح ڏنا ويا. مخدوم صاحب چيو تہ اوهان مان ڪير هڪڙي دم ۾ عيمي ٻڌائيندو؟ ٻنهي ڄڻن هڪ ٻئي کي ٽونيون هڻڻ شروع ڪيون نيٺ حضرت فقير محمد صاحب دل جهلي ها ڪئي مخدوم صاحب چيو ها! بابا اين دم خالي نہ وڃي. مخدوم صاحب ڪيو بوسو عنايت ڪيو ۽ڪ وات ۾ وجهي دعا ڪيائون ۽ استاد لاءِ سلام ڏنائون،ان کان پوءِ حضرت صاحب جن حافظہ قوي ٿي ويو. جڏهن مخدوم عبداللطيف رح جي درس ۾ داخل ٿيا تہ هو هن چيو تہ اوهان کي درس وٺڻ جي ضرورت آهي؟ حضرت ويهڙائي صاحب چيو تہ ها سائين اجا ضرورت آهي ۽ مخدوم صاحب اوهان لاءِ سلام ڏنا آهن سلسلہ تعليم جاري رهيو ۽ ڪين بزرگ جي دعا سان علم جي وڏي دسترس حاصل ٿي ويئي جو سندس استاد تحريرن ۾ ڪتاب ڪانئس نقل ڪرائيندو هو. حضرت ويهڙائي جن ڏينهن جو تدريس ۾ مشغول هوندو تہ وري رات جو حضرت نوح رح جي مزار تي اچي جاڳندو هو ۽ رياضت ڪندو هو. هڪڙي دفعي خواب ۾ ڏنائين تہ حضرت نوح سرور تشريف فرما ٿيو آهي ۽ سندس پرسان بہ مٽ رکيل آهن انهن مان هڪڙو ڍڪيل هو،ٻئي مان طالبن قطار ۾ ايندين پاڻي پيئاريندا ويا. جڏهن ويهڙائي صاحب جو وارو آهي مخدوم جن چيو تہ اوهان ترسو، سڀني کي پياري جڏهن دنگ ڪيائون. تہ پوءِ فقير صاحب کي ڍڪيل مٽ مان هڪڙو گلاس عنايت ڪيائون جنهن جي پيئڻ سان عشق جي باهہ اندر ۾

بري پئي ۽ اها اهڙي ته پڙڪي اٿي جو پاڻ پنهنجي استاد کان اجازت وٺي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي درگاهه تي حاضر ٿيو ۽ اتي عبادت رياضت ۽ مراقبي ۾ مصروف ٿي ويو.

عشق ۾ سندس ڪيفيت اها ٿي ته سخت سيارو هو تڏ جي زياده هجڻ ڪري ڪيترائي وڻ اک ڪنديون ۽ ٻير سڪي ويا مگر پاڻ روزانو اسر جو سوير وهنجندا هئا. آخر گرميءَ جي شدت کان تنگ ٿي چار ۾ هٿ وجهي پاڻيءَ ۾ مراقبا ڪندا هئا هالن مان اجازت وٺي بزرگ ميان عبدالرزاق وٽ آيو، موري ۾ رات جو حضرت ملڪاڻي صاحب رحمة الله عليه جن جو ديدار نصيب ٿيس. ۽ هن چيو ته " اسان جي خدمت ۾ پيش ٿيو، ان ڪانپوءِ فقير صاحب جن تي وجد واري ڪيفيت طاري ٿي ويئي۽ رقص ۽ گريه شروع ٿي ويو رقص ۽ بي خوديءَ جو اثر سيني ماٿهن تي ٿيڻ لڳو استاد هن ڪيفيت کي ڏسي ڪين روانگيءَ جي اجازت ڏني، موري کان روانا ٿي اچي حضرت ملڪاڻي صاحب جي خدمت ۾ پيش ٿيا ۽ اچي عبادت ۾ مشغول ٿي ويا، چند ڏينهن گذرڻ کان پوءِ دست بيعت لاءِ عرض ڪيائين پر بزرگن بئي وقت لاءِ چيو ۽ اهڙي طرح پاڻ هر سومر ۽ جمع جي رات درگاهه ملڪاڻي شريف ۾ حاضري ڀريندو هو ديني مسئلن سان دلچسپي رکندا هئا، پر دست بيعت لاءِ به منتظر هو . اهڙي طرح چار سال اهو سلسلو هليو، ۽ آخر حضرت جن راضي ٿي دست بيعت جو شرف بخشيو.

حضرت صاحب ملڪاڻي جن فقير صاحب جن تي ڏاڍا مهربان ۽ شفيق هوندا هئا ۽ ڪين وڏا فقير سان مخاطب ٿيندا هئا۽ ڪين وڏي رياضتن، عبادتن، مجاهدن کان پوءِ خلافت جي عنايت ڪيائون. دادو جو ڪليڪٽر سائين جن جي انتظار ۾ ٻاهر ويٺو

آهي، مهرباني ڪري ڪيس زيارت ڪرايو. حضرت سائين جن چيو ته ابا! اسان جو ته منجهس ڪم ڪونهي، جو وٽس هلون باقي جي اسان ۾ ڪو ڪم اٿن ته فقيراني ڪکن ۾ سدا اچي جواب ملڻ تي ڪليڪٽر صاحب اندر آيو ۽ اهو ڪليڪٽر صاحب مدد علي شاه هو. بزرگ ان سان احترام سان مليا ۽ ڪرسي گهرائي ڪيس وهاريائون ۽ چيائون ته اسان،اوهان جي عزت ڪليڪٽر جي حيثيت ۾ ڪا نه ڪئي اٿئون بلڪ اهلبيت ۽ مهمان جي شان ڪري ڪئي اٿئون. گفتگو دوران ڪليڪٽر صاحب پڇيو ته اوهان ڪنهن آفيسر کي ڪم ڪار چوندا آهيو يا چٺي چپاٽي لکندا هئا، بزرگن چيس ته هائو! هڪڙو وڏو آفيسر آهي جنهن کي ڪم ڪار چوندا آهيون، ۽ فقير جون سفارشون به عرض رکيون ويندي‌ون آهن، شاه صاحب چيس ته اهو آفيسر اوهان جو ڪم ڪندو آهي، بزرگ فرمايو ته جيڪڏهن هو ڪم ڪندو آهي ته به خوش ٿيندا آهيون، جي ڪم نه ڪندو آهي ته ناراض نه ٿيندا آهيون، نه وري و ڏوراپو ڏيندا آهيون، ان عجيب گفتگو تي صاحب موصوف ان جي حضرت صاحب جن چيو ته اهو الله جي ذات بابرڪات آهي.

سندن رحمدلي، فياضي حد کان وڌيڪ هئي پاڻ ڪيترائي خليفا ڪيائين جيڪي ملڪان ملڪ ماڻهن جي خدمت سرانجام ڏئي رهيا آهن.انهن ۾ مشهور هيٺيان آهن. (١) خليفه ميان فقير محمد بروهي (ٽرڙي محبت) (٢) خليفه حاجي محمد موسيٰ اڙل وارو (٣) خليفه حافظ محمد سليمان -٥) خليفه خير محمد پير گٺيه وارو (٦) خليفه حاجي عبدالله سولنگي (٧) خليفه وڏيرو حاجي محمد (٨) خليفه حاجي مير محمد سيال (٩) خليفه مير محمد شاه سجاول (١٠) خليفه

مير محمد ملوڪ (١١) خليفہ قاضي جمال الدين (١٢) خليفہ حاجي محمد سليمان مڪة المڪرم وارو، (١٣) خليفہ محمد اڪرم راولپنڊي حال سانگھڙ (١۴) خليفہ حاجي نظر محمد مدينہ پاڪ(١٥) خليفہ محمد وارث مرحوم (١٦) خليفہ علي محمد ملاح منڇر (١٧) خليفہ دريا خان ملاح منڇر (١٨) نعمت الله قريشي صاحب

سندن اولاد ۾ موجوده سجاده نشين حضرت محمد اشرف صاحب هڪ پرهيزگار ديني جذبو رکندڙ نهايت خليق انسان آهي، ۽ پنهنجي والد صاحب واري مشن کي جاري رکندو اچي، پاڻ پنهنجي اولاد جي تربيت ۽ ديني تعليم جو بهتر بندوبست ڪيو اٿس، درگاهہ شريف تي مان ۽ منهنجا ٻہ ساٿي حاجي عبدالڪريم چانڊيو ۽ ڪامريڊ غلام الرسول چانڊيو عرف ٻگن پهتاسين تہ اسان کي وڏو روحاني سڪون مليو. سجاده نشين جا ٻہ فرزند جناب آغا جان ۽ خليل احمد دستار بند عالم آهن،خليل احمد صاحب فقيري ڏي گھڻو مائل آهي، مدرسي جو ڪم بہ ان جي حوالي آهي، سندن پاڻ خورشيد احمد صاحب نيڪ ماڻهو آهي، سماجي ڪمن ۾ مصروف آهي، دعا آهي تہ درگاهہ شريف جو فيض هميشہ جاري ساري رهي، آمين حضرت فقير محمد وبهڙائي جن تاريخ ١٢ جمادي الاول ١٣٧٦هہ آچر ڏينهن رحلت فرمائي.

# مولانا محمد شفيع پاٽائي رح

سرزمين سنڌ هڪ پلاري پوڻ آهي. ان جي هر خطي جي خوشبوءِ پنهنجي پنهنجي آهي. ان ۾ پاٽ شهر جن شخصيتن کي جنم ڏنو آهي جيڪي علمي گوهر ۽ موتي مٽيادار پيدا ڪيا آهن، انهن ۾ مولوي محمد شفيع صاحب جي شخصيت شامل آهن. مولانا محمد شفيع ١٨٣٥ع ڌاري پيدا ٿيا. سندس والد حضرت مولانا احمد صاحب هئا. جيڪي پنهنجي وقت جا وڏا عالم ۽ مفتي ٿي گذريا آهن. ميرن جي صاحبيءَ واري دور ۾ پاٽ ۾ ميرن طرفان مقرر ڪيل قاضي پڻ هئا. ميرن وٽان ڪيس جاگير مليل هئي ۽ سيوهڻ جي مفتي مخدوم عبدالواحد صديقيءَ کي جيڪا مغلن طرفان جاگير مليل هئي ان ۾ پڻ سندس حصو هيو. محمد شفيع پاٽائي اڃا ستن سالن جو هيو ته سندس والد انتقال ڪري ويو. اهو غالبا انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ جو شروعاتي دور هيو. انگريزن حڪم ڪيو ته جن وٽ جاگيرون آهن، اهي پنهنجن جاگيرن جي سند ڪٿي اچي سندون نيون

جيئن تہ مولانا شفيع محمد ۽ سندس وڏو ڀاءُ علي گوهر صغير هجڻ جي ڪري سندون نيون نہ ڪرائي سگهيا جنهن ڪري سندن جاگيرون ڪانئن هليون ويون.

حافظ محمد شفيع ابتدائي تعليم مخدوم مولانا فضل الله سيوستاني (جيڪو پوءِ لڏي اچي پاٽ ۾ وينو) وٽ حاصل ڪيائون. وڌيڪ علم ڦلجي جي پرسان ڪن وڏن عالمن وٽان حاصل ڪيائون. کيس علم حاصل ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هو، ايتريقدر محبت هئي جو هر روز ست ميل پنڌ ڪري پڙهڻ ويندو هو. هڪ دفعي ڪين مولانا لاءِ ڏيئي ٻارڻ جي ضرورت پئي، چقمق نہ هجڻ ڪري ٻہ ميل پنڌ ڪري ٽاندو ڪٽي اچي ڏيو ٻاريائون، پر مطالعي ۾ ناغو نہ وڌائون.

پندرهن سالن جي عمر ۾ دستاربندي ڪيائون. هڪ سال اندر قرآن ڪريم جو حفظ ڪيائون، پاڻ بلند پائي جا ذهين ۽ زبردست قوت حافظي جا مالڪ هئا. ايتريقدر جو تفسير، حديث، فقه، جي ڪتابن جا حوالا ست صفحي سان ياد ڏئي ويندا هئا. پاڻ سنسڪرت جا بہ ماهر هئا، باطني فيض خياري (ضلع نوابشاهہ) وارن بزرگن وٽان، نقشبندي سلسلي ۾ حضرت ميان محمد يوسف کان حاصل ڪيائون، جن جو اشارو کيس مخدوم بلال رحمة الله عليه اسخارا ۾

ڏنو هين. سندس زهد، تقـــويٰ ۽ بزرگيءَ جي هاڪ ملڪان ملڪ مشهور هئي. پاڻ سنڌ جي ڪيترن مسجدن ۾ ڏها ۽ چلا ڪديائون، روهڙي واري وار مبارڪ وري مسجد ۾ ڏهي ۾ قصيدي بردي جو ترجمو لکيائون، جيڪو هڪ وڏو ڪمال آهي. نفساني خواهشن تي ڪنٽرول ۽ ملڪوتي قوت پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ تذڪي نفس لاءِ صوفين وٽ رياضت ۽ عبادت ڪرڻ ضروري آهي. ان سلسلي ۾ پاڻ پاٽ شريف جي جامع مسجد ۾ چلا ڪديائون. هڪ دفعي يارنهن مهينن جو چلو ڪديائون، جنهن ۾ انين پهر فقط هڪ ڪارڪ ڪائي روزو ڪوليندا هئا. پاڻ وڏا عامل هئا، ان ڪري سندن لفظن ۾ ڪرامت ۽ اثر هيو، ڪيترائي مريض سندس عمل سان شفاياب ٿي ويندا هئا. خياري شريف مشهور درگاره آهي جيڪا نواب شاه کان ٧-٨ ڪلوميٽرن تي آهي هينئر سجاده نشين جيئن چوندو هو ائين ٿي پوندو هو. پاٽ جو ذميندار نالي محب نبي وڏو ظالم، هيو، پاٽ جي مسجد جو ڪم هلي رهيو هو ان ظالم زميندار رازن ۽ ڪاريگرن کي مسجد جي ڪم کان منع ڪئي. بزرگ جي چوڻ جي باوجود به نه مڃيائين. حضرت محمد شفيع صاحب کيس جوش ۾ اچي هڪ طويل شعر ۾ پاراتو ڏنائون، ان شعر جي شروعات هن

هي مسجد محب نبيءَ جي پيڙهي پنائي.
وڏيرن ويچارن جي وائي وجائي!

آخر ٿيو بہ ائين جو ان زميندار جي زمين ختم ٿي ويئي ۽ سندس اولاد جي حالت ڪسمپرسيءَ واري ٿي ويئي. شريعت جو سخت پابند هو. ڪهڙيِ بہ ڳوٺ ۾ شريعت جي خلاف ورزي ٿي انهي وجي تعذيرون ڏئي ايندا هئا. هر جاءِ تي تبليغ ڪيائون، ڪيترائي هندو سندس تبليغ ڪري مسلمان ٿيا. پاڻ قادرالڪلام وڏو شاعر هو. سندن سنڌي ڪلام تمام گهڻو آهي. سنڌي سان گڏوگڏ فارسي، عربي ۽ سرائڪيءَ ۾ بہ شعر چيو اٿس.

تبليغ سندن اهم مشغلو هيو ان ۾ ڪنهن بہ قسم جو خوف محسوس نہ ڪندا هئا. دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ ان وقت جي دادو سب ڊويزن جي ڊپٽي ڪليڪٽر مسٽر پارومل کي شعر ۾ مسلمان ٿيڻ لاءِ خط لکيو جيڪو شعر سندن پوين وٽ محفوظ آهي.

مولانا محمد شفيع جي نبي صلي الله عليہ وسلم سان بي انتها محبت هئي، ان جو ثبوت سندس قصيدي بردي جي منظوم سنڌي ترجمو آهي، جنهن جو شروعاتي ٽڪرو هيٺ

امن تذكر جيران بذي سلم
كين سبب سار جي سجڻ پرين پاربچا
مذجت دمعا جريٰ من مقلة بدم
هاربئي هنجون هيج مون گذي رت ڦڙا
لم هبة الريح من تلقاء كاظمة
يا وربا واء وصال جا سجڻن سامهان
او امض البرق في الظلماء من اضم
يا چمڪي وڄڙي رات ۾ پرينءَ جي پارا
فما لعينيک ان قلت اكففا همتا
اکين ڪجاڙو آهه جي چوين بس وهن!
وما لقلبک ان قلت استفق بديهم
قلب کوهه ٿئي چو هوش ڪر ٿئي منجهان حيران
ايحسب العسب ان الحب منك منكتم
كنئن پائنئن عاشق الوٽ ٿو تہ محبت لکندي

قصيدي بردي جو سنڌي تڪري جو آخري حصو

وائذن لسحب صلواة منک دائمة
دائم ڪڪرن رحمت جي کي ڏي موڪل رب رزاق
علي النبي بمنهل ومنسجم
وهن وسن وڏڦڙا مٿي پيغمبر پاک
سارنحت عذبات البان ريح صبا
جيئن چوري ناربون بانس جون سندو وصبا واء
واطرب العيس ها والعيس بالنخم
انن کي هٿار ڏي خوشي سرور ساء

رب صـل وسـلـم دائـمـــــــا ابـدا
علیٰ حـــبـــيــبـک خيــر الـخلق کلهم
اي مـــالک ملکـــوت جا واحـــد لاشـــريک
تنهنجي احــســـانن جا آهن بحــر عــمـيق
مـون جيـهـي مـسـکين کي ڏنئي توفـيق رفـيق
ترجمـو کيم بردي چوکي قـدر طاقت ۽ تحقـيق
نقطا نازک عـــربيءَ ۾ لـکلّ هئـــا باريک
مـون جيـهـا کينئن سـمجهندا لا يعقل لا يليق
سنڌيءَ عـــربي وچ ۾ طـول وڏا تـفــــريق
کوڏا بـرابر کيـــئن ٿين يماني عــــقــيق
حـــاســـد هزارين اٿم جي کدين ويک وڏيک
اي عــيـب پوش عــالم جا، شـهنشـاه شـفـيق!
رسـائج رسـول کي هي "شــفــيع" جي تصـديق
اهل عــيـــال اولاد کر فـرمـــانـبردار فـــريق
سنگت سـپ صـالح کر ۽ نيـکـبـخت خليق!
انهن کـــان آزار کر جي غفلت منجهـــــ غريق
قـرب ڏيارج کلمي سين ۽ طبـاعت جي توفـيق!

هک ٻئي نظم جو ٽکرو

حـمـد هزار حـکـيم جا جوڙي عـجب عـجاب
امـرالسـتي نـاهيـائين ۽ حـکـمت سين هر باب
مـــافيٰ جو مـحـــبـوب جهـــڙو گل گـلاب
ان جي احــســـانن کي نـــاهي حـد حــســـاب
ذات ڏنـائين اهڙي جا منجهـــــ خيــــال نـــ خواب

محمد شفيع صاحب جي عربي شعرن جو نمونو:

جميع المحامد لرب العباد علیٰ ما هدانا سبيل الرشاد
ولقیٰ علي الارض وتد جبار وخلق السموات دون العماد
وهو يخرج الحي من الميت ويخرج من الحي ميتا اراد
سميع بصير غفور الرحيم ومنه المبادي اليه المعاد
علیٰ كل شيءِ قدير وكيل حفيظ حبيب له الانقياد

فارسي شعر جو نمونو:

ما مقيمان شرح مختاريم رخ بقانون دون نبي آريم
عندليبان بيفئه اسلام جابجا نوبنو بگلذاريم
موغ شارخ درخت توحيديم درة الناج شرع سرداريم
جا اميد دليل شرع نبي فارغ از مكروشر مكاريم

حضرت مولانا محمد شفيع جن جي مٿين شعرن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هو وڏي مطالعي،مشاهدي وارا عالم هئا. ڪين عربي، فارسي، سنڌي، سرائڪي زبانن تي وڏو عبور حاصل هو. نبي صلي اللهعليه وسلم ۽ شريعت جي فرمانبداري سان ڪيس تمام گهڻي محبت هئي. پاڻ بہ شاديون ڪيائون ڪيس بہ پٽ ٿيا. هڪ محمد احسان ۽ ٻيو عبدالواحد، انهن مان محمد احسان کي وري هڪ پٽ محمد شفيع ٿيو. جيڪو حيدرآباد ڪاليج ۾ عربيءَ جو پروفيسر ۽ ملامڪتب اسڪولس جو ڊئريڪٽر ٿي گذريو آهي. هو هڪ متقي، عابد، زاهد انسان هو. ان جو وري صاحبزادو فقير عبدالوحيد صديقي جنهن سان راقم الحروف جا گهرا تعلقات آهن. اج ڪلهہ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي وڪالت ڪري رهيو آهي. هو بہ هڪ سجاڻ ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو آهي. سي- ايس پي آفيسر پڻ رهي چڪو آهي.

سائنسي روحانيت جو بنياد وجهندڙ آهي. مذاهب عالم بني نوع انسان جي ترقي لاءِ آهن مذاهب جو ڪم ماڻهن ۾ محبت ۽ پيار پيدا ڪرڻ آهي. ان موضوع تي ليڪچرن جو اهتمام ڪندو رهي ٿو.

حضرت مولانا محمد شفيع ٦٣ تيهٺ ورهين جي ڄمار ۾ ١٨٩٨ع ۾ وفات ڪري ويو.

فارسي جا شعر:

يا رسول خدا رحم ڪن　زاريءَ من بين تڪلم ڪن
مشڪل آسان ڪن　من جبنسم نما تبسم ڪن

يا من لم يشبع من خبر الشڪير　يا من اختار الحمير علي السرير
يا من لم نيم اليل ڪله　من خوف عذاب رب الشعير
نمودي نہ سيري ذنان شعبر　گذيري يدل بوريا برسرير
نخفتي همه شب شفيع الوريٰ　ذخوف عذاب خدا اي سعير
اي نڪردي سيدي رازنان شعير　اي گذيري بوريا برسرير

# شفيع محمد سودائي "مسجدي"

مولانا جيد علم، مفتي، محقق ۽ بهترين قسم جو شاعر هو. سندن پيءُ جونالو ولي محمد تخلق مسجدي هو. ڳوٺ جو بنياد به مولانا جي وڏن وڌو. سندن ذات سوڍر هئي. سندن وڏا قضاجي عهدي تي فائز هئا. تنهن کري اڪثر ڪين قاضي سڏيو ويندو هيو. سيد مصري شاه خيرپور ناٿن شاه وارا به انهيءَ ڳوٺ ۾ پڙهائيندا هئا.

مولانا صاحب مسجدي قرآن ۽ فارسي اشرف سوڍاري جي ڳوٺ ۾ پڙهيو. انهيءَ ڳوٺ ۾ تي پائر تي ئي وڏا عالم هئا. ١- مولانا غلام محمد ٢- مولانا غلام الرسول ۽ مولانا غلام النبي ٽئي وڏا عالم هئا. عربي، فارسي ۾ سندن ڪوبه ثاني ڪونه هو پويان ٻئي وڏا شاعر هئا. غلام محمد صاحب جن جوتفصيل ضياءُ الدين بلبل جي تذڪري ۾ اچي چڪو آهي. مولانا غلام الرسول جوخطبو مشهور آهي. جنهن ۾ مطلع ۽ مقطع هي آهي:

ثناءً وفير وحمد كثير

لمن هو علىٰ كل شيءٍ قدير

ليدعو هو بباىك غلام الرسول

فانك له باالاجابة جدير

قرآن جي تعليم کان پوءِ صرف ۽ نحو مولانا صاحب حافظ عبدالله نابينا (پيري) تعلقه ميهڙ ۾ پڙهي. حافظ خودهڪ وڏو عالم هيو. هوظاهري اکين کان نه معذور هيو پر

سندس ٻولي پختي ۽ شعر سنجيده هيو. پاڻ عربي، فارسي، سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪيائون.

مولانا کي تصوف سان گهري دلچسپي هوندي هئي. سندن ڪچهري جو موضوع گهڻو ڪري تصوف جون ڳالهيون هونديون هيون. ان سان گڏ مولانا سياست سان به لڳاءُ رکندا هئا. پاڻ اخبار مدينه جا مستقل خريدار هئو. جيڪا ان وقت جي لحاظ کان پوري برصغير ۾ صحافت جي لحاظ کان به اعليٰ مقام رکندي هئي. ٻي عظيم جنگ جي وقت هٽلر شاهي جيڪي فتحون حاصل ڪيون ۽ ان وقت دنيا ۾ جيڪا تبديلي پئي آئي وقت ۽ حالتن جي ڄاڻ لاءِ سندن اوطاق ۾ ايشيا يورپ جا نقشا ٽنگيل نظرايندا هئا.

پان کي آخرتائين بين الاقوامي حالات کان واقف رکندا آيا. مولانا صاحب شاهه ولي الله کي پنهنجو مرشد سمجهندو هئوءِ فرمائيندو هئو ته جيڪوشخص شاهه ولي الله کي مطالع ڪندو ان کي قرآن ۽ حديث سمجهڻ ۾ ڪنهن به قسم جي تڪليف نه ٿيندي. مولانا کي وڏن کان مليل زمين ڪافي هئي. پر پاڻي جي قلت جي ڪري آبادي گهٽ ٿيندي هئي. ان جي باوجود پاڻ صبر سان وقت گذاريندا هئا. هڪ دفعي پنهنجي شاگرد مولانا الاهي بخش ٻانهي لاڪير وارن کي خط لکيائون جنهن ۾ اهڙي قسم جو جملو لکيائون.[٣] فلاشڪويٰ فان خيرالزادالتقويٰ[٤] (ترجمه تنگدستي جي ڪري شڪايت نه ڪرڻ گهرجي. ڇوته بهترين توشوتقويٰ آهي) نيٺ سندس صبر ۽ تقويٰ پنهنجو رنگ ڏيکاريو. بيراج نڪتو سندن زمينون آباد ٿيڻ لڳيون. تنگدستي ختم ٿي وئي. خوشحالي ۽ رزق جي ڪشادگي ٿي وئي. هونئن ته پاڻ اڳي ئي سخي ۽ مهمان نواز

هئو. پرخوشحالي کان پوءِ وڏيڪ ان ۾ اضافوا ڇي ويو.

مولانا صاحب جي سوچ ڪافي حدتائين جديديت ڏانهن مائل هئي. پاڻ ١٣٦٤هه ۾ هن فاني دنيا کي الوداع چئي شهر خموشان ڏانهن راهي ٿيو. کيس ٻه فرزند ٿيا. ميان ولي محمد ۽ ميان محمد شافع.

# بهترين مبلغ، خوش الحان خطيب، واعظ الاسلام
## حضرت علامه مولانا
# محمد سليمان نوناري صاحب

مـري تان مر مـيهـار، وتـاڻ ولـهـومر ٿئي.
وڇن جي وچار جو ونگـو ٿـئـي مر وار،
ساهڙ مون سينگار، ماڻهن ليکي ميهڻون
**(شاهه)**

سنڌ سـونهـاري جي مـٽي ڪيـتري نہ مـان شـان واري آهي. هي پوڻ هيـرن جي کاڻ آهي جنهن مان لا تعداد هيـرا ۽ بي شمار املهہ ماڻڪ نڪري نروار ٿيا آهن.

سنڌ جي خميري مان ڪيئي صوفي با صفا، الله لوڪ فـقـيـر، عـبـادت گذار درويش، بي بدل عـالم، لاثاني محدث، بهترين مفڪر ۽ محقق، بلند پايہ اديب، شاعر، اسڪالر، مايہ ناز، فنڪار ۽ راڳي پيدا ٿيا آهن.

سنڌي مـاڻهـو ۾ قـادر پنهنجي قـدرت سـان بي شـمـار خوبيـون رکـيـون آهن. ڪنهن ۾ هڪ خوبي، ڪنهن ۾ ٻہ

خوبيــون تـہ ڪنهن ۾ وري هڪ ئي جاءِ تي ڪيــئي خوبيــون موجزن هونديون آهن.

اهڙين هستين مان حضرت علامہ مولانا محمد سليمان نوناري بہ آهي جيڪو پنهنجي زماني جو بهترين مبلغ ۽ خوش الحان خطيب هو، جنهن کي سنڌ جا ماڻهو "واعظ الاسلام" جي نالي سان ڄاڻندا سڃاڻندا آهن. هي صاحب عظيم مرتبي وارو عالم بہ هو تہ مناظر اسلام بہ هو. محفلن جو مور بہ هو تہ مجلسن جو سينگار بہ هو.

مولانا محمد سليمان نوناري صاحب ١٢٨٩هہ بمطابق ١٨٧٠ع ۾ ضلعي دادو تعلقہ ميهڙ جي قديم بستي ٿرڙي محبت ۾ ڄائو هو. شروعاتي تعليم ڳوٺ جي وڏي عالم حضرت مولانا محمد صادق گلال کان ورتائون ان کان پوءِ فارسي ۽ عربي جي تعليم مولانا عبدالعزيز ڪنير ڳوٺ ملڪ متصل ميهڙ ۽ مولانا عبدالله نوناري رتوديرو کان وٺي دستار فضيلت ڪيائين. درس وتدريس جي سلسلي ۾ سنڌ جي ڪيترن وڏن نالي وارن مدرسن ۾ تعليم ڏنائين. درگاهہ راڻي پور شريف ۾ بہ تدريس جو ڪم ڪيو هيائون. خود پير محمد صالح شاهہ راڻي پور واري کي بہ قرآن شريف حضرت مولانا محمد سليمان نوناري صاحب جن پڙهايو هو، زندگي جو گهڻو حصو ڳوٺ الله بخش جهتيال تعلقہ ميهڙ ۾ درس ڏيندي گذاريو هيائون. سنڌ جي ماڻهن جي جهالت ۽ لاعلمي ڏسي دين جي تبيلغ لاءِ اٿي کڙو ٿيو. تقريبن سنڌ جي هر ڳوٺ ۽ شهر ۾ واعظ ڪيائين. مولانا جي خطابت ۾ جوش ۽ ولولو هوندو هو هن جي سمجهائڻ جو انداز آسان ۽ سادو هوندو هو. ان جي

ڪري هن جي واعظ کي پسند ڪيو ويندو هو.

خلافت تحريڪ ۾ سيد علي اڪبر شاهه ميهڙ واري سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪيائين. ڪيترا دفعا مولانا جي گرفتاري لاءِ انگريز سرڪار حڪمنامه جاري ڪيا. پر جڏهن مولانا جو واعظ ٻڌائون ته هنن تي اينرو اثر ٿيو جو اهي سرڪار جا نمائندا مولانا جا معتقد ٿي پيا ۽ گرفتاري جا آرڊر واپس ڪٽي هليا ويا. ڳالهه ڪن ٿا ته حد جي ڪليڪٽر کي انگريز سرڪار حڪم ڏنو ته مولانا جي تقرير قلمبند ڪري ته جيئن مولانا تي ڪيس داخل ڪري سگهجي هو صاحب مولانا جي تقرير لکڻ لڳو وچ تقرير ۾ هن جا هٿ ڏڪڻ لڳا ۽ هو بي هوش ٿي ويو. جڏهن هوش ۾ آيو ان وقت چيائين ته مون کي مسلمان ڪريو، ڇو ته منهنجي بچڻ جي ڪا اميد ڪا نه آهي. مولانا چيس ته توهان درگاهه امروٽ شريف وڃي مسلمان ٿي اچو.

مولانا ۾ فيصلي ڪرڻ جي وڏي قوت هوندي هئي. انگريز سرڪار جي وقت ۾ هتان جا ڪليڪٽر مقدما مولانا نوناري صاحب ڏانهن موڪليندا هئا ته اوهان هنن جو فيصلو ڪريو. مولانا انهن جي ڳوٺن ۾ ويندو هو پهريان انهن کي واعظ نصيحت ڪندو هو ٻنهي ڌرين کي حق جي تلقين ڪري خدا جو خوف ڏياري صلح ڏانهن آماده ڪري پوءِ انهن جو فيصلو ڪندو هو. انگريز سرڪار ڪانسواءِ راڄن ۽ ڳوٺن جا چڱا مڙس به مولانا ڏي فيصلي لاءِ ماڻهو موڪليندا هئا. پاڻ قرآن شريف ۽ حديث پاڪ جي روشنيءَ ۾ انهن جا مقدما ۽ مسئلا حل ڪري انهن کي ڪير ڪنڌ ڪري ڇڏيندو هو. اينري

تائين جو خود سادات گهرائي جا فيصلا بہ مولانا کي امين سمجهي ان کان ڪرائيندا هئا.

مولانا محمد سليمان ظاهري علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ باطني علم جي حصول لاءِ حضرت مولانا محمد عمر جان چشموي جي هٿ تي بيعت ڪري ان جا مريد ٿيا هئا. هر ماهہ پهريون جمعو شهيد مخدوم بلال تي حاضر ٿي زائرين کي واعظ نصيحت ڪندو هو. مولانا توحيد باري تعاليٰ جو متوالو هوندو هو. ان ڪري شرڪ، الحاد، ۽ رسومات جاهلي کان سختي سان منع ڪندو هو. مولانا جا سنڌ ۾ ڪيترا وڏا زميندار ۽ وڏيرا بہ معتقد ۽ مريد هوندا هئا. سردار واحد بخش ڀٽو بہ مولانا نوناري جي پرستارن مان هڪ هو. هن مولانا کي پنهنجي خرچ تي بيت الله جو حج ڪرايو ۽ وظيفي طور هر سال هڪ خرار ان جو بہ مولانا کي ڏيندو هو.

مولانا محمد سليمان نوناري صاحب کي دين جي تبليغ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو. رات ڏينهن واعظ جي سلسلي ۾ سفر ڪندو رهندو هو، تقريبن مهيني جا پنجويهہ ڏينهن گهر کان ٻاهر تبليغ جي ارادي سان ويل هو، هن جي واعظ ۾ ايترو اثر هوندو هو جو هندو مسلمان ٿي پوندا هئا ۽ گنگهار ماڻهو گناهن کان توبہ ڪري نيڪو ڪار بڻجي پوندا هئا.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ دفعو دادو ۾ بازار حسن جي ويجهو تقرير دلپذير ڪري رهيا هئا پاسي ۾ عورتون مولانا جي تقرير جو آواز ٻڌي رهيون هيون واعظ ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪيتريون بدڪار عورتون پنهنجي غليظ پيشي کان توبہ تائب ٿيون ۽ چيائون تہ مولانا اسان کي نيڪ صالح مردن سان

شرعي نڪاح ڪراءِ تہ اسان باقي زندگي عزت ۽ شرافت سان گذاريون.

هڪ دفعي حيدرآباد جي پڪي قلعي ۾ تقرير ڪري رهيا هئا تہ اتان جا هندو عرض ڪٽي آيا تہ مولانا مهرباني ڪري توهان تقرير نہ ڪندا ڪريو، ڇو تہ اسان جا نوجوان ۽ عورتون توهان جو واعظ ٻڌي زوري مسلمان ٿي پون ٿيون.

مولانا بلند پائي جو شاعر ۽ اديب بہ هو شاعري ۾ هن جو لقب مسڪين هو. هن جي شعر ۾ توحيد، رسالت، شان صحابہ کان سواءِ معاشري جي اصلاح ۽ امر نهي هوندو هو.

مولانا محمد سليمان نوناري صاحب طبيعت جو نهايت سادو هوندو هو ۽ سادي زندگي بسر ڪرڻ کي اوليت ڏيندو هو، تصنع، ڏيکاءُ ۽ رياءُ کان بلڪل عاري هوندو هو، پوري زندگي هڪ سادي ۽ ڪچي مڪان ۾ رهائش اختيار ڪئي هئائون.

مولانا کي پنهنجي ذاتي ملڪيت صرف نو جريب زمين جا هئا ان تي سندن جو گذر سفر هوندو هو، تبليغ دين ۽ واعظ جو ڪو بہ معاوضو ڪو نہ وٺندا هئا، مسلسل تقريرن ڪرڻ ڪري مولانا کي عارضہ قلب ٿي پيو. ڊاڪٽر ايم، اي، عباسي حيدرآباد واري کين چيو تہ توهان جو علاج ٿيندو بشرطيڪ توهان هاڻي تقريرون نہ ڪندؤ. مولانا محمد سليمان چيو تہ مون کان اهو هرگز ٿي ڪو نہ سگهندو. مان زندگي جي آخري گهڙي تائين تقرير ڪندو رهندس. منهنجي تقريرن کان سواءِ سري ڪا نہ سگهندي.

پاڻ ١۴ شعبان ١٣٦٧هہ مطابق ١٩۴٨ع تي هن فاني

دنيا مان رخصت ڪري ويا جنازي نماز مولانا سيد علي گلال پڙهائي ۽ ڪين ڳوٺ جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

مولانا ٻہ شاديون ڪيون هيون پهرين مان اولاد ڪو نہ ٿيو، وري شادي ڪيائون جنهن مان ٽي نياڻيون ۽ ٻہ پٽ ڄاون، هڪ جو نالو عبدالرحمن ۽ ٻئي جو نالو عبدالرحيم آهي.

# مولانا عبدالڪريم ڏيرو رحمة الله عليه

زاهد، عابد، تقويٰ جا صاحب، نفع ۽ ڏيکاءَ کان عاري، قطب الزمان حضرت مولانا عبدالڪريم ڏيرو صاحب ضلع دادو ١٣١٥هه ۾ پيدا ٿيا. مولانا صاحب جي والد محترم جو نالو الهه ورايو هو. جيڪو پاڻ وڏو عبادت گذار ۽ هڪ نيڪوڪار انسان هو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتائين. ان کان پوءِ ڪجهه تائيم مولانا محمد اسماعيل ڪنڊي واري وٽ پڙهيا. جيڪو صرف ۽ نحو جو وڏو ماهرهو. ان کان پوءِ عربي حضرت مولانا الاهي بخش ٻانهي لاڪير وٽ پڙهيا. سندن مزاج ۾ شهرت نالي کان نفرت هوندي هئي. ان ڪي بلڪل پسند نه ڪندا هئا. تنهن ڪري دستاربندي نه ڪيائون. بس پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو قائم ڪيائون. پڙهائڻ جو سليقو سولو ۽ سهنٽو رکيائون. اينتري قدر جو سندن شاگرد ٿوري عرصي ۾ عربيءَ ۾ تقرير، تحرير جا ماهر ٿي ويندا هئا. پاڻ پهريائين پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهائيندا هئا پوءِ ڳوٺ گاهي مهيسر ۾ جتان جا زميندار خواجه محمد حسن جان سرهندي رحمة الله عليه تنڊي سائينداد وارن جا معتقدهئا. خواجا صاحب ڳوٺ گاهي مهيسر (١) ۾ مدرسو قائم ڪرايو. جنهن لاءِ مدرس جو انتخاب حضرت ديروي صاحب کي ڪيو ويو. خواجه صاحب جي اسرار تي ڳوٺ مان چڏي گاهي مهيسر ۾ پڙهائڻ لڳا. ڪافي تائيم تائين اتي پڙهائيندا رهيا. بعد ۾ حضرت سيد علي اڪبرشاهه جن جيڪي سندن شاگرد هئا. انهن ميهڙ ۾ مدرسوقائم ڪيو. جنهن ۾ اچي

پڙهائڻ لڳا ۽ آخر تائين ان مدرسي ۾ پڙهائيندا رهيا. اهو مدرسو اڄ تائين قائم آهي. راقم الحروف جي والد صاحب حضرت مولانا ڪريم بخش صاحب جي سرپرستي ۾ هلي رهيو آهي.مولانا ديروي صاحب حقوق العباد جو وڏ ۾ خيال ڪندا هئا. معاشري ۾ ڪنهن سان به نه زيادتي ٿئي ان جو تمام گهڻو خيال ڪنداهئا. شاگردن ۾ به ان قسم جي خيالات ۽ عادت وجهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ڪين طريقت ۽ تصوف جي راهه تي هلڻ جوشوق پيدا ٿيو ان سلسلي ۾ هندستان پرجو سفر ڪيائون، نيٺ آخر طريقت جي سلوڪ لاءِ سندن نظر انتخاب حضرت خواجه خواجگان مرجع اهل زمان، خواجه محمد جان صاحب چشموي رحمة الله‌عليه تيا ۽ ان جا دست بيعت ٿيا. هر سال ڪجهه تائيم حضرت صاحب جن جي صحبت ۾ وجي رهندا هئا. پاڻ تعليم سان گڏ تربيت تي زور ڏيندا هئا. شاگردن ۾ تصوف جو صحيح روح ڦوڪي ڇڏيندا هئا. علم تصوف ۽ اخلاقيات متعلق ڪتاب پڙهائڻ جو اهتمام ضرورڪندا هئا. امام غزالي رحمة الله‌عليه جا ڪتاب بداية الهداية ۽ ڪيميائي سعادت ضرور پڙهائيندا هئا. سندن ترجمون ڪيل ڪتاب اخلاق نامون اربعين في اصول الدين، جو ترجمو آهي جيڪو سيدعلي اڪبر شاهه چپرايو ۽ پوءِ مدرسي ۾ پڙهايو ويندو هو. تصوف ۽ اخلاقيات جي تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ وڏ ۾ وڏ ڪوشان رهنداهئا. قرآن شريف کي صحيح قرات ۽ قانون سان پڙهڻ جو رواج به خاص طور تي سنڌ ۾ ديروي صاحب وڌو. فن تجويد کي عام ڪرڻ ۾ سندن هٿ هو. ان کان اڳ اهو فن سنڌ ۾ ختم ٿي چڪو هو. سندن ڪوشش سان سندن شاگرد عربستان تائين علم

استادي القرئ جناب قاري محمد ديروي صاحب به شامل هئا. جيڪي سندس ناني پڻ هئا. سنڌ ۾ مختلف جاين تي قرات ۽ تجويد جا دورا ڪرايائون. مدرسن ۾ خاص قاري مقرر ٿيڻ لڳا. قرات جاالڳ مدرسا قائم ٿيا.

ديروي صاحب حقوق العباد جي سلسلي ۾ هڪ وصيت نامون رکنداهئا جنهن ۾ حقوق وغيره لکندا رهندا هئا. ڪنهن کان جيڪڏهن ڪو ڪتاب مطالع لاءِ وٺندا هئا ته ان جي پوري ادريس نالو وغيره پاڻ لکي رکندا هئا. پڙهڻ کان پوءِ ڪتاب جي واپسيءَ جو پورو پورو انتظام ڪندا هئا. ديروي صاحب اخلاق حميده نوڙت ۽ انڪساري جا پيڪر هئا. شاگردن جي خدمت پڻ هڪ خادم وانگر ڪندا هئا. انهن کي صرف پڙهڻ جي دوران استاد محسوس ڪرائيندا هئا. پاڻ هڪ ديني نصاب ترتيب ڏنائون جيڪو عالمن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جو ارادو ڪيائون پر افسوس جو سندن زندگي وفا نه ڪئي. ديني فرائضن جي ادائگي جو وڏو اهتمام ڪندا هئا. زندگي ڪي شريعت مطابق گذارڻ جا شديد قائل هئا. ستر ۽ پردي جا حد کان وڌيڪ قائل هئا. ان تي انتهائي سختيءَ سان عمل ڪرائيندا هئا. سندن تصنيفات ڪافي آهن. انهن مان ڪن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

١- اخلاق نامه امام غزالي ٢- اعتقاد نامو، امام رباني ٣- فوائد دينية ۴- هداية نامه امام رباني ٥- تعليم القرآن ٦- معلم القراة ٧- فضائل آل اصحاب ٨- قصو پير دستگير ٩- نصيحت نامون پير دستگير ١٠- قصوامام رباني ١١- ڪرامات اولياءَ الله، ١٣ نصيحت نيڪ ١۴- نصيحت قرآن ١٥- نصحت ذڪر ١٦- ضروري مسئلا ١٧-

ديباچئہ فقہ حنفي ١٨- ڪتاب الصلاة سنڌي ١٩- قوائد عربي ٢٠-قوائد فارسي ٢١- دلائل وجوب التجويد ٢٢- معجزن جوڪتاب ٢٤- مولودن جو ڪتاب ٢٥- عريضئہ اضعف العباد في مسئلہ الضاد ٢٦- اعلام العباد في مسئلہ الضاد. سندن وفات حسرت آيات ١٨ رجب ١٣٧٣ ھہ ۾ ميهڙ شهر ۾ ٿي. سندن ان وقت عمر ٽيهن ورهہ هئي. سندن مشهورشاگرد هيٺيان آهن.

مولوي عبدالغفور بهاولپور ضلع دادو ٢- مولوي محمد يوسف ڏيپر مسجد انجڻ شيڊ ڪوٽڙي ٣- مولي قاري احمد صاحب چارڻ مدرس مدرسه عربيه اسلاميه مولهڻ لڳ ٺارو شاهہ،٤- مولانا عرض محمد سانگي معلم جامع عربيه ٥- مولانا درمحمد پنهور، مولانا علي محمدگلال لڳ ٽاٽڙي (بادهہ) مولوي عبدالڪريم دڪڻ، مولوي حڪيم قطب الدين صاحب پٽڙا قاري محمد صاحب ڏيرو، قاري احمد صاحب سندن فرزند ارجمند آهن.

جيڪي زبردست خوش الحان قاري آهن، هينئر شهداد ڪوٽ ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ عربي جا استاد آهن، ۽ سندن پوٽو عبدالڪريم اڄڪلهہ پارڪو ۾ انجنيئر آهي جيڪو پڻ بااخلاق، ذهين ۽ خدمت گذار انسان آهي.

# مولانا الحاج الاهي بخش (ايري)

ميهڙ جي مردم خيز خطي جن عالمن، عارفن، فقيرن ۽ صالحن کي جنم ڏنو آهي ان ۾ حضرت مولانا الاهي بخش ٻانهي لاکير وارن جو نالو سرفهرست آهي. سندس وڏا اصل ٻاڳناڙي جا هئا، اتان زماني جي گردش ڪري اچي "ٻانهو لاکير" تعلقي ميهڙ ۾ رهيا. مولانا صاحب جن جي پيدائش به اتي ئي ٿي.

پاڻ قرآن شريف ان وقت جي هڪ عابده زاهده ۽ نيڪ عورت مائي فاطمه لاکير وٽ پڙهيا. (جنهن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ ٿيل آهي) قرآن ڪريم ختم ڪرڻ کان پوءِ ڳوٺ جي هڪ پيرسن حافظ فتح محمد جي همٿائڻ تي سندس ڳوٺ جي ويجهو روات خان لغاري ۾ پرائمري اسڪول ۾ سنڌي پڙهڻ لڳا. سنڌي سان گڏ وقت جي فارسي جي ماهرن ۽ انشا پرداز جناب مرحوم ماستر محمد اعظم وٽ پڙهيو. ڇهن درجن سنڌي سان گڏ فارسي جا ڪتاب جهڙوڪ عرفي، خاقاني، ۽ مينا بازار پڙهي ڇڏيائون.

نوڪريءَ کي ناپسند ڪرڻ ڪري پاڻ پنهنجي معاشي ضرورتون ٻني آبادڪري پوريون ڪندو هئو. پاڻ ننڍي لاءِ کان وني نيڪ هئو. روح جي صفائي ايتري قدر هئن جو اڪثر خواب ۾ حضور جن، صحابن ڪرامن ۽ وڏن ولين جي ڪين زيارت نصب ٿيندي رهندي هئي. هڪ دفعي پان ڪريم جن کيس خواب ۾ فرمايو ته "غفلت ڇڏ" انهيءَ واقعي کان پوءِ اڪثر روئندا رهندا هئا. حضرت قتاده رضي الله عنه خواب ۾

چيبن تہ مون کي قصص الانبياءَ ۾ قتاره پڙهندو آهين پر منهنجو نالو قتاده آهي. حافظ شيرازي خواب ۾ چيبن تہ "تو طلب کن وگر نہ من هستم" حضور جي محبت سندس دل ۾ ڪوٽ ڪوٽ پريل هئي. هڪ دفعي ڪي عزيز حج تي وڃي رهيا هئا. انهن کي ڪراچي تائين رخصت ڪرڻ آيا ڪيس عشق رسول جي آگ رهڻ نہ ڏنو. اتان مائٽن کان بغير موڪلائڻ جي حج تي روانا ٿي ويا. هڪ سو رپيا بہ الائي ڪٿان هٿ ڪيائون آخر گنبذ خضريٰ جي وڃي زيارت ڪيائون ۽ اتي ئي ڪين حضور صلي الله عليہ سلم جي زيارت فيض بشارت بہ نصيب ٿين.

پاڻ چيائون تہ اسان ان سفر دوران مولانا عبدالرحمان سکر واري کي روبرو ڏٺو (جيڪو اڳ ۾ وفات ڪري چڪو هو) سفردوران هڪ هنڌ تڪجي پوڻ کان پوءِ ساهي ڪٽڻ لاءِ ويهي رهيا. پنڌ اهڙو تہ ساٽو ڪري وڌو هو جو ڪنڌ ڪٽي گوڏن ۾ هنيائون. اهڙي حالت ۾ ڪين ائين معلوم ٿيو تہ ڪو فرشتوآهي جيڪو هڪ آيت پڙهي رهيو آهي.

ترجمو " اي دائود! اسان توکي زمين تي خلقيو آهي. پوءِ حڪم حق تي هلائج. ان وقت پاڻ عربي پڙهيل ڪونہ هئا. اها آيت دلائل خيرات تي لکي ڇڏيائون. جڏهن ان جي معنيٰ معلوم ڪيائون تہ پاڻ چوڻ لڳا تہ اها بشارت ضرورو سچي ٿيندي.

پاڻ پنهنجي شاگردن کي عربي پڙهڻ جو سبب ٻڌائيندي چونداهئا "هڪ دفعي مان ۽ منهنجو پاءُ بيل گاڏي تي پاڻ ڪنيو پئي وياسين. هڪ هنڌ گاڏي اٿلي پيئي ۽ پاڻ هارجي پيو. اسان ٻنهي گاڏي سڌي ڪري پاڻ پئي وڌوسين تہ اسان

جي ڳوٺ جو هڪ نيڪبخت ڪٽي اتان لنگهيو. ان مون کي چيو اڙي فلاڻا! تون عالمن جهڙو داناءُ ۽ عزت وارو آهين چونڊو عربي پڙهين. هن ياڻ ۾ تون پنهنجو حال ڏس تون ان جو لائق آهين؟ افسوس انهيءَ ڏينهن کان پوءِ سامان ٻڌي سڌو مگسين جي پرسان آڳرن ۾ مولانا محمد آڳري صاحب وٽ آيا جيڪي ان وقت جا جيد عالم هئا پراتفاق سان مولانا صاحب بيمار هئا. پوءِ اتان علامه عطاءَ الله فيروزشاهي وٽ پڙهڻ ويا.
علامه صاحب جي مردم شناس فطرت مولانا کي سڃاڻي ورتو ۽ سندن ذهانت ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ فرمايائون ته اسان وٽ گهٽ ۾ گهٽ عرصي ۾ مولي محمد ملوڪ ڇهن سالن ۾ علم جي تعميل ڪئي آهي پر توکي اسان ٻارهن مهينن ۾ مولوي ڪنداسين. جيئن ته مولانا صاحب وٽ شاگردن کان گهڻو ڪم ورتو ويندو هو ۽ سبقن ۾ ناغو به ٿيندو رهندو هو. تنهن ڪري پاڻ ٻئي مدرسي جي تلاش ڪيائون. نيٺ اچي سندن نظر انتخاب مولانا محمد شفيع سوداري مسجدي تي پئي ۽ ان وقت پڙهڻ لڳا ۽ علامه فيروز شاهي جي دعا مردم شناسي سچي ثابت ٿي جو مولانا الاهي بخش پندرهن مهينن ۾ علم جي تحصيل ڪئي ۽ پڙهائڻ شروع ڪيائون وٽس جيڪي شاگرد نڪتا اهي وڏي پائي جاعالم ۽ فياض ثابت ٿيا.

مولاناصاحب شاگردن کي مطالع جووڏو تاڪيد ڪندو هو. سندن چوڻ هوته علم مطالع سان ايندوآهي. وٽن اڪثرڪري ملڪيتن جا تڪراري مسئلا ايندا هئا. جيڪي پاڻ نهايت خوش اسلوبيءَ سان نبيائيندا هئا. مولانا کي فارسي نثر ونظم تي وڏي دسترس حاصل هئي. خلافت تحريڪ کان ٿورو اڳ پاڻ جي هڪ وڏي عالم مولانا حاجي حسن الله

پاڻائيءَ رح کيس چيو تہ "بابا! مون کي دادو جي مختيار ڪار چيو آهي تہ سرڪار جو اڳيون ريڪارڊ جيڪو فارسي ۾ آهي. سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏي تہ جيئن منهنجي پٽن کي سرڪاري نوڪري ملي سگهي. مولانا صاحب ادب ڪري انڪار نہ ڪري سگهيو ۽ ڏهن سالن جو سڄو دفتر بنا معاوضي جي ترجموڪري ڏنائين. ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهہ جي ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ مختيارڪارن ڪانئس پنهنجا پنهنجا دفتر ترجمو ڪرايا. پڇاڙيءَ ۾ ان جي عيوض ۾ ڪيس هڪ لنگي هڪ آفرين نامون ڏنائون.

مولانا هر ماڻهو سان محبت سان پيش ايندو هو. پر خاص محبت،مولوي محمدعلي ڏيرو زميندار وڏيري مولوي الله بخش مهر پيري، واعظ الاسلام مولوي محمد سليمان ٺرڙي محبت وارو سان هين. ان ڪانسواءِ منولانا حڪيم فتح محمدسيوهاني سان غائبانہ دوستي جو هي عالم هيو جوگورنمينٽ جي گرانٽ جيڪا مولوي محمد عثمان کي ملندي هئي. ان جي وفات کان پوءِ تلاش جاري ٿي تہ ان جو حقدارڪير آهي؟ تہ مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ڪميٽي کي راءِ ڏني تہ ان جوحقدار مولوي الاهي بخش ٻانهي لاڪيرو وارو آهي. سندن چوڻ تي ڊائريڪٽر صاحب تسليم ڪيو ۽ مولانا صاحب لاءِ اها گرانٽ منظور ٿي. ان زماني ۾ خلافت تحريڪ جو زور هيو. خلافت جا سرگرم ڪارڪن هرهنڌ خلافت تحريڪ کي زورو ناڻڻ ۾ مشغول هئا. مرحوم شيخ عبدالعزيز مالڪ اخبار"الحق" سکرواري مولانا الاهي بخش کي چيوتہ اوهين سرڪاري گرانٽ وٺڻ کان انڪار ڪيو. پاڻ ان جي چوڻ تي گرانٽ وٺڻ ڇڏي ڏني. اهو سندس قربانيءَ

جو وڏو مثال هيو.

مولاناصاحب پنهنجي شاگردن کي تاڪيد ڪندا هئا ته پڙهائڻ واري مشغلي کي ڪڏهن به نه ڇڏجو ۽ پڙهائڻ ۽ تعليم جو ڪم جهاد آهي. ان کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. پاڻ خلافت تحريڪ جا سرگرم ڪارڪن هيا.

## مولانا محمد عمر چنا رحمة الله عليه

مولانا ولي صفت، بي باڪ، عالم باعمل نيڪ سيرت وصورت هئو. سندن پيدائش ڳوٺ ابراهيم چنه لڳ خيرپور ناٿن شاهه ۾ پيدا ٿيو. مولاناصاحب شروعاتي تعليم مولانا خيرمحمد صاحب فيروزشاهي وٽ پڙهيو. ان کان پوءِ ان جي فرزند علامه عطاءُ الله فيروزشاهي ۽ ڪجهه ٽائيم مولانا محمد صاحب آڳري وٽ پڙهيو ۽ آخر ۾ مولانا قمرالدين صاحب وٽ دستاربندي ڪيائون.

مولانا صاحب فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ عمر جو گهڻو حصو لاڙ ملڪ ۾ گذاريائون ۽ اتي مختلف جاين تي پڙهيائيندا رهيا. ڳوٺ رتي ڪوٽ تعلقه ڪيرو ضلع سانگهڙ ۾ پڻ ڪافي وقت پڙهيائون ان دوران مشهور سينٽر پيرصاحب پاڳاري جو خليفو ۽ مهراڻ اخبار جو چيف ايڊيٽر محمد ابراهيم هگورجو ۽ حاجي جمال الدين هنگورجو به سندن شاگرد هئا. ڳوٺ جي تقريبن مردن توڙي عورتن قرآن شريف جي تعليم مولانا صاحب وٽان حاصل ڪئي. لاڙ ۾ سندن ڪيترائي شاگرد آهن. حضرت مولانا محمد عمر چنا صاحب جن ڪي ظاهري علوم تي عبور حاصل ڪرڻ کان پوءِ باطني علم جي ضرورت محسوس ٿي. ان جي تڪميل مرد ڪامل استاد العلماءَ حضرت مولانا غلام صديق شهدادڪوٽي رحمة الله عليه وٽان ڪيائون ۽ ان جا خليفا ٿيا. آخري عمر ۾ پاڻ ڪيترائي مريد ڪيائون تقويٰ، پرهيزگاري ۾ سندن مثال ملڻ مشڪل آهي. سندن مشهورشاگرد هينيان آهن:

مولوي محمد صاحب اڙهوڙ وبنل ڳوٺ احمد شاه
گروهڙي تعلقہ کپرو ٢- مولوي محمد يعقوب صاحب هگورجو
کپرو مولوي عبدالحليم ورندجا پاڻ (ميهڙ) مولوي محمد علي
صاحب لاندر سانگهڙ مولوي غلام محمد صاحب ٻير ڳوٺ
لڏاڻ (دادو) مولوي نجم الدين ريگستاني ٿرپارڪر ۽ ٻيا پڻ
ڪيترائي شاگرد هئا. مولانا صاحب مشهورعالم ۽ اديب دين
محمد فيروز شاهي جي والد جا ماسات هئا. ڪين تي پٽ هئا.
جيڪي پڻ عالم هئا. مولانا محمد صاحب مولانا نصيرالدين
صاحب.

پاڻ ١٣٧٤هه ١٩٥٤ع ١٢ نومبر تي وفات ڪيائون.
سندن پوٽو حافظ مولوي محمد عيسیٰ صاحب راقم الحروف
جي والد وٽ پڙهيو ۽ هينئر مدرسي عربيہ ڪبريه دارالقرن
جامعہ مسجد ميهڙ ۾ استاد آهي.

سنڌ سونهاري جو برک عالم دين

# مولانا عبدالڪريم مگسي

**اِهِي نه اوطاقن ۾ سنڌ جي جوڳيان ذات،**
**ڏينهان ڏورن ڏک سين، روشن سڄي رات،**
**تن جنين جي تات، سي لاهوتي لڏي ويا.**

ڪو زمانو هو جو سونهاري سنڌڙي جو چپو، چپو علم ۽ ادب، ڏاهپ ۽ عقل، هنر ۽ حرفت کان خالي ڪو نه هو. هتي بي باڪ عالم به هئا ته بي ڊپا مفتي به هئا، هتي صاحب دل صوفي به هئا ته متقي ۽ پرهيزگار ماڻهن جي کوٽ به ڪا نه هئي. هتي هر ڳوٺ ۽ وستي ۾ درس وتدريس جو سلسلو جاري هيو. جتي تعليم ڏيندڙ معلم ۽ مدرس بنا پگهار جي رات ڏينهن تعليم جي عمل ۾ رڌل هوندا هئا. هڪ سروي مطابق صرف ميهڙ تعلقي ۾ هڪ سؤ ديني درسگاهه هئا.

سنڌ جي انهن ڳوٺاڻن مدرسن مان فارغ التحصيل ٿيل هڪ عالم بي بدل حضرت مولانا عبدالڪريم مگسي به آهي. هي وڏو عالم ١٢ ربيع الاول سنه ١٣٠٢هه ۾ تعلقي ميهڙ ضلع دادو جي هڪ ننڍي ڳوٺ فيروز شاهه ۾ پيدا ٿيو.

هي ساڳي تاريخ سرور ڪائنات حضرت محمد ڪريم

صـــ جن جي جمڻ جي تاريخ پڻ آهي، ان نسـبت جي ڪري ماڻهون سندن جي وڏي عزت ۽ احترام ڪندا هئا.

پاڻ اڃان ٽن سـالن جا مس ٿـيـا تہ سندن والد مـيـان غلام حسين گذاري ويو ۽ پاڻ يتيم ٿي ويا. تنهن ڪري مولانا گــلاب الدين چنہ صــاحب سندن جي پرورش ۽ تربيت ڏانهن خاص توجهہ ڏنو، صبح شام خيريت معلوم ڪندا هئا. جڏهن پنجن سالن جو ٿيو تہ ڪيس مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو. مولانا گلاب الدين جو چوڻ هو تہ هن کي ڪوئي سيد زاده قرآن مجيد پڙهائي. پوءِ سيد صادق علي شاهہ کي چيائون تہ تون هن کي قرآن مجيد پڙهاءِ. سيد صادق علي شاهہ نوشهرو فيروز جو وينئل هو ۽ ان وقت ڪوهہ واري مدرسي ۾ پڙهندو هو.

مولانا عبدالڪريم مگسي ابتدائي تعليم گلاب الدين چنہ صـاحب وٽ ڪـوهہ واري مـدرسي ۾ حـاصل ڪئي. ان کـان پوءِ مـولانا عـبـدالـڪـريم مگسي صـاحب سنڌ جي مـختلف مـدرسـا ۾ تعليم حـاصل ڪرڻ لاءِ سـفـر ڪندو رهيـو. آخري ڪتـاب مولانا عـبـدالرحـمن فـيـروز شـاهي وٽ مـڪـمل ڪري دستار بندي ڪيائون.

مــروج درس نظامي ختم ڪرڻ کـانپـوءِ پورا ٻہ ســال مـولانا عـبـدالرحـمن فـيـروزشـاهي جي ڪتب خاني ۾ ويهي ڪتابن جو مطالعو ڪيائون ۽ هر موضوع جي ڪتابن کي زير نظر رکيائون.

مولانا عبدالڪريم مگسي علم جو بحربيڪران هو. سندن جي پڙهائي ۽ سـمجهـائـي جو رنگ ڍنگ ئي نرالو هو. اهوئي سبب هو جو ٻين مدرسن جا فارغ تحصيل دستار بند

عالم بہ هن بزرگ وٽ بيهر علم پڙهڻ ايندا هئا.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ مولانا عبدالله چانديو (ڏونڪائي) پاڻ ڪي وڏو عالم سمجهندو هو. سندن خيال ۾ اها ڳالهہ هئي تہ ڪو بہ ذهين فهيم منهنجو شاگرد ڪنهن ٻئي مولوي وٽ پڙهي ڪو نہ سگهندو، ڇو تہ اهو ڪيس سمجهائي ڪو نہ سگهندو. اتفاق سان مولانا چانڊئي جو شاگرد نالي محمد سليمان مگسي مولانا عبدالڪريم وٽ پڙهڻ آيو. هو وڏو ذهين ۽ هوشيار شاگرد هو. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ ٻين وڏن عالمن وٽ بہ پڙهي چڪو هو. جڏهن مولانا عبدالله ڏونڪائي کي خبر پئي تہ مون وارو شاگرد اتي قرار سان پڙهي رهيو آهي. تڏهن پاڻ جائزو وٺڻ لاءِ ڳوٺ سويو خان مگسي پهتو. جڏهن مولانا عبدالڪريم مگسي جي پڙهائي ۽ سمجهائي جو طريقو ڏنائين ان وقت چوڻ لڳو تہ اسان ديوبند هندستان تائين بہ ويا آهيون پر هن جهڙي پڙهائي ۽ سمجهائي ڪاٿي ڪو نہ ڏٺي اٿئون. جيڪو مسئلو اسان ڪلاڪن ۾ سمجهايون ٿا اهو مسئلو مولانا مگسي منٽن اندر سمجهائي ڇڏي ٿو.

مولانا عبدالڪريم مگسي جي دوستن ۽ مداحن جو حلقو تمام وسيع هو. عالمن، اديبن، شاعرن ۽ سگهڙن کان وٺي، عام ماڻهو تائين انهيءَ حلقي ۾ شامل هوندا هئا. هر ماڻهو سان ان جي ڄاڻ ۽ لياقت آهر گفتگو ڪندا هئا. جنهن بہ هن سان هڪ ڀيرو ڪچهري ڪئي اهو سندن قرب جي ڪڙي ۾ ڪڙجي ويو. ايستائين جو آس پاس جا مسلمان تہ ٺهيو پر هندو بہ پري کان پنڌ ڪري اچي ساڻس ڪچهريون ڪندا هئا.

مولانا عبدالڪريم مگسي پوري ڄمار تعليم ڏيندي

گذاري هن خلافت تحريڪ ۾ بہ سرگرم ڪارڪن جي حيثيت سان ڪم ڪيو ۽ ڳوٺ مان هڪ قافلو افغانستان هجرت لاءِ موڪليو.

مولانا بنا تفريق جي هر ماڻهوءَ جي خيرخواهي ڪئي ۽ خدمت خلق سان هر وقت سرشار هوندا هئا اينتري تائين جو ڳوٺ ۾ رهندڙ ڇهڙن ۽ ڀنگين ڪي پڙهائي آفيسر گريڊ تائين پهچائي ڇڏيو.

مولانا عبدالڪريم مگسي ظاهري علمن حاصل ڪرڻ سان گڏ باطني علمن ڏانهن بہ خاص توجهہ ڏنو. پاڻ ٽن طريقن جا صاحب هئا. قادري طريقي ۾ مولانا محمد ڪامل ڪٺ پال شريف واري جا مريد هئا تہ نقشبندي طريقي ۾ خواجہ محمد عمر جان چشموي واري ڪان سبق ورتا هئائون ۽ چشتي طريقي ۾ وري بزرگ سهارنپوري جا معتقد هوندا هئا.

مولانا عبدالڪريم مگسي سنڌ جي مختلف مدرسن ۾ تعليم جا فرائض سرانجام ڏنا آخر ۾ ڳوٺ صوبو خان مگسي ۾ مدرسہ دارالفيوض ڪوليائون ۽ اتي تدريس جو عمل جاري رکيائون.

صفر مهيني جي ٢ تاريخ سنہ ١٣٩٢هہ تي نماز عشاءِ ڪان پوءِ هڪ اهڙي سفر تي هليا ويا جتان ڪو بہ واپس ڪو نہ وريو آهي.

مولانا عبدالڪريم مگسي پنهنجي پويان چار پٽ ۽ ٽي نياڻيون ۽ بي شمار روحاني اولاد يعني شاگرد ڇڏي ويا. سندن مزار جامع مسجد ڳوٺ صوبو خان مگسي جي ڀر ۾ آهي. جتي هر سال ٢ صفر جي عرس مبارڪ جي تقريب

ٿيندي آهي.

مولانا صاحب جي شاگردن جو صحيح تعداد ته معلوم نه ٿي سگهيو آهي البت مشهور شاگردن ۾ راقم الحروف جو والد مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي ۽ مولانا يار محمد جويو مولانا مفتي محمد مهيسر صاحب مولانا نصير محمد مولانا محمد چنا مولانا غلام رسول مري، ۽ ماهي فقير وغيره شامل آهن. ڪين چار فرزند ٿيا، محترم عبدالباقي، نور النبي، غلام حسين ۽ عبدالباري. عبدالباري صاحب پاسڪو ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

# مفتي ڪري بخش مگسي

حضرت علامه مفتي ڪريم بخش مگسي راقم الحروف جو والد آهي. ١٩٢٠ع ۾ دادو ضلع تعلقي ميهڙ جي مشهور علمي ۽ ادبي ڳوٺ صوبو خان مگسي ۾ پيدا ٿيو. سندس والد غلام مصطفيٰ مگسي ڪي جيڪو پڻ عالم هو، خلافت تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتڻ ڪري ڪيس خليفو صاحب چوند هئا، ان جو خيال هو تہ ڪيس مدرسي ۾ ڇڏيو وڃي، علم پڙهي پر پاڻ نندو ئي هيو تہ سندس والد انتقال ڪري ويو، سندس تربيت چاچي ڪئي، جيڪو زميندارِي ڪندو هو، ان جو خيال هو تہ ڪيس اسڪول ۾ جديد تعليم وٺڻ گهرجي، پر سندس والده ڪيس زبردستي مدرسي ۾ ويهاريو، پاڻ حضرت علامه مفتي عبدالڪريم مگسي جي تربيت ۾ فارغ التحصيل ٿيو. دوران پڙهڻ جي استادن جي مثالي خدمت ۽ ادب ڪيائين، فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ پاڻ پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين. ان دوران سندس چاچي جو بہ انتقال ٿي ويو. پوءِ زمين جو ڪم ۽ مدرسي جو ڪم ٻئي سنڀالڻ شروع ڪيائين. ان دوران ايوب خان بنيادي جمهوريت وارو سسٽم بلدياتي نظام رائج ڪيو. پاڻ ڳوٺ وارن جي زور ۽ چوڻ تي حصو ورتائين ۽ پاڻ ميمبر منتخب ٿيو. ان دوران يونين ڪائونسل ۾ سماجي برائي جي روڪٿام لاءِ جدوجهد ڪيائين سندس علمي ۽ سماجي خدمتن جي ڪري سيد علي اڪبر شاهہ ڪيس پنهنجي مدرسي ميهڙ ۾ مهتمم ۽ مدرس مقرر ڪيو، ان دوران شاهہ صاحب مسجد ڪي اوقاف جي حوالي ڪيو تہ پاڻ اوقاف جي طرفان جامع مسجد ميهڙ جا خطيب مقرر ٿيا. اٽڪل ٽيهن سالن کان مدرسي ۾ پڙهائيندا اچن ٿا، ان دوران ڪيترائي حافظ ۽ عالم پيدا ڪيا اٿس، جيڪي سنڌ توڙي بلوچستان ۾ ديني خدمتون سرانجام ڏيئي رهيا آهن. هي مختصر خاڪو پيش ڪرڻ کان پوءِ آءُ سنڌ جي مشهور دانشور جناب محمد موسيٰ ڀٽي صاحب جو منهنجي والد صاحب متعلق بيداري ۾ لکيل مضمون پيش ڪيان ٿو، جنهن مان قارئين ڪي شخصيت بابت معلومات ملي سگهي ٿي.

مولانا ڪريم بخش صاحب سنڌ جي انهن ڳاڻ ڳڻن بزرگن جي نشاني آهي، جيڪي ظاهري ديني علوم سان گڏوگڏ باطني

علوم ۽ فنون ۾ پڻ درجہ ڪمال تي پهتل آهن. مولانا موصوف پاڪر پائي مليا تہ سندن دل تيزي سان هلندي محسوس ٿي، ان مان اندازو ٿيو تہ قلبي ذڪر جي سلسلي ۾ سندن مشقون تمام گهٽيون آهن. مولانا ڪريم بخش صاحب مدرسہ ۾ گذريل ٢٧ سالن ڪان وٺي مهتمم ۽ استاد جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيا آهن. صبح ڪان رات دير تائين اسباق جو سلسلو جاري آهي. عمر رسيدگي جي باوجود حديث ۽ فقہ جي تعليم سان ذوق وشوق روز افزون آهي. ٢٧ سالن جي عرصي ۾ مدرسه دارالقرآن مان ٥٠٠ ڪان وڌيڪ قرآن جا حافظ تيار ٿي چڪا آهن ۽ سوا سو ڪان وڌيڪ درس نظامي جا فاضل فارغ ٿي چڪا آهن. هينئر بہ مدرسي ۾ اسي ڪن شاگرد حفظ قرآن ۽ درس نظامي جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. مدرسي دارالقرآن جي عمارت جي حالت زار ڏسي نهايت ڏک ٿيو، تعليم لاءِ ڪل بہ ڪمرا آهن، هڪڙو ڪمرو تہ ڪرڻ تي آهي ان ڪري اهو استعمال جهڙو ناهي، ستر اسي شاگردن جي تعليم لاءِ ڪل هڪڙو ڪمرو آهي، ٽي چار استاد آهن. جيئن تہ مدرسي جي لاءِ روايتي طور چندي ڪرڻ جو انتظام ناهي. مدرسي جي ڪا مستقل آمدني بہ ڪونهي، ان ڪري استادن جي پگهار ڪريم بخش صاحب پنهنجي جيب مان ادا ڪندو آهي. مولانا کي جامع مسجد جي خطيب جي حيثيت سان اوقاف جي پاران جيڪا پگهار ملندي آهي. موصوف اها پگهار استادن تي خرچ ڪندو آهي،ان صورتحال مان اندازو لڳايو تہ اسين ديني تعليم سان ڪيڏي افسوسناڪ مذاق ڪري رهيا آهيون. مدرسا جيڪي معاشري ۾ مذهب ۽ مذهبي روايتن کي قائم رکڻ جو اهم ذريعو آهن، انهن کي قائم ۽ زنده رکڻ ۾ عدم تعاون جو مظاهرو ڪري، اسين دراصل پنهنجن پيرن تي ڪهاڙو هڻي رهيا آهيون.

مولانا ڪريم بخش صاحب جو تعلق نقشبندي سلسلي سان آهي، موصوف چشموي بزرگ آغا عبدالحئي جان جا خليفہ آهن، پر پڙهڻ پڙهائڻ جي رنگ جي غالب هئڻ ۽ ذڪر اذڪار ڏانهن ماٺهن جي لاڙي نہ هئڻ سبب موصوف پيري مريدي جي سلسلي کي جاري رکڻ جا قائل گهٽ آهن.

# "مولانا محمد يوسف عباسي"

مولانا محمد يوسف وڏو عالم مدرس ۽ عربي فارسيءَ جو ماهر هو. سندس اصل ڳوٺ "جگ شينهن" آهي جيڪو ڪڪڙ جي ڀرسان آهي فارسي عربي مولانا محمد صديق ڪلهوڙو وٽ پڙهيو آهي، ان ڪان پوءِ مولانا مختلف مدرسن ۾ پڙهندو رهيو سندس مشهور استاد هي آهن.

(١) مولانا شفيع محمد مسجدي، سوڍاري (٢) مولانا مير محمد نورنگي (٣) مولانا عبدالوهاب (۴) مولانا محمد صاحب ديري غازيخان وارو (٥) مولانا حاجي حامد الله لاڙائي بيلو (٦) مولانا خير محمد منگسي تنڊي محمد خان وارو ۽ آخر مولانا وٽ ئي دستار بندي ڪيائين.

مولانا کي علم جو ڏاڍو شوق هوندو هو ايتريقدر جو جيڪي بہ ذڪيا مقام هوندا هئا انهن کي گهڻو پڪو ڪندو هو، سندس حافظو تيز هو ڪيترائي ڪتاب برزبان ياد بہ ڪيائين، جيئن فصول اڪبري "ڪافيہ" ايساغوجي" "تهذيب المنطق" " معلم العلوم" ۽ منار متن نور الانوار"

مولانا مختلف هنڌن تي پڙهايو (١) جهرڪن ۾ پير غلام فريد سرهندي وٽ (٢) جمڙائوجي ڀرسان حاجي قادر بخش لغاري وٽ (٣) ملير ۾ پير ضياءُ احمد وٽ (۴) نور محمد هاءِ اسڪول ۾ عربي ٽيچر پڻ رهيو. پاڻ لڪڻ جو ماهر هو عربي ۽ فارسي ۾ شعر پڻ چوندو هو. منطق ۽ صرف تي ڪيس عبور هيو. "معلم الصرف" نالي فارسيءَ ۾ صرف لاءِ بهترين ڪتاب تصنيف ڪيو اٿس، جيڪو مخطوطي جي صورت ۾ آهي. سنڌيءَ زبان ۾ "قواعد فارسي" ڪتاب تاليف ڪيل اٿس، پر اهو ڪنهن وٽ ۽ ڪٿي آهي ان جو پتو نہ آهي.

# مولانا دين محمد اديب فيروز شاهي

ميهڙ جيڪي عالم فاضل، شاعر، اديب، مفڪر ۽ جيڪي وڏيون شخصيتون پيدا ڪيون آهن انهن ۾ حضرت، مولانا دين محمد اديب فيروز شاهي کي به شامل ڪري سگهجي ٿو. مولانا جو خانداني نسب حضرت غوث الحق مخدوم بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني رحمة الله عليه جي خليفي حضرت مخدوم عبدالله عرف پيروج اچ واري سان لڳي ٿو. جيڪو ڳوٺ بخش لاڪير (دڙو) شاهه پنجو سلطان جي لڳ ميهڙ تعلقي ۾ مدفون آهي. مخدوم صاحب وڏي ڪاني ڪرامت وارا ۽ ولي شخص هئا. ڪيس تي پٽ هئا ۽ سندس عمر ۱۲۵ سال هئي. سندن تعليم مخدوم محمد عثمان دربيلي وٽ ٿي. اڄ سندس قبر تي ماڻهو زيارت لاءِ اچن ٿا. مولانا دين محمد اديب فيروزشاهي مخدوم احمد جيڪو حضرت پيروج جي خاندان مان هيو. ان جي اولاد مان آهن ۽ ڳوٺ فيروز شاهه تعلقي ميهڙ ۾ پيدا ٿيا. مولانا اديب فيروزشاهي جي شروعاتي تعليم، سنڌ جي مشهور عالم علامه عطاءَ الله فيروز شاهي جي مدرسي ۾ ٿي. پر جلد حضرت عطاءَ الله جو انتقال ٿي ويو. سندن مدرسي ۾ هڪ جيد عالم عبدالرحمان صاحب وٽ تحفئہ نصائح تائين پڙهيا. ان کان پوءِ جامع معقول ومنقول استاد العلماءَ حضرت مولانا الاهي بخش بانهي لاڪير واري وٽ مدرسي ۾ داخل ٿيا. مولانا الاهي بخش صاحب جن، فارسي، عربي جا وڏا ڄاڻو ۽ شاعر هئا. سندن شاگردن جي حلقي ۾ وقت جا وڏا ولي، عالم دين ۽ فياض شخصيتون شامل آهن. جهڙوڪ مولانا

عبدالڪريم ديروي، عبدالڪريم منگسوي، سيد علي اڪبر شاهه باني جامعہ عربية هئا. جيڪي عالم هجڻ سان گڏوگڏ سياستدان صوفي، انقلابي، اديب ۽ مقرر هئا. مولانا اديب بہ حضرت مولانا الاهي بخش صاحب وٽ پندرهن مهينن ۾ گلستان، بوستان، زليخا، انوار سهيلي، انشا ابوالفضل ۽ بهار دانش تائين فارسي پڙهيا.

مولانا جي ذات ڪي ذهانت جي ڏات ورثي ۾ ملي هئي. تنهن ڪري مٿين ڪتابن جي، معاني، مقصد ۽ بلاغت کي صحيح نموني سمجهيو هو، تنهن ڪري فارسي زبان تي ڪين وڏو عبور حاصل هيو. ايتري قدر جو فارسيءَ ۾ شعر چوڻ لڳا. ان ڪان پوءِ درس نظامي پڙهڻ شروع ڪيائون ۽ پنجن سالن جي اندر دستاربندي ڪيائون صالحن جي سنگت ۽ ڪامل شخصيتن جي تربيت هيٺ رهڻ ڪري ڪيس نبي صلي الله عليه وسلم سان وڏي محبت ۽ عقيدت هئي. ان ڪري پاڻ نعتيہ ڪلام چوڻ شروع ڪيائون جيڪو سوز وگذر ۽ عشق ڪان خالي نہ آهي. اهو ڪلام اڄ بہ موجود آهي. عروض جي نقطئہ نگاهہ ڪان شاعرانہ ڪمال جوحامل آهي. سندن فارسي شعر جو نمونو:

هڪ صاحب هن عربي نظم جو سندن فارسي ۾ ترجمو ڪيو.

مولانا صاحب ڪافي جاين تي پڙهائيندا رهيا پر گهڻو وقت مولانا محمود پاتائي صديقي جهڙي برگزيده عالم وٽ پاٽ ۾ پڙهائيندا رهيا. ان وقت کي ياد ڪري مولانا گهڻو ڪري هي شعر پڙندا هئا. "بلاد بها کنا وکنا نحبها اذا الناس ناس والزمان زمان"

يعني اسان جن شهرن ۾ رهندا هئاسين انهن سان محبت رکندا هئاسين. ان وقت جا ماڻهو ڪامل ماڻهو هئا ۽ زمانو به سٺو زمانو هو. مولانا جي علمي حيثيت ۽ ان جي صلاحيتن کي مرحوم نورمحمد وڪيل صاحب جهڙي علم دوست ۽ علم پرور انسان پروڙي ورتو. جنهن پنهنجي اسڪول جي هاسٽل ۾ مولانا کي پيش امام مقرر ڪيو. اتي ساڍا ٽي سال امامت جا فرائض سرانجام ڏيندا رهيا. حيدرآباد جي زندگي جيڪا شهري زندگي هئي. اها ٻهراڙي واري زندگي کان مختلف هئي. پر مولانا جي مزاج تي ان جو ڪوبه اثر نه پيو. ڇاڪاڻ ته مولانا جي تربيت ۽ صحبت الله وارن جي نظر هيٺ ٿي چڪي هئي. ان ڪري مولانا جي طبعيت ۾ ڪابه ڦير ڦار ۽ تغير نه آيو. حضورجن جي محبت ۽ وظائف به ساڳئي نموني تي هلندا رهيا.

مولانا صاحب اهل نظرجي صحبت ۾ ته رهي چڪو هو پوءِ به انهن ڪامل انســـانن جي تلاش ۾ ڪابه ڪســـر نه ڇڏيائين. نيٺ آخر عارف ڪامل حڪيم الامت حضرت مولانا اشرف علي ٿانوي جنهن جي شخصيت ڪنهن به تعارف جي محتاج نه آهي. فلسفو هجي يا منطق، حديث هجي يا فقه، اخلاقيات هجي يا تصوف، هو هر موضوع تي مولانا جون تصنيفات موجود آهن. هزارين انسان سندس فڪر ۽ حلقي مان اصلاح جو اشارو ڪري وڃي پار پيا. مولانا به ارڙهن سالن جي عمر ۾ "ٿانه ڀون" هندستان ۾ وڃي سندس دست بوسي ڪئي، صحبت ۽ تربيت سان مستفيد ٿيا. دست بيعت جي درخواست ڪيائون پر مســـتجاب نه ٿي. طالب العلمي جي فارغ ٿيڻ کان پوءِ سندس درخواست کي شرف قبوليت مليو، ۽ مولانا برصغير جي وڏي عارف، ڪامل بزرگ هستي جي معيار تي پورا لٿا ۽ سندس حلقئه ادارت ۾ داخل ٿيا. مو لانا اشرف علي ٿانوي سان ڪن ڳالهين تي بعض ماڻهن کي اختلاف ۽ اعتراض آهي. انهن کان هٽي ڪري سندس علم دانائي فهم فراست فرد جي تربيت جي لاءِ جيڪا صلاحيت هئي. ان کان ڪوبه ماڻهو انڪار نه ٿو ڪري سگهي. جيئن ته مولانا اديب جن جي مزاج ۾ تصوف جو رنگ غالب هيو. سندس طبعيت ۾ عاجزي، انڪساري، پاڻ مارڻ وارو ۽ نمر وڌيڪ هيو تنهن ڪري سندس لاڙو شاعري ڏانهن به مائل هيو. مولانا جيئن ته ننڍي عمر ۾ مشرقي شاعريءَ جي روح روان شاعرن کي زبردست محققن ۽ وڏي ڄاڻ وارن

وت پڙهي چڪا هئا. جنهن ڪري شاعري ۾ خيالات ۽ نفاست پاڪيزگي، زبان‌نشستہ ۽ شائستہ ڪلام ۾ رواني ۽ طغياني هئي. سندس شاعري جي شروعات مولانا الاهي بخش ٻانهي لاڪير واري وٽ ٿي چڪي هئي. ان وقت جي سيني رسالن اخبارن ۾ مولانا جو ڪلام شايع ٿيندو رهندو هو. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي صاحب جن مولانا جي ڪلام کي پنهنجي اخبار ۾ خاص جاءِ ڏيندا هئا. سندس ڪلام خاص طورتي الوحيد، توحيد ۽ اديب ڪيترن ٻين رسالن ۾ پڻ شايع ٿيندو رهندو هو.

سندس فارسي ڪلام سنڌ يونيورسٽي جي هڪ شاگرد جنهن ايم اي فارسي ۾ ڪئي هئي گڏ ڪري ان تي ايڪهٺ صفحن جو تبصرو لکي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جمع ڪرايو هو. اهوگهڻو ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ محفوظ هوندو. فن تاريخ گوئي، واقع نگاري ۽ مرثيہ گوئي ۾ سندس مقابلي ۾ ڪوبہ شاعر نہ هو. مرحوم نور محمد وڪيل جي وفات حسرت آيات تي جيڪو مرثيو چيو اٿس اهو هندستان جي چوٽي جي شاعرن کان مٿي آهي. مولانا صاحب جو علم سان لاڳاپو حد درجي جو هو. پاڻ درس وتدريس، واعظ ونصيحت، شعر وشاعري، عبادت ورد وظائف ۽ مراقبن کان علاوه تصنيف ۽ تاليف جو ڪم ڪندارهندا هئا. سندس ڪتابن جو اڪثر حصو مولانا ٿانوي جي ڪتابن جي ترجمن تي مشتمل آهي. مولانا صاحب ٿانوي صاحب جي تقليد ڪندي پنهنجا ڪتاب بغير معاوضي جي وقف ڪيا هئائون. سندس تصانيف جو تعارف هيٺين ريت آهي. ١- بهشتي ڪوثر، بهشتي زيور جو ترجمو، ٢- جزاءَ الاعمال، مولانا

ٿانوي جي اصلاحي ۽ اخلاقي رسالي جو ترجمو ٣- علاج القحط والوبا مولانا ٿانوي جي اصلاحي رسالي جو ترجمو آهي. ٤- ذا دالسعيد في الصلوة علي النبي (الوحيد) فضائل درود ۾ بهترين آهي ٥- نورعليٰ نور ترجمة خاتم الانبيا مفتي محمد شفيع جو سيرت نبوي هڪ مختصر رسالي جو ترجمو آهي ٦- علم اخلاقي عرف اسلامي اخلاق، امام غزالي جي اربعين جي پوين ٽيهن بابن جو سليس ۽ ڪامياب ترجمو آهي. عربي يونيورسٽي حيدرآباد جو شايع ٿيل آهي. ٧- چهره ڪشائي مثنوي ترجمہ "رونمائي مثنوي" مولانا رومي جي مثنوي جي چاليهن ديباچي بستين جو نظم ۽ شرح آهي ٩- حيات المسلمين مولانا ٿانوي جو رسالو آهي ١٠- منع الانام عن وضع لا يدي علي الاقدام فارسي زبان ۾ آهي. پيرن پوڻ جي رسم جي مخالفت ۾ لکيل آهي. تمام مدلل آهي. وڏن عالمن جون تقريظون پڻ ٿيل آهن پر اجا اڻ ڇاپيل آهي ١١- مجموعة الاشعار مولانا صاحب جي شاعري جو بياض آهي ١٢- بهشت جي ڪنجي نماز جي باري ۾ ١٣- معلم الاسلام ١٤- عقائد ۽ ارڪان اسلام ١٥- ڪليات اديب نظم ١٦- صبح شام جون دعائون ١٧- خلفائي راشدين ١٨- ڪشف المحبوب جو نامڪمل ترجمو ١٩- اخلاق النبي اشرف العلوم مولانا روم جا ڇهہ دفتر هي ڪتاب مولانا اديب صاحب جن جي معرڪة الارا شاهڪار آهي. مولانا جو مثنوي ڏانهن مائل هجڻ جوسبب علامه عطاءَ الله فيروز شاهي جي ڪري هو ڇاڪاڻ تہ علامه صاحب مثنوي سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا.

# مولانا محمد آڳرو

آڳرن جا هڪ ٻه ڳوٺ تعلقي ميهڙ ضلع دادو ڳوٺ صوبو خان مگسي ۽ نئين ڳوٺ جي وچ ۾ آهن، هنن ڳوٺن جي ڪنهن زماني ۾ علمي هاڪ ملڪان ملڪ مشهور هئي، انهن حضرت مولانا محمد آڳرو صاحب مشهور معروف عالم دين هو. پاڻ هر فن ۾ صاحب ڪمال ۽ يگاني قسم جو هو فتويٰ ۾ ورلي ڪو سندس مقابلو ڪندو هو، پاڻ وقت جي چوٽيءَ جي عالم حضرت علامه عطاءُ الله فيروز شاهي وٽ پڙهيو. مولانا محمد صاحب اخلاق ۽ ادب جو پيڪر هو، سندس ڪردار مثالي هو، سندس سٺين خصلتن ۽ عادتن جي ڪري سندس مربي ۽ استاد چوندو هو ته " جيڪڏهن ادب ڪي صورت يا شڪل هجي ها ته ميان محمد جي صورت اختيار ڪري ها" نياز نوڙت جي ڪري ڪيترن ئي ماڻهن ڪي موهي وڌائين. ان ڪري ماڻهو ڪيس وڏي احترام جي نظر سان ڏسندا هئا. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ مولانا صاحب توڪل ڪري پنهنجي ڳوٺ ۾ درس وتدريس جو سلسلو جاري رکيو، اتان ڪيترائي بي بها عالم ۽ فاضل پيدا ٿيا، جن سندس ڳوٺ فيض محمد آڳري کي شهرت بخشي، سندس شاگردن مان هيٺيان مشهور شاگرد آهن.

(١) مولوي قادر بخش ضلعو نوابشاهه (٢) مولانا گلاب الدين چنه فيروز شاهي (٣) مولوي محمد علي ضلعو نوابشاهه (۴) مولوي فيض الڪريم ساند نارو شاهي (٥) مولوي نبي

بخش ضلعو نوابشاهہ (٦) مولوي محمد صاحب آڳرو ضلعو نوابشاهہ (٧) مولوي محمد دائود آڳرو ضلعو نوابشاهہ (٨) مولوي محمد اسماعيل ضلعو نواب شاهہ (٩) مولوي محمد پريل آڳرو (١٠) مولوي غلام النبي سندس ڀائيٽيو (١١) مولوي ڪريمداد نوڙهي تعلقي قمبر وارو، (١٢) مولوي محمد مختيار جاگيراڻي (١٣) حڪيم مولوي فضل محمد نوشهري فيروز وارو (١٤) حڪيم مولوي عنايت الله سندس ڀائٽيو.

مولانا صاحب جي دعا آهي جو اڄ تائين سندس ذات ۽ مائٽن مان مولوي ۽ حافظ ٿيندا رهن ٿا مولوي ميان حامد الله آڳرو اسان جي ميهڙ واري مدرسي مان فارغ آهي ۽ اڄڪلهہ مخدوم سعدي موساڻي درگاهہ جو خطيب ۽ امام آهي، مولوي حزب الله ۽ فقير غلام قادر پڻ ديني علم حاصل ڪري دين جي خدمت ڪندا رهن ٿا. مولانا صاحب افسوس جو ننڍي عمر ۾ وفات ڪئي نہ تہ سندس فيض اڄا پري پري پري تائين پکڙجي ها.

# مولانا الله بخش مهيسر

حضرت مولانا الله بخش مهيسر صاحب جو تعلق زميندار گهراڻي سان هو، سندس والد وڏيرو محمد عمر جي نالي سان مشهور هو مولانا صاحب کي مطالعي جو وڏو شوق هو، راتين جو راتيون جاڳي سوين ڪتاب مطالعو ڪيائين ان ڪري سندس فتويٰ پختي دليلن ۽ عبارتن سان ڀرپور هوندي هئي سندس ڳوٺ پيپري لڳ ميهڙ هو. پاڻ مولانا عبدالرحمن فيروز شاهي وٽان علم حاصل ڪيائين. جيئن ته ڪيس مشڪل مقامات حل ڪرڻ ۽ فتويٰ وڏو شوق هو ان ڪري عالم بنجڻ کان پوءِ به هو مولانا تمايوني ۽ مولانا مير محمد نورنگي کان ڪافي علم حاصل ڪيائين. مولانا جو ڪردار تقويٰ ۽ فتويٰ ڏيڻ ۾ مثالي هو، پاڻ انتهائي نيڪ، عبادتگذار هو، ايتريقدر جو هڪ دفعي ڪنهن آنرري مئجسٽريٽ هڪ ناجائز فتويٰ گهري سندس والد صاحب به ڪيس ڏاڍو زور رکيو ۽ چيائين ابا اسان جا ڪيترائي ڪم ڪار مئجسٽريٽ ۾ پوندا رهن ٿا ان ڪري سنئو ائين آهي ته تون ان جو رايو رک پر مولوي صاحب صاف انڪار ڪري ڇڏيو! هو سندس بي باڪي جرات ۽ انصاف پسنديءَ جو عمدو مثال هو. مولانا صاحب جي اولاد مان مولوي محمد صاحب مشهور محقق ۽ مفتي آهي ان ۾ ڪافي صلاحيتون موجود آهن پاڻ حضرت مولانا عبدالڪريم مگسي جو شاگرد آهي، تمام نيڪ انسان آهي پاڻ اڄڪلهه ميهڙ شهر ۾ رهائش پذير آهي.

# مولانا غلام محمد ملڪائي رح

امام العصر ممتاز عالم دين، مجتهد زمان مجدددين، عارف ڪامل ولي حضرت غلام محمد ملڪائي رحمة الله عليه ڳوٺ ملڪائي ضلع دادو جي هڪ بلوچ خاندان ۾ ١٤ رمضان المبارڪ ١٧٧٦ع ۾ پيدا ٿيا. حقيقت ۾ ملڪائي رحمة الله عليه جي شخصيت ۾ جيڪو فيض ۽ ڏيا هئي. اهڙي شخصيت مدت بعيد ڪان پوءِ يعني ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿينديون آهن. ملڪائي صاحب جن قرآن ڪريم پنهنجي ڳوٺ جي پر واري مدرسي ۾ آخوند عبدالڪريم صاحب وٽ پڙهيا. آخوند صاحب بہ هڪ وڏي علمي گهراڻي جا چشم وچراغ ۽ مخدوم جنيد جي پوئين مان هئا.

ان ڪان پوءِ دادو جي پرسان سيالن جي ڳوٺ ۾ فارسي جي تعليم ورتائون. عربي جي تعليم حضرت مولانا عطاءَ الله فيروز شاهي رحمة الله، حضرت مولانا حسن الله پاٽائي، حضرت مولانا محمد حسن حيدرآبادي وٽ حاصل ڪيائون گهڻو علم مولانا حيدرآباديءَ وٽ پڙهيا. جيڪي استاد العلماءَ مولانا نورمحمد شهدادڪوٽي جا شاگرد هئا.

علم جي تڪميل ڪان پوءِ پاڻ گهڻو وقت درس وتدريس ۾ مشغول رهيا. هڪ سو ڪان مبتدي ۽ منتهي طالب العلم وٽن علم جي حصول لاءِ هر وقت حاضر رهندا هئا. مولانا هرفن جاماهر ۽ علم جاگوهر هئا. ڪين تصوف ۾ طريقت جي سلسلي ۾ داخل ٿين جو خيال ٿيو. ان سلسلي ۾ ڪيترن ني

ولين ۽ بزرگن سان ملاقاتون ۽ محبتون ڪيائين ۽ ڪيترن ئي ملڪن جو سفر ڪيائون. انهن ۾ هندستان، عراق، حجاز وغيره شامل آهن. ڪيترن ئي ولين جي خانقاهن ۽ درگاهن جي زيارت ڪيائون نيٺ آخر ۾ حضرت غوث اعظم جي درگاهه بغداد ۾ ڪيترائي ڏينهن قيام ڪيائون ۽ خانقاه جي سجاده نشين جي هٿ تي قادري سلسلي ۾ دست بيعت ٿيا.

نقشبندي سلسلي ۾ خواجه آغا عبدالرحمان جان سرهندي وٽان دست بيعت ٿيا. هڪ سال ڪان پوءِ حضرت صاحب جن جو انتقال ٿي ويو. پوءِ ان جي اشاري سان خواجه ولي محمد ملاڪاتيار واري جي حلقي ۾ ويهي نقشبندي ۽ سهرودي طريقي جي تڪميل ڪيائون چشتي طريقي ۾ حضرت خواجه سيد مهر علي شاهه جيلاني گولڙي شريف واري ڪان سند ورتائون پر پاڻ نقشبندي سلسلي کي عام ڪيائون. فيض جي اهڙي پالوت ڪيائون جو سنڌ ۽ هند بلوچستان ۽ ڪوهستان هرهنڌ ذڪر جي هونگار هوندي هئي. بقول واعظ الاسلام محمد سليمان جي ته "جيڪڏهن جهنگ، دريائن پٽن ۽ پهاڙن ۾ ڪوميرن ۽ سادن ڪپڙن ۾ ملبوس ماڻهو سجدو ڪندي ڏسو ته سمجهوته هي فيض ملڪاڻي بزرگ جو آهي"[٣] ملڪاڻي بزرگ جو لباس متاثر ڪن، طمطراز وارو ۽ شاهاڻو هوندو هو. لباس ۾ اڪثر سائي رنگ جو جبو جنهن کي زري لڳل هوندي هئي. ٽوپي جيڪا پڻ ميرن جي تاج وانگر ٿهيل هوندي هئي. اها به نهايت خوبصورت ۽ چمڪدار هوندي هئي. پاڻ ڏولي ۾ ويهندا هئا. ان ڏولي کي پهرين زماني ۾ گهوڙا ڪڍندا هئا ۽ پوءِ مريد ڪڍندا هئا. سفر جي دوران پاڻ سان گڏ هڪ گهڙيال ۽ اسلامي جهنڊو ڪڍائيندا هئا. شهرن

مان گذرڻ وقت شهر جي آمد رفت بند ٿي ويندي هئي. ڏولي واري پاڻ ڪٽائڻ واري مسئلي تي ڪافي حلقن پاران تنقيد ڪئي ويئي پر بزرگ صاحب دين جو شعار چئي ان کي جائز قرار ڏنو. پاڻ گهڻو وقت تعليم ۽ تدريس ۾ گذاريائين.

پاڻ هر علم تي عبور رکندا هئا. پر سندن خاص لاڙو علم فقه ڏانهن هيو. چاڪاڻ ته وٽن پري پري کان فتوائون ايندڙيون هيون. انهن فتوائن جي مجموعي کي ترتيب ڏني. فتويٰ ملڪاڻي جو نالو ڏنو ويو آهي. ڪين تصنيف ۽ تاليف جو وڏو شوق هيو ۽ ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيائون سندن ڪتاب هينيان آهن:

١- سبيل الرشاد عربي زبان ۾ واعظ جي موضوع فن ۽ تاريخ جو بهترين ۽ بي نظير شاهڪار آهي. جيڪو چئن جلدن تي مشتمل آهي. هرهڪ جلد ۾ ٻارنهن واعظ ۽ چئن جلدن ۾ ٺوٺل انيتاليهه وعظ آهن ٢- تنقيح المقاصد والمعاني ٣- حسن الخطاب في اثبات بقاب ۴- تعويذالله الاحد ٥- نتيجة الافكار والمحن في الرد علي مفتي الماجن ٦- تحفة الاقرآن ٧- تاريخ عبادالله في جواز يارسول الله ٨- السيف الفهري عليٰ عنق النوشهري ٩- ذارقة الكبيرة في تحقيق نكاح صغيرة ١٠- عمدة الرسائل ١١- منع الملک الجليل في جواز القيام والمعانقة والتقبيل ١٢- الحق الصريح ١٣- فتح الحلاق في رد عليٰ عبدالرزاق ١۴- ايقاظ الناعس الغبي في عدم ايقاع طلاق الصبي ١٥- زجرالغوي البليد في تحقيق وجوب التقليد ١٦- القول الاحسان ١٧- ترويح جنان المنصفين ١٨- زجر الفقيح ١٩- تحفه العارفين الصوفية ٢٠- ايضاح لما اشتبه علي الملاح. انهيءَ کانسواءِ ٻيا به ڪجهه رسالا لکيل آهن.

ڪيترن ئي عالمن سان حجاز جي سفردوران ملاقاتون ۽ رهاڻيون ڪيائون ۽ انهن سان ڪافي موضوعن تي بحث مباحثا پڻ ڪيائون. مڪي شريف جي هڪ وڏي عالم السيد احمد دحلان سان ڪين خاص محبت هئي ۽ مڪي شريف جي مدرسة صولة جي باني ۽ صدر مدرس سان پڻ سندن دوستاڻا تعلقات هيا. عرب جا عالم سندن فقهي تحقيقات کي ڏسي وڏو تعجب ڪائيند هئا ۽ حيران ٿيندا هئا. پاڻ شام جي هڪ وڏي عالم ابونصرمحدث شاهي جي ڏاڍي تعريف ڪندا هئا ۽ چوندا هئا تہ اسان ايڏو وڏو عالم ڪونہ ڏٺو ڪيس ٻارنهن هزارحديثون ياد هيون.

سندن شاگردن جو تعداد بہ ڪافي آهي. انهن ۾ قابل ذڪرشاگرد حضرت امير محمد شاھ اميٽيڻ وارو نهايت قابل ذڪرآهن. جنهن ايترا تہ عالم پيدا ڪيا جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي ٢- مولانا عبدالرحيم مگسي استاد فقه سنڌ مدرسة الاسلام ٣- مولانا ڪامل ملڪن وارو ٤- مولوي محمد حسن سيالن وارو ٥- مولوي عبدالخالق جهلي وارو ٦- مولانا عبداللطيف ۽ ٻيا ڪيترائي وڏا عالم سندن شاگردي ۾ شامل هئا. پاڻ ٢٢ جمادي الثاني سن ١٣٥٤ھ مطابق ٢٢ سيپٽمبر ١٩٥٣ع ۾ آچر ڏينهن وفات ڪيائون.

# حضرت غلام شاهہ راشدي رح

دادو ضلعي ۾ راشدي سڳورن جون ٽي درگاهون مشهور آهن: ١- لکي (تعلقه ڪوٽڙي) شاهہ صدر نيڪ نظر ٢- ٻٽ سرائي تعلقہ ميهڙ ۽ ٣- درگاهہ پير عبدالوهاب شاهہ، پير جو ڳوٺ لڳ خيرپور ناٿن شاهہ تعلقہ خيرپور ناٿن شاهہ

درگاهہ ٻٽ سرائي مان، حضرت سائين محمدشاهہ عرف پير پنهل رح جو ٽيون نمبر فرزند سائين عبدالوهاب شاهہ عرف پير ٻڍل، اصل ڳوٺ ڇڏي خيرپور ناٿن شاهہ جي اوڀر ۾ ڪڏڻ واه جي ڪپ تي ولي محمد لاندبر جي ڳوٺ پرسان پنهنجو ڳوٺ اڏي اچي رهيو جو هاڻي پيرن جو ڳوٺ سڏجي ٿو. عبدالوهاب شاهہ ڏاڍو برڪت ڀريو پير هو. سندن هن ريت آهي:

محمد نگهبان عبدالوهاب
زايزد هميشہ بود ڪاميابي

پاڻ ١٣٣٥هہ ۾ وفات ڪيائون. پير غلام شاهہ، عبدالوهاب شاه جو ٻيو نمبر فرزند هو. سندس ٻين ڀائرن جا نالا هي هئا: پير علي مرتضيٰ شاهہ، پير غلام رسول شاهہ، پير غلام علي شاهہ ۽ پير غلام حيدر شاهہ. انهن مان هن وقت فقط پير غلام حيدر شاهہ حيات آهي. غلام شاهہ جي ولادت باسادت ١٣١٢هہ- ١٨٩٥ ع ۾ ٿي.

پاڻ پنهنجي والد ماجد کي سڀني ڀائرن کان وڌيڪ

پيارو هوندو هو ۽ سفر خواه حضر ۾ ساڻن گڏ هوندو هو. بيعت بہ پنهنجي والد کان ورتي هئائين.

جڏهن پڙهڻ لائق ٿيو تڏهن آخوند محمد صالح لانڊر وٽ قرآن شريف پڙهڻ وينو. قرآن شريف پوري ڪرڻ بعد مولوي عبدالعليم صاحب اسحاقي وٽ ديني ڪتاب، فارسي مڪمل ۽ عربي صرف ونحو تائين پڙهيائين. مطالع جو ڏاڍو شوق هوندو هئس. ڪافي ڪتاب ڪٺا ڪيائين، جي هڪ لئبرري جي صورت ۾ چڏيائين، جنهن ۾ چون ٿا تہ اڍائي هزار کن ڪتاب آهن. پاڻ مرشد گهراڻي جو بزرگ هو ۽ ڪافي مريد وٽس ايندا هئا. سياسي سجاڳي بہ منجهن گهڻي هئي. خلافت واري زماني ۾ پير الاهي بخش سان گڏجي ساري سنڌ جو گشت ڪيائين ۽ تقريرن ذريعي مسلمانن کي سجاڳي جو سنيهو ڏيندو رهيو. پاڻ خلافت ڪاميٽي تعلقہ ڪنڊڙ (هاڻي خيرپور ناٿن شاهہ) جو صدر هو ۽ مولوي مولا داد چانڊيو شهيد جنرل سيڪريٽري هو.

خيرپور ناٿن شاهہ ۾ هڪ وڏي خلافت ڪانفرنس ڪوٺايائون، جنهن ۾ مولانا تاج محمود امروٽي- مولانا دين محمد وفائي،مولانا مير محمد نورنگي،مولوي غلام فريد، عبدالجبار وڪيل حيدرآبادي، شيخ عبدالمجيد سنڌي وغيره جهڙن سياستدانن شرڪت ڪئي. مولانا محمد علي جوهر سان بہ سنڌن ملاقاتون ٿيون. کيس علم ادب ۽ شعر وشاعري سان بہ خاص شغف هو.

١٩٣٠ع ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ بزم راشدي جو بنياد رکيائين، جنهن مشاعرا ڪرائيندو هو. ١٩٥٠ع ۾ خيرپور ناٿن

شاھ ۾ بزم احباب جو صدر ٿي رهيو. سندس مريدن جو حلقو بہ تمام وسيع هو. ڪاڇي خواھ ڪوهستان، وچولي خواه لاڙ مان سندس معتقدن کان دلي دعوتون اينديون هيون ۽ پاڻ گهڻي مدت کان پوءِ سفر ڪندو هو. هو طبيب بہ هو ڪجهہ وقت پنهنجي ڳوٺ ۾ شفاخانو بہ ڪوليائين. حج جي سعادت بہ حاصل ٿيس. بدن جو نحيف هوندوهو، تنهن ڪري مريد ڪيس غلام شاھ "سنهڙو" جي لقب سان سڏيندا هئا. ڪيس هڪ فرزند سائين نصير شاھ نالي آهي.

سندن دستر خانو وسيع هوندو هو. پنهنجي اوطاق جي آڏو سرنهن هيٺيان وينو هوندو هو، جيڪو بہ ايندو ويندو ان کي ڪارائي خوش ڪري اماڻيندوهو. سڄو وقت وضوءَ ۾ رهندو هو. پڇاڙي واري ٽائيم ۾ ڪيس دم ڪشي ۽ ڪنگهہ جي شڪايت ٿي پيئي هئي ۽ انهيءَ وگهي ڪٽ تي وبني وبني رحلت ڪيائين.

پاڻ وصيت ڪئي هئائين تہ منهنجي تربت زمين سان برابر رکي وڃي. ٻين پيرن جو تربيتون بڏل آهن. باقي سائين حاجي غلام شاھ رح جي تربت زمين سنئين آهي، جنهن تي پٿر پيل آهن. پاڻ پنهنجي شاعري جو بياض ڪنو ڪيو هئائين جو افسوس آهي جو اهو بياض هن وقت گم آهي. سندن ڪلام مان فقط هڪ ڪافي ۽ هڪ غزل دستياب ٿيو آهي، جيڪو هيٺ ڏجي ٿو          شعر ۾ ڪڏهن پنهنجو نالو غلام شاھ ۽ ڪڏهن راشدي ڪم آڻيندا هئا.

# غزل

مون ڪان نه پڇ تون عالم ڪيف وسرور جو
مون کي مليو آ جام شراب طهور جو
جنهندم ٿيو ورود سراپائي نو جو
هر ذره ذره آهه ٿيو ڪوهه طور جو
ٿيو بتڪده مان نعره صل عليٰ بلند
ڇا وقت هو حبيب خدا جي ظهور جو
مشڪ ۾ چو محمد آسان ٿي وجي
ڪافي علاج اسم اهو درد سور جو
مجرم گهٽو ئي آهيان گنهگار شرمسار
سيڙهو سنڌو نه آه منهنجي فسق وفجور جو
فرياد يي ٻڌي نه ڪيو داد دلربا
ڇا ڇا پڇو ٿا حال دل ناصبور جو
ٿو گل ۾ پن ۾ شاخ شجر شاهدي ڏئي
هر شيءِ ۾ جلوه آه محمد جي نور جو
هر قطره قطره ساقيءِ ڪوثر جو راشدي
دريائي بي ڪنار آ ڪيف وسرور جو

# ڪافي

تلهه بيوس برابر ميڏي ساجن بن نهين سردي
سردي، نهين گذردي ساعت سک صبر دي
راتيان ڏينهان اڻ تڻ جنهندي هئڙي وچ هيڪاري
ٿران بران تي جهنگلان جبلان ڳوناناں وچ ڳولاري
بيحد منزل باري- اوکي راه پٿر دي
ڏير سوبر پنهل کون گهن ڳئے آذي وبل اتاري

# قاري محمد مدني ميهڙائي

ميهڙ جي مٽي جن عالمن، عارفن، ديني خدمات سرانجام ڏيندڙ شخصيتن کي جنم ڏنو آهي ان ۾ جناب قاري محمد ڏيرو مدني صاحب جو مقام تمام بلند آهي. قاري صاحب ١٩١٩ع ڌاري ڳوٺ رضا محمد ڏيرو تعلقه خيرپور ناٿن شاهه ۾ پيدا ٿيو. قاري صاحب شروعاتي تعليم پنهنجي چاچي مولانا عبدالڪريم ديروي صاحب وٽ پنهنجي "ڳوٺ ڪنڌي ڏيري" جي ڳوٺ ۾ ورتي. ان کان پوءِ مولانا ديروي گاهي مهيسر ۾ پڙهائڻ لڳا ته قاري صاحب انهن سان گڏ گاهي مهيسر ۾ آيو ۽ اتي پڙهڻ لڳو ڪجهه ٽائيم کان پوءِ قاري صاحب آزادي جي سپاهي انگريزن سان مهاڏو اٽڪائيندڙ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو رفيق مولانا محمد صادق وٽ مدرسه مظهرالعلوم کڏي ڪراچيءَ ۾ پڙهيا.

جيئن ته مولانا ديروي جو فني تجويد سان گهري دلچسپي هئي ان ڪري قاري صاحب کي پڻ فني تجويد ڏانهن راغب ڪيائين ديروي صاحب جي سعي ۽ ڪوشش سان قاري صاحب فني تجويد ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جي لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي. ان وقت تجويد جو فن سنڌ ۾ ناپيد هيو. قاري صاحب حقيقت ۾ ان فن کي خاص طور تي سنڌ ۾ زنده ڪيو، وڌايو ۽ پکيڙيو. سندس جذبو ۽ شوق اينربقدر هيو جو پاڻ فن تجويد ۾ وڌيڪ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ حجاز جو سفر ڪيائين، مسجد نبوي ۽ مدرسة العلوم الشرعيه مديني ۾ ان

وقت جي وڏي ۽ مشهور قاري شيخ حسن ابراهيم الشاعر وٽ تجويد جي علم جي وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين ۽ ڪيس قراۃ ۽ فني تجويد تي اينترو عبور حاصل ٿيو جو ڪيس استاد القرئ جو لقب عطا ٿيو.

قاري صاحب مستقل طور تي شڪارپور، مدرسه دارالقرآن ميهڙ ۾ پڙهائيندو رهيو پر تجويد جي فن کي عام ڪرڻ ۾ سڄي سنڌ ۾ قراۃ جا دورا پڙهايائين جنهن سان سنڌ ۾ قرآن ڪريم کي صحيح تلفظ ۽ طريقي سان پڙهڻ جو رجحان تمام گهڻي حد تائين وڌيو. آءُ سمجهان ٿو ته جڏهن به ڪو سنڌ جي ديني ادب جي تاريخ لکندو ته قاري صاحب جو نالو فن تجويد جي حوالي سان پهرين ۽ بنيادي شخصيتن ۾ شامل ٿيندو.

قاري صاحب ميهڙ ۾ راڌڻ روڊ تي، مدرسه عربيه دارالقرآن والحديث جو بنياد وڌو ۽ ان کي پنهنجي عروج تي پهچايو، پر جلد قاري صاحب ١٩٦٥ع ڌاري هجرت ڪري سعودي عرب هليو ويو اتي به مدارس تحفظ القرآن جو بنياد وڌائين، ۽ اڄ به ان جي بانين ۾ شمار ٿئي ٿو. قاري صاحب پاڪستان ۾ حنفي مسلڪ سان منسلڪ هيا پر آخري زماني ۾ چون ٿا ته سندن تعلق اهل حديث مڪتب فڪر سان هيو، پاڻ تقريبا ٽيهه سال سعودي ۾ رهيا ان دوران فقط هڪ دفعو ميهڙ ۾ آيو، چو ته سندس ارادو هيو ته سندس وفات حجاز مقدس ۾ ٿئي. ۽ بالاخر سندس وفات اتي ئي بتاريخ ٩٥- ٣- ٢٩ تي ٿي. ڪيس پنج پٽ، ڇهه نياڻيون آهن. ان ۾ سندس وڏو پٽ قاري سعيد احمد زبردست ذهين ۽ پاڪستان جي وڏن قارين

۾ شمار ٿئي ٿو. قاري سعيد احمد صاحب به مدينه يونيورسٽيءَ جو فارغ التحصيل آهي ۽ سبع عشر جو قاري آهي. ڪيس فن تجويد تي وڏو عبور حاصل آهي. مدينه يونيورسٽي ۾ ڪيس اعزازي ليڪچرار پڻ رکيو ويو. اڄڪلهه ميهڙ ۾ مدرسه عربيه دارالقرآن ميهڙ ۾ پڙهائي رهيو آهي ۽ مسلڪ اهل حديث جو وڏو مبلغ ۽ ميهڙ جي علائقي جو امير آهي.

سندس ٻيو پاءُ رشيد احمد قاري محمد صاحب جو ٻيو نمبر فرزند پڻ علم دوست آهي ۽ جڏهن ميهڙ ۾ هيو ته سياسي، سماجي، ادبي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺندو هيو اڄڪلهه سعودي عرب ۾ آهي. ۽ اتي به ادبي ۽ علمي سرگرميون جاري رکندو اچي ٿو. قاري صاحب جا باقي فرزند به سعودي عرب ۾ آهن.

قاري محمد صاحب تمام گهڻا شاگرد پيدا ڪيا جن ۾ چند شاگردن جا نالا هي آهن قاري غلام علي بڙدي قاري عبدالمجيد صاحب ڪوسو، قاري اسدالله بروهي قاري محمد صديق مهيسر، قاري عبدالڪريم صاحب قاري عبدالله خشڪ صاحب قاري عزيزالله قاري خان محمد قاري احمد صاحب مشهور هئا.

قاري محمد صاحب جو پائيتو مولانا حبيب الله ڏيرو صاحب زبردست ذهين ماڻهو آهي پاڻ مفتي ڪريم بخش صاحب، مگسيءَ وٽ ڪتاب پورا ڪري مدرسي ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين. ۽ پنهنجي وقت جو بهترين مدرس هيو ان ڪان پوءِ عالم فاضل ۽ تنظيم المدارس جا امتحان اعزازي نموني

سان پاس ڪيائين اڄڪلهه ميهڙ هاءِ اسڪول (١) ۾ عربي جو استاد آهي نهايت يار ويس انسان آهي، سندس ڪيترائي مضمون اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي چڪا آهن. هينئر به سماجي ۽ علمي سرگرمين ۾ حصو وٺندو رهي ٿو.

# مرحوم مولانا احمد علي مشتاق ڏيرو

ڳوٺ ڏيرا تعلقه خيرپور ناٿن شاھ طبيبن ۽ عالمن جي ڪري مشهور آهي، ويجهڙائي ۾ "ڏيرا" قوم مان وڏا عالم ۽ طبيب ٿي گذريا آهن.

مولوي عبدالڪريم "ديروي" مولوي محمد صاحب ڏيرو، عالم ۽ حڪيم رضا محمد ڏيرو،مولوي نظام الدين قاري محمد قاري احمد عالم ۽ سياستدان وغيره.........

مولوي احمد علي ولد مولوي محمد علي ڏيرو،پنهنجي ڳوٺ ڏيرا ۾ ١٠ شوال ١٣٣٥ھ مطابق جولا ١٩١٧ع ۾ تولد ٿيو، شروعاتي تعليم ڳوٺ جي سنڌي اسڪول ۾ ورتائين، جتان پنج درجا پاس ڪري، پنهنجي مدرسي ۾ عربي ۽ فارسي جي تڪميل باقاعدي دستاربندي ڪيائين. ساڳئي وقت "طب" ۾ به خاص ملڪو حاصل ڪري، پنهنجي والد ماجد جو خود سنو طبيب هو، جي زيرنگراني مطب ڪولي طبابت ڪندو رهيو.

ان وقت ميهڙ ۾ بزم بلبل طرفان مشاعرا ٿيندا هئا. ڪيس انهن مشاعرن ۾ وڃڻ ڪري شعر جو شوق جاڳيو. غريب مرحوم ۽ پنهنجي دوستن جي همتائڻ تي باقاعدي شعر چوڻ لڳو، شعر ۾ تخلص "مشتاق" ڪري ڪم آڻيندو هو، دادوءَ ۾ بزم آفتاب ادب طرفان مشاعرن ۾ شرڪت لاءِ ڪيس مدعو ڪيو ويندو هو، انهن ۾ به شرڪت ڪندو هو. هوڏانهن لاڙڪاڻي ۾

"حاجي محمود خادم" جي طرفان طرحي مشاعرا ٿيندا هئا ۽ اديب سنڌ رسالو نڪرندو هو. مولوي "مشتاق" پنهنجا شعر اديب سنڌ ۾ به موڪليندو هو، جي شايع ٿيندا رهندا هئا. شعر وشاعريءَ ۾ مشتاق چڱو نالو ڪڍيو پر سندس حياتيءَ جا ڏينهن ٿورا هئا جو ٢٩ سان جي ننڍڙيءَ عمر ۾ تاريخ ٢٩ جمادي الاخر ١٣٦٤هه مطابق مئي ١٩٤٦ع ۾ رحلت ڪري ويو. سندس وفات تي مرحوم جمعا خان غريب هي قطعو لکيو هو، جو اديب سنڌ ۾ شايع ٿيو هو.

## قطعو

١ ويو لڏي دنيا ڇڏي اف نوجوان احمد علي
ماڳ هي هستيءَ جو ناهي آهه هي دنيا فنا
٢ مجلسي هي ٿيو وڃي در مجلس- احمد علي
باليقين آغوش رحمت حق ۾ آ دائما
٣ آهه ٿيو عشاق ڪان گويا ته اڄ جاني جدا
سال ٿيو انجو "شهيد ناز" انداز قضا
٤ بادل رحمت مسيحي سال ۾ (زير مغفرت)
هجري سن (مشتاق احمد ساڪن دارالبقا)

چون ٿا ته مرض الموت وقت مشتاق مرحوم هي شعر چيو هو:

## پيام- موت

١ مل اچي اي دوست جو سمجهان ٿو پويون وقت آهه
ٿيو هجوم غم آسر تي ۽ مصيبت سخت آهه
٢ آ وسامڻ تي گهڙيءَ ۾ هي چراغ زندگي

شڪل منهنجي ويئي ڦري ناهي بدن ۾ ڪا خوشي
٣ هر نفس هاڻي پيـــام مـــوت جو اعـــلان آه
جلد نڪرڻ واري منهنجي جسم مان هي هي جان آه
۴ پنهنجي مـــرڪز ڏي وڃي ٿـــو ڇاڻ روح ناتوان
هر ڪنهين دم تي ٿـــئي ٿـــو آخري دم جو گمان

# "الحاج حافظ محمد احسن چنا"

الحاج حافظ محمد "احسن چنا" ڪهنه مشق شاعر، اديب، صحافي ۽ استاد ٿي گذريو آهي. حافظ محمداحسن چنا پنهنجي مختصر سوانح حيات لکي آهي. جنهن مطابق حافظ صاحب ڳوٺ ملڪاڻي تعلقه دادو سن ١٩٠٠ع ۾ بهار جي موسم ۾ پيدا ٿيو سندس والد جو نالو جمع خان هو. جيئن ته حافظ صاحب اربع جي ڏينهن پيدا ٿيو تنهنڪري سندس نالو محمد عارب رکيائون. ان کان پوءِ ڪجهه ڏينهن گذريا ته سندس نالو محمد هاشم رکيو ويو سندس ڳوٺ ۾ حضرت پير مدد علي شاهه جيلاني سجاده نشين درگاهه راڻي پور وارو آيو ته سندس والد حافظ صاحب لاءِ دعا لاءِ عرض ڪيو. پير صاحب پڇيو ته نالو ڇا رکيو اٿوس؟ پير صاحب کي ٻڌايو ويو ته نالو محمد هاشم رکيو اٿونس، پير صاحب چيو ته نالو رکونس ٿا محمد ۽ دعا ڪيائين ته نيڪ، صالح، حافظ ۽ وڏي عمر وارو ڪندوس، حافظ " احسن" صاحب جڏهن ڇهن سالن جو ٿيو ته کيس علامه مخدوم غلام محمد مجددي ملڪاڻي جي مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو. مدرسي ۾ حافظ نصرالله وٽ ناظران پڙهيو. ان کان پوءِ فارسي ۽ ڪجهه عربي ملڪاڻي صاحب وٽ پڙهيو. ملڪاڻي صاحب جي تحريرات جو ڪم به حافظ صاحب ڪندو هو. ان کان پوءِ حافظ صاحب محلي جي مسجد پرسان مدرسو کوليو جنهن ۾ قرآن شريف

جي تعليم ڏيڻ شروع ڪيائين حافظ صاحب کي خيال آيو تہ ديني تعليم سان گڏ دنيوي تعليم بہ ڏني وڃي، ان وقت حڪومت مسلم اسڪولن لاءِ جدا ڪاتو قائم ڪيو هو. حافظ صاحب پنهنجي مڪتب کي رجسٽر ڪرائڻ لاءِ درخواست ڏني ان وقت ڊويزنل ڊپٽي ايديوڪيشنل انسپيڪٽر خانبهادر نورالدين غلام علي نانا هو جڏهن مڪتب کي گورنمينٽ کان رجسٽر ڪرايو. ان اسڪول ۾ ٻيا استاد بہ مقرر ٿيا. حافظ صاحب مڪتب ۾ نهايت محنت ۽ لڳن سان ڪم ڪندو رهيو پنهنجي ڳوٺ ۽ پسگردائي جي ڪيترن ئي شاگردن پرائمري تعليم حاصل ڪئي. ڪن فائينل پاس ڪري ماستري ۽ ٻيون نوڪريون ڪيون ۽ ڪي انگريزي پڙهڻ لاءِ تيار ڪيا ويا. ١٩٢١ع ۾ مسلم اسڪولن جي هيڊ معلمن ۽ مئينجرن جي ٽريننگ لاءِ سنڌي ڪورس جو اسڪول راڌڻ اسٽيشن تعلقہ ميهڙ ۾ قائم ڪيو ويو. ان ۾ حافظ صاحب کي ٽريننگ لاءِ گهرايو ويو جيتوٽيڪ حافظ صاحب ڪنهن اسڪول ۾ تہ باقاعده سنڌي ڪو نہ پڙهيو پر ان جي باوجود ساليانی امتحان ۾ پهريون نمبر آيو. جنهن ڪري تعليم جي ڪاتي جي آفيسرن ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. حافظ صاحب شاگرديءَ واري زماني کان شعر و شاعري ڪندو رهندو هو. ڪيترون ئي ڪافيون ناهيائين، سندس پهريون قومي نظم لاڙڪاڻي مان نڪرندڙ اخبار ”الحقيقت“ ۾ شايع ٿيو. جون ١٩٢٠ع ۾ ملا اسڪل مخزن ماهوار ”جيڪو ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد“ مان شايع ٿيندو هو ان ۾ تعليم جي عنوان سان شعر شايع ٿيو.

حافظ صاحب ”ترغيب العلم“ نالي ڪتاب شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ کي نظرثاني لاءِ موڪليو. مرزا صاحب ان کي پسند ڪيو ان کان پوءِ اهو اسڪول بوڪ ڪاميٽي بمبئي کي موڪليو ويو. ڪاميٽي اهو اسڪولن لاءِ منظور ڪيو. اهو ڪتاب پوڪرداس بوڪ سيلر شڪارپور واري کي موڪليو ويو جنهن پنهنجي خرچ سان ١٩٢٢ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

حافظ صاحب جا شعر ان وقت جي رسالن ۾ شايع ٿيڻ لڳا. مخدوم الشعراءِ* حاجي محمود ”خادم“ جيڪو پڻ وڏو شاعر هو. ان کيس ”احسن“ تخلص رکڻ جو مشورو ڏنو. جمع خان ”غريب“ کان به حافظ صاحب شعرن جي اصلاح وٺندو رهندو هو. ١٩٣٠ع ۾ ويڙهومل ڪشنمل ڪتب فروش لاڙڪاڻي واري پنهنجي خرچ سان ٻن سو شعرن جو مجموعو ديوان احسن جي نالي سان ڇپايو. جيڪو تعليم کاتي اسڪولن ۽ ٽريننگ ڪاليجن جي لاءِ منظور ڪيو، نثر ۾ حافض صاحب خواجه حسن نظامي دهلوي جي ڪتاب ”سچون پرستم“ ”سچن تي ستم“ جي نالي سان شايع ڪرايو.

جڏهن دادو ضلعي جي الڳ ضلعي واري حيثيت قائم ٿي ته پهرين جاگرافي حافظ محمد احسن لکي. جيڪا ڪيترن سالن تائين اسڪولن ۾ پڙهائي ويندي هئي. ماستر علي حيدر ملڪاڻي، ماستر حڪيم جمع خان ”غريب“ ۽ امام الدين ”ضامن“ جي مشوري سان حافظ صاحب دادو ۾ ”انجمن آفتاب ادب“ جو پايو وڌو ان جو پاڻ وفات تائين تقريبا ٣٨ سال جنرل سيڪريٽري رهيو. ١٩٤٠ع ۾ ڇهين آل سنڌ ادبي

ڪانفرنس ”جميعت الشعراءِ“ طرفان دادو ۾ رئيس ضياءُ الدين ايس بلبل جي صدارت ۾ دادو ۾ گهرائي ويئي. جنهن ۾ ڪراچيءَ ڪان ڪشمور تائين سڄي سنڌ جا اديب علم دوست ۽ وڏا دانشور شريڪ ٿيا، حافظ صاحب ان ڪانفرنس جو جنرل سيڪريٽري رهيو. ١٩٤٨ع ۾ پاڪستان ناهڻ کان پوءِ حافظ صاحب ڳوٺ ملڪاڻي کان لڏي دادوءَ ۾ وينو ۽ تعليم کاتي ۾ ٣٣ سال پورا ڪري هيڊ معلم جي عهدي تان ريٽائرڊمينٽ ڪيائين ۽ دادو ۾ ئي واپار جو ڌنڌو شروع ڪيو. ان دوران حافظ صاحب ٻارهين آل سنڌ ادبي ڪانفرنس انجمن آفتاب ادب جي طرفان منعقد ڪرائي جنهنجي صدارت عالمي شهرت يافته دانشور علامه آءِ، آءِ، قاضي ڪئي.

١٩٤٥ع ۾ الحاج مرزا افضل بيگ جي رفاقت ۾ حافظ صاحب پڻ حج جي سعادت نصيب ڪئي. سندس دل عشق رسول سان هميشه پربل هئي. شعر وشاعري تصنيف وتاليف مضمون نگاري به سندس محبوب مشغلو هيو. سنڌي زبان جو اهڙو ڪو به رسالو يا اخبار نه هوندي جنهن ۾ حافظ صاحب جو مضمون يا نظم شايع ٿيل نه هجي. مضمونن ۽ شعرن تي ڪيترائي انعام ڪيس مليل آهن. حافظ احسن صاحب تقريبا نثر ۽ نظم ٥٤ چوونجاهه ڪتاب لکيا آهن. جن مان ٣٤ ڪتاب ڇپائي هيٺ آيا. ڪن ڪتابن جا ته ڏهه ٻارنهن ايڊيشن شايع ٿيا. حافظ صاحب جي شاگردن ۽ عقيدتمندن سندس اعزاز ۾ ”محفل احسن ادب“ برپا ڪئي. جنهنجي نگراني ۾ ڪيترائي مشاعرا ۽ ادبي محفلون ٿي گذريون آهن. حافظ صاحب جو ريڊيو ۽ ٽي وي تان ڪلام نشر ٿيندو رهيو.

١٩٧١ع ۾ حافظ "احسن" صاحب کي سنڌ حڪومت سنڌس ادبي خدمتن جي ڪري ڪيس سرٽيفڪيٽ ۽ هڪ واچ انعام طور ڏني. ١٩٧٣ع کان وٺي کيس پاڪستان جي مرڪزي حڪومت کان کيس ماهوار وظيفو پڻ ملندو رهيو.

دوستن جي اسرار تي پاڻ هفتيوار اخبار آواز سنڌ جو ايڊيٽر ۽ پبلشر مقرر ٿيو ۽ وفات تائين ان کي جاري رکيائين. اها اخبار احسن پرنٽرز مان شايع ڪرائيندو هو. ١٩٧٤ع ۾ سنڌ حڪومت پڻ وظيفو مقرر ڪيو. سنڌس پٽ منظوراحمد رلٽو ملٽو انسان آهي. حافظ جي نالي تي دادوءَ ۾ احسن چوڪ ۽ گهٽي يادگار طور پڻ موجود آهن.

حافظ صاحب ادب جي ميدان ۾ وڏو جاکوڙي ۽ جدوجهد ڪرڻ وارو انسان هيو، غريبي جي باوجود علم ۽ اهل علم سان کيس وڏي محبت هئي. خاص طور تي مرزا افضل بيگ (جيڪو مرزا قليچ بيگ جو فرزند هو) ان سان گهاٽي دوستي هئي.

آخر هن جهوني اديب، شاعر، عالم، جون ١٩٨٤ع ۾ وفات ڪئي. سنڌس ڪتاب اڻ ڇپيل آهن ڪو ادارو جيڪڏهن انهن کي شايع ڪري ته ادب جي وڏي خدمت ٿيندي.

# نشتر ناٿن شاهي

سچو نالو غازالدين نشتر ناٿن شاهي آهي، ذات جو لغاري گلباڻي پاڙي سان سندس تعلق آهي. ضلع دادو تعلقه خيرپور ناٿن شاهه جي ڳوٺ ٻهاري ١٥ مارچ ١٩٢٩ع ۾ پيدا ٿيو پرائمري تعليم ۽ مقامي اسڪولن مان حاصل ڪيائين. هينئر تعليم کي، ايم. اي تائين پهچايو اٿس. سندس طبيعت ۾ خودداري، سخاوت ڏانهن مائل الله تي ڀروسو رکندڙ آهي. نشتر صاحب يارن جو دوستيءَ ۾ ۾ نفعي نقصان کي نه ڏسڻ ۽ ڪس ڪائڻ سندس شعار آهي.

پاڻ استاد آهي ۽ پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ تعليم ڏيندو رهي ٿو.

شاعري جي شروعات ١٩٤٨ کان ڪيائين شاعري ۾ سندس استاد مشهور شاعر عبدالله اثر لاڙڪاڻوي هو. لوڪ ادب سان سندس دلچسپي پڻ گهڻي رهي آهي. سندس ڪلام هر اخبار توڙي رسالي م شايع ٿيندو رهي ٿو. سندس خاص محبت سه ماهي مهراڻ سان آهي. بزم طالب المولىٰ خيرپور ناٿن شاهه سان گهڻو چاهه رکي ٿو. بزم روح روان ڪافي وقت کان ان جو سيڪريٽري پڻ رهيو آهي. سندس ڪوشش سان بزم سٺي ترقي ڪئي آهي. جميعت الشعراءِ سنڌ جو ڪافي وقت کان ونی جوائنٽ سيڪريٽري پڻ رهيو آهي. سندس هيئت ۽ اسلوب اگرچه قديم فن مان پيدا ٿيل آهي ان سان گڏ فن جي افاديت زبان اهميت ۽ خيال جي ندرت سندس

فن کي جديد دور ۾ پسنديده شاعر تسليم ڪرائي ڪيس اعليٰ مقام تي پهچايو آهي.

نشتر بہ هر صنف تي لکيو آهي. غزل، نظم، آزاد نظم، قطعا ۽ رباعيات سندس پسنديده اصناف آهن، نشتر موجوده دور جي سنن ۽ مقبول شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. نشتر جي مادري زبان سرائڪي آهي، انڪري سرائڪي زبان ۾ ڪافي ڪلام چيو اٿس، جنهن ۾ غزل بہ چيو اٿس، ڪيس شعر پڙهڻ جو پڻ وٽندڙ ڍنگ آهي، نئين زندگيءَ ۾ سندس ڪافي سارو سرائڪي ڪلام ڇپيو آهي.

پاڻ سڄي سنڌ ۾ علمي مذاڪرن ۾ شرڪت ڪندو رهي ٿو خاص طور تي دادو ضلعي اندر جيڪي بہ ادبي محفلون ٿينديون آهن انهن ۾ ڀرپور نموني شرڪت ڪندو آهي ۽ نهايت پرلطف انداز سان محفل کي پڻ گرمائيندو آهي، نئين ٿهي جي ڪافي شاعرن جي اصلاح پڻ ڪندو رهندو آهي.

# محسن ڪڪڙائي

سيد نياز علي شاهه محسن ولد سيد احمد شاهه ۴جولاءِ ١٩٣٧ع تي ڄائو اصل ڳوٺ ڪڪڙ تعلقه خيرپور ناٿن شاهه اٿس. ٥٢-١٩٥١ع ۾ شعر لکڻ شروع ڪيائين. سندس ڪلام شاعرانه نغمگي، سادگي ۽ دلڪشي ڪري اعليٰ مقام تي پهتو آهي، شعر جي سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪري چڪو آهي. حافظ احسن چنا ۽ احمد خان آصف کان ابتدا ۾ اصلاح ورتائين.

سندس مجموعه ڪلام "امنگون" ڇپيل آهي ١٩٥۴ع کان ريڊيو پاڪستان تان سندس ڪلام نشر ٿيندو رهي ٿو. اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس مضمون ۽ شعر ڪافي تعداد ۾ ڇپبا رهن ٿا.

نثر ۾ ليليٰ جا خط ڇپيل اٿس. ١٠، ٢٠ اڻ ڇپيل مسودا وٽس موجود آهن. جنوري ١٩٦٥ع ۾ قومي نغمن واري مقابلي ۾ سنڌي نظم تي پهريون انعام گورنر اولهه پاڪستان طرفان مليس ۽ اهڙي طرح ڪمشنر خيرپور ميرس طرفان ٻه سو روپيه نقد انعام مليس.

تازو سندس ڪلام جو ترجمو ڀارت ۾ چوڏهن زبانن ۾ ڪيو ويو آهي. اهو ترجمو ڀارت جي مشهور ادبي اداري ڀارتي گياپٺ ساهتيه اڪيڊمي جي طرفان ڪيو ويو آهي. محسن صاحب سيڪنڊري استاد آهي. بزم طالب المولیٰ خيرپور ناٿن شاهه جو جنرل سيڪريٽري ۽ اداره فلاح وبهبود

خيرپوناٿن شاهه جو باني آهي.

آٿم ناٿن شاهي ۽ وفا ناٿن شاهي سندس قابل فخر شاگرد آهن. پاڻ نهايت قربائتو آهي ۽ سندس دوستن جو حلقه نهايت ئي وسيع آهي.

محسن جو فن جذبات جي رنگيني تاثرات جي تلخي ۽ مشاهدات جي شدت جو تخيل آهي هر تيز تلخ مسئلو کنهن رنگين اشاري ۾ بيان ڪرڻ سندس ڪمال آهي، محسن پنهنجن معاصر شاعرن ۾ چڱي شهرت ۽ اعليٰ مقام ماڻيو آهي، لفظن جي صحت ۽ خيال جي ندرت سندس فن جو مخصوص معيار آهي. پائمال ۽ پراڻي خيال کي نئين ۽ دلآويز رنگ ۾ پيش ڪرڻ سندس زرخيز طبع جو ئي ڪمال آهي. جيڪو اجا استاد شاعرن کي نصيب نه ٿيو آهي. محسن صاحب استاد، اديب، شاعر هجڻ سان گڏ موسيقيءَ جو ماهر پڻ آهي، موسيقي جي ڄاڻ هن استادن کان حاصل ڪئي آهي، سندس بقول ته جيڪڏهن شاعري نه ڪرڻي هجي ها ته ڪيس علم موسيقيءَ ۾ وڏو ڪمال حاصل هجي ها.

## انداز غزل

جوين ۾ شهر حسن ۾ فصل بهار ۾
ڪيئن ٿو چوين ته دل کي رکون اختيار ۾
حسن نظر سان ڪنهنجي نظر ٿا چمون پيا
پنهنجي پريت آهي سدائين خمار ۾
ههڙي حسين حيات مگر پوءِ به چند روز
اهڙو گمان ڪو نه هو پروردگار ۾

زاهد کي تنهنجي شوخ تبسم جي ڇا خبر
تفصيل ڳولڻو تــو پوي اختصار ۾
محسن هي اضطراب هي طوفان غم تہ ڏس
نادان ڇا رکيو آ سکون ۽ قرار ۾

## عـ٢

هن ديس جو رکوالو هن ملڪ جو واهي مان
اوپاڪ وطن تنهنجو شهزود سپاهي مان
مان امن جي عالم ۾ مکڙي مهڪ سڏجان
۽ جنگ دشمن لئہ جڻ قهر الاهي مان
ويهان تہ ڇپر ڇا نوڪاهيان تہ پٿر پاڻي
ڳايان تہ منيون لوليون گرجا هي مان
اڳ ۾ بہ ڪفن سر تي محسن کي ڏنو دنيا
هاڻي بہ ڏيان وڻيو جرات جي گواهي مان

# (سقراط سيتائي)

شبير احمد ولد محمد حسن سومرو سال ١٩٦٤ع ۾ دادو شهر جي پرسان مرڪپور ۾ ڄائو. ننڍپڻ ڪوٽڙي جوهي ۽ دادو ۾ گذاري پنهنجي والدين سان مستقل طور سيتا ۾ مقيم ٿيو. اتي رهڻ ڪري سقراط سيتائي سڏجڻ ۾ آيو

مئٽرڪ سيتا هاءِ اسڪول مان پاس ڪري ڪمرشل ٽريننگ انسٽيٽيوٽ دادو مان سال ١٩٨٤ ۾ ڊپلومہ حاصل ڪيائين. اڄ ڪلهہ روزگار حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ وڌيڪ تعليم لاءِ ڪراچي ۾ مقيم آهي.

ننڍي لاڪر هلڪي سلڪي شاعري ڪندو هئو، پوءِ جناب پيرل پرديسي جي زير تربيت ۽ رهنمائي هيٺ باقاعده موزون شاعري شروع ڪيائين. مشاعرن ۾ بہ شريڪ ٿيندو رهي ٿو. اڪثر ڪري غزل تي طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو. ان سان گڏ ترائيل هائيڪو، آزاد نظم ۽ ڪجهہ نعتون لکيون اٿس.

شاعري ڪافي ڇپيل اٿس، چند ڪهاڻيون بہ لکيون اٿس، ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺندڙ آهي، سنڌي ادبي سنگت شاهہ آباد جو سيڪريٽري جنرل ۽ نئين ٿهي ادبي سنگت سيتا جو جوائنٽ سيڪريٽري آهي.

## انداز غزل

١- اڄ بہ سوچيندڙ جي ڪل پئي آتڙي

سوچي سوچي پاڻ سان پيو آچڙي
٢- پاڻ ۾ عاقلن اڄ ٿي چيو
سچ ايري جيسين چنڊٽي پئي ڪڙي
٣- هت وفاداريون پيا وڪڻن وڻن
هٽ اٿئي ويڪو ضيمرن جي پرتي
٤- ضياءَ سان اضياءَ جو مٽيندي ڏنم
من اندر پئي جنگ مهاياري چڙي
٥- ڏوهه ڏاهپ ڪي ڏسڻ جي ڪئي
ڪوڙ پيو آ سچ جي گهر ۾ گهڙي
٦- هو چڱا جي چار وينا آهن مڙي
وقت جو سقراط پيو مهٽي نڙي

# امام الدين "ضامن"

سنڌ جو مشهورمزاح نگار امام الدين "ضامن" صاحب ميهڙ جي پرسان ڏبيءَ نالي ڳوٺ ۾ ۱۹۰۹ع ڌاري پيدا ٿيو. سندس والد بزرگوار چڱو زميندار هو. پر ننڍي هوندي ئي ضامن کي يتيميءَ جا ڏينهن ڏسڻا پيا. ڇاڪاڻ ته پنجن سالن جي عمر ۾ سندس والد جو انتقال ٿي ويو. چار پنج درجا ضامن سنڌي پڙهي. فقيريءَ جي تلاش ۾ وڃي قلندر جي دربار جو ملنگ ٿيو. سالن جا سال قلندر شهباز جي درگاهه تي رهيو. ڪجهه وقت ڪان پوءِ پوسٽ آفيس ڪاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. جيڪا پڇاڙيءَ تائين هلندي آئي. قلندر جي دربار ۾ رهڻ ڪري سندس طبعيت ۽ مزاج به قلندرانه ۽ خودداريءَ وارو بنجي ويو هو.

تنهن ڪري خوشامدي پسند آفيسرن کي سندس مزاج پسند نه آيو هن ڪري ضامن ويچاري کي تنگ ڪندا هئا ۽ ڪيس پري پري بدلي ڪندا هئا. ڪوئنٽيا ۽ پشين تائين ڪيس وڃڻو پيو. پر هي مرد قلندر پيرين اگهاڙو برفن ۽ ڪنڊن کي لتاڙيندو، ڪلائيندو، وندرائيندو ٽپال ورهائيندو وتندو هو، تمام ٿوري پگهار جي باوجود والده ۽ اولاد جي چڱي نموني خدمت ڪيائين. بڪون ڪاتي به پنهجي پٽ کي اعليٰ تعليم ڏياريائين. شاعري مرحوم شمس الدين بلبل جي صحبت ۽ اصلاح سان شروع ڪيائين. بلبل صاحب ان وقت جي وڏن، اديبن ۽ شاعرن ۾ شامل هيو. خاص طرح مزاح نگاري صنفن

۾ بي مثال هيو.

ضامن جو مزاح بہ نهايت لذيذ، دلنشين ۽ سنجيده هوندو هو. سندس مزاح بہ زندگي جي ڏکن ڏولاون ۽ تنگين جو رد عمل هو. هن روئڻ ۽ روئارڻ جي بدران کلڻ ۽ کلائڻ کي اهميت ڏني. کلڻ ۽ کلائڻ هڪ ڏکيو فن آهي. تمام گهٽ ماڻهو هن صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. پر مرڪڻ ضامن جو خاص مشغلو بنجي چڪو هو. سندس شعر ۾ جدت ۽ شعور جي پختگي سمايل هئي. هن پنهنجي شعر ۾ تقريبا معاشري جي هر طبقي سان ان ۾ ملان مولوي، پير رشوت خور آفيسر، وڏيرا سڀ اچي وڃن ٿا. طنزيہ انداز ۾ چوڏا لاهي ڇڏيا.

وڏين مجلسن ۽ مشاعرن ۾ وڏن عالمن، ۽ آفيسرن جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي ڳالهہ دليرانہ ۽ بي خوفيءَ واري انداز ۾ چئي ڏيندو هو. سندس ڪلام ۾ ناشائستگي بلڪل نہ هوندي هئي. آخر هي مرد مجاهد ١٩٥٩ع ۾ وفات ڪري ويو.

# ناز سنائي

محمد عثمان ولد محمد خان ميمڻ تخلص ناز سنائي ٢٢ آڪٽوبر١٩٦٢ع ۾ سن شهر ۾ پيدا ٿيو. پرائمري ۽ مئٽرڪ تائين تعليم سن ۾ حاصل ڪيائين ۽ بي- اي- جي ڊگري سنڌ يونيورسٽيءَ مان ورتائين. شاگردي واري دور کان حضرت شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ کان متاثر ٿي شاعري ڪيائين، غزل، وائي ۽ بيت تي طبع آزمائي ڪئي اٿس، محترم راشد مورائي ۽ تاج جوئي کان اصلاح وٺندو هو، هاڻي هن جي ڪلام کي اصلاح جي ضرورت ڪا نه آهي. ناز صاحب باز ڪندو لڳ ڀڳ پيٽارو جي ٦ سال پرائمري استاد رهيو آهي. ان سان گڏ پنهنجي والد صاحب جو به ڪاروبار ۾ هٿ ونڊائيندو رهيو آهي. ناز علم ادب جي خدمت ۾ پيش پيش رهيو آهي. ننڍي عمر ۾ هن جيڪا سنڌي ادب جي خدمت ڪئي آهي تنهن ڪيس وڏن اديبن کان به مڃتا نهون ڪيو آهي. ناز چٽڳ جا ٻارن جي لاءِ ٢٥ پرچا مسلسل ڪڍيا سندس ٻارن جي ادب ۾ وڏو حصو آهي، ان سان گڏ ٻي شمار ڪتاب ڇپرائي چڪو آهي. انهن جي مڪمل لسٽ ڏيڻ جي اسان ڪوشش ڪنداسين، سندس ذاتي تصنيف ٿيل ڪتاب هيٺيان آهن.

(١) ڏکيون جان نه مڙن (٢) ڪچان ته ڪافر (٣) هاءِڪاهوڙي هليا (۴) رڇي جي ريڇو ٿيا (٥) ڏونگر ڏوريا (٦) حفيظ شيخ (٧) منهنجو عزم فولاد (٨) نوان چار درويش (٩) سنڌ جو سفر (١٠) جاڳرتا

# انداز غزل

يار اسان کان ڏار پري
هت، هت وينو عيد ڪري
توکي موت اچڻ کان اڳ
شل ڪو تنهنجو موت مري
ساٿي تون پل موٽي وڃ
منهنجو ڏاڍو پنڌ پري
ويندس آ اڪيلو اڄ
ممکن آهي ڏاڍ ڏري
ڇڏيو تتيءَ جو پنڌيوان
جو هت منهنجو ڏينهن نري
چاريا چندن چانگي ڪي
اوڳو وينو گاهه چري
تارن ۾ پريل رات ڏسي
توکي ارپيم نيڻ پري
سيئي پرتا يار وري
ناز ڪنهن سان عشق ڪري
(تحقيق طلب)

# "قمرالدين قمر عباسي"

قمرالدين قمر عباسي، دادو جي مشهور وڪيلن ۽ اديبن مان هڪ آهي. قمرالدين صاحب ١٩٤٠ع ۾ دادو ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ڪلهوڙا خاندان مان آهي. ننڍي هوندي ماءُ جي لولي ۽ پيءُ جي پيار کان محروم رهيو. عزيزن شريفن جي رحم تي پلجي پاڻ جهلو ٿيو.

جڏهن سندس عقل سليم ۽ فهم بلوغت تي پهتو ته سندس صلاحيتون منظر عام تي ظاهر ٿيڻ لڳيون، عباسي صاحب ڪلاس ۾ هر پهلو کان هوشيار ۽ ذهين سمجهيو ٿي ويو ۽ ادبي ذوق ڪيس وقت به وقت لکڻ تي آماده پئي ڪيو ۽ ڪافي ڪجهه مقالا، مضمون، افسانا ۽ ناول وغيره سنڌ جي جدا جدا رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا.

پاڻ ١٩٥٨ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين اڳتي تعليم ڪي جاري نه رکي سگهيو ۽ بعد ۾ بي اي ۽ ايل ايل بي جا امتحان پاس ڪيائين ڪيس ادبي ڪيريئر ۾ آئي گھڻو وقت ٿيو آهي. پنهنجي ذهني ذڪاوت سبب ادبي دنيا ۾ اڳتي نظر اچي ٿو. ڪيس فنون لطيفه جي ڪافي ڄاڻ آهي، سوزو ساز ۽ آواز سان لڳاءُ اٿس. سندس ڪافي تصنيفات آهن، جن ۾ ڪي زير طباعت آهن ته ڪي وري منظر عام تي اچي چڪيون آهن.

سندس مشهور ڪتاب (١) عيسائيت (٢) مرزا جو مذهب (٣) اسٽيڊي آف مين ڪائينڊ ٿروسائنس اينڊ لاسٽ ڊوائين بوڪ قرآن (٤) داغ قمر (٥) دي نيچرل آرٽ آف لونگ

(انگريزي) (٥) قاديانيت جو علمي جائزو (٧) زندگيءَ جو فن وغيره آهن.

## انداز غزل

نشان آ منهنجي غيرت جو ڪڏهن زاهد ڪڏهن ساقي
ثنا خوان منهنجي الفت جو ڪڏهن زاهد ڪڏهن ساقي
٢- ملي افلاڪ کي وسعت حقيقت ۾ سندم دل کي
ٿيو شاهد آ عظمت جو ڪڏهن زاهد ڪڏهن ساقي
٣- ڪڏهن صحرا جي سيني تي ڪڏهن جبلن جي دامن ۾
ڪيو آ روح اڄ قسمت جو ڪڏهن زاهد ڪڏهن ساقي
٤- وڃائي آستان پنهنجو وڃي صياد وٽ ڦاٿس
وٺو آ درس عبرت جو ڪڏهن زاهد ڪڏهن ساقي
٥- ڪري نفرت سدا هر ڪو رهان ٿو پر سندن دل ۾
رکي ٿو درد حسرت جو ڪڏهن زاهد ڪڏهن ساقي
٤ -قمر مون کي چون ٿا سڀ رهان آڪاش ۾ ٿو پر
ڪري شڪوه ٿو شهرت جو ڪڏهن زاهد ڪڏهن ساقي

# علي دوست عاجز

ميهڙ تعلقي جن اديبن شاعرن کي جنم ڏنو آهي ان ۾ علي دوست" عاجز" پڻ مشهور ۽ سٺن شاعرن ۾ شامل آهي. هي اسان جو شاعر فريدآباد تعلقي ميهڙ ضلع دادو ۾ تاريخ ٢٤-٩-٢ تي پيدا ٿيو غريبي جي باوجود پنهنجي تعليم کي جاري رکيائين. ايم، اي بي ايڊ ۽ ايم - سي-سي ميٿميٽڪس سنڌ يونيورسٽي مان ڪئي اٿس اڄڪلهه پنهنجي ڳوٺ فريدآباد جي هاءِ اسڪول ۾ تعليم ڏئي رهيو آهي. علي دوست عاجز کي سنڌ جي ممتاز ۽ مشهور شاعر استاد بخاري جي صحبت ڪيس گهڻي حاصل ٿي. جنهنجي ڪري سندس شاعري ۾ پختگي جاذبيت ۽ فطري حسن جي تعريف نظر اچي ٿي. سندس ٻه غزل ڏجن ٿا.

## غزل (١)

جگر جي جهور سڄڻ ري جهڪي نه ٿيندي آ
هي آگ پاٽي، مٽي سان ٿڌي نه ٿيندي آ
طبيب ڇا ڪندو، مون کي حبيب ڏي نيو هان،
هي دل جو سور آ. هن جي پٽي نه ٿيندي آ
مرڻ کان پوءِ مچيءَ جون اکيون پٽيل هونديون،
رسي سڙي ٻه وڇي پر سڌي نه ٿيندي آ.
ڪلي ملين ته اها ڳالهه ٿي وڏي آهي،
جا خار مان ڏٻي ماکي، مٺي نه ٿيندي آ،

نہ تو ٻڌائي سگهان، توسان پيار آ ڪيڏو،
ٻيو تنهنجي ياد جي ڪائي ڪنڌي نہ تيندي آ.
نہ ڪو ڇڇون، نہ ڪو ڪنجون جبل ۽ ڪاڇي جيان،
پربت سون جي ڪاڻ آ، ڪسي نہ تيندي آ،
هتان هلي هو، هتي دل چوي تہ "جاڻ آيو"،
چري چئوس، مگر دل انڌي نہ تيندي آ،
اوهان جو پيار مقدس آ سنڌ جيان عاجز،
سڄڻ ۽ سنڌ سان بلڪل مڱي نہ تيندي آ.

## غزل (٢)

ايتري سونهن، ايڏو پيار ڪتان آندو تي!
سينڌ، سرمي بنا سينگار ڪتان آندو تي!
تورو ڳالهاءِ اجان، هنيانو تي لڳن چنڊا،
اهڙو لهجو منو، هان، نار ڪتان آندو تي!
ها اهو درد بہ دل منجهہ رکڻ جهڙو آ،
منهنجا محبوب، هي آزار ڪتان آندو تي!
منهنجي نيڻن مان لڳاتار ڳڙن تا ڳوڙها،
تون پڇين تو تہ اهو هار ڪتان آندو تي!
پيار ڏيندي بہ مون کي پائي وڃين تو پيارا،
هي دريا وارو ٻڌاءِ آر ڪتان آندو تي!
دل ۾ طوفان تہ بي کين لڪا ڏين عاجز
پاڻ تي ايترو اختيار ڪتان آندو تي!

# الهنواز رڪٽائي

الهه نواز رڪٽائي ڳوٺ پير بخش ملاح لڳ پيارو ڳوٺ اسٽيشن ۾ ١٠ مئي ١٩٣٠ع تي ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتائين. فائينل پاس ڪري پرائمري استاد مقرر ٿيو. چند سالن جي سروس کان پوءِ منيائي ڪاليج مان ٽريننگ حاصل ڪيائين. هن وقت پنهنجي ڳوٺ جي ويجهو اسڪول ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي. وڌيڪ تعليم جاري رکندي، اديب، فاضل، پاس ڪيائين. علوم مشرقي جا ٽئي سال فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين.

١٩٥١ع کان شاعري جي شروعات ڪيائين، سندس شاعري ۾ حافظ محمد احسن ۽ مرحوم عبدالله اثر جو اثر آهي، قديم ۽ جديد شاعري جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. اڄڪلهه استاد بخاري جي دوستيءَ سبب جدت پسنديءَ ڏانهن گهڻو مائل آهي ۽ قديم طور طريقه ڇڏي ڏنو اٿس، نواز صاحب بزم طالب المولىٰ شاخ پير بخش جو ١٩٥٦ع کان وٺي صدر آهي. سال ١٩٧٨ع، ١٩٧٩ع لاءِ بزم شعراءِ ضلع دادو جو جنرل سيڪريٽري آهي، مقبول انجم عبدالله افضل جيسر، فدا ڪلرائي، مرحوم ذاڪر رڪٽائي ۽ مرحوم شمس حيدري سندس شاگرد آهن.

نواز صاحب جا نثر جا ڪتاب قلمي صورت ۾ آهن.

"نور عليٰ نور" نعتين جو مجموعو قومي شاعري جا هڪ سو نظم ۽ عاشقانه ڪلام پربڻ جي پچار موجود اٿس، نثر ۾ ڪهاڻين جو ڪتاب بنام تمنا اٿس.

# عبدالقيوم جوهر بروهي

عبدالقيوم جوهر بروهي صاحب ميهڙ فريدآباد جي بهترين شاعرن ۾ شامل آهي. اسحاقي راهي، نشتر ناٿن شاهي جن جي ادبي قافلي جو رفيق رهيو آهي. هر ادبي محفل ۾ انتهائي ذوق شوق سان حصو وٺندو رهي ٿو. هن يگانه شاعر جا وڏا اصل کيرٿر بلوچستان جا هئا سندس ڏاڏو اتان لڏي پهريان ٽريچاٽي تعلقه پني عاقل ۾ رهيو پوءِ اتان لڏي اچي ميهڙ تعلقي جي مشهور ڳوٺ فريدآباد ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪئي، ڪجهه ٽائيم سندس والد بزرگوار مدرسه عربيه قاسم العلوم ٽريچاٽي تعلقه پنو عاقل ضلع سکر ۾ استاد پڻ رهيو. جوهر صاحب جي شروعاتي تعليم مختلف مدرسن ۾ ٿي ۽ درسي نظامي مڪمل ڪيائين ان کانپوءِ فريدآباد ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين.

١٩٧٦ع کان علمي، ادبي ڪم شروع ڪيائين سنڌي ۽ بروهي اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس ڪيترائي مضمون ۽ شعر شايع ٿيندا رهيا آهن.

جوهر صاحب جي شاعري پڪي پختي آهي، سندس شاعري ۾ درد ، سوز و گداز کان علاوه قومي جاڳرتا جي جهلڪ نظر اچي ٿي.

سندس مضمون ”السند“ اسلام آباد ۽ ماهوار ”بيداري“ حيدرآباد ۾ مسلسل ڇپبا رهن ٿا. جوهر صاحب بروهي زبان جي بلند پائي جي اديبن ۾ شامل آهي.

وڏي ڪمال جي ڳالھہ اھا آھي تہ پاڻ بروھي زبان ۾ لطيف سائين جي چئن سرن جو منظوم ترجموڪيو اٿائين. جنھن مان سر ڪلياڻ ڇپجي چڪو آھي سندس بروھي زبان جا شعري مجموعا احوال غم، دردانہ، طبوي نارند، شادوزباد شيرسر ۽ نعتيہ براھوئي مجموعو روشنائي ڇپجي چڪا آھن.نثر ۾ سيرت رحمت اللعالمين ۽ گوربج پڻ ڇپيا آھن. سنڌي زبان حمدوثنا جي عنوان سندس شاعري جو مجموعو "ڪرٿا نورجا" جي عنوان سان پڻ شايع ٿيو آھي. جوھر ھسٽاريڪل سوسائٽي سب ڈويزن ميھڙ جو چيئرمن آھي، ان سسلي ۾ ڪافي مواد گڏ ڪيو اٿس. جنھن مان بہ مضمون تحريڪ خلافت جا وڪريل ورق ۽ سنڌي ادب ۾ ميھڙ جو ڀاڱو ڇپيا آھن.

جوھر صاحب بزم لطيف ميھڙ جو سرپرست آھي، مدرسہ عربيه محمديہ فريدآباد ۾ استاد آھي. سندس براھوئي ڪلام ريڊيو خضدار ۽ پاڪستان ٽيليويزن ڪوئٽہ ۽ اسلام آباد تان پڻ نشر ٿيندور ھي ٿو. سندس بروھي ڪلام ڪافي حد تائين عوامي مقبوليت ماٺي چڪو آھي. پاڻ ڪوشش ڪري ڪافي ڪتابن تي مشتمل چڱي خاصي لائبريري ناھي اٿس، دعا آھي تہ جوھر صاحب پنھنجي حقيقي جوھر ۽ ڪوشش سان پنھنجي علائقي جي ماٺھن علمي خدمت ۾ وڌيڪ اضافو ڪندو.

# انداز غزل

کاھ باھ متي لوکو
ڄيري ۾ ستي لوکو
جاڳو ٻوڏو اڳتي
اِيري آ ڪتي لوکو
ڪنهن ڪا نہ گھري آهي
قبرن ۾ ٻتي لوکو
روڍن تي رکي لاشا
لائي آلنيلوکو
هن شهر ۾ واڪا ٿيا
هڪ ٻيڻ ڪتي لوکو
ماٺهو ۾ رهي ڪانهي
رت جي بہ رتي لوکو
مون پاڻ قبولي آ
سورن جي پتي لوکو
ٿي مند لڪون جهولا
ڏرتي بہ تتي لوکو
جوهر جي جيابي لئہ
وٺ ڪنهن نہ رتي لوکو

# ”پيرل پرديسي“

محمد پيرل ولد محمد پريل سولنگي تخلص پرديسي تعليم پرائمري. ڳاڙ رحماني ننگر سيتا روڊ ۾ پيدا ٿيو. پرديسي صاحب شاعري جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. هر مشاعري ۾ دلچسپي وٺندو رهي ٿو. سقراط سيتائي، شهزاد سيتائي مجبور سيتائي سندس شاگرد آهن.

انداز غزل

دل مان نہ ڏئي چڪو آهيان دل جي پڇا نہ ڪر
ڪريان نہ توڙ نينهن ۾ اهڙي دعا نہ ڪر
اي شيخ منهنجي حال تي مون کي بہ ڇڏي ڏي
مون کي نہ روڪ عشق جو سجدو قضا نہ ڪر
پوڄا ڪيان ٿو حسن جي ڪهڙو گناهہ آهي
ٿو چوي ڪير ٿو تون ذڪر خدا نہ ڪر
منهنجي جنون عشق جي آتش ۾ ڪين اچ
ويندي جلي ٿي خاڪ تون اهڙي خطا نہ ڪر
منهنجو بہ آهي عاشقن جي دفترن ۾ نام
منهنجي نہ اچ قريب تون منهنجي گلا نہ ڪر
پيرل ۾ آهي ”پ“ پيار ۾ بہ ”پ“
پ سان نهي تي پ تہ پوءِ پيرل کي جدا نہ ڪر

# آثم ناٿن شاهي

آثم ناٿن شاهي جو سچو نالو غلام الرسول ولد الله بخش سولنگي آهي، سندس جنم ڳوٺ ڪاٽڙي تعلقہ خيرپور ناٿن شاهہ ۾ ٿيو. ننڍپڻ کان ئي طبيعت شاعرانہ هئس ١٩٤٢ع ۾ محسن ڪڪڙائي سان خيرپور ۾ ملاقات ٿيس جنهنجي دوستانہ اصلاح سندس فن کي چمڪايو. پاڻ بزم طالب المولىٰ شاخ خيرپور ناٿن شاهہ سان وابستہ علمي ادبي سرگرمين قائم ڪرڻ ۾ وڏو ڪم ڪيائين. "بزم طالب" سندس ئي ڪوشش ۽ دوستن جي تعاون سان قائم ٿي. بزم طرفان "بزم ادب" شعبو قائم ڪري شاعري سان شوق رکندڙ نوجوان طبقي کي سکيا ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ويو ۽ پاڻ سيڪريٽري مقرر ٿيو.

١٩٤٣ع ۾ محسن ۽ پاڻ "اداره فلاح بهبود" کوليائون جنهن ۾ هڪ لائبريري جو بنياد وڌائون جنهن مان عوام ڪافي فائدو حاصل ڪري رهيو آهي.

آثم جديد سنڌي شاعري ۾ ڪافي تجربا ڪيا آهن. هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس، مهراڻ، نئين زندگي، روح رهاڻ ۽ ٻين سنڌي رسالن ۾ سندس ڪلام شايع ٿيندو رهيو آهي" ڪتين ڪر موڙيا پنهنجي ڪلام جو مجموعو ترتيب ڏنو اٿئين. تاريخ جومطالعو، مظلوم ڪربلا، پڙتال، ۽ ٻہ روپ اڻ ڇپيل ڪتاب اٿس.

فني خيال کان آثم جو فن سدا شاهوڪار ۽ زرخيز

آهي. مختلف اصناف سخن تي نهايت رنگين ۽ دل آويز تجربا ڪيا اٿس. نظم، آزاد نظم ۽ غزل تي استادانہ دسترس اٿس سندس برجستگي ۽ پختگي ڏسي استادان سخن تحسين ڏيڻ کان نٿا رهي سگهن. هيئت جي پراڻن قالبن ۾ نئين رنگ ڀرڻ ۽ پراڻن مضمونن کي نئون لباس پهرائڻ آٿم جي رنگين فن جو هڪ ڪرشمہ آهي.

آٿم جي شاعريءَ جو نمونو

عشق سنت خدا جي آ واعظ
عشق کان ايترو نہ وڃ وهلور
تير ڏيدي نظر جو چا لڳندو
سامهون وار ڪر تڪي ڀرپور
سڌ نہ مون کي قيس ۽ فرهاد
مان نہ آهيان چريو نہ ڪو مزدور
حسن حسن آهہ جي رهي محفوظ
ويندو اڏري جي ڪولبو ڪافور
ناهہ آٿم تنهنجو مشڪل آ
تون بہ مغرور مان بہ ڪجهہ مغرور

(٢)

توکان مرعوب ڪٿ ٿيا آهيون
احتراما جهڪي پيا آهيون
عشق تنهنجي کي دل ۾

ڪجهہ هاٽي زور تي ويا آهيون.
روشني جڳ کي پيا ٿا پهچايون
ظلمتن جا اسين ڏيا آهيون
قدر جاٽون ٿا زندگاني جو
ڪوڙ پيرا مري ويا آهيون
آهيون ڪڏهن حرف غزل آثم
۽ ڪڏهن مرثيا آهيون

# صرير پهنور

محمد ولد غلام محمد پهنور تخلص صرير ميهڙ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد بزرگوار ٽپال کاتي جوملازم انتهائي نيڪ، سادو، فقير مزاج وارو انسان هو. هو خود بزرگن جو معتقد ۽ صوفي منش هيو. ڪڏهن جهرڪ ته جهمپير ته ڪڏهن ميهڙ ۾ ٽپال ــ يمر ڪندو وتندو هو. صرير صاحب ميهڙ هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ پاس ڪئي هرنئن ته پنهنجي والد سان گڏ مختلف اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪندو رهيو. آخر زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام مان بي، ايس سي ايگريڪلچر ۾ ڪيائين. صرير صاحب کي علم، ادب ۽ شاعري سان چاهه نندي هوندي کان وٺي هيو. نثر ۾ ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ ڊراما آهه جي نالي سان لکيائين. حيدرآباد ۾ عبرت اخبار جيڪا جيڪو سنڌي اخبار جي دل آهي تقريبا هر اخبار ۾ لکندو هيو. صرير صاحب جوانيءَ جو اجا حقيقي مزو ماڻيو ئي ڪو نه ته موت سان سندس ملاقات ٿي ويئي، سندس اوچتي موت سنڌ جي نوجوان اديبن، شاعرن، صحافين جي دل کي جهوري وڌيو.

## سندس ڪلام جو نمونو

جوين جاڙ ڪري ويو سومان ساڄن توکي ويني ساريان
هاءِ حياتي ڪيئن گذاريان
پل پل تنهنجا پور پون ٿا سانول ڪيئن وساريان
هاءِ حياتي ڪيئن گذاريان

اٿندين ويهندين ساهيڙين سان ونيي تنهنجا پور پچايان
هاءِ حياتي ڪئين گذاريان
پل پل تنهنجا پور پون ٿا، سانول ڪيئن وساريان
هاءِ حياتي ڪيئن گذاريان
اٿندي ويهندين ساهيڙين سان وبني تنهنجا پور پچايان
هاءِ حياتي ڪيئن گذاريان
تون جي رسي وئين منڙا مون کان گوندر پيئي گهاريان
هاءِ حياتي ڪيئن گذاريان
تون نہ سٽين ٿو سڏڙا منهنجا پل پل پئي پڪاريان
هاءِ حياتي ڪيئن گذاريان
يار جا پانڌي روز پچائي تنهنجي راهہ نهاريان
هاءِ حياتي ڪيئن گذاريان
سور صرير سوايا آهن پاڻ کي ڳارڻ ۾ ڳاريان
هاءِ حياتي ڪيئن گذاريان

# "وفا ناٿن شاهي"

وفا ناٿن شاهي سنڌ جي جديد شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. جدت پسنديءَ ۽ جديد خيالن جي ڪري چڱو نالو ڪڍيو اٿئين پاڻ ١٥ مئي ١٩٢٩ع ۾ امرتسر ضلع جي بنديال شهر ۾ ڄائو. ورهاڱي بعد سندس والدين سنڌ ۾ اچي ڳوٺ گوڏي ۾ سڪونت اختيار ڪئي. هاڻي اڄڪلهه مستقل طور خيرپور ناٿن شاهه ۾ رهي ٿو. اسڪولي تعليم دوران ئي سندس طبع شعر وشاعري ڏي آماده هئي ۽ ننڍپڻ ۾ ئي فلمي گانن جي طرز تي سنڌي گيت لکي شوق جي تڪميل ڪندو هو. اسڪولي ڊرامن ۾ ڪردار ادا ڪرڻ سان گڏ گيتن جون ڌنون به تيار ڪندو هو. سندس شاعريءَ جو باقاعده آغاز ١٩٤٢ع کان ٿيو. محسن ڪڪڙائي سندس ڪلام جي اصلاح ڪندو هو. سنڌيءَ شاعري ۾ غزل، قطع گيت، ۽ رباعي ۾ سهڻا تجربا ڪيا اٿس، وفا اصل ته پنجاب جي سرزمين جي پيداوار آهي، پر اڄڪلهه جسماني توڙي روحاني نسبتن سان خالص ۽ نيٺ سنڌي زبان ۽ ادب ۾ غرق ٿي ويو آهي. سندس شعر اهل زبان کان گهٽ نه آهي سندس انداز بيان ڏاڍو رنگين ۽ پيارو آهي. ذوق جماليات جو عنصر به سندس ڪلام ۾ ڪافي آهي. وفا شعر جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي، انهن ۾ آزاد نظم، رباعي، قطع وغيره سندس خيال آفريني، پسنديده حدن تائين موجوده آهي.

# ناظم منگي

امان الله ناظم ولد محمد بچل منگي تعلقي ميهڙ جي شهر ٽرڙي محبت ۾ ١٠ آڪٽوبر ١٩٣٩ع ۾ ڄائو. ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏوڪريءَ مان پاس ڪيائين انٽر آرٽس گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين زرعي يونيورسٽي ۾ ملازم بڻيو، اڄڪلهه ميهڙ ۾ فيلڊ اسسٽنٽ جي حيثيت ۾ پنهنجا فرائض سر انجام ڏئي رهيو آهي ناظم صاحب کي شاعري جو شوق محمد اسحاق راهي جي صحبت ۾ اسريو ۽ شعر جي اصلاح احمد خان آصف کان وٺڻ شروع ڪيائين سندس ڪلام هر اخبار ۽ رسالي جو زيب بڻيو هن وقت بزم اڪبر جو پريس سيڪريٽري ۽ بزم لطيف جو جنرل سيڪريٽري آهي. هينئر سندس ڪتاب داستان محبت ڇپيو اٿس. ٻيا ڪتاب اشاعت لاءِ زير غور اٿس، غزل، ڪافي، نظم، وائي، گيت، بيت قطع ۽ رباعي تي مهارت آهي.

سڄڻ توسان وفائي پيا ڪنداسين
ٻلائي ڪا نه ڪائي پيا ڪنداسين
ستم جي سهڻ تي هيرائي دل
طبع جي آزمائي پيا ڪنداسين
ملڻ جو ڪنهن پڇيو وڃيو نتائي
پيارن کان پڪائي پيا ڪنداسين
سندس ديدار لئه اڻ واقعن سان
رسائي ۽ رهائي پيا ڪنداسين

زمـــاني گـــر اڇايو پيـــو اڇائي
اســان سڀ سـان چڱائي پيـا ڪنداسين
حــــسـينن کي نيـــائن لاءِ ناظم
اســـان پارت ســوائي پيــا ڪنداسين

# خليل لاکير

محمد ابراهيم "خليل" لاکير صاحب ڳوٺ صغر لاکير جتان جي مشهور نيڪ بخت عورت محترمہ فاطمه لاکير ٿي گذري آهي ان کي پنهنجي وقت جي رابعة بصري بہ چيو ويو آهي، چاڪاڻ تہ هوءَ وڏي پرهيزگار عابده زاهده عورت هئي. عبادت، رياضت ۽ پين سان چڱائي ڪرڻ جي ڪري الله تعاليٰ سندس شخصيت ۾ وڏو رعب رکيو هو جو ڪنهن بہ مرد جيڪڏهن ڪيس ڏٺو تہ رعب ۾ اتي بيهي ويندو هو

محترم ابراهيم خليل صاحب جو تعلق بہ سندس ڳوٺ سان آهي. خليل صاحب ١٣ آڪٽوبر ١٩٥٨ع ۾ پيدا ٿيو پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪري،ميٽرڪ ميهڙ هاءِ اسڪول مان ڪيائين انٽر بہ ميهڙ ڪاليج مان ڪيائين.

ميٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ سندس لاڙو شاعريءَ ڏانهن ٿيو. پاڻ ١٩٧٨ کان شعر چوڻ شروع ڪيائين سندس شاعريءَ ۾ استاد محترم ناظم منگي ۽ آثم ناٿن شاهي جن آهن. سندس شاعريءَ جو جذبو اڄڪلهہ ڪجهہ مدهم ۽ جهڪو آهي، سندس شاعري ڪيترن ئي رسالن ۾ ڇپبي رهي ٿي. پاڻ اڄڪلهہ استادي پيشي سان منسلڪ آهي.

## خليل جو انداز غزل

لوچ جون لياقتون
سوچ جون صداقتون

آءُ تہ ھڪ ٿـي وچون
وقت جون نزاڪتون
بي قدر جھان کان
ٿيون ملن ملامتون
ڪورٽون عدالتون
امن ۾ بغاوتون
خوف ۽ ھراس جون
قوم تي قيامتون
ھٿ پريا ٿيا مريد
حسن جون ڪرامتون
ڪاش! پاڻ کي ملن
عشق جون امانتون
ڏک ۽ سک ٿيون رھن
يار سان رفاقتون
پوءِ بہ تو خليل سان
ھوڪري رقابتون

# الحاج شمس الدين شمسي ناريجو صاحب

شمس الدين شمسي صاحب ڪهنہ مشق شاعر اديب ۽ استاد هو.

شمس الدين صاحب فارسي جو بہ ماهر هو. پاڻ ١٩٢١ع ۾ ڳوٺ بخش لاڪير تعلقہ ميهڙ ضلع دادو ۾ پيدا ٿيو. فائينل پاس ڪري تدريس سان پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز ڪيائين. مختلف جاين تي پڙهائيندو رهيو. پاڻ بهترين استاد هو سوين شاگردن کي فائينل پاس ڪرائي استادي پيشي سان وابستہ ڪرايائين تہ جا تقريبا پراڻا استاد سندس ئي شاگرد آهن. پاڻ وڏو قابل ايماندار ۽ محنتي استاد هو.

شاعري جي شروعات ١٩٤١ع ۾ ڪيائين سندس شعر ۾ استاد محمد رمضان "ثاقب" منگي هو.

پاڻ بهترين غزل گو شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس شاعري وزنائتي، وڻندڙ دلڪش ۽ خوبصورت آهي. سندس استعارا ۽ ڪنايہ بہ ڏاڍا دلچسپ آهن. سندس ٻولي ۾ مزو ميناج رس، چس، سٽاءُ ۽ رچاءُ رواني ۽ تسلسل آهي. سندس شاعري ۾ عشق جي عڪاسي پيار جي پالوت. محبت جي مٺيا پڻ موجود آهي. سندس نعتيہ ڪلام ۾ عشق رسول جي، حقيقي جهلڪ نمايان نظر اچي ٿي.

سندس مجازي محبوب ڏانهن خط ١٨٠ بندن تي مشتمل آهي. اهو انتهائي دلڪش ۽ دل کي فرحت بخشيندڙ

آهي. شاعري ۾ سندس شاگردن جي قطار ڪافي ڏگهي آهي. سندس هم عصر شاعر مرحوم دادن فقير، جمع خان غريب، پروفيسر اياز حسين قادري ۽ ٻيا ڪيترائي مشهور شاعر اچي وڃن ٿا. پاڻ شريعت جا ڏاڍا پابند هئا ١٩٩٤ع ۾ وفات ڪيائين.

## انداز غزل

ڳوليندي پنهل ليڙون لٽا ٿين ته پلي ٿين
نقصان محبت ۾ وڏا ٿين ته پلي ٿين

شمسي

# عبدالستار "عبد"

عبدالستار "عبد" ولد محمد علي مگسي پهرين جنوري ١٩٥١ع تي ڳوٺ سويو خان مگسي ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم ڳوٺ سويو خان مگسي ۾ حاصل ڪيائين. ميٽرڪ هاءِ اسڪول ميهڙ مان حاصل ڪيائين جتي مرحوم جهڙي قابل استاد جي نگراني ۾ ميٽرڪ ڪيائين. ڪجهه ٽائيم راقم الحروف جي والد وٽ فارسي به پڙهيو.

ميٽرڪ ڪرڻ کانپوءِ پاڻ استادي پيشي سان پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز ڪيائين. ان دوران پنهنجي تعليمي ۽ ادبي سرگرمين کي به جاري رکندو آيو. ايم اي سياسات ۽ اسلامڪ ڪلچر ۾ ڪيائين پاڻ ڪافي وقت کان شاعري ڪندو رهي ٿو شاعريءَ ۾ سندس تخلص "عبد" آهي عبد جو شاعري ۾ استاد اسحاق راهي صاحب ۽ نشتر ناٿن شاهي صاحب جن آهن. عبد جي شاعري سنڌ جي تقريبا سيني اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي چڪي آهي. ان سان گڏ سندس ڪهاڻيون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿينديون رهن ٿيون.

عبد جو ڪلام ريڊيو ۽ ٽي وي تان پڻ نشر ٿيندو رهي ٿو. عبد غريبي جي باوجود دل جو حاتم آهي. ان ڪري ڳوٺ ۾ ڪيترائي ادبي ۽ علمي ميڙاڪا ڪرائيندو رهيو آهي ملڪ جي وڏن وڏن دانشورن کي ڪوٺ ڏئي گهرائي ڳوٺ ۽ آس پاس وارن کي انهن جي عميق ۽ گهرن نقطن کان مستفيض ڪندو

رهندو آهي. سنڌي ادبي سنگت ۽ ڳوٺ ســتار سنگت جو ڳوٺ ۾ پايو وجهندڙ آهي، ۽ هينئر ان جو سيڪريٽري جنرل پڻ آهي. سنڌي ادبي سنگت ضلع دادو جو رابطا سيڪريٽري پڻ رهيو آهي. بهتر ڪارڪردگيءَ جي ڪري ڪيس سنڌالاجي واري تقريب ۾ "سدا حيات فهيم عباسي ايوارڊ" پڻ مليو. عبد صاحب سنڌ جي تقريبا منعقد ٿيندڙ ادبي محفلن ۽ مشاعرن ۾ حصو وٺندو رهي ٿو. خاص طور تي ميهڙ ۽ ان جي پسگردائي ۾ ٿيندڙ ميڙاڪن ۾ انتهائي جوش جذبي ۽ پنهنجي سڄي سنگت سميت ڀرپور نموني شرڪت ڪندو رهي ٿو.

عبد جي شاعريءَ ۾ ڏينهون ڏينهن فني پختگيءَ جا مرحلا طئي ڪندي رهي ٿي. سندس مطالعي ۽ مشاهدي ۾ پڻ اضافو ايندو رهي ٿو. اميد آهي تہ مستقبل ۾ عبد وڏن شاعرن ۾ ليکيو ويندو.

عبدالستار عبد صاحب سماجي ورڪر پڻ آهي ڳوٺ ۾ مفت ڪوچنگ سينٽر هلائي رهيو آهي. ادبي ۽ سماجي خدمتن جي عيوض سندس سان هڪ پروقار رهاڻ پڻ ملهائي وئي آهي. اڄڪلهہ هاءِ اسڪول شاهہ پنجي ۾ H.S. T استاد آهي جتي محترم سائين عبداللهﷲلاکير صاحب هيڊ ماستر سان گڏ اسڪول جي تعليمي ترقيءَ ۾ ڪوشان آهي.

# محمد عثمان ميمڻ

دادو جي پلاريءَ پونءِجن علمي شخصيتن کي جنم ڏنو آهي. ان ۾ محمد عثمان ميمڻ جو تذڪرو نہ ڪرڻ ادبي تاريخ کي اڌورو ڇڏي ڏيڻ جي مترادف آهي. محمد عثمان ميمڻ صاحب حقيقت ۾ هرفن مولا آهي. هو اديب، شاعر آهي. ڪهاڻيڪار ومقالہ نگار تنقيد نگار ۽ ڊرامہ نويس پڻ آهي.

مان جڏهن اديبن جي حالات زندگي جي متعلق مواد ڪٺي ڪرڻ لاءِ نڪتس، ۽ دادو پهتس تہ ڪنهن طريقي منهنجي ملاقات مشهور صحافي جناب آخوند رحمة الله صاحب سان سندس مطب تي ٿي. جڏهن مان ڪانئس دادو جي اديبن، شاعرن ۽ عالمن متعلق معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هن ٻڌايو تہ اوهان محمد عثمان صاحب سان ملاقات ڪيو اهو اوهان کي تفصيلي معلومات ڏئي سگهي ٿو. جڏهن مان محمد عثمان صاحب سان مليس تہ آءٌ سندس خوش اخلاقي ۽ مهمان نوازي کان زبردست متاثر ٿيس نہ رڳو مان بلڪ مون سان گڏ ڪامريڊ ٻگن پڻ سندس اخلاق جي مداح ڪئي.

محمد عثمان ميمڻ صاحب ۱۹۵۲ع ڌاري بوبڪ شهر ۾ هڪ غريب خاندان ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم دادو ۾ ورتائين ، سيڪنڊري کان وٺي يونيورسٽيءَ جي تعليم پرائيويٽ پڙهيو آهي، غربت ۽ مصروفيت جي باعث ڪيس ريگيولر اسڪول ۾ پڙهڻ جو موقعو نہ مليو.

مگر پنهنجي قابليت، ذهانت ۽ صلاحيتن سبب پهرين ڪان انين ۽ انين ڪان يونيورسٽي جي تعليم فرسٽ ڪلاس ۾ ڪئي اٿس. اهڙن صاحب ڪمال ماڻهن جو اڄ ڪال آهي. محترم محمد عثمان صاحب مشقت ۽ محنت ڏکن ۽ ڏولاون کي مڙس ٿي منهن ڏنو آهي. ڪڏهن بہ ڏاڍ ۽ جبر جي اڳيان جهڪيو نہ آهي ۽ نہ وري ناموافق حالات اڳيان هار ڪاڌي اٿس.

بقول استاد بخاري جي "عثمان پهاڙ آهي" هميشہ سندس حوصلو بلند آهي هو وجوديت جو قائل آهي ۽ ارادي جو مضبوط آهي، سندس زندگيءَ جي اصلاح محترم سيد حاڪم علي شاهہ ڪئي هئي.

عثمان صاحب ٽئين درجي ڪان شاعري شروع ڪئي ۽ اڄ تائين لکندو رهي ٿو. جديد علم وادب ۽ فڪر ڏانهن لاڙو رکندڙ آهي، ترقي پسند حلقي ۾ ڪيس عزت ڀريو مقام حاصل آهي. عثمان صاحب ادبي حلقن ۾ هڪ ڄاتل سڃاتل شخصيت آهي اوائل ۾ بيخود تخلص هئس. سندس چوڻ موجب محترم تاج بلوچ سندس اها بيخودي وڃائي ڇڏي. هاڻي صرف عثمان تي اڪتفا ڪري ٿو سندس اصلاح استاد بخاري ڪندو آهي. پاڻ هن دور جي جديد اصناف تي جنهن ۾ وائي، گيت، نظم، آزاد نظم، هائيڪو ٽيڙو ۽ نثراڻو نظم تي طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو غزل سندس محبوب پسند آهي. سنڌي رسالن، اخبارن ۽ سندس ڪلام شايع ٿيندو رهي ٿو. وٽس ڪلام جو وڏو ذخيرو موجود آهي. هاڻي نثر نويسي ڏي سندس وڏيڪ توجه آهي. پاڻ سنڌ جي وڏن ڊرامن نويسن ۾

شامل آهي. سندس تقريبا چاليهارو ڪن ڊراما ٽيلي ڪاسٽ ٿيا آهن ڪلاسيڪل موسيقي جي وڏي ڄاڻ اٿس، جڻ ته ماهر آهي.

محترم عثمان صاحب تمام گهڻي مصروف هجڻ جي باوجود خوب لکندو رهي ٿو. سنڌ جي عظيم شخصيت، مصورن، موسيقي جي ماهرن سنڌي ڪلهوڙن جون عمارتون، ڪلهوڙن جي شاهي خاندان جو مجمع ڪلام غزل سنڌ جي عالمن اديبن، شاعرن، ماهرن، فنڪارن، ۽ عظيم شخصيتن، مصورن، قديم عمارتن ۽ آثار قديم جو احوال دادو ضلعي جي تاريخ ۽ جاگرافي جا سوين نقشا وٽس موجود آهن. ان سان گڏ سنڌ جا ماڳ تصويرن جي آئيني ۾ "پٽ سندس قلمي ۽ ناياب نسخا موجود آهن. ۽ سندس لائبريري ۾ ٥- ٦ هزارن تائين ڪتاب موجود آهن. ڪتابن مان فائدو وٺڻ لاءِ سندس دروازا هر وقت کليل آهن اها سندس وڏي خوبي آهي، سندس وڏن اديبن ۽ دانشورن سان ڪيل خط وڪتابت پلاسٽڪ ڪوٽيٽ ڪيل آهي ۽ وٽس محفوظ آهي. وٽس سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن، شاعرن، مصورن، اديبن، فنڪارن عظيم شخصيتن جانورن ۽ پکين جي آوازن جون ڪيئي ڪيسٽون آهن. علم موسيقي سان رغبت ايتريقدر آهي جو پاڻ موسيقي تي ڪافي لکيو اٿس پاڻ طبلو، شرناءِ ۽ بين وڄائي ڄاڻي. فنون لطيف، سان سني واقفيت رکي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن دوستن جي وندرائڻ لاءِ ڳائيندو به آهي. محترم عثمان صاحب ڪچهري جو ڪوڏيو آهي ۽ سندس دوستن جو حلقو وسيع آهي هر ڪنهن سان قرب ۽ محبت سا ملندو آهي. منجهس هٺ وڏائي گهمنڊ تڪبر

جو ڪو وجود نہ آهي. پنهنجي جاکوڙ جدوجهد سان دادو جي
واپارين ۾ پڻ شمار ٿئي ٿو.

# منو ناڙيوال

منو خان منو فقير ولد گل حسن خان لنڊ بلوچ وٽنل ناڙيوال تعلقہ دادو، سنڌي فائينل پاس ڪيائين. فارسي پڙهيل هو. فارسي زليخان تائين پڙهيو مثنوي مولانا رومي سڄي ياد هئس، سڪئي ستابي گهر ۾ پرورش پاتائين. سندس والد صاحب پوليس انسپيڪٽر هو.

پاڻ بہ پوليس ۾ ڀرتي ٿيو. ضلع جي مختلف ٿاڻن تي نوڪري ڪيائين. جوهي ۾ جمعداري واري عرصي دوران مجاز جي مهميز آيس. جنهن ڪري وڃي ڳوٺ گوشہ نشين ٿيو. ان کان پوءِ شعر چوڻ شروع ڪيائين ۽ ڪارن ڪپڙن ۾ رهڻ لڳو. فقير صاحب جا هميشہ نار پيا تمندا هئا. سندس ڪلام فراق وارو آهي. ڪيس حقيقت جي منزل حاصل هئي.

حضرت بٽن شاهہ ۽ صاحبزاده احمد مجتبيٰ غالب وٽ ايندو هو، سندس ڪلام عارفاڻو آهي، غالب صاحب جي بقول تہ ناڙيوال نيڪ انسان ۽ صاحب ولايت هو پاڻ سٺ سالن جي عمر ۾ ١٩٥٧ع ۾ گذاري ويو.

# جانڻ سونارو

سونارا پاڻ کي جويا سڏائيندا آهن، سندس پيءُ جو نالو خانڻ هو، زبان سرائڪي هئس، هن جو ڪلام جي ڳولا قول ڪبي نہ وڏيڪ ملي ويندو پاڻ چاتي جي ڳوٺ جو رهاڪو هو. دنيا جي ڦيرين گيربن جي ڪري ڳوٺ ڇڏي انگڙي لڳ شاه پورجهانيان ميان جي قبن جي پرسان وجي رهيو. پاڻ قداور مڙس هو، پاڻ کي پنجن جو پياسي سڏائيندو هو. سنڌيءَ ۾ ڪلام چيو اٿس.

## انداز غزل

دوا هن درد منهنجي جي دگر لقمان وٽ ناهي
ملڻ محبوب جو ڪافي جو شاقن وٽ شنا آهي
بيماري هي اها نہ آهي، حڪيمن جي هٿائڻ جي
سوا ديدار دلبر جي سگهي بيو ڪو نہ ٿو لاهي
طبيبن جي ڏنا خاڪا پڙهي ڦيٽا چندا پاتا
ڪسر مان ڪو نہ ٿو پانيان توڙي ڏين سور ڦڪيون ناهي
چوي جانڻ ڏسي جاني ٿيس نازو توانو مان

# مولانا حبيب الله ڏيرو

مولوي حبيب ڏيرو صاحب اصل ڪاڇي جا وينل آهن، پر جڏهن سندس چاچو جناب قاري محمد صاحب ميهڙ لڏي آيو تہ مولوي صاحب جو والد محترم حاجي محمد عثمان صاحب بہ ڪاڇي کي خيرباد چئي اچي ميهڙ ۾ سڪونت اختيار ڪئي، حاجي صاحب کي پنج ڇهہ پٽ هئا سڀني کي مدرسي ۾ چڙهايائين، ٻيا ڪو نہ پڙهي سگهيا، پر انهن مان هڪڙو مولوي حبيب الله صاحب پڙهي فارغ ٿيو، مولوي حبيب الله صاحب فارسي ۽ صرف جا ابتدائي ڪتاب قاري سعيد احمد وٽ پڙهيو جيڪو سندس سوٽ آهي. باقي سمورو علم منهنجي والد بزرگ حضرت علامہ ڪريم بخش مگسي وٽ پڙهيو. مولوي حبيب الله ڏيرو صاحب پڙهڻ جي دوران وڏو ذهين ۽ ذڪي هيو. ڪتابن پوري ڪرڻ کان پوءِ سندس هوشياري ۽ قابليت کي ڏسندي کيس مدرسي ۾ استاد ڪري رکيو ويو. استادي جي دوران مولوي صاحب خاص طور تي منطق جا ڪتاب پڙهائيندو هو. ان کان پوءِ مولوي صاحب مدرسي مان چڙي ڪجهہ ٽائيم حيدرآباد ۾ لطيف آباد چار نمبر ۾ امامت ڪئي جيئن تہ مولانا کي مذهبي، ديني لٽريچر سان گڏ سياسي، ۽ ادبي لٽريچر سان دلچسپي هئي تنهن ڪري ان آزاد طبيعت جا مالڪ آهن، ان ڪري خالص پابندگي واري ماحول مان تنگ اچي امامت ڇڏي ڏنائين ۽ ميهڙ ۾ صحافت جو آغاز ڪيائين ۽ ڪيترن ئي اخبارن جي رپورٽنگ ڪندو رهيو. اقتصادي ۽ معاشي تنگي ڪيس

صحافت ۾ وڏيڪ رهڻ نہ ڏنو ۽ پاڻ مولوي عربي فاضل عربي جا امتحان اعزازي نموني سان پاس ڪري، عربي ٽيچر مقرر ٿيو. مولوي صاحب ڪيترن ئي اسڪولن ۾ عربي ٽيچر رهيو آهي، پر پنهنجي ذهانت ۽ صلاحيت جي بنياد تي هر جاءِ تي هڪجيترو ئي مقبول آهي. اڄڪلهہ هاءِ اسڪول ميهڙ ع۔١ ۾ استاد آهي. پاڻ ڪيترن ئي اخبارن رسالن ۾ مضمون لکي چڪو آهي، ادبي، سماجي، ڪمن ۽ محفلن ۾ ۾ حصو وٺندو رهي ٿو، پنهنجي گهر جي پرسان هڪ لائبريري مولانا عبيدالله سنڌي جي نالي سان قائم ڪئي اٿس.

# ميرل فقير

مير محمد ولد حاجي عبدالرسول جويو تخلص " ميرل" اصل ڳوٺ حاجي عبدالرسول جويو لڳ خيرپورو ناٿن شاھ- ١٩٣٠ع ۾ پيدا ٿيو پاڻ تعليم پرائمري ۽ ميٽرڪ تائين حاصل ڪيائين ميرل فقير سعودي عرب ايران جي سفارتخاني ۾ ملازم رهيو آهي ميرل جوڻي صاحب کي ننڍي هوندي کان وني شاعري جو شوق هيو پاڻ سنڌي سرائڪي ۾ ڪلام چيو اٿس، پنهنجي شوق، ذوق خاطر ڪافيون ۽ ڪلام ڳائي وڄائي ڄاڻندو آهي، آواز ڏاڍو سوز ڀريو اٿس. سندس مجموعه ڪلام پڻ ڇپيو، پنهنجي استاد جي نالي بزم طالب لغاري، قائم ڪئي اٿس، ان جي سرپرستيءَ ۾ ادبي رهاڻ به ڪندو رهندو آهي.

## سندس ڪافي جو نمونو

وڃڻ وارا پيا ويندا تہ روڪڻ تي رهي سگهندا
اسانجا نيڻ تولئہ يار پيا تمندا ۽ ڳڻ ڳرندا
انهن سان الوداعي جو نظارو جڻڪ قيامت هو،
صفا سڪرات جي سختي سدا سور پيا سهندا
انهن سان گڏ گذاريم جي گهڙيون هر گهڙي ڪائي
منهن اوتار تا هڪڙا ۽ ويتر پيا چڙهن تا
اکين کان دورسي آهن اگر دل ۾ سندس گهر آ
اهي ڏينهن قيامت جي چوي ميرل وري ايندا

# محمد تقي شاهہ حنفي

سائين تقي شاهہ حنفي جو ڳوٺ ناري تعلقہ ميھڙ ضلع دادو ١ جنوري ١٩٠٥ع جائو پاڻ سائين جان محمد شاهہ ناري واريءَ جي خاندان مان آهي. سائين جان محمد شاهہ ناري واري جو حلقہ اثر تمام وسيع هو خاص طور تي ڪچي واري سائيڊ ۾ سندن عقيدتمندن جو ڪافي تعداد آهي، اڄ تائين پري پري کان ماڻهو تعويذ ڦيڻو رڪرائڻ لاءِ اچن ٿا.

سائين تقي شاهہ شاعري جو آغاز ١٩٢٤ع کان ڪيو. جمع خان غريب کان شاعري ۾ اصلاح ڪرائيندو هو. سائين جي شاعري سان گڏوگڏ نثر سان بہ دلچسپي هئي پاڻ ١٩٣٥ع کان ١٩٣٨ع تائين معاون اخبار جو ايڊيٽر پڻ رهيو پاڻ فائينل پاس ڪيائين، فارسي تي ڪيس عبور آهي پاڻ هڪ قلمي بياض ترتيب ڏنو اٿس جنهن ۾ سندس ۽ ڪيترن شاعرن جو چونڊ ڪلام پڻ محفوظ ڪيو اٿس، ادبي حلقا جيڪڏهن اهڙن ناياب نسخن کي ڇپرائڻ جي ڪوشش ڪن تہ وڏي علمي ادبي خدمت ٿيندي.

سندس عشقيہ ڪلام تي مشتمل ڪتاب اڻ ڇپيل پڻ موجود آهي

## انداز غزل

هي رشڪ پري مہ منور تہ نہ آهي
دلين جي ڪسڻ وارو هي دلبر تہ نہ آهي

دليون تو ڪسي يار ڪٺي نيز نگاهون
سمجهون ٿا تہ هي آتش اخگر تہ نہ آهي
ٿيو شور بپا آمد دلبر ٿي رهي آ
هي شور بہ آ ايڏو جو محشر تہ نہ آهي
جاڏي ٿو نهاريان تہ ڏسان خوب ضيا ٿيو.
محبوب منو نور جو مظهر تہ نہ آهي،
تاريڪي ڪي حاصل ٿي وئي آهي خيائي
محفل ۾ رسيو ڪو رخ انور تہ نہ آهي
يوسف جو ٿيو حسن سندم يار تي مستان
گهر يار جو ڪا مصر جي باز ر تہ نہ آهي
دنيا ۾ سوين سهٽا رهن پيا بہ گهٽائي ٿا
محبوب جو هن ديس ۾ همسر تہ نہ آهي.

# سڪندربٽ

سڪندر علي بٽ                    تي تعلقہ ميھڙ ۾
جائو پرائمري تعليم بٽ سرائي اسڪول مان حاصل ڪري.
ميٽرڪ ميھڙ هاءِ اسڪول مان ڪيائين، ١٩٧١ع ۾ پرائمري
استاد مقرر ٿيو. ١٩٧٩ع کان ١٩٨٥ع تائين سعوديہ عرب ۾
رهيو. شاعري ١٩٧٣ کان شروع ڪيائين بنا ڪنهن اصلاح
جي ڪافي، نعت ۽ ڏوهيڙا چيا اٿس. سندس ڪلام اردو،
سرائڪي ۽ سنڌي ٻولي ۾ آهي. پر سمورو ڪلام اڻ ڇپيل
اٿس سعودي وڃڻ کان وني اڄ تائين شاعري ترڪ ڪئي اٿس
سندس ڪلام پختو آهي، اڄڪلھ ميھڙ ۾ پاڻ ڪاروباري
ڪمن ۾ مصروف آهي.

سڪندر علي بٽ جي ڪلام جو نمونو

اکيان ڪاليان ڪرکي ڪجل نال
آندا سينڌ سينگاري اي
اڄ حس دي فوج تياري اي
اٿا تيس قتل عاشق دا هي ديد
سجڻ جا ماري اي
اهڙي پرون تيز نظران
شرف حسن رخساري اي
ڪاريهر جا ڪنڌ پاهائي
ساموهون زلفان واري اي
چاهہ حس دا نارون تردا

ڏيهـــ تني ڏهڪـــاري اي،
لب تہ لعل گـــلاب پربن دي
چمــــــڪ جي چوڏاري اي
ديدان دلبـــــر ســــائين
جوڙڪــئــي جنســـاري اي
سر سڪندر روز ازل کنون
ســـهــــٽل دي ســـرداري اي.

# " حاجي غلام النبي مهيسر"

سنڌ جو مشهور نعت خوان حاجي غلام النبي مهيسر تعلقہ ميهڙ ضلع دادو جي ڳوٺ گاهي مهيسر ۾ سال ١٩٣٢ع ۾ ڄائو. ٽي درجا مس پڙهيائين تہ سندس والد جو انتقال ٿي ويو. والد جي وفات کانپوءِ اچي ناناڻن ۾ رهيو. مدرسي ۾ ڪجهہ فارسي پڙهيو پوءِ اچي ڪنهن دڪان تي ملازم ٿيو. حاجي صاحب کي الله تعاليٰ طرفان اهڙي لدني صلاحيت نصيب ٿي جو بغير استاد جي پاڻ شعر چوڻ شروع ڪيائين. پر مڪمل سنڌي نہ پڙهڻ جي ڪري ڪيس صورتخطيءَ ۾ ڪافي ساريون غلطيون ۽ چڪون ٿينديون هيون ۽ غلطيون ٻين کان درست ڪرائيندو هو. حاجي صاحب کي نعت گوئي ۾ وڏو ملڪو حاصل آهي، پوري سنڌ ۾ نعت گوئي ۾ سندس مقابلي وارو مشڪل ۾ ملندو، سندس شعر عشق رسول جي جذبي سان ڀرپور آهي. مذهبي هلڪي ۾ خاص طور تي حاجي صاحب جو شعر ايترو تہ مقبول آهي جو ڪا بہ اهڙي ديني محفل نہ آهي جنهن ۾ سندس شعر نہ پڙهيو ويندو هجي. هر ديني جلسي جي عنوان سان حاجي صاحب اتي جو اتي شعر ناهي محفل ۾ سوز وگداز واري ڪيفيت طاري ڪري ڇڏيندو آهي. ڪيس پنهنجو شعر پاڻ ڳائڻ جو بہ نرالو انداز آهي، حاجي صاحب جي شعر جي عوامي مقبوليت ايتريقدر آهي جو خاص طور تي ربيع الاويل ۽ محرم مهيني ۾ هر گهٽي رستي، ٽريڪٽر ٽراليءَ تي سندس ڪيسٽون ٻڌڻ ۾ اينديون آهن.

ڪنهن زماني ۾ سندس مولودن تي مشتمل ڪتابڙو شڪارپور مان مسلسل شايع ٿيندو رهندو هو هاڻي تازو سندس مجموعہ ڪلام پڻ شايع ٿيو آهي.

حاجي صاحب کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان دعوتون اينديون رهنديون آهن ۽ هو هر وقت سفر ۾ هوندو آهي، مختلف ڳوٺن شهرن ۾ پنهنجي شعر ۽ آواز سان دلين کي گرمائيندو آهي.

منهنجي والد سان پڻ ڏاڍي محبت اٿس، پنهنجي پٽ نالي مني کي بہ مدرسي ۾ ڇڏيو هئائين، اڄڪلهہ هو روڊس کاتي ۾ ڪلرڪ آهي.

# جمع خان "غريب"

جمع خان "غريب" ڪهنه مشق شاعر، استاد ۽ صحافي هو. پاڻ تعلقي ميهڙ ضلع دادو جي ڳوٺ مريد خان لاڪير ۾ تاريخ ١٥ جنوري ١٨٨٥ع تي پيدا ٿيو. جمع خان صاحب پرائمري تعليم مقامي اسڪول مان پوري ڪري فائينل پاس ڪري پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ بهترين ۽ مثالي استاد جي حيثيت سان ڪيائين. ماستريءَ سان گڏ مطالعو به ڪندو رهندو هو. "بلبل" سان محبت ۽ صحبت جي ڪري علم وادب ۽ شعرو شاعري ڏانهن متوجه ٿيو. فارسي، عربي، اردو ۽ سنڌي جي ڪتابن جو ڪافي مطالعو ڪيائين. سندس ڪلام پڪو پختو، دلنشين ۽ لذيذ آهي. پاڻ ڪيترن ئي وڏن مشاعرن ۾ نهايت رنگين ڪلام پيش ڪيو اٿس. "گل نو بهار" سندس ڪلام جو معياري انتخاب آهي جيڪو هاءِ اسڪول لاءِ ڪنهن زماني ۾ ڪورس لاءِ پڻ منظور ڪيو ويو هو. غريب صاحب ڪيترن ئي رسالن جو ايڊيٽر پڻ رهيو. جنهن ۾ "طالب المولىٰ" مينا روڊ، "اديب سنڌ" ۾ مسلمان شامل آهن. پاڻ ١٩٤٠ع ۾ ريٽائرمينٽ ورتائين.

سندس حڪمت سان به وابستگي هئي قاضي عبدالوهاب شڪارپوري وٽ طب جي تحصيل ڪري ۽ سند ورتائين. ريٽائرڊمينٽ ڪانپوءِ سڄي عمر حڪمت ۽ ادب جي خدمت ۾ گذاريائين. قطع تاريخ ڪڍڻ جو غريب صاحب وڏو ماهر هو. هزارين تاريخي مادا ڪڍيائين. هينئر ان فن جا

ڄاڻندڙ نہ هجڻ جي برابر آهن. جميعت الشعراءِ سنڌ ۽ مجلس علم وادب هالا جو سرگرم رڪن هو نهايت جذبي ۽ لڳن سان ڪم ڪيائين، جمع خان جو ڪلام ۽ قطعات تاريخ سهيڙڻ جي شديد ضرورت آهي اسين علمي حلقن کان پر اميد آهيون تہ سندس اهي ناياب شيون ضرور منظر عام تي اينديون ۽ ڪو نہ ڪو علم دوست ان کي سهيڙي ڪتابي شڪل ۾ آڻيندو.

# عبدالله خان "همدم"

عبدالله خان همدم ولد محمد يوسف خان چانديو صاحب تعلقي ميهڙ ضلع دادوءَ ۾ ٨ مئي ١٩١٤ع ۾ ڄائو. ١٩٢٤ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان ميٽرڪ ڪيائين، عبدالله خان همدم پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز رجسٽريشن کاتي ۾ ملازمت سان ڪيائين. ۽ انسپيڪٽر آف رجسٽريشن جي عهدي تان ١٩٧٠ع ريٽائرمينٽ ڪيائين. همدم صاحب جو شعر سان لڳاءُ شاگرديءَ واري زماني کان هيو هن پهريون شعر رئيس ضياءُ الدين بلبل جي نگراني ۾ منعقد ڪيل طرحي مشاعري ۾ پڙهيو جنهنجي طرح هئي.

"تون پڇڻ پيي ڪين آئين بلبل بيمار وٽ"

همدم صاحب شعر ۾ اصلاح جناب صوفي شاهہ محمد کان ورتي.پر وڌيڪ شاعري جي فن متعلق معلومات جي محمود "خادم" لاڙڪاڻوي ۽ حافظ محمد احسن چنہ کان ورتائين. امام الدين ضامن بہ ڪيس شاعريءَ ۾ وڌيڪ ذوق ڏياريو،ڇاڪاڻ تہ هو ان وقت ميهڙ جي پوسٽ آفيس ۾ ٽپالي هو ۽ اهو دور همدم صاحب جي شاگرديءَ وارو هو. سندس شعر وشاعري تي دهاٽيون ۽ تبادلہ خيال احمد مجتبيٰ غالب صاحب سان پڻ ٿينديون هيون. ريٽائرمنيٽ کانپوءِ همدم صاحب جي دوستي جناب رئيس خدابخش خادم ۽ مرزا خان چانڊئي سان گهٽي هوندي هئي هڪبئي سان مذاق وغيره بہ ڪندا هئا ۽ بحث مباحثا پڻ ڪندا هئا. خاص طور تي همدم

صاحب مرحوم سائين مر– ن محزون جي  ڪري انور عباسي جي دوڪان تي اچي ويهندو هو ۽ اتي ادبي ۽ علمي ڪچهريون ڪندو هو. راقم الحروف پڻ انهن ڪچهرين ۾ حصو وٺندو هو. همدم صاحب انگريزي لٽريچر جو پڻ گهڻو شوقين هو ۽ ڪيس انگريزيءَ تي ڪافي عبور حاصل هوندو هو. ضعيف عمر ۾ بہ پنهنجي گهر تي ادبي محفلون ۽ مشاعرا ڪوٺائيندو هو. هر طرح جي علمي ۽ ادبي محفلن ۾ ڀرپور نموني سان حصو وٺندو هو.

## همدم صاحب جو انداز غزل

پنهنجوگهر لٽائي ديوانو ڏس وڃي تو
بي گهر ۽ بي وطن تي بيگنانو ڏس وڃي تو
ذوق جنون ۾ عاشق ڪيڏي ڪڏي اڏامي
پنهنجي شمع وسائي پروانو ڏس وڃي تو.
اونڌي ڏسي صراحي ميخوار سپ اٿي ويا
خالي ڪٽي پوءِ ساقي پيمانو ڏس وڃي تو
پهچي نشو جو پهچي هو خواب ۾ ڏسي تو
مدهوش ڪان پڄندو ميخانو ڏس وڃي تو
دل جي سخا سان"همدم" سرشار ڪر اجايل
ڪئين پوءِ دعا ڪندو هو مستانو ڏس وڃي تو

سندس پوين مان سندس پوٽو ابرار احمد آهي جيڪو زميندازي ۽ ڪاروباري ڪمن ۾ مصروف آهي

# لعل دين "بسمل"

لعل دين بسمل جا وڏا هندستان جي رياست الور جا هئا لعل دين صاحب جي والد جو نالو عبدالرحمن خانزادو آهي. پاڻ ١٥ سيپٽمبر ١٩٤٥ع ۾ الور ۾ ڄائو. ١٩٤٧ع ۾ سندس وڏا پاڪستان لڏي آيا. ۽ راڌڻ اسٽيشن تي اچي آباد ٿيا. لعل دين صاحب جو اصل نالو عبدالعزيز هو.پر مائٽ کيس لالا ڪري سڏيندا هئا. جڏهن اسڪول ۾ داخل ٿيو تہ استاد کيس لعل دين جي منالي سان داخل ڪري ڇڏيو. ميٽرڪ راڌڻ هاءِ اسڪول مان ڪيائين ۽ وڏيڪ تعليم ڪاليج آف آرٽس اينڊ اڪنامڪس لاڙڪاڻي مان حاصل ڪيائين. لعل دين صاحب شعر جي شروعات ڇوٿين درجي کان ڪئي ۽ بسمل پنهنجو تخلص رکيائين. ١٩٧١ع ۾ شهداد ڪوٽ ۾ استاد مقرر ٿيو ان دوران احسن فاروقي ۽ اسحاق سوز سان گڏجي اردو سنڌي ادبي سنگت جوبنياد رکيائين جنهنجو جنرل سيڪريٽري اڄ تائين آهي. بزم لطيف ۽ راڌڻ جو جوائنٽ سيڪريٽري ۽ شاعر مشرق رائيٽرس گلڊ جونائب صدر پڻ رهيو آهي.

بسمل صاحب سرزمين سنڌ جو پاڻ کي حصو بنائي ڇڏيو آهي ۽ ان جي ثقافت سان تمام گهڻي محبت رکي ٿو ۽ ان جو ثبوت اهو آهي پاڻ سنڌي زبان ۾ بهترين شعر چوي ٿو سندس اندازل غزل پيش خدمت آهي.

ياد ايندي آ جڏهن توسان ملاقات جي رات
مون تي گذري ٿي اها ڄڻ ته برسات جي رات
ذيست منهنجي جو آ عنوان اها هڪڙي گهڙي
نازو انداز حيا شرم حجابات جي رات
تنهنجي دم سان ٿي ٻربو منهنجو تمنا جو ڏيو
تون هتي ناهين ته آهي اها ظلمات جي رات
پيار منهنجو نه هو جنت شداد ڪوئي
وقت بدلائي ڇڏيو نقش ئي ڇو؟
رات جي رات اڄ نه مئيخاني ۾ آيو پير مغان پي آيو
ڪيئي يا رب هي ڪيئن رند خرابات جي رات
درد بسمل جو تدارڪ ڪرڻ آهي منا
درد بسمل جي دوا تنهنجي عنايات جي رات

# رئيس خدا بخش ”خادم“

رئيس خدا بخش ”خادم“ صاحب ميھڙ جي پراڻن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو.

رئيس ضياءُ الدين ۽ سائين علي اڪبر شاھ صاحب جي معتقدين ۾ شمار ٿئي ٿو. رئيس صاحب جي والد جو نالو لعل بخش ذات لنڊ آھي. پاڻ ميھڙ ۾ ١٠ جنوري ١٩٠۴ع ۾ ڄائو، پرائمري جا پنج درجا پاس ڪري ڪجھ تائيم سنڌ مدرسي ۾ پڙھيو پوءِ اتان ڇڏي ميٽرڪ ناز ھاءِ اسڪول خيرپور مان ڪيائين. ان کان پوءِ ملازمت اختيار ڪيائين. پوءِ نوڪري ڇڏي اچي ميھڙ ۾ سڪونت پذير ٿيو. سندس شاعريءَ سان شوق نندي ھوندي کان ئي ھو پر وڌيڪ شوق رئيس شمس الدين ضياءُ الدين ۽ دادن فقير جي صحبت ڪيس ڏياريو. ڪيترائي شعر چيائين. پاڻ لباس پوشاڪ جو تمام شوقين ھو. آخر عمر تائين صاف سٿرو رھڻ کي پسند ڪندو. سائين علي اڪبر شاھ جي نالي سان بذم اڪبر ميھڙ ۾ قائم ڪيائين آخر عمر تائين ان جو صدر رھيو” بزم اڪبر جي زير نگراني وڏا وڏا مشاعرا ڪرايائين. سندس ادبي خدمتن کي ميھڙ جا ماڻھو اڄ تائين ياد ڪن ٿا.

# عبدالخالق "شهيد"

عبدالخالق شهيد سومرو ١٩٣٤ع ۾ ڳوٺ آراضي تعلقه سيوهڻ ۾ جائو پهرين درجي کان فائينل تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ رهيو. ١٩٥٠ع ۾ حالتن ڦيرو کاڌو جنهن ڪري مجبور ٿي ڪوٽڙي نانگا لائين مستقل طور رهيو.

فائينل پاس ڪري پرائمري استاد مقرر ٿيو. سندس چوندڊ سکيا لاءِ حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ ٿي ان وقت ڪاليج ۾ مولانا غلام محمد گرامي صاحب فارسي پڙهائيندو هو. هن کي گرامي صاحب جي صحبت ۾ علم وادب، ۽ شعر وشاعري جو شوق ٿيو. گرامي صاحب جي حوصله افزائي ڪري باقائده شعر وشاعري شروع ڪيائين. شروع ۾ جوڳي تخلص هئس هاڻي شهيد آهي. راڳ، ۽ آواز سان گهري دلچسپي اٿس سندس شعرن ۾ هڪ ننڍڙو مجموعو وديل ٽي وايون ڪري شايع ٿيل آهي. سندس تازو ڪتاب ڪوٽڙي جي شخصيتن متعلق پڻ آيو آهي.

شهيد جي زبان سادي، سولي ۽ سهڻي آهي، هر شعر ۾ سندس من جي امنگ ۽ احساس جي پرڪيف ترجماني موجود آهي. سندس ڪوٽڙي تعلقي جي شخصيتن تي هڪ بهترين ڪتاب پڻ اچي چڪو آهي.

## انداز غزل

خبر ڪا خاص اچي انتظار ٿي نه پوي
قرار هوندي به دل بيقرار ٿي نه پوي

فغان عشق ڪٿي تابدار ٿي نہ پوي
۽ حسن عشق اڳيان شرمسار ٿي نہ پوي
مان تنهنجي حڪم تي آيس مگر هي خيال رکج
متان عدو جي طبيعت تي بار نہ ٿي نہ پوي.
قدم قدم تي سندن ئي اهل دل ٿيا قربان
جڳه جڳه تي ڏسو ڪا مزار ٿي نہ پوي
شهيد ڏي نہ ايترو ڏسو ڪڏهن
متان ڪو تير نظر جو ڪو شڪار ٿي نہ پوي

## ع-٢

گهٽئي عشق وارن تي الزام آيا
۽ سوري چڙهڻ جا پيغام آيا.
نہ مايوس آهيان ٻڌي تن جون خبرون
صبح جي نہ آيا اجهي شام آيا.
انهن ڪان ئي صدما رسيا دل کي يارو
وفا جو ڪرڻ مونسان انجام آيا
انهن کي بہ مئخانہ ۾ يي ڏٺوسين
متي سان ٻڌي جيڪي احرام آيا
شهيد آهہ ٿيو شڪر واجب تنين جو
پري پرت وارا جي اقدام آيا

# شاهنواز مسافر

شاهنواز مسافر ولد احمد بخش جوکيو وينل ميهڙ ١٢ اپريل تي ڄائو، ١٩٥٧ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪري حيدرآباد ۾ سروس ڪيائين ٥٩- ١٩٦٠ع ۾ ڪراچي سيٽلمينٽ کاتي ۾ سينيئر ڪلارڪ رهيو. ان کانپوءِ ڳوٺ سڌار تحريڪ ۾ سينيئر ڪلارڪ رهيو. ان کان بعد ايگريڪلچرل کاتي ۾ ٧٢ کان ١٩٧٤ع تائين سعودي عرب ۾ رهيو. جتي آمريڪي ڪمپنيءَ ۾ سيڪريٽري آهي. شاعريءَ جو شوق ١٩٥٩ع کان جاڳيس، ۽ مشاعرن ۾ ڀاڱو ورتائين، مزاحيه شاعري سان گهڻو لڳاءُ اٿس، مسافر صاحب سعودي عرب ۾ رهي ٿو. سنڌي رسالن ۽ اخبارن کي امداد سان پڻ نوازيندو آهي. سندس ڪلام ۾ مزاحيه رنگ غالب آهي.

# راز ناٿن شاهي

راز ناٿن شاهيءَ جو اصل نالو علي شير سندس والد بزرگوار جو نالو نور محمد ذات ميراڻي آهي. ادبي دنيا ۾ راز ناٿن شاهي جي نالي سان متعارف آهي. پاڻ ٧ آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ دادو ضلعي جي مشهور شهر خيرپور ناٿن شاهه ۾ پيدا ٿيو.

ابتدائي تعليم خيرپور ناٿن شاهه کان سواءِ خيرپور ميرس جي ناز هاءِ اسڪول ۾ پڻ حاصل ڪئي، ڪيس ادب سان لڳاءُ پنهنجي ناني مرحوم محمد اعظم اعظم ميراڻ ڪان ورثي ۾ مليو. راز ناٿن شاهي ادبي دنيا ۾ هڪ ڪهاڻي نويس جي حيثيت ۾ آيو. پاڻ پهريائين شين جي نالي سان ڪهاڻيون لکندو هو.

سندس ڪهاڻيون سنڌي روزنامن، هفتيوار اخبارن ۽ ماهوار رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون آهن. هڪ سال ڪهاڻيون لکڻ کانپوءِ سندس لاڙو شاعريءَ ڏانهن ٿيو. جنهن بعد راز صاحب مختلف صنفن تي طبع آزمائي شروع ڪئي. وقت جي تقاضا ۽ طبيعت جي رجحان مطابق ڪيس جديد شاعري راس آئي، سندس شاعري سنڌي زبان جي سيني رسالي ۾ شايع ٿيندي رهي آهي ۽ عوام ۾ پسند پڻ ڪئي ويئي آهي. سندس نظمن مان فنڪار قرباني، پردو، الوداع، فرياد همسفر فيصلو ۽ وقت جي هنج خاص پسند ڪيا وڃن ٿا. راز هڪ رندانه طبع جو شاعر آهي خاص طرح خمريات

پسند آهي، سندس مجموعي ڪلام ۾ ذوق جماليات جي جهلڪ نظر اچي ٿي. حقيقت ۾ راز فن جي بلندين تي پهتل ۽ ڪامياب شاعر آهي.

## انداز غزل

تنهنجي اکين جي جرڪن ۾
نرگس گل جي ڪوماڻو
ڪاڪ ڊهي پئي دور هلون ٿا
کهڙي ڳڻتيءَ جو ڳاراڻو
ڏس ڏس بجلي ڪائي جهمڪا
جنت جو ڪو ديپ اجهاڻو
خوف نہ ڪر تون آ گڏجي هل
وقت اجهوئي ٿيندو ساڻو
مان تنهنجي سيني جو ساڄن
تون منهنجي دل جوئي راڻو

# "راهي چنا"

راهي چنا صاحب جو اصل نالو محمد پريل ولد محمد چتل چنا تاريخ ۴ جنوري ١٩٥٢ع ۾ پيدا ٿيو پرائمري تعليم جوهي جي پرائمري اسڪول مان ڪري ميٽرڪ سر غلام حسين هدايت الله هاءِ اسڪول حيدرآباد مان ڪيائين، هينئر يونيورسٽي ڄام شوري ۾ ملازمت ڪري رهيو آهي.

شاعريءَ جي شروعات ڪيائين، استاد الشعراءِ حافظ محمد احسن چنا کان ورتائين محترم امداد حسيني صاحب کان به اصلاح وٺندو رهي ٿو. گيت، غزل، هائيڪو سانيٽ ترائيل ۽ ٽيڙو وغيره تي طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو. سنڌ ۽ هندستان جي سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس ڪلام ڇپبو رهي ٿو شعري مجموعو "چانڊوڪيءَ جي ڳهاڳهر" ڇپائي اٿس. ٽي- وي جي مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندو رهي ٿو. صدر پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد طرفان کيس ماهوار وظيفو ملندو رهي ٿو، روشن تارا ۾ پروگرام ريڪارڊ ڪرايا اٿس.

## انداز غزل

ڪيڏو پيار يار پيارن ۾ آهي
سندس سونهن سائين ستارن ۾ آهي
نشي نينهن جي ۾ سرشار آهيون
هتي اڄ ڪان عجيب اجارن ۾ آهي

بس هڪڙي اشاري تي حاضر ٿيا سين
ڪشش ڪيڏي تنهنجي اشارن ۾ آهي
هي اڪڙيون اجايل ايمان ڪان آهن
تڙپ ڏاڍي بي قرارن ۾ آهي
وڏا ڀاڳ ڀانيان جي ديدار ويا اڄ
حياتي هي پنهنجي نظارن ۾ آهي.
وري سچ لهڻ سان آ سوداءُ وڌيو
وري اکڙي اٽڪي ته چارن ۾ آهي.
جهڪائي ٿي سگهندي هيءَ دنيا او سائين
هي عادت ڪٿي رهگذارن ۾ آهي.
اسين راهي رڻ جا ڪٿي هي آ شيانو
مڪان پنهنجو بس رهگذارن ۾ آهي.

## عطيہ جوڻيجہ عطفہ

ڳوٺ پاٽ جي برک زميندار ۽ ڊسٽرڪٽ ڪو آپريٽو آفيسر محترم عصمت الله صاحب جوڻيجي جي دختر نيڪ اختر محترمہ عطيہ بيگم جنهن کي والدين عطفہ سڏيندا رهيا.

ان جو جنم ١٠ اپريل ١٩٣٥ع ۾ پاٽ جي شــــريف گهراڻي ۾ ٿيو. پاڻ پڙهيل ڳڙهيل عورت آهي، ايم، اي ايم، اي ايڊ تائين تعليم حاصل ڪئي اٿس. پاڻ ميهڙ گرلس هاءِ اسڪول جي هيڊ مستريس رهي چڪي آهي. پنهنجي والده جي وفات ڪانپوءِ سندس والد جي حڪم تي شاعري جي بہ شروعات ڪيائين. سندس پهريون شعر ”جيجل“ جوان وقت جي مارئي رسالي ۾ ڇپيو. اهو شعر مسز زينت عبدالله کي پسند آيو ۽ ان کيس خط لکي سندس حوصلہ افزائي ڪئي. ان کان علاوه مسلسل سندس شعر ماهوار اديون، نئين زندگي، روزانہ عبرت ۽ سنڌ اخبار ۾ ڇپجندا رهيا.

محترمہ گهڻو ڪري اسلامي ۽ حب الوطني جي جذبي تحت لکيو آهي.

سندس آتم ڪهاڻي ترتيب ڏنل آهي ان کي ڇپائڻ جو ارادو اٿس.

### عطفہ جي نعت جو نمونو

ڏکي تاج شاهي شهنشاھ آيو.
مکو محب مولا ٿيو لايو سجايو
ٿيو نور نازل سڳوري شهر ۾

اچي وبو عـــالم خوشيءَ جي لهـــر ۾
پـکين پاڻ ۾ هـينـئـن ٿي هـل هـلايـو
مـکـو مـحب مـولا ٿـيـو لايو سـجايو
هو اهڙو هزاربن مـــلائک خوشيءَ ۾
آمـنہ امـــڙ لئـــ آندا هار هک
ککـــر رحـــمت جو خدا اچ وســايو
چوي هر کو مـاٺهـو لٿـو چنڊ آهي
مـثل هنجي ڄائو بشـر کو بہ نہ آهي.
جنهن راڄ ســـــارو آ روشن بنـايو
مـکـو مـحب مـولا ٿـيـو لايو سـجايو

# مرحوم ميان جان محمد "فدا" عباسي

ڳوٺ ٻورڙي تعلقي خيرپور ناٿن شاھ جوا هو آڳاٽو ڳوٺ آهي، جتان جا سيد، عباسي، انصاري، جوڻيجا ۽ ٻگهيا وڏا عالم فاضل ۽ آفيسر ٿي گذريا آهن. جناب اڪرم انصاري تعليم کاتي ۾ ڊريڪٽر ۽ ٻين عظيم عهدن تي فائز آهي.ميان محمد اسماعيل ٻگهيو ڊپٽي ڪمشنر آهي. انهن کان سواءِ ڪيترائي قابل استاد، ڊاڪٽر ۽ ٻين نوڪرين ۽ عهدن تي آهن.

اسان جي مضمون جو هيرو "ميان جان محمد" عباسي مخلص فدا، بہ هن سونهاري سر زمين جو عظيم الشان استاد، اهل دل بزرگ ۽ صاحب ديوان شاعر ۽ اعليٰ درجي جو اديب خوش نصيب هو.

ميان جان محمد جي والد بزرگوار جو نالو ميان فيض محمد هو. سندس نسل، نيڪ اصل، ميان سرفراز بن غلام شاھ عباسي (ڪلهوڙي) سنڌ جي والي ۽ حيدرآباد جي باني سان وڃي ملي ٿو. ميان جان محمد جي ولادت با سعادت ۴ سپٽمبر ١٨٨٥ع مطابق ذوالحج ١٣٠٢ھ ۾ ٿي. سنڌ جي معمر سياستدان، قومي اڳواڻ، مصنف ۽ اديب جناب جي-ايم سيد پنهنجي مشهور ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ سندس ولادت جو سن ١٨٨٢ع ڄاڻايو آهي.

ڇهن سالن جي عمر ۾ ڪيس ٻورڙي اسڪول ۾ ١٨٩١ع ڏاري داخل ڪيو ويو، جتي ۴ درجا ١٨٩٥ع ۾ پاس

ڪيائين. اتان سندس والد ڪيس ٽڳا جي مشهور ديني مدرسي ۾ مولانا قاضي جان محمد صاحب قريشيءَ وٽ وهاريو، جتي ڪجهہ ديني ڪتاب، پارسي پڙهيو ۽ قرآن شريف بہ ختم ڪيائين. ان ڪان پوءِ وري سندس والد ڪيس ٻورڙي اسڪول ۾ داخل ڪيو، جتي هوشياري ۽ محنت سان سال ١٩٠٠ع ۾ شڪارپور سينٽر مان سنڌي ورنيڪيولر فائنل امتحان پاس ڪري ٩ رپيا مهيني جي پگهار سان عارضي طور لاڙڪاڻہ تعلقي ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. اتان جلد ئي ڪراچي ضلعي ۾ پڪي طرح ماستري ورتائين. اهڙي تہ محنت ۽ هوشياريءَ سان ڪم ڪيائين جو ڪيس ١٩٠٤ع ۾ حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج ۾ تربيت لاءِ چونڊيو ويو، جتان پهريون ٻيو ۽ ٽيون سال ڊسمبر ١٩٠٩ع ۾ پاس ڪري ٽريند ٿي، اسڪول سجاول (ضلع ڪراچي، هاڻي ٺٽو) ۾ نوڪري تي چڙهيو. سال ١٩٠٩ع ۾ ١٩١٠ع ڏاري اسڪول سن ۾ بدلي ٿي آيو، جتي جي ايم سيد صاحب وٽس ٻاراڻو ڪلاس پڙهيو هو. جي - ايم سيد صاحب جي لکڻ موجب فدا صاحب اتان بدلي ٿي ڪراچي ضلع جي مختلف اسڪولن جهڙوڪ شاهہ بندر، چوهڙ جمالي، اتان مانجهند، لکي ۾ نوڪري ڪئي. بعد ۾ راڌڻ وليج ضلع لاڙڪاڻي ۾ ٽرانفسر ٿي آيو.

نوڪري واري عرصي ۾ مطالعي سان گڏ وڏيڪ علم جي جستجو ۾ بہ رهيو ۽ ايتري قدر تہ علم ۾ پڙ ٿيو، جو عربي، اردو، سنسڪرت، پشتو، بروهڪي ۽ بلوچڪي ٻولين تي بہ ڪافي دسترس حاصل ڪيائين.

تحرير ۽ تقرير ۾ ڪيس يد طوليٰ حاصل هو. بحث

---

**نوٽ:** ان وقت راڌڻ وليج لاڙڪاڻي ضلع ۾ هيو.

مباحثي ۾ بہ وڏو درڪ حاصل هوس. جڏهن بہ ڪنهن عالم سان ڪچهري ڪرڻ جو موقعو ملندو هوس تہ چوندو هو تہ "ادا اچو تہ ڪا چهر ڪريون" چهر مان مراد "بحث مباحثو ڪريون" هوندي هئي.

شعر و شاعري جو شوق شاگرديءَ جي زماني کان وٺي هوس ۽ پنهنجو ڪلام پاڻ قلم بند ڪندو هو، جو "ديوان فدا" جي صورت ۾ سندس فرزند ارجمند ميان فيض محمد وٽ اڄ تائين موجود آهي. ان کان سواءِ جڏهن پاڻ راڏڻ ۾ استاد هو تڏهن سندس هڪ شاگرد رشيد ميان علي شاه صاحب، جو ان وقت چوٿون درجو پڙهندو هو، ان ڪجهہ ڪلام پاڻوت ڪنو ڪيو هو، اهو نسخو بہ ميان فيض محمد وٽ موجود آهي. شعر ۾ تخلص فدا ڪم آڻيندو هو، ديوان فدا کي نوجوان شاعر ميان جان محمد شاد ميان فيض محمد جي زير نگراني ترتيب ڏئي رهيو آهي پر خبر نہ آهي تہ اهو هينئر ڪهڙي مرحلي ۾ آهي.

ان کان سواءِ نثر ۾ ڪافي ڪجهہ لکيو هوائين، جن مان هڪ ڪتاب بحث تناسخ شايع بہ ٿيو هو پر اهو هاڻي بلڪل ناياب ٿي چڪو آهي. پاڻ جڏهن راڏڻ وليج ۾ هو، ان وقت سندس هڪ سوٽ ميان دين محمد صاحب نواب شاه ۾ پوليس سب انسپيڪٽر هو، سو اوچتو وفات ڪري ويو. مرحوم سان فدا جي والهانہ محبت هئي. پنهنجي سوٽ جي جدائي جو صدمو سهي نہ سگهيو ۽ جلد ئي بخار ۾ مبتلا ٿي پيو، انهيءَ بخار اڳتي هلي دق تپ جي صورت اختيار ڪئي، آخر ۾ انهيءَ موذي مرض ۾ هيءُ استاد عالم، اديب، شاعر ۽ بزرگ ماه رمضان المبارڪ ١٣٣٩هه بمطابق اپريل ١٩٢١ع

وفات ڪري ويو. انا لله وانا اليه راجعون مرحوم فدا جي ڪلام مان ڪجهه انتخاب طور ڏجي ٿو.

۱- لائق حمد آه ذات ڪبريا،
خالق هر دو جهان رب العليٰ
۲- دائما چئه صد درود وصد سلام،
بر رسول شافع روز جزا،
۳- پڙهه صلاة الله حضرت تي پڻ،
مصطفيٰ جي آل تي صبح ومسا
خادم دين خدا ٿيا چار يار،
بعد حضرت سي ٿيا بيشڪ پلا،
۵- بعد پيغمبر پلو صديق ٿيو،
بعده فاروق ۽ شير خدا
۶- بعد ان عثمان ٿيو سي ڪان پلو،
بعد عثمان جي علي خيبر ڪشا.
۷- قلب سان تصديق ڪر هن قول تي،
تان ٿئين راه عقيدت تي صفا.
۸- چو طرف آ نور شه لولاڪ جو،
۽ بـ نـالـو چار يار پاڪ جو.

## غزل

۱- دل منهنجي کي اج ڪنهن جي ڪيو ياد اڏو اڌ
پڻ آه جگر منهنجو ٿيو ناشاد اڏو اڌ
۲- هيئن ٿيءُ نه خفي حال سندم سارو ٻڌي وڃ

ڪـــرٽـــو جي داد تـــــ ڪـــر داد اڏو اڏ

٣- چا تنهنجو ڪيـــو بلبل نقـــصـــان اي ظالم
پڪـــڙي جو ڪيـــئـــ ان ڪي اي صـــيـــاد اڏواڏ

٤- وســـ جو ڪڍيو دلربارخســـار تي پنهنجي
ارژنگ هٿن ســـان ڪيـــو بهـــزاد اڏو اڏ

٥- مجنون ۽ سندن عـشق جو اسـتـاد ٿيو هڪڙو
صـــحـــرا جي مـــٿي ڪئي اســـان برباد اڏو اڏ

# مرحوم حاجي فقير محمد ماڇي

ڳوٺ ڪڪڙ جي ڏکڻ ۾ پريچرڊ واهه جي اترئين ڪناري تي وڏن دڙن تي به ڳوٺ ٻڌل آهي. هڪڙو ڳوٺ دڙا هنگورا ۽ ٻيو ڳوٺ ”دڙا ماڇي“ ڪري ڪونجي ٿو. ڳوٺ دڙا ماڇيءَ ۾ به عوامي شاعر ۽ مداح رسول ٿي گذريا آهن. هڪ مرحوم فقير محمد ماڇي ۽ ٻيو مرحوم غلام حيدر ماڇي. سندس ڪافي ۽ مولود ڏاڍا مشهور آهن. هن جون هڪ به ڪافيون جڏهن علامه دائود پوٽو رسالي مهراڻ جو ايڊيٽر هو، تڏهن ان ۾ شايع ٿيون هيون. مرحوم غلام حيدر وفات ڪئي باقي مرحوم فقير محمد گهڻو اڳ رحلت ڪري ويو آهي.

فقير محمد جي والد جو نالو فتح محمد هو. فقير محمد کي ننڍي هوندي کان ئي پڙهڻ جو شوق هو تنهڪري پاٽ شريف جي مشهور ديني مدرسي ۾ وڃي داخل ٿيو. جتي قرآن شريف پارسي ۽ عربيءَ جا ڪجهه ڪتاب پڙهيو، موٽي ڳوٺ اچي ٻار پڙهائيندو هو ۽ زهد وعبادت ۾ به مشغول رهندو هو ۽ پاڻ کي فقير سڏائيندو هو. چون ٿا ته جوانيءَ جي وقت ۾ مجازي عشق جي مهميز به آيس ۽ ان باري ۾ مٿس ڪڪڙ جي مختيار ڪار وٽ ڪيس به ٿيو پر ڪيس مان آزاد ٿي، حج تي هليو ويو. حج تان واپسي بعد درگاه ٻٽ سرائي جي پير محمد پناهه راشدي عرف پنهل پير سان رس رهاڻيون ڪيائين. انهيءَ عرصي ۾ معرفت به ماڻي ورتائين. خود پنهل

پير جڏهن هن طرف منزل انداز ٿيندوهو ته ور ڪري به فقير محمد سان اچي ڪچهري ڪندو هو ۽ جڏهن فقير صاحب ڪي ڏسندو هو ته پري ڪان ئي سواري تان لهي پيادو هلي اچي کيس گڏبو هو. فقير محمد پوئين عرصي ۾ رڌون چاربندو هو ۽ سٺ ورهين جي ڄمار ۾ ١٣٣٥هه ۾ رحلت ڪيائين.

انا لله وانا اليه راجعون

سندس ڪچي تربت پير واري مقام ۾ آهي.

فقير صاحب ڪافي ڪلام اوڻائين، ڪافين مولودن، مداحن،مناقبن ۽ معجزن جي صورت ۾ چيو، جو مشهور هو. ٿورو ڪلام سندس پوين وٽ قلمي بياض جي صورت ۾ موجود هو.

سندس چيل لولي وارو مناقبو ۽ بگهڙ وارو معجزو ته گهڻو شهرت پذير آهي.

اهي بيئي چيزون پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجن ٿيون.پنهنجي شعر ۾ مرحوم فقير صاحب "فقير محمد ۽ ماڇي" تخلص طور ڪم آڻيندو هو. سند هڪ ڪافي،جنهن جو تلهه آهي:-

ڳوپ ڳنايون ۽ ڳانا، چنڙن جا ڪين چڙن

فقير صاحب جي ڪلام ۾ سلاست رواني ۽ صنعت تجنيس سرحرفي گهڻي ڪم آندل آهي.

هڪ شيءِ جا گهڻا نالا ڪم آڻڻ جو به کيس ڏانءُ هو. مثلا بگهڙ واري معجزي ۾ بگهڙ جا بيا نالا ذئب،ناهر، گرگ ڪم آندا اٿس.

# مناقبو نبي صلي الله عليه وسلم
# جن جو لولي وارو

کيان حکايت هيکڙي حکم سان مولئٰ
مون کي قدرت کانکا تر جي توفيقا
جيکي لفظ لسان ۾ پون پاڻ مرا
کي ڳجها لکل لوک کان مخفي مذکورا
اشاري سان عام تي اچن الفاظا
سڻو مومن تن جو کريان بيانا
تہ بيبي ام سلمہ رح روايت کري هيءَ پڻ حديثا
تہ جنهن شب چائو مصطفيٰ حضرت حبيبا
نکا اونده رات ۾ نکو چندب شعاع
نکو تارو اپ ۾ نہ کتين قطارا

# حاجي امير بخش جوڻيجو"

حاجي امير بخش جوڻيجو صاحب سادو سٻاجهڙو ۽ نيڪ سيرت ۽ سخي انسان آهي. ڪو وقت هو ته جڏهن به سندس ڳوٺ خانپور مان ڪا به بس گذرندي هئي ته ان ۾ ويٺلن مسافرن کي ضرور چٽن جو ٻڪ ملندو هو ان جو اهتمام جوڻيجي صاحب جي طرفان ڪيل هوندو هو. پاڻ سخي انسان آهي. ١٩٧٠ع واري زماني ۾ جناب عبدالحميد خان جتوئي جي توسط سان ڪيس سياست ۾ آندو ويو ۽ پاڻ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي پليٽ فارم تان صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرشپ جو فارم ڀريائين. پوري پاڪستان مان گهڻا ووٽ حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ مختلف اليڪشن حصو وٺندو رهيو آهي ۽ پنهنجي تر جي ڀرپور خدمت ڪئي آهي. هينئر به حاجي صاحب خيرپور ناٿن شاهه تڪ مان ١٩٩٧ع جي اليڪشن ۾ ميمبر منتخب ٿيو آهي. اڄ به ماڻهن جي مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهي. سندس اوطاق جا دروازا هر ماڻهو لاءِ کليل آهن. پاڻ صوم وصلات جو پابند آهي سندس پوشاڪ لباس به شرعي هوندي آهي. حاجي صاحب نهايت شفيق رلڻو ملڻو ۽ نيڪ انسان آهي.

# "الحاج محمد صالح ٻٽ"

محمد صالح ٻٽ صاحب اصل سرائي ٻٽ " تعلقہ ميهڙ ۾ جنم ورتو ابتدائي تعليم مقامي اسڪولن مان حاصل ڪيائين. سندس وڏا زميندار پيشي سان وابستہ هيا. پر محمد صالح ٻٽ صاحب پنهنجي تعليم جاري رکي ۽ ڪراچيءَ مان ايل- ايل بي پاس ڪيائين ايل- ايل- بي پاس ڪرڻ کان پوءِ ميهڙ ۾ وڪالت شروع ڪيائين وڪالت ۾ محنت ڪري پاڻ کي سٺو وڪيل ثابت ڪيائين. وڪالت سان گڏ پاڻ سياست جو آغاز ڪيائين. پر جيئن تہ سياست ۾ سندس مقابلو جناب عبدالحميد خان جتوئي سان هيو. جيئن تہ جتوئي صاحب جو ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاھ ۾ ڪافي اثر هو. ان ڪري اليڪشن واري سياست ۾ ڪيس ڪاميابي تہ نہ ملي سگهي، پر ٻٽ صاحب مقابلو ڏاڍو ڪيو. محمد صالح ٻٽ صاحب جو ميهڙ شهر تي ڪافي اثر هو ان ڪري هو ميهڙ ٽائون ڪاميٽيءَ جو ڪيترا دفعا چيئرمين منتخب ٿيو ۽ ميهڙ شهر ۾ پنهنجي وس آهر ترقياتي ڪم ڪيائين، ٻٽ صاحب کي نرينہ اولاد ڪونہ ٿيو، پر سندس سياسي جاءِ نشين سندس ڀاءُ منور علي خان ٻٽ آهي. هو بہ پڙهيل ڪڙهيل ۽ مشهور وڪيل آهي هن بہ پنهنجي سياست جو آغاز ميهڙ ٽائون ڪاميٽي جي ميمبري سان ڪيو. گذريل اليڪشن ۾ هو ميهڙ نک مان پاڪستان پيپلس پارٽيءَ جي سيٽ تان صوبائي اسيمبلي جو ميمبرمنتخب ٿيو. پر چونڊا آهن تہ سياست ۾

ڪا بہ شيءِ آخري نہ هوندي آهي، ان ڪري پاڻ سالن جا سال جتوئي صاحب جي مخالف هجڻ جي باوجود ١٩٩٧ع ۾ انهن جو ساٿ ڏنو، اڄڪلهہ سندس وابستگيءَ جتوئي صاحب سان آهي.

# ميان عبدالرحمٰن سومرو

تعلقي ميهڙ جي مشهور با اثر زميندارن ۾ شمار ٿئي ٿو.
ميان عبدالرحمن صاحب ميهڙ تعلقي جي تاريخي ڳوٺ شاهه پنجي سلطان ۾ جائو پاڻ غريب گهراڻي جو فرد هو ليڪن قرآن جو قول اهو بلڪل سچو آهي تہ ليس للانسان الا ما سعيٰ بيشڪ: ڪوشش کان سواءِ انسان لاءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. ميان صاحب پنهنجي ڪوشش سان تعليم حاصل ڪئي، ان زماني ۾ جديد تعليم جو حاصل ڪرڻ تمام مشڪل ڪم هو. پر پاڻ همٿ ۽ حوصلي سان جدوجهد ڪيائين ۽ تعيلم حاصل ڪيائين. تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ميان صاحب لوڪل گورنمينٽ ۾ نوڪري ڪئي. نوڪري جي دوران پاڻ علائقي جي ماڻهن جي وڏي خدمت ڪئي، جيئن تہ پاڻ ذهين هو، ان ذهانت مان فائدو ورتائين جيئن جيئن هندن لڏڻ شروع ڪيو ۽ پاڪستان نهيو تہ پاڻ زمين جي حاصلات ڏي توجہ ڏنائين ڪافي زمين حاصل ڪري ويو، هينئر علائقي جي چڱن زميندارن ۾ شمار ٿئي ٿو، پاڻ پنهنجن غريب مائٽن کي بہ نوازيائين، ٻارن جي تعليم ڏي توجہ ڏنائين ان ڪري سندس پٽ سٺن منصبن تي فائز آهن، سندس وڏو پٽ غلام محمد سومرو صاحب ريلوي ۾ انجنيئر آهي، سندس ٻيو پٽ جناب خالدمحمود سومرو صاحب ايس ڊي ايم ۽ ڊپٽي ڪمشنر رهي چڪو آهي.
غلام محمد سومري جو مطالعي ڏانهن ڪافي لاڙو آهي.
سندس ننڍو ڀاءُ احمد صادق صاحب ڊاڪٽر اسرار احمد جي تحريڪ کان متاثر آهي، ان جي تنظيم اسلامي لاءِ اڄڪلهہ

سرگرميءَ سان ڪم ڪري رهيو آهي، سند ٻيو ڀاءُ ڊاڪٽر صاحب وڏي خلق جي خدمت ڪندڙ ۽ سماجي ورڪر هيو الله سائين هن جي حياتي ٿوري ڪئي ۽ ويچارو ڌاڙيلن جي هٿان شهيد ٿي ويو.

ميان صاحب جي خاندان جا ٻيا ڪيترائي فرد اهم منصبن تي فائز آهن انهن ۾ ميان فيض محمد سومرو زميندار ان جو ڀاءُ غلام النبي سومرو صاحب دادو جي مشهور وڪيلن ۾ شمار ٿئي ٿو دادو بار ايسوسيئيشن جو صدر به رهي چڪو آهي، سندس ٻيو ڀاءُ محمد ابراهيم سومرو اڄڪلهه ڊپٽي سيڪريٽري انڊسٽريز آهي، انهن سڀني کي اڳتي وڌائڻ ۾ ميان عبدالرحمن سومرو صاحب جو تعاون ضرور حاصل رهيو آهي. ميان صاحب بزرگ منظور حسين مدني جو مريد رهيو آهي، سندس حلقي ۾ دوستن ۾ آخوند عبدالرسول صاحب (جيڪو انگريزي ڊرافٽنگ ۽ ايمانداريءَ ۽ محنت سان نوڪري ڪرڻ جي حوالي سان مشهور آهي) ٻيو جناب مرزا خان چانڊيو، محمد عثمان ٻٽ شامل آهن. ميان صاحب جي سياسي وابستگي عبدالحميد خان جتوئي سان رهي آهي، اڄڪلهه پاڻ پنهنجي ابائي ڳوٺ شاهه پنجي سلطان ۾ قيام پذير آهي، پاڻ ڪافي ضعيف ٿي ويو آهي.

# محمد خان چاوڙو

محمد خان چاوڙو جو تعلق ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ سنڌي ٻٽڙن سان آهي. پاڻ غريب فيملي ۾ اک کوليائين پر پنهنجي محنت، جدوجهد ۽ عزم ڪامل سان ناممڪن کي ممڪن بنائي ڇڏيو، پرائمري تعليم کان هوشيار ۽ ذهين هيو. ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ مڊل اسٽينڊرڊ جو امتحان اعزازي نموني سان پاڻ ڪيائين، ڪيس اسڪالر ملي ويئي ان جي بنياد تي پاڻ وڌيڪ تعليم کي جاري رکيائين، ميٽرڪ به فرسٽ ڪلاس ۾ وڏي اعزاز سان پاس ڪيائين. ميٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪراچي ۾ وڌيڪ تعليم جاري رکيائين، اها پنهنجي هوشياري، محنت ۽ ڏاهپ جي ڪري مليل اسڪالرشپ سان جاري رکيائين. ان وقت بمبئي يونيورسٽي ١٠ شاگردن کي جيڪي وڌيڪ مارڪون ڪڍندا هئا، انهن کي ميرٽ اسڪالرشپ ڏيندي هئي. چاوڙو صاحب اها اسڪالر شپ حاصل ڪئي ۽ مزيد پنهنجي تعليم جاري رکيائين. گريجوئيشن ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان ڪيائين. ١٩٤٨ع ۾ ويسٽ پاڪستان سيڪريٽريٽ سربوس جي ڪميشن پاس ڪري پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز ڪيو. چاوڙو سيٽلمنٽ ڪمشنر ليجسليشن ڊائريڪٽرز ۽ ڪليمنٽ ۽ ڇڏيل جائيداد بينڪاري وغيره جي سلسلي ۾ وڏن وڏن عهدن تي رهيو، ريجنل مئنيجر ويسٽ پاڪستان، سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن، سيڪريٽري سنڌ پاپوليشن پلاننگ، سيڪريٽري انڊسٽريز ۽ مائينرل ڊائريڪٽر انڊسٽريز مائينرل ڊولپمينٽ، مئنيجنگ ڊائريڪٽر ٽريننگ اسٽيٽ، چيئرمين سنڌ

شگر ڪارپوريشن، پراجيڪٽ مئنيجر لسٻيلا انڊسٽريل ڊولپمينٽ جي عهدن تان ريٽائر ڪيائين، انهن وڏين پوسٽن تي رهڻ جي باوجود چاوڙو صاحب ۾ پيسي جي هوس لالچ تڪبر ڪڏهن به پيدا نه ٿيو، جنهن به عهدي تي رهيو ان کي ايمانداري شرافت ۽ خوش اسلوبي سان نڀايائين. پاڻ سنڌ جي غريبن کي بغير ڪنهن سفارش جي بيشمار نوڪريون ڏنائين، اينٽريون نوڪريون ڏنائين جنهن جو مثال سنڌ آفيسرن ۾ ملڻ مشڪل آهي. انهن جو اندازو تقريبا ٻه هزار آهي.

# "محمد سومار ٿيٻو"

زبردست سماجي خدمتگذار، تصنع رياءَ کان عاري، محبت جو پيڪر،اخلاق جو مجسمو پيان ڳوٺ تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ ١٩٣٢ع ڄاري ڄائو، شروعاتي تعليم هن پيڻ جي ڳوٺ مان حاصل ڪئي، هي ڳوٺ ان وقت ترقي جي عروج ت يهو، هن ڳوٺ مان ڪيترائي آفيسر ڪامورا ٿي گذريا آهن. ١٩٥٠ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ پاس ڪيائين،١٩٥٨ع ۾ ايل، ايل بي جو امتحان پاس ڪيائين ان سال لڳاتار سنڌ مدرسي جي بورڊ جو ميمبر رهيو. ان کان سواءِ ڪوٽڙي تعلقي جي سن شهر ۾ شاهه حيدر سوسائٽي جوچار سال چيئرمين رهي چڪو آهي. محمد سومار صاحب ڊگري وٺڻ کان پوءِ ڪا بہ سرڪاري نوڪري ڪا نہ ڪئي. پر هن مرد مانجهي نوڪريءَ کان وڌيڪ سماجي خدمت کي اهميت ڏني. سائين امداد محمد شاهه جي تعاون سان سن ۽ منظور آباد هاءِ اسڪول جي بلڊنگ منظور ڪرايائين،پاڻ بہ پيان ڇڏي اچي منظور آباد ۾ مستقل طور رهيو. سندس مزاج ۾ سچائي ۽ بيباڪي هوندي هئي. هو ڪنهن بہ آفيسر سان ملندو هو تہ ان سان بي خوف ٿي ڳالهائيندو هو.

سندس سماجي خدمتن جي ڪري ڪيس ١٠ ٻارهن سالن تائين علائقي جي عوام جي حمايت حاصل رهي ۽ هو سالن جا سال ڊسٽرڪٽ ڪائونسل دادود جو ميمبر رهيو. ان دوران ڊسٽرڪٽ ڪائونسل کي جيڪي بہ ٽيبي صاحب رٿائون ڏنيون

اهي قابل تعريف آهن. سائين جي ايم سيد جي خدمت ۾ به سالن جا سال رهيو ۽ سائين سان سندس تعلقات به وڏن كان وٺي هئا. ٿيٻي صاحب ۾ دولت جي هوس يا حرص نالي كا به شئي موجود نه هئي. هن كڏهن به غلط طريقي سان دولت ميڙڻ جي كوشش نه كئي اهو سندس مزاج جو وڏو اعزاز هو، غريبن جي خدمت لاءِ هو پيرين پنڌ يا عام لوكل بسن ۾ سفر كندو نظر ايندو هو. اهوئي سبب هو جو هو ١٦٦ ايكڙ زمين جو مالك هو، پر ان مان ڏاڍي سهڻي نموني سان پنهنجو گذارو كندو هو ۽ سياست ۾ بهرو وٺندو هو. سومار صاحب كيترن ئي ملك جي اهم شخصيت سان رهاڻيون كيون ۽ انهن جو اثر سندس طبيعت تي نمايان نظر ايندو هو. جن ۾ بزرگ سياستدان جي ايم سيد كامريڊ حيدر بخش جتوئي، خان عبدالغفار خان، كامريڊ مير محمد خان ٽالپر، كامريڊ غلام محمد لغاري ۽ شيخ مجيب الرحمن شامل آهن. پاڻ سادو كائيندو هو ۽ سادو پهريندو هو سندس خدمتن جي علائقي كي اجا ضرورت هئي، پر موت كيس مهلت نه ڏني ۽ هو ١٩٩٢ع ۾ وفات كري ويو.

# "عبدالقادر ٻگهيو"

عبدالقادر ٻگهيو صاحب جو مزاج عجيب غريب ڪيفيت جو حامل آهي. ڪي ماڻهو دولت شهرت ۽ ناموس جي حاصلات لاءِ رات ڏينهن محنت ۽ جدوجهد ۾ مصروف هوندا آهن،ڪن جي وري مزاج دولت ۽ مال ميڙڻ کان وڌيڪ سماجي خدمت ۽ انسانذات جي ڀلائي لاءِ پاڻ پتوڙيندا آهن. عبدالقادر ٻگهيو پوئين قسم جي ماڻهن مان آهي، هو دولت کان وڌيڪ سماجي خدمتن کي اهميت ڏيندو آهي. جڏهن مان خيرپورناٿن شاهه ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ آيس ته عبدالقادر ٻگهيي سان ملاقات ٿي، سندس والد صاحب ٻانهو خان ٻگهيو جنهن کي اخبارن جي ايجنسي به هئي هو ويچارو اخبارون جو هاڪر به پاڻ هو ان ۾ ڪيس عبدالقادر مدد ڪندو هو ان کان علاوه عبدالقادر جو ڪم هوندو هو شهر جا سماجي مسئلا حل ڪرائڻ. هئڻ ته ائين ڪپندو هو ته غريبي ۽ مسڪيني جي ڪري رات ڏينهن محنت ڪري ٻچن جو گذران ڪري ها،پر عبدالقادر باوجود مسڪينيءَ جي غريبن جي انفرادي ۽ اجتماعي ڪمن کي وڌيڪ اهيمت ڏيندو هو. خيرپور ناٿن شاهه هاءِ اسڪول کي امتحاني سينٽر ڪو نه هو ان کي سينٽر بنائڻ ۾ ڏاڍي ڪوشش ڪيائين، آخر اهو امتحاني سينٽر بنجي ويو وري ڪاليج ۾ امتحاني مرڪز نه هو ته ان جي لاءِ لک پڙهه ٽيليگرام موڪلي آخر ان کي به امتحاني سينٽر ڏيارائين. ٻيا ڪيترائي ننڍا وڏا مسئلا حل ڪرائڻ ۾ ڪوشش ڪندوهو، باوجود مائٽن جي

ناراضگي جي باوجود هن انهن ڪمن کي نہ ڇڏيو. جيئن تہ عبدالقادر جي صحافت سان سندس والد جي ڪري پراڻو تعلق هو، تنهن ڪري پاڻ ١٩٧٣ع کان اخبار مساوات جي نمائندگيءَ سان صحافت جو آغاز ڪيائين ۽ هينئر تائين مختلف اخبارن سان وابستگي رکيو اچي، منهنجي خيال ۾ ڪجھ اخبارن جي ايجنسي بہ پاڻ وٽ اٿس، ان سان گڏ آفتاب، سنڌنيوز، جنگ، هلال پاڪستان سان بہ سندس تعلق رهيو آهي،اڄڪلھ هلال پاڪستان جو خيرپور ناٿن شاھ جو نمائندو آهي.

عبدالقادر ٻگهيي ١٩٧٨ع ۾ عام ڪارڪن جي حيثيت سان پاڪستان پيپلس پارٽي ۾ شموليت ڪئي. ١٩٧٨ع ۾ سپاف خيرپور ناٿن شاھ جو صدر بڻيو، ان کان پوءِ خيرپور ناٿن شاھ ٽائون جو پيپلس پارٽيءَ جو صدر ١٩٨٦ع ۾ بڻيو ١٩٨٩ع کان اڄ تائين خيرپور ناٿن شاھ تعلقي جي پيپلس پارٽيءَ جو صدر رهيو ١٩٧٩ع جي بلدياتي اليڪشن ۾ ٽائون ڪاميٽي جو ميمبر ٿيو ١٩٨١ع ۾ خيرپور ناٿن شاھ ٽائون ڪاميٽيءَ جو چيئرمين مقرر ٿيو ١٩٨٣ع ۾ سيپٽمبر ۾ ايم، آر، ڊي تحريڪ جي حق ۾ احتجاجا استعفيٰ ڏنائين. هي هڪ غريب ڪارڪن جي سچائي ۽ پنهنجي پارٽيءَ سان همدرديءَ جو وڏو ثبوت هو.

٥ آڪٽوبر ١٩٧٨ع شيرين سومري واري واقعي ۾ ڪيس ملٽري حڪومت گرفتار ڪيو ۽ هڪ سال قيد ۽ پنج ڪوڙا سزا ڪيس ٻڌائي ويئي مارشلا 13/33 تحت بنا ڪنهن ڪيس جي ڇھ مهينا سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ بند رهيو" هڪ مهينو ١٩٥٦ع ۾ ايم، آرڊي جي تحريڪ دوران بنا ڪنهن ڪيس جي ڪيس گرفتار ڪيو ويو ۽ اهو ڏيڪارڻ لاءِ تہ سياسي

قيدي هتي کو بہ کونهي کي کرمنل کيس ۾ ڦاسايو ويو، ٢٧ نومبر ١٩٩١ع کان ١٩٩٢ع ٥ جنوري ١٩٩٢ع تائين چام صادق ۽ نوازي شريف جي دور ۾ کيس وري گرفتار ڪيو ويو، وري نواز شريف حڪومت خلاف لانگ مارچ ١٩٩٢ع دوران ١٦ نومبر کان ٣٠ نومبر تائين اڏيالا جيل راولپنڊي ۾ کيس قيد رکيو ويو، انهن سڀني مصيبتن ۽ تڪليفن اچڻ کان پوءِ بہ اج تائين سندس وابستگي پيپلس پارٽيءَ سان آهي، ۽ پاڻ ٻن شخصيت کان متاثر آهن، قائد عوام جناب ذوالفقار علي ڀٽو ۽ محترم بينظير ڀٽو. چيئرمين ٽائون ڪاميٽي خيرپور ناٿن شاھ جي دوران پاڻ ڪيترائي سماجي ڪم ڪرايائين، جنهن ۾ شهباز ڪالوني خيرپور ناٿن شاھ ۾ تمام سستي اگهہ سان غريب ماڻهن کي ٨٠ گهر نهرائي ڏنا ويا ۽ ان دوران صفائي روشنائي روڊ رستن جي تعمير تي خصوصي توجه ڏنو ويو، اڄڪلهہ آل سنڌ ڀڳهيا ۽ ويلفيئر ايسوسيئيشن جو ٻن سالن کان مرڪزي صدر آهي، ان سان گڏ ميمبر مشاورتي ڪائونسل ٽائون ڪاميٽي خيرپور ناٿن شاھ پڻ آهي.

# همسفر گاڏهي

سنڌي ادب، تاريخ تحقيق، ۽ صحافت ۾ جنتي وڏڙن پنهنجو پاڻ ملهايو آهي، اتي وري نوجوانن بہ پنهنجي وت ۽ ست ڌئي ادب جي آبياري ڪئي آهي، صحافت ۾ جن ماڻهن پنهنجي ڀرپور صلاحيتن جو استعمال ڪري ان کي اعليٰ مقام تي پهچايو آهي، ان ۾ همسفر گاڏهي جو نالو متاهون نظر اچي ٿو. همسفر گاڏهي تاريخ ١٩٧٠-١-١٥ تي خيرپور ناٿن شاهہ جي مشهور معروف ڳوٺ بيد ۾ پيدا ٿيو، پرائمري تعليم مقامي اسڪول مان حاصل ڪيائين، ميٽرڪ هاءِ اسڪول گوڌو مان ڪيائين، انٽر گورنمنٽ ڪاليج خيرپور ناٿن شاهہ مان پاس ڪيائين. بي اي ڊگري گورنمينٽ ڪاليج دادو مان ۽ ايم، اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين، سندس لاڙو سرڪاري نوڪرين يا عام نوجوانن وانگر پنهنجي زندگيءَ جو نصب العين صرف ڊاڪٽر يا انجنيئر بنجڻ ڪو نہ هو، پر سندس لاڙو ننڍپڻ کان وٺي ادب ڏانهن هيو. تنهنڪري هن پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز صحافت سان ڪيو، صحافت جي شوق شروع ۾ ڪيس عوامي آواز سان وابستہ ڪيو، ۽ ان ۾ نيوز ايڊيٽر مقرر ٿيو ۽ پنهنجي صلاحيتن جي ڪري ڪيس ايڊيٽوريل صفحي جو انچارج ۽ ان سان گڏ ڪيس سينئر سب ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. ان کان پوءِ روزانہ ”جاڳو“ جي ادبي پاڳي جو انچارج پڻ رهيو، ان کانپوءِ گاڏهي صاحب اعزازي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ”باک“ پبليڪيشن مقرر ٿيو.

اخبارات سان گڏوگڏ همسفر صاحب ريڊيو ۽ ٽيلي ويزن تي اسڪرپٽ پڻ لکندو رهيو.

اخبارن ۽ رسالن جي ڪافي معلومات ڪانپوءِ ڪيس ڪيترن ئي پبليڪيشن جون انتظامي جوابداريون سونپيون ويون ان ۾ ايڊيٽر ماهانه "سنڌ سجاڳ" اعزازي ايڊيٽر "سنڌيڪا اڪيڊمي" ميمبر آرڪيالاجيڪل سوسائٽي داود پڻ رهيو سندس ڪيترائي ڪتاب زير طباعت آهن انهن ۾ مشهور هينيان آهن.

(١) "سنڌ ڪان انٽرويو" جنهن ۾ تقريبا ٥٠ مشهور اديبن ۽ عالمن جا انٽرويو آهن

(٢) ڪهاڻين جو مجموعو آهي جيڪي ترجمو ڪيل آهن همسفر گاڏهي ٤٠٠ چار سون ڪان مٿي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. انهن ۾ چند مشهور هي آهن.

(١) "سوويت يونين ۾ تبديلي" عوامي آواز ۾ ڇپيل

(٢) "شاهه لطيف جي شاعري" عوامي آواز ۽ روزانه جاڳو ۾ ڇپيل

(٣) "ڏاڙبل سنڌ جو سماجي مسئلو" عوام آواز ۾ ڇپيل

(٤) "موهن جو دڙو" عوام آواز ۽ روزانو جاڳو ۾ ڇپيل.

(٥) ڪلان ڪوٽ جو تاريخي پس منظر روزانه جاڳو ۽ عوامي آواز ۾ ڇپيل

گاڏهي صاحب ٥٠ ڪان مٿي مضمون ترجمو ڪيا آهن. انهن مان چند هي آهن.

(۱) مشرق وسط امن ڪانفرنس عوامي آواز ۾ ڇپيل
(۲) انٽرويو بيگم شيرين فيروز نانا عوامي آواز ۾ ڇپيل.
(۳) جمشيد مهتاجي زندگيءَ متعلق مضمون ڇپيل سنڌ سجاڳ

ان سان گڏ وقت بہ وقت ٿيندڙ ڪيترن ئي ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ ڀرپور حصو وٺندو رهي ٿو، ان ۾ پاڻ جيڪي مضمون يا مقالا پڙهيا اٿن انهن مان قابل ذڪر مضمون هيٺيان آهن.

(۱) سنڌي سفر نامي جي تاريخ (۲) سنڌي صحافت (۳) ڪاڇي جي ترقي

همسفر گاڏي نوجوان ۽ ذهين صحافي آهي اسين سندس شخصيت مان پرامید آهيون الله تعاليٰ سندس صلاحيتن کي وڏيڪ سگهارو ۽ طاقتور بنائي تہ جيئن سنڌي صحافت پنهنجا سفر طئي ڪري ۽ ترقي ماڻي. آمين

# شيخ اسحاق "دانش"

شيخ اسحاق صحافي، اديب، ۽ ڪيترن ئي سماجي تنظيمن جو سرپرست ۽ ميمبر آهي، شيخ صاحب کي آءُ ان وقت کان وٺي سڃاڻان. جڏهن هو انهن جماعت ۾ پڙهندو هو ۽ ديني تعليم لاءِ جامع مسجد ميهڙ ۾ پڻ ايندو هو، ننڍي هوندي کان خليق، مانيٽو،هوشيار ۽ ذهين هو، اسڪول جي دوران به پاڻ سنو ڊبيٽر ۽ غير تدرسي سرگرمين ۾ پڻ اڳتي هيو. اسحاق دانش جي ١٩٨٣ع ۾ مهراڻ انجنيئرنگ ۾ سليڪشن ٿي پر پاڻ پنهنجي ڪاروبار کي ترجيح ڏنائين، ڇاڪاڻ ته سندس والد بزرگوار حاجي غلام قادر شيخ جو ميهڙ شهر جي ناميارن ڪاروباري ماڻهو ۾ شمار ٿئي ٿو تنهن ڪري هو به پنهنجي واپار ۽ ادبي علمي سرگرمين ۾ مصروف ٿي ويو. ١٩٨٥ع ۾ ايم اي پوليٽڪيل سائنس ۾ ڪيائين. اسحق صاحب کي جيڪو به فراغت جو ٽائيم ملندو آهي ته پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ صرف ڪري ٿو، سندس دڪان تي هر ٽائيم تي ميهڙ شهر ۽ ڀرپاسي جي شاعرن اديبن ۽ صحافين جا ميڙ موجود هوندا آهن ۽ انهن جي پنهنجي وس آهر خدمت به ڪندو آهي، اها ڳالهه سندس ادبي ۽ علمي ذوق جو دليل آهي ته نه ته ڪاروباري ماڻهوءَ کي اديبن جي کٽ پٽ ڪٿي ٿي برداشت ٿئي، پر هن جي چهري تي سدائين مرڪ هوندي ۽ اديبن جا ٺاٺا ماٺا خلوص ۽ خنده پيشاني سان برداشت ڪندو آهي. سندس اڄڪلهه مشغلا سماجي ڪم ۽ صحافت آهي،.

پاڻ شهيد بلاول سماجي تحريڪ جو سرپرست اعليٰ، سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن (سگا) برانچ ميهڙ جو ميمبر ان کان علاوه بزم گرامي ميهڙ جو صدر آهي. عنايت بلوچ ادبي سنگت ميهڙ جو جنرل سيڪريٽري ۽ پنهنجي برادريءَ جي نوجوانن جي ”نوجوان شيخ ويلفيئر ايسوسيئشن“ جو صدر ۽ ڪيترن اخبارن جو رپورٽر پڻ آهي. سندس ڪيترائي مضمون ۽ مقالا ڇپجي چڪا آهن. پنائي آرٽس ڪائونسل پاران ڇپايل ٽن اخباري پرچن جو نگران رهيو آهي ڪيس ادبي ۽ صحافتي ۽ سماجي خدمتن جي مڃتا طور ڪيترائي ايوارڊ، سرٽيفڪيٽ شيلڊون وغيره ملي چڪيون آهن.

جن ۾ بزم گرامي طرفان ڪيترن ئي اديبن ۽ عالمن جا يادگار ڏينهن ملهائي چڪو آهي. ان ۾ مولانا گرامي جي ورسي قابل ذڪر آهي، جنهن ۾ جناب رسول بخش پليجي مهمان خاص جي حيثيت ۾ شرڪت ڪئي، ۽ صدارت حسيني صاحب جن ڪئي، بزم گرامي جي طرفان محمد عثمان ڏيپلائي جي ورسي پڻ شيخ صاحب جي ڪوشش سان ملهائي ويئي پين ڪيترن ئي عالمن ۽ اديبن جون سالگرهون ۽ ورسيون پڻ ملهائيندو ٿو رهي. اسان جي ڪيس دعا آهي ته هو سماجي ڪمن ۾ اڃان وڌيڪ حصو وٺندو رهي، ڇاڪاڻ ته سنڌي سماج کي اشد ضرورت آهي.

# "آزاد علي انور ڪانڌڙو"

ميهڙ جي مردم خيز خطي جن شخصيتن کي جنم ڏنو آهي انهن ۾ ڪيترين ئي نالي وارين شخصيتن گذري آهن. پر موجوده دور ۾ جيڪڏهن اسان طائرانه نظر وجهنداسين ته اسان کي ڪيترائي نوجوان ساٿي صلاحيتن سان مالا مال، حب الوطني ۽ علم جي حاصلات واري جذبي سان سرشار اسان کي ملن ٿا. انهن نوجوان اديبن ۾ آزاد علي انور ڪانڌڙو اسان کي سرفهرست نظر اچي ٿو.

آزادعلي انور ڪانڌڙو ڳوٺ احمد ڪانڌڙي ۾ تاريخ ٦ مارچ ١٩٨٠ع ۾ پيدا ٿيو. ميٽرڪ پاس ڪئي اٿس ۽ فرسٽ ايئر ۾ پڙهي پيو پر خداد صلاحيتن وارن انسانن کي ظاهري ڊگرين جي ضرورت نه ٿيندي آهي ڇاڪاڻ ته ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته جتي يونيورسٽيءَ جي تعليم ختم ٿيندي آهي اتان حقيقي تعليم جو آغاز ٿيندو آهي. تنهن ڪري آزاد علي انور ڪانڌڙو ظاهري وڏيون ڊگريون ته اجا ڪو نه حاصل ڪري سگهيو آهي، پر سندس لکڻيءَ ۾ سلاست رواني، ادراڪ وڏن وڏن ڊگرين يافته شخصيتن کان وڌيڪ آهي، ۽ هو ادب جي ميدان ۾ ڪافي نوجوانن کان اڳرو نظر اچي ٿو

سنڌيءَ ادبي سنگت جو ٽي پيرا سيڪريٽري ۽ سنڌيءَ ادبي سنگت مرڪز جو سال ٩٦- ١٩٩٤ع جو مرڪزي آڊيٽر آهي پريس ڪلب جو ميمبر ۽ بزم گراميءَ جو جنرل سيڪريٽري پڻ آهي.

ڪيس ڪينجهر پبليڪشن جي طرفان ترجمو ۽ مضمون ايوارڊ سال ۱۹۹۴ع ۾ پڻ ملي چڪو آهي، پاڻ آفتاب، مهراڻ، سروان جي جي اداري ۾ پڻ ڪم ڪري چڪو آهي. ڪيترن ئي اديبن ۽ محققن جي لکڻين کي ترتيب ڏئي چڪو آهي، جن ۾ گرامي، جون تحريرون (۲) الهداد بوهيي جون تحريون (۳) محزون جون تحريرون (۴) تنهنجون ڳالهيون سڄڻ” مريم پهنور جي ڪالمن تي مشتمل لکڻين کي ترتيب ڏنو اٿس، هو جي هت هئا ۲۰۰ کان مٿي مضمون شخصيتن تي لکي چڪو آهي، شاعري، جي مختلف صنفن تي پڻ طبع آزمائي ڪري رهيو آهي، ميهڙ جي ادبي محفل جو روح روان آهي، ۽ اسان کي اميد آهي ته آزاد مستقبل ۾ صحيح ۽ حقيقي آزاد بنجي پنهنجي ادب جي آبياري ڪندو.

# "علي اڪبر عباسي"

علي اڪبر عباسي ولد قادر بخش عباسي ١٩٦١ع ميهڙ شهر ۾ ڄائو ميٽرڪ ميهڙ هاءِ اسڪول مان ڪيائين هينئر پاڻ ايم- اي- ايل- ايل- بي ڪري چڪو آهي. ادبي ۽ علمي سرگرمين ۾ ڇهين درجي کان حصو وٺندو اچي ٿو، پاڻ قوم پرست تنظيمن سان وابسته رهيو آهي ننڍي عمر کان وٺي چٽنگ سنگت ۾ حصو ورتائين. گلن جهڙا ٻار رسالي ۾ ڪيترائي مضمون ۽ تاريخي مواد ڇپرايائين ميهڙ ۾ مخدوم بلال پبليڪيشن ميهڙ جو باني آهي، ان پبليڪيشن جي سرپرستيءَ ۾ ڪتاب" ماءُ جي محبت" "دل جو ديوتا" ۽ عبدالحميد جنوئي جي تقريرن جومجموعو "تاريخ ڪنهن کي معاف نه ڪندي" پڻ شايع ڪرايائين، ان کان سواءِ سماجي ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺندو رهيو آهي. ان ۾ ينگ ستيزن ويلفيئر ميهڙ جو بنياد وڌائين ۽ ان جو ٽي سال صدر رهيو جنهن تحت ڪافي فلاحي ڪم ڪيائين. جنهن ۾ اکين جي ڪئمپ لڳرائڻ غريبن ۾ ڪپڙا ڪتاب تقسيم ڪرڻ وغيره شامل آهن ۽ ٻيون ڪيترن ئي ادبي علمي، سرگرمين ۾ فعال ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. اڄڪلهه ملازمت ۽ پنهنجي ڪاروبار ۾ مصروف آهي.

**نوٽ:** غلام رسول ڪنڀر ميهڙ ذوالفقار شيخ دادو ۽ گل حسن مغيري صاحب دادو جا صحافي آهن پر معلومات نه ملڻ ڪري وڌيڪ تفصيل ايندڙ ايڊيشن ۾ شامل ڪيو ويندو.



مولانا عبدالغفور سيتائي



حڪيم فتح محمد



محمد پريل ڪلهوڙو



ايوب شيخ



غلام محمد گرامي



سيد علي اڪبر شاھ

# تعارف

زير نظر ڪتاب جيئن پنهنجي نالي مان ظاهر آهي، دادوءَ جي مشاهير جي حالتن تي لکيل آهي. محمد امين مگسي صاحب هي ڪتاب لکي هڪ طرف تہ سنڌ جي وڏي خدمت سرانجام ڏني آهي، ٻئي طرف اهيل سنڌ کي غور و فڪر جي دعوت پڻ ڏني آهي. دعوت هن ڳالهہ جي تہ سنڌ جي هڪ علائقي ڪجهہ وقت اڳ ههڙيون اهم علمي، ادبي ، سماجي ۽ قومي ۽ ملي جذبي سان ڀريل شخصيتون پيدا ڪيون، جن مختلف شعبن ۾ اهل سنڌ لاءِ اهم ڪارناما سرانجام ڏنا تہ آخر هينئر اسين اهڙي قسم جي بي لوث ۽ خدمت جي جذبي سان ڀريل شخصيتن کان محروم ڇو آهيون. هي ڪتاب انهيءَ سوال کي پڻ اجاگر ڪري ٿو.

محمد امين صاحب جي زير نظر ڪتاب مان هڪ اهو جذبو پڻ ايرڻ گهرجي تہ سنڌ جي هر ضلعي جي علمي ۽ ادبي شخصيتن تي قلم کڻي ههڙو معلوماتي ڪتاب تيار ٿيڻ گهرجي تاتہ هڪ طرف تہ سنڌ جي ويجهي دور جي علمي، ادبي تاريخ ۽ قومي خدمتن جي ميدان ۾ ڪارناما سر انجام ڏيندڙ شخصيتن جي تاريخ تيار ٿي سگهي تہ ٻي طرف فردن ۾ بهتر ۽ بي لوث قومي ڪردار ۽ علمي ۽ ادبي خد متن جي امنگ پڻ ايري سگهي.

محمد امين مگسي صاحب نوجوان اديب آهي، سندس سڀ کان وڏي خوبي اها آهي تہ هو روشن ضمير ۽ بهتر ڪردار جي مالڪ شخصيت آهي. سندس دوستن ۽ ساٿين مان ڪوبہ دوست اهو چئي نہ سگهندو تہ محمد امين صاحب جي ذات مان ڪيس ڪو نقصان پهتو آهي، موجوده دور ۾ اها اهڙي وصف آهي. جنهن جهڙي وصف ڪاٿي نٿي سگهي، حقيقت اها آهي تہ محمد امين مگسي جهڙن ڪردار جي حامل نوجوانن کي ڏسي اهو يقين ايري ٿو تہ قدرت فياض آهي ۽ اها پنهنجي خاص فضل سان مثبت ۽ تعميري شخصيتن کي پڻ جنم ڏيندي رهي ٿي. جيڪي ماده پرستيءَ جي فضا ۾ ايمان جي شمع روشن ڪندا رهن ٿا. محمد امين صاحب جي صلاحيتن ۽ جذبي کي ڏسندي، اها اميد ڪري سگهجي ٿي تہ هو انشاءَ الله آئنده بہ علمي ميدان ۾ اهم خدمتون سر انجام ڏيندو.

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ٻاڙي، ڪانئُو، ٻاجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ کتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجھَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجھہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽجاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ ڪي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني ڪي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن ڪي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين تا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ ڪي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)